# سو سَٽُ
# سو پٽاڏو

(اڌُ صديءَ جي خطن جو مجموعو)

## ڪيرت ٻاٻاڻيءَ

(ڏانهن لکيل)

سهيڙيندڙ ۽ سنواريندڙ

هري پنڪج

سورٺ پبليڪيشن
ممبئي

**Arun Babani**
"Kanchan", 13/31, Maharashtra Hsg. Board,
Bandra Reclamation, Bandra(W),
Mumbai-400 050. Tel. 26433352

پيارا ڀاءُ / ڀيڻ،

جيئي سنڌ !

هيءُ پستڪ اوهان کي سوکڙي ڪري موڪليو ٿو وڃي. سوکڙيءَ جي پيٽا ته لکن-هزارن ۾ به نٿي ڪري سگهجي، پر اسان کي اوهان وٽان، ڪجهه هن ريت جي پيٽا گهرجي :

- ڪتاب پڙهي، رکي نه ڇڏجو، ٻين کي به پڙهائجو، جئن اسان جو پورهيو سڄايو ٿئي.
- اگر اوهان کي ڪتاب وڻي ۽ دل چاهي ته ڪنهن پياري دوست يا عزيز کي سوکڙي ڪري موڪليو ته اهڙن مترن ۽ عزيزن جا نالا لکي موڪليندا، پر هرهڪ ڪاپيءَ پنيان، ڪتاب جي قيمت جو اڌ يعني هڪ سؤ روپيا ۽ ٽپال خرچ لاءِ صرف ويهه روپيا (جملي ١٢٠ روپيا) موڪلڻ جي تڪليف وٺندا ته خاطريءَ سان سوکڙي اوهان جي متر يا عزيز وٽ پهچي ويندي.
- اگر اوهين پنج نالا، ائڊريسون ۽ پنج سؤ روپيا موڪليندا ته ٽپال خرچ جي اوهان کي ڇوٽ. ٽپال خرچ اسين ڀريندا سون.
- ۽ آخر ۾ ڪتاب بابت پنهنجو قيمتي رايو، پيٽا طور ضرور موڪليندا، ڇو ته اِهو رايو ڪتاب جي ٻيهر، ٽيهر ڇاپي ۾ اسان کي ڪم ايندو.

اوهان جي سهڪار لاءِ شڪرگذاري، اڳوات ئي ڪري ٿا ڇڏيون.

سنيهه مان،

**اَروُن باباڻي**

(پاران سورٺ پبليڪيشن)

# "So Sad So Parado"

*(The Call and The Echo)*
Collection of Letters
written during the last half century
To **Kirat Babani**

***Cover :***

Ulhasnagar - 421 004.

***Cover Design :***
Inked Creative Solutions
Mumbai.

***Calligraphy :***
Lachhman Kukreja

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

*Price* : Rs. 200/- *Year* : April, 2004

*Printed and Published by :*
**SORATH PUBLICATION**
"Kanchan", 13/31, Bandra Reclamation,
Mumbai - 400 050 • Tel. : 2643 3352

"پَڙاڏو سو سَڏُ، وَرُ وائِيءَ جو جي لَهين
هُئا آگهين گَڏُ، پُڌَڻ پِر پَہ ٿِيا"

"اَجا رُج مان رَتُ اَچي ٿي اَچي ٿي
مَتان اِئين سَمجهين، مُئا مور سارا"

## طوفانن جي طرفن کي ڪنهن ڄاتو آهي!؟

هڪ ڏينهن ڪيرت صاحب چيو، ”هڪ ڪم ڪندين؟“

چيومانس، ”حڪم ڪريو.“

چيائين، ”اڌ صديءَ جي جلاوطني، دل ۽ دماغ ۾ ڏانڊان تي ڪري ۽ هي سنڌ، هند ۽ دنيا مان ايندڙ خط اَندر ۾ ٻرندڙ ٻاهه کي وڌيڪ ڀڙڪائي رهيا آهن. اِهي خط، جي ڪتابي صورت ۾ شايع ٿين ته سنڌ جي تواريخ جو حصو بڻجي سگهن ٿا. اِها منهنجي آخرين تمنا آهي.“

چيومانس، ”ڪتاب ڇپائڻ ته منهنجي لاءِ ڪابي هٿ جو کيل آهي.“

”ته شروع ٿي وڃ، مَن، وچن ۽ ڪرم سان،“ ۽ چار پنج خطن جا وڏا، ميرا ۽ بڪڙيل بنڊل، فائيلن ۾ پيل ڪٽي اَڳيان رکيائين.

جلدي ئي محسوس ڪيم ته ڪابو هٿ ته ڇا پر ساڄي هٿ سان گڏ سِرُ به ڪڙهائيءَ ۾ پئجي ويو هو ۽ پاڻ کي هڪ گهري اونداهي غفا ۾ پاتم. سهيڙڻ ۽ سنوارڻ جي ڪجهه مهنن ۾، جڏهن اَکيون ۽ دل-دماغ گهري اونڌهه تي هِري ويو تڏهن محسوس ڪيم ته جَنني جنم ڀوُمي سڀوري سنڌڙيءَ جو هڪ سيڪڙو قرض لاهڻ جو موقعو مليو اَٿم.

ڪيرت صاحب سان منهنجا ڪيترائي اِتفاقي اِختلاف پيا ٿيندا آهن ۽ مزو به ايندو اَٿم پر هھڙو موقعو مونکي ڏيندو، اَهڙي اُميد ڪونه هئم. سندس لکيل آتم-ڪٿا، ”ڪجهه ٻُڌايم-ڪجهه لڪايم“ جو ”ڪجهه ٻڌايم“ وارو حصو ته سڀني پڙهيو آهي، پر ”ڪجهه لڪايم“ جي زير-زمين ڪاروائين وارو حصو ڄاڻڻ جو شرف مليو اَٿم.

هنن خطن کي سنواريندي، پڙهندي اَهڙو ته محوُ ٿي ويس جو ڪيترا خط ته ڏهه-ڏهه دفعا به پڙهيا اَٿم ۽ جيئن جيئن پڙهيا اَٿم، اَندر ۾ رت جا ڳوڙها ڳاريا اَٿم. خطن سان ڪائي به ڇيڙڇاڙ ڪرڻ ڪانسواءِ، جيئن جو تيئن پيش ٿيل آهن.

سنڌ ۽ هند ۾ ڪم ايندڙ سنڌي ٻوليءَ ۾ جيتوڻيڪ ڪجهه فرق اچي ويو آهي، پر ته به هلندڙ جدوجهد جو مرڪز ساڳيو ئي ”سنڌيت“ رهيو آهي، جنهن ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته :

ڀونءِ مان پيدا ٿيل مادري زبان، اِنسانن جي ڪينچيل ڌرم-مذهب ۽ ٻين لڪيرن کان گهڻو اونچي، عظيم ۽ راحت ڏيندڙ ٻَنڌ ٿيندي آهي.

هند ۾ حيات رهڻ جو حق ته اَٿم پر سنڌ جي صدا سوُر سِجهائي ٿي.

’سنڌو-ساگر‘ جي طوفاني ڇولين هن وقت ننڍين وڏين لهرن جا روُپ ورتا آهن، پر هيڻان پڙڪندڙ طوفانن جي طرفن کي ڪنهن ڄاتو آهي!؟

هري پنڪج ۰۴-۰۴-۰۴

# ”مَرِي ٿين نہ مات“

اِنساني تهذيب جي ڏهن هزارن سالن کان بہ وڌيڪ عرصي ۾ ڪئين اهڙيون اِسراري ڳالهيون ٿيون آهن، ڪيترا تصور، ويچار، خيال ۽ ڪلپنائون اُڀريون آهن، ڪيتريون ئي شنڪائون ۽ سوال پيدا ٿيا آهن، ڪيتريون ئي وچتر چيزون وجود ۾ آيون آهن، جن جو ڪو ڪاٿو ئي ڪونهي. اِنهن سيني، اِنسان اڳيان سوال اُڇلايا آهن. سمجهاڻيون گهُريون آهن، ترڪ جي طلب ڪئي آهي ... جن بابت ڪن انسانن پنهنجي سمجهہ ۽ ڄاڻ موجب ڪي سمجهاڻيون ڏنيون آهن. جن مان ڪي تہ خاطرخواه آهن، پر ڪي صرف ڏڪا يا قياس آرايون آهن، ڪي تہ بلڪل غير حقيقي ۽ غير منطقي پڌرايون آهن ۽ ڪي تہ اصل صفا اُپ مان قاتل گهوڙا آهن، جيڪي صدين کان انساني ذهن کي گوهيون ڏيئي رهيا آهن.

انهن ۾ هڪڙو مول يا بنيادي سوال آهي، هن برهمانڊ جي رچنا ۽ ان جو مقصد ۽ ان ۾ انسان جو رول ۽ سندس جيون جو اُديش.

مٿيون سوال ڳجهہ ڳجهاندڙ ڳالهڙي، هر سمجهدار شخص لاءِ هر يُگ ۾، هر ديش ۾، هر سماج ۾ جراف وانگر ڊگهي ڳچيءَ اُڀي ڪٽي کڙو هوندو آهي. پر ڪو بہ ان بابت صاف، چٽو، سولو ۽ سڌو جواب ڪونہ ڏيئي سگهيو آهي. بلڪل قاصر هوندو آهي. ڏڏڙ ۾ پير هٽي، پنهنجو منهن شترمرغ وانگر ريتيءَ ۾ لڪائي، اُٻٽانگ صفائي، سمجهاڻي ڏيئي جند ڇڏائيندو آهي. صديون گذري ويئون، يُگ سماپت ٿي ويا، پر ڪنهن بہ قسم جو جواب ۾ واڌارو نہ ٿيو آهي. اڻکل شڪل ڪري جهڙي تهڙي، اڌي منڌي سمجهاڻي ڏيئي، هٽ مٽي ڪري هرڪو اُٿي ويندو رهيو آهي. ودوان، گياني، فيلسوف، درويش، جوڳي، ۽ سنت، ويراڳي ۽ سنياسي، جن هن ڳجهہ جي سمنڊ ۾ ٽٻيون ڏنيون آهن، تن بہ ان حقيقت ۽ مول راز کي سلجهائڻ ۽ کولڻ بجاءِ ان کي اُلجهائي، دقيق بنائڻ جي مشق پئي پچائي آهي.

وگيانين گهڻ ۾ گهڻ هڪ ڳالهه اسان کي ضرور ٻڌائي آهي تہ هيءُ برهمانڊ لامحدود (بي‌انت)، بنا ڪِنِ حدن يا گهيري جي، پولار (هوا جي بي‌انت ساگر) ۾ گهمي رهيو آهي ۽ اُن جو دائرو وڌي تو وڌندو ۽ چئنِ ئي طرفن ۾ ڦهلجندو ۽ پکڙجندو.

اسانجو سورج منڊل، جنهن ۾ انسان جي ڌرتي پڻ اُن جي ڪٽنب جو ڀاتي آهي، برهمانڊ اندر ڄڻ ننڍڙي بيٽ مثل آهي، جنهن ۾ سورج منڊل جهڙا انيڪ منڊل سمايل آهن، جيڪي وڌندا، پکڙجندا، هڪٻئي کان پري پري ڊوڙندا وڃن ٿا، دور دور ٿيندا وڃن ٿا ۽ انهن کي پنهنجا گره آهن، چنڊ، تارا ۽ ستارا آهن. نوان گرهہ پڻ شامل ٿيندا وڃن ٿا، لکن سالن کانپوءِ ظهور ۾ اَچن ٿا، جئن تازو سورج منڊل ۾ هڪ نئون گره شامل ٿيو آهي.

اِي هڪ ڳالهہ. جئن اسان جي ڌرتي هن برهمانڊ ۾ هڪ تنڪي جي برابر آهي، تيئن انسان جي هستي هن ڌرتيءَ تي هڪ داڻي جي برابر آهي. هڪ شاهي انبار جو هڪ داڻو، هڪ بي انت ساگر ۾ هڪ بوند، ريتيءَ جي مها رڻپٽ ۾ هڪ ڪَڻي ... فرق صرف اِهو آهي تہ اِهو داڻو، ذرو، ڪڻو يا بوند يا تنڪو پنهنجي ليکي پنهنجي پسگردائيءَ ۾ ٻين جي نسبت ۽ تعلقات ۾ ڪجهہ نہ آهي. پر هڪ منش، جو پڻ هڪ طرح تہ جزو آهي، ايڪائي آهي، اُن مجموعي جو، جنهن کي اسين انساني سماج ڪري سڏيون يا نالو ڏيون ٿا پر اِنسان ائين نہ آهي. هو هڪ سجاڳ، سوچيندڙ جيو آهي، نرجيو نہ آهي، جڙواد نہ آهي. هن ۾ ڄاڻ، سڄاڻ ۽ پهچاڻ جي شڪتي آهي. عمل، رد-عمل جي قوت آهي. هڪ اُها شعوري ۽ محترڪ وستوُ آهي، جو پنهنجي آسپاس تي وڏو اثر ڪو وجهي ۽ پنهنجي سجاڳہ ذهن وسيلي اَڃا بہ وڏو اثر وجهي سگهي ٿو. ان کي مٽائي، بدلائي ۽ ڦيرائي سگهي ٿو ۽ پنهنجي پسندي يا ناپسنديءَ جي بنياد تي گهڙي ناهي، ڊاهي ۽ جوڙي سگهي ٿو. ٻيو نہ تہ گهڻ ۾ گهڻ اهڙي ڪوشش ۽ اُدم ضرور ٿو ڪري.

وگيان جي بنياد تي اسان کي هڪ ٻي حقيقت جي پڻ ڄاڻ پيئي آهي تہ سڄي جوڙ جو بنيادي اَنس اَڻو آهي. هستي ۽ شڪتي اَڻي ۾ آهي. ”اَڻو شڪتيءَ“ جي ايجاد کانپوءِ، سمپورڻ شڪتيءَ جو

اتاهه مرڪز اٿو ئي مچيو وڃي ٿو. ڪٿي مان ڪيچ تين ٿا، بوند مان ساگر بڻجن ٿا. انسان جي اُتپتي پڻ هڪ اَٿي مان ٿئي ٿي، جنهن کي اسين ٻج سڏيون ٿا. وگياني ٻوليءَ ۾ ان کي جِينَ (Gene) چيو اَٿن. هڪ سؤ سالن کان هلندڙ انساني شرير جي کوجنا جي سروي جي رپورٽ تازو ظاهر ٿي آهي، جنهن ۾ وگيانين ظاهر ڪيو آهي ته انسان جي جسم ۾ ڏهه ملين (هڪ ڪروڙ) جينس (جزا) موجود آهن، جنهن ۾ پوري انسان ذات جي سموري جيو وديا جواتهاس اَچي ٿو وڃي. اُهي لکين جينس اڪثريت ۾ ساڳئي قسم جا جزا آهن، پر ڪيترا اُنهن مان به الڳ ۽ ڀِن به آهن، جيڪي هر جيوَ جي الڳ صورت ۽ سيرت گهڙين ٿا. هر پراڻيءَ کي اَلڳ، نرالو، انوکو ڪري ٿا بيهارين.

وگيانين هڪ ٻي اَچرج جهڙي ڳالهه به ڪئي آهي ته انسان جي مڪمل ۽ مجمل شخصيت سندس انهن جينس تي منحصر آهي. انسان جي ڀِنتا جا گڻ، اوگڻ، چڱايون، مدايون، هوشياري يا موڳائي، لڇڻ، ڏات ۽ ڏانوَ جون قوتون، هر بهتري ۽ بدتريءَ جا نشان يا اُهڃاڻ جينس ۾ موجود آهن. گهاتڪ بيمارين جا توڙي اعليٰ ترين ڪلا جا جزا به اسان جي جينس ۾ ئي آهن، جن کي وڌائڻ توڙي گهٽائڻ جي ڪوشش سندس وس ۾ آهي.

جئن هر انسان جي پئداش محض هڪ اتفاق آهي، ساڳيءَ طرح هن برهمانڊ جي رچنا پڻ هڪڙو اتفاق آهي. وگيانين جو چوڻ آهي، ڪروڙين، بلڪ اربين سال اڳ هڪڙو نهايت وڏو، اتاهه ٻرندڙ ٻاهه جو گولو پولار ۾ پئي ڦريو. پوءِ هڪ اوچتو ڀينڪر وسڦوٽ ٿيو، ان جا سوين بلڪ هزارين ٽڪرا ٿيا، جيڪي پنهنجي جڳهه وٺي، پولار ۾ ڦرندا رهيا، ڪشش ثقل جي زور تي. اُنهن ۾ ڪي گرهه، ڪي اُپگرهه، ڪي چنڊ، ڪي تارا-ستارا سڏجن ٿا. جيڪو ٻاهه جو باقي ٽڪرو رهيو، سو سورج سڏجي ٿو ۽ اَڄا تائين قائم دائم آهي. هنن آسماني جسمن جو نه آرنڀ آهي، نه اَنت. اِهي بس جتي آهن، اُتي ئي آهن، اَربين سالن کان.

جئن ڪوبه انسان پنهنجي جيون (جَنم) جو فيصلو نٿو وٺي، تيئن منهنجو به اَٽڪل طور اسي سال اڳ هن گرهه، جنهن کي انسان 'ڌرتي ماءُ' ٿو پڪاري، جي هڪ ننڍڪي نما ڳوٺڙي ۾ ٿيو. مون کي

پنهنجي جينس جو ڪو علم نہ هئو. مون کي خبر نہ هئي تہ منهنجي لاءِ ڇا لکيل آهي، مونکي ڪهڙو پاڳ ادا ڪرڻو آهي. سڀ اَڇاتل هو. ڪنهن کي بہ ڄاڻ نہ هئي. هرڪنهن پراڻيءَ جو آئيندو اَڇاتل هوندو آهي. انهن جو فيصلو منهنجي جينس تي هئو ۽ آهي. آهستي آهستي انهن جينس جي لاڙي مطابق منهنجي ويچار ۽ عمل جي راهہ کلندي ويئي، خود بہ خود، بي اختيار.

در اصل چوڏاري ڏسجي تہ هن گيان ۽ وگيان جي روشن يُگہ ۾ پڻ اَگيان ۽ اڻڄاڻائيءَ جو بول بالا آهي. گهڻيئي نيم-گياني ۽ جيب-ڪٽو شخص، عجيب قسم جون من-گهڙت ٿيئريون ٺاهي، ڪارخانا کولي ويٺا آهن. گرهن ۽ تارن جي اپياس ۽ انهن جو انساني سماج تي اثر جي ڄار وڇائي، آنڪڙا لڳائي، حال، ماضي ۽ مستقبل جي 'ڄاڻ' جون جدولون گهڙي ۽ پوٿيون ٺاهي، انسان کي مورک بڻائي، هن جي سُڌ ٻُڌ تي تالا لڳائي، بازار ۾ ويهي، پنهنجو وکر وڪڻي رهيا آهن. ماڻهن جي نصيب جو ڪُنڊليون، جنم پتريون ٺاهي، گرهن جا اثر ٻڌائي، ماڻهن جي جيون کي ايترو تہ مُنجهائي رکيو اٿن جو ڇا چئجي! در اصل هن روشن ۽ وگيان جي يُگہ ۾ بہ انسان کي انهيءَ اونڌهہ جي ايراضيءَ ۾ گُسهڻي رکيو اٿن.

اِنسان جي سوچ ويچار، وهڪ، وهنوار، ڪرم ڪرت، بلڪ ساري جيون جو لاهہ-وَ-چڙاهہ جو دارو مدار چوڌاري ڦهليل ٺوس حقيقتن تي منحصر آهي، اثر-انداز آهي. ڪوبہ عمل ٺوس حقيقتن جي بنياد کانسواءِ بلڪل ممڪن ڪونهي. ڪابہ ڳالهہ انڪلبازي، ڏڪيبازي يا قياس آرائي سان نہ ٿيندي آهي. رڳو ڪٽي چالاڪ حرفتي شخص، سادہ-لوح انسانن کي ڦسلائڻ لاءِ اهڙيون حرڪتون ڪندا آهن ۽ ٺڳڻ جي ڪوشش ڪندا آهن.

اَلائي ڇو، مان انهن سادہ-لوح ماڻهن مان ڪڏهن بہ نہ رهيو آهيان. اِها حقيقت بہ انهيءَ حالت ڪري آهي، جو منهن جي ڪٽنب ۾ ڪنهن بہ قسم جي وهم، وسوسي، يا ڀرم جو واسو نہ رهيو آهي، ڪنهن بہ ٻانيڻ، برهمڻ، مهراج، مهنت جي ڇايا نہ پئي آهي. ايتري قدر جو اسان جي گهر ۾ ڪنهن بہ قسم جي، پوڄا پاٺ، پرارٿنا، بندگي يا اُپاسنا جو ڪو رواج يا رسم نہ رهي آهي. مون بہ ڪڏهين

ڪون اَهڙي قسم جي ڪارروائي پنهنجي گهر ۾ پنهنجي سانير ۾ ڏني. منهنجي سانير ۾، سال ۾ رڳو هڪ ئي اهڙو موقعو ايندو هئو، جڏهين ڏياريءَ جي ڏينهن تي هٽڙين ۾ ڏيئا ٻارڻ جي رسم ڏسبي هئي ۽ ”لڪشميءَ“ جي سار لهندا هئاسون، جڏهين نج چانديءَ جا ٻارهن روپيا، هڪ وٽيءَ ۾ وجهي، ان ۾ کير ۽ سندور وجهي گهر ۾ ڪنهن گوشائتي هنڌ تي رکبو هئو ۽ ٽي ڏينهن انهن کي ڏندن سان لڳائي، اکين تي گهمائي، وري وٽيءَ ۾ وجهي ڇڏبو هئو. ڏياريءَ جي پڇاڙيءَ واري ڏينهن تي ميلهوڙا ٻاري ٻتين تي نشان (ڪارنهن جا) ڇڏبا هئا، ۽ چئبو هئو ”ڏياريءَ جو ڏيئو ڏِٺو، ننڊو وڏو چيڙ مِنو.“ ان بابت ڪابه ٻي سمجهاڻي ڪان هوندي هئي. انهن چانديءَ جي روپين جو ڪهڙو اُپيوگ ٿيندو هئو، سو به ياد نہ اَٿم. پر وڏن چاچن ۽ وڏن ڀائرن ڪانپوءِ اِها رسم به ويندي رهي، ڇو تہ اسين تہ ڪورا ڪُنگر هئاسون ۽ وقت به تہ انهن ڪارنامن کي پنيان ڇڏي اڳتي وڌي ويو هئو.

منهنجن جينس ۾ ڪهڙي ڀنتا هئي، يا الڳتا هئي؟ ڀنتي مُڙي سوچيان ٿو، پنهنجي شخصيت جا ڪي چِٽا اُهڃاڻ منهنجي سامهون اُڀري ٿا بيهن. اسڪولي جيون ۾ پڙهڻ، علم حاصل ڪرڻ، توڙي اسڪول کان ٻاهر جي سرگرمين ۾ منهنجو وڌيڪ چاهہ ۽ لاڙو رهيو. راندين، اسڪول جي مشغولين ۽ اسڪول کان ٻاهر جي سرگرمين ۾ مان اڳرو ۽ اڳيان هوندو هوس. ڪلاس ۾ مانيٽر هئڻ سان گڏ ڪرڪيٽ ۽ فوٽ بال ٽيم ۾ بہ ڀاڱيدار هوس. بحث ڪرڻ ۽ ڀاشڻ ڏيڻ ۾ قابل هوس، تہ دوستي نڀائڻ ۽ رعب قائم ڪرڻ ۾ بہ گهٽ نہ هوس. گهمڻ-ڦرڻ، جوکم کڻڻ ۾ بہ اڳتي هوس. ذهني طور توڙي جسماني طور مان ڪافي اڳيان هوس. مون ۾ اڳواڻي ڪرڻ جون قوتون سَرس هيون ۽ گهرو آزادي بہ مڪمل هوندي هئي. ايتري قدر جو سڄو ڏينهن دوستن جي سنگ ۾ ٻاهر ئي هوندو هوس، راندين روندين، کيل تماشا، سير شغل يا رُلڻ ڀِنڻ. ڪڏهين تہ دل گهرين دوستن وٽ راتيون بہ سُمهي پوندو هوس ۽ اَسر ويلي اُٿي گهر وارن، خاص طور ماءُ کي شڪل ڏيکاري ڪُم ٿي ويندو هوس ۽ وري ٻئي صبوح پيو گهر ڏانهن ورندو هوس. هاڻي پيو سمجهان تہ ٻن قسمن جي جينس جي مون وٽ ڀرتي هئي، يعني سرس انداز ۾ هئا. هڪڙا بدن ۾ تمام گهڻي

چستي آٽيندڙ ۽ هر ويل سرگرم رکڻ وارا جينس واڌو انداز ۾ هئا، جيڪي ڪڏهين به سانت ڪري وهڻ نه ڏيندا هئا. ساڳي استتي اڄ ڏينهن تائين شياءَ جو انگ رهيو آهي. سانت ڪري وهڻ ته منهنجي طبيعت ۾ جڻ لکيل ئي ڪونهي. ننڍي هوندي ته منهنجي ماءُ مونکي ”شڪڦتو“ چوندي هئي ۽ وڏي عمر ۾ سويتا کي پڻ اِهو ئي احساس ٿيندو هئو، پر اُها بئي نموني اظهار ڪندي هئي، ”تو وٽ ته اسان لاءِ وقت ئي ڪونهي.“

ايتري واڌو شڪتي منهنجن جينس ۾ هئي ۽ ٻيا رهبريءَ جا عناصر به جهجهي تعداد ۾ موجود هئا، جنهن ڪري اڳتي هلي، مون پبلڪ جيون جي شاهراهه تي وڏا ٽپا ڏنا. منهنجي اُستاد **شري روچيرام ڦاواڻي** شروعاتي دؤر ۾ منهنجي رهبري ڪئي. ديش جي آزاديءَ جي هلچل کان واقف ڪيو، بلڪ چڪي ميدان ۾ آندو ۽ اُنهن جينس کي اُڀاري اُجاگر ڪيو. سندس رهنمائيءَ ۾ مان ۽ منهنجا ڪي متر سرگرم ٿي وياسون. آرتوار ڏينهن يا ٻئي ڪنهن قومي ڏڻ-وار جي موقعي تي اسڪول بند هئڻ جو فائدو وٺي، اسين صبح جو سويل اُٿي، پرڀات ڦيري ڪيندا هئاسون. ڪافي شاگرد (ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون) ۽ نوابشاه شهر جا قومي ويچارن جا شخص هڪ جلوس ڪڍي، شهر جي مکيه رستن تي پرڪرما ڏيندا، ڌارين سرڪار خلاف نعرا هڻندا، قومي اڳوانن ۽ ڀارت ماتا جي جئه منائيندا، وچ شهر ۾ پهچي، ڇوٽي-موٽي تقرير ڪري گهرن ڏانهن موٽندا هئاسون. جلوس هلندي قومي راڳ ڳائيندا هئاسين، جيڪي اَڪثر سنڌ جي قومي ڪوي **شري هوندراج دکايل** جا جوڙيل هوندا هئا. ڪڏهين ڪڏهين کاڌيءَ جي ڪپڙي جا تاڪيا به کُلهن تي کڻي نڪرندا هئاسون، گهرن يا دوڪانن ۾ گهڙي کاڌيءَ جو وڪرو به ڪندا هئاسون.

مُلڪ جي آزاديءَ جي جذبي هيٺ مان اڳتي وڌندو ويس. مون هڪڙي شاگرد جماعت جو بنياد وڌو ۽ ان کي **”فارورڊ اسٽوڊنٽس يونين“** جو نالو ڏنوسين، جنهن ۾ اسين **سباش چندر بوس** جي ڪانگريس اندر فارورڊ بلاڪ ٺاهڻ جي انقلابي قدم کان متاثر ٿيا هئاسون. هن شاگرد سنسٿا جي جهنڊي هيٺ اسان جيڪو مکيه ڪم ڪيو، سو اِهو هئو جو اسان ساڳئي نالي سان هڪ هٿ لکيل پتريڪا تيار ڪئي، جنهن ۾ قومي ليک، ڪوتائون ۽ ٻيا ٽوٽڪا

لکي هٿ سان تيار ڪري، اسڪول جي نوٽس بورڊ تي لڳائي ڇڏيندا هئاسون، جيئن شاگرد رسيس جي وقت فارغ ٿي، ان جو اڀياس ڪن.

حالات ۽ واقعا ڏن-به-ڏن تڪڙو تڪڙو بدلجندا ويا ۽ ديش جي راڄنيتيءَ ۾ لاهه-چاڙهه پڌري پٽ نمايان ٿيندو ويو. ڀارت جي راڄنيتيءَ ۾ ولولو پيدا ٿيو. ١٩٣٥ انڊيا ائڪٽ جي ماتحت ١٩٣٧ ۾ عام چونڊون ٿيون، جنهن ۾ ڪانگريس پارٽي تمام گهڻائيءَ سان (ٻارهن پرانتن مان ستن پرانتن ۾) کٽي آئي ۽ پرانتڪ سرڪاريون ٺاهي ورتائون. ١٩٣٩ ۾ هڪ وڏو ڌماڪو ٿيو. انگلنڊ ۽ جرمنيءَ جي وچ ۾ جنگ ڇڙي ويئي. انگلنڊ من ماني ڪري، ڀارت جي اڳوانن کي نظر انداز ڪري ڀارت کي ٻي مهاڀاري يڌ ۾ ڌڪي ڇڏيو. ڪانگريس اهڙي ڏاڍائي ۽ زوراوريءَ جو ورود ڪيو ۽ برٽش سرڪار کي صلاح ڏني ته ڀارت جي راڄنيتي اختياري ڀارت جي لوڪن جي عيوضين جي هٿ ۾ ڏني وڃي، جئن ڀارت جنگ ۾ هڪ آزاد قوم جي حيثيت ۾ ڀاڱ وٺي سگهي. پر برٽش سرڪار هوڏ تي بيٺي رهي ۽ ڀارتواسين کي طاقت ڏيڻ کان نابري واري، جنهن تي مهاتما گانڌيءَ جو وشواس برطانيه جي پلمانسائيءَ مان نڪري ويو ۽ سرڪار خلاف ستياگره جو فيصلو ڪيائين. پهرين اُهو شخصي ستياگرهه جو سلسلو هليو.

هڪ هڪ شخص الڳ اعتراض وٺي خود کي گرفتار ڪرائيندو رهيو. انهن ۾ پهريون شخص **سنت ونوبا ڀاوي** ۽ ٻيو نمبر **پنڊت جواهرلعل نهرو** هئو. اِهو سلسلو آڪٽوبر ١٩٤٠ کان شروع ٿيو ۽ چوڏهن (١٤) مهنا هليو. ويهه هزار ستياگرهي گرفتار ٿيا، پر انگريز سرڪار جي ڪنڌ مان ڪلي ڪانه نڪتي. ڪنهن به عزت ڀرئي ٺاهه لاءِ تيار نه ٿيا. مهاتما گانڌيءَ جو صبر ٽٽي پيو. چيائين، ”هاڻي انگريز سرڪار جي شرافت مان منهنجو وشواس ٽٽي پيو آهي، هاڻي مان چاهيان ٿو ته هو ڀارت مان نڪري وڃن، جئن اسين پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪري سگهون ...“

آل اِنڊيا ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو ميڙ بمبئيءَ ۾ ٨ آگسٽ ١٩٤٢ تي **گواليا ٽئنڪ** وٽ ٿيو. يڪراءِ **”انگريز ڀارت ڇڏي وڃو“** جو **نعراءُ** پاس ٿيو. ان لاءِ جيڪو عام ستياگرهه جو پروگرام ڏيڻو هئو، سو ٩ آگسٽ تي پيش ٿيڻو هئو. پر صبوح جو سورج اُڀري، تنهن کان اڳئي ڪانگريس اڳوانن ۽ مهاتما گانڌيءَ کي اَسر ويلي ئي ڪنهي

ڪٽي ويا ۽ نامعلوم هنڌن تي وڃي ڪين بند ڪيائون. لڳو ته ڀارت جي آزادي پسند لوڪن ۽ انگلنڊ جي سلطنت شاهي طاقت جي وچ ۾ جنگ جو ناد وڄي چڪو هئو. ڀارت ۾ جنتا للڪار کي قبول ڪيو. لکن ۾ ماڻهو ٻاهر نڪري آيا، جن سرڪار جي ڏاڍائيءَ خلاف آواز بلند ڪيو، جن ۾ خاص طور نوجوان طبقو هئو، جنهن 'ڪَرو يا مَرو' جو سڏ اونايو ۽ جتي ڪٿي اُٿي کڙا ٿيا. هزارين شاگردن پوليس ۽ فوج جو مقابلو ڪيو. انهن سان چڪري ڪاڏي. لنيون ۽ ڦٽڪا کاڌا، جيل پريا ۽ ڪي ته حيوانيت جو شڪار به ٿيا ۽ ڀارت ماتا کي پنهنجي عظيم قرباني ڏيئي شهادت جو جام پيتو. سنڌ جي سوروير سپاهي هيمون ڪالاڻيءَ به خوشي خوشي ڦاسيءَ جو ڦندو پنهنجي ڳلي ۾ وجهي 'ڀارت ماتا جي جئہ' چئي سنڌ ماتا جو شان بُلند ڪيو.

مان انهن پوين سالن جي وچ ۾ سياسي ڪيتر ۾ ڇڱو اڳيان وڌي چڪو هوس. شاگردن جي وچ ۾ اڳيان آيس. ولس هاءِ اسڪول (نوابشاه) ۾ مئٽرڪ ڪلاس ۾ پڙهندو هوس. ٩ آگسٽ تي پڇ ڪلاس ۾ ويٺو هوس ته ڪلاس جي دروازي تي ڪنهن متر اچي، مون کي ٻاهر اچڻ لاءِ اِشارو ڪيو. ٻاهر نڪتس ته اڳوانن جي گرفتاري ۽ بعد ۾ بمبئي اندر انقلابي ڪارروايُن جو مختصر ۾ احوال ڏنائين. هيلتائين چوڌاري اِهي خبرون وچ وانگر ڦهلجي چڪيون هيون. مون کي هدايت ڪيائين ته اسڪول ۾ هڙتال ڪرائي، جلوس ڪڍي شهر جي مکيه چونڪ تي پهچي وڃان، جتي سڀ قومي ڪارڪن گڏجي رهيا آهن. مون به نڪا ڪئي هم، نڪا تم. ڪلاس جي دروازي تي بيٺي واڪو ڪري هڪل ڪئي، ۽ شاگردن کي چيم ته ڪلاس کان ٻاهر اچي هڪ قطار ٺاهين جو اسان کي مظاهرو ڪرڻو آهي ۽ اعتراض وٺڻو آهي جو قومي اڳوانن جي گرفتاري تي آهي. شاگرد (ڇوڪرا توڙي ڇوڪريون) ڪلاس ڇڏي ٻاهر نڪري آيا. پوءِ مون اسڪول جي هر ڪلاس وٽ بيهي نعريبازي ڪئي ۽ شاگردن کي ٻاهر نڪري اچڻ جي اَپيل ڪئي. ڏسندي، ڏسندي حاطي ۾ سڀ ڪٺا ٿي ويا. سيني کي ٻن-ٻن جي قطار ۾ بهاري، جلوس اسڪول مان نڪري شهر جي وچ چونڪ طرف وڌيو. مان جلوس کان ٻاهر نعرا هڻائڻ جي شغل ۾ پورو هوس. چونڪ وٽ پهچي مون ۽ هڪ ٻن همراهن چوٽي تقرير ڪئي ۽

پوءِ پوليس جي اَچڻ کان اڳ ۾ اسين ڇڙوڇڙ ٿي وياسون. ڪنهن متر صلاح ڏني ته مان ٿورا ڏينهن گهر نه وڃي، ٻئي ڪنهن هنڌ لڪي رهان. سيني کي صلاح سُني لڳي. مان وڃي ڪنهن متر جي گهر ۾ لڪي وينس.

انگريزي راڄ جي پوتن کان گهڻو وقت بچڻ جي ڪوشش ڪيم، پر هڪ ڏينهن گرفتار ٿي ويس. مون کي وڃي سب جيل ۾ بند ڪيائون. پر شهر ۾ قومي سرگرميون قائم رهيون - جئن ته سرڪاري جڳهين تي 'يونين جئڪ' - انگريزي جهنڊي کي ساڙڻ ۽ قومي جهنڊو جهولائڻ، سرڪاري دفترن کي باهيون ڏيڻ ۽ رڪارڊ جلائڻ، شهر ۾ پوسٽ جي دٻن ۾ فاسفورس وجهي انهن کي جلائڻ، قومي بليٽن جون ڪاپيون ڇپائي ماڻهن ۾ ورهائڻ، ”ڀارت ڇڏي وڃو“ جا نعرا ڀتين تي لکڻ يا پوليس ٿاڻي اڳيان انهن کي دهرائڻ وغيره. هن ڪم ۾ منهنجا ٻه دل گهريا دوست مون سان شامل هئا، جن ۾ انقلابي جينس ذرا سرس هئا! انهن مان هڪڙو هو گلاب ڀڳواناڻي (هاڻي تازو پرلوڪ پڌاريو) ۽ ٻيو هو سڄان راوتاڻي (جنهن هاڻي وڃي لنڊن وسايو آهي)

انهن ڏينهن ۾ جيل وڃڻ ڪا معمولي ڳالهه نه هئي. جيل جي سختين ۽ عذابن کان وڌيڪ هئي سماج جي گِلا ۽ ملامت، ڇو جو هن کان اڳ ۾ چور چڪار، لفنگا، ڌاڙيل وغيره جيل موڪليا ويندا هئا. منهنجي وڏي چاچي، جيڪو منهنجي پتا جي گذاري وڃڻ کانپوءِ ڪٽنب جو وڏو هئو، جي ڪنن تي آسپاس وارن ڪو اِهو اَثر وهاريو هئو ته مان ڪن غير قانوني ۽ خوفناڪ ڪمن ۾ ڦاسي ويو آهيان ۽ گرفتار ٿيڻ وارو آهيان. هيءَ ڳالهه منهنجي گرفتار ٿيڻ کان اڳ جي آهي. هڪڙي ڏينهن جئن مان گهر پهتس ته انهيءَ وڏي چاچي جي منهن چڙهيس. جڻ تيار ٿيو وينو هو. چيائين، ”ٻڌو اَٿم انگريز سرڪار جي خلاف سؤراجين سان ملي ويو آهين ۽ اُبتا ڪارناما ڪري رهيو آهين. توکي جلدي پوليس پڪڙي ويندي ۽ وڃي جيل اندر بند ڪندءِ. گهرَ جي لڄ پت تي ڪارنهن جو داغ لڳي ويندو.“ پوءِ اُمالڪ پنهنجي مٿي تان گانڌي ٽوپي لاهي، اَچي منهنجن پيرن تي رکيائين ۽ التجا ڪندي چيائين، ”اِهي اُبتا سبتا ڪم ڇڏي ڏي.“ چاچي جو اِهو عمل ايترو ته اوچتو ٿيو، جو مان اَواڪ رهجي ويس. منهنجي ٻڍڙي ماءُ به حيرت ۾ پئجي ويئي. اَچي مونکي ڀاڪر پاتائين ۽

چيائين، ”پٽ! گهر جي ڪار پٽ تنهنجي هٿ ۾ آهي، چاچو اسان جي پالنا لاءِ توکي چٽي رهيو آهي، سندس چيو مڃ ۽ آئنده ڪو به ڪم نه ڪندين، جنهن ڪارڻ گهر تي ڪارنهن جو ٽڪو لڳي.“

منهنجي سرير جي جينس ۾ ايتري ته اٿل پٿل آئي، جو هوش ئي اڏامي ويو. شش-و-پنج ۾ پئجي ويس. ڪجهه جينس سجاڳ هئا، جنهن ڪري بچي ويس. ترت ئي هوش سنڀالي ورتم. پنهنجو پاڻ ۾ ايندي ئي پاڻ کي، آئنده ڏنم ته مان اهڙو ڪجهه ڪونه ٿو ڪريان، جو مون کي شرمسار ٿيڻو پوي ۽ گهر کي ڪو ٽڪو لڳي. ساڳيو ئي جملو دهرائي چاچي کي چيم، ’توهين خاطري ڪريو، مان ڪوبه اهڙو ڪم نه ڪندس، جنهن ڪارڻ گهر جي عزت کي ڌڪ لڳي.“ سرڪار خلاف ڪارروايون ڪرڻ واري ڳالهه کي صفا لڪائي ويس، جنهن جو مٿس بار هئو. ماءُ کي گرانٽڙي پائي آئت ڏنم، پر منهنجا باغي جينس مون کي شرمائي رهيا هئا ته تون چاڻين پُڇي ڪوڙ تو ڳالهائين. تنهنجو جيل جو سفر اِجهو شروع ٿيڻ وارو آهي. اُن ڪان تون نٽائي نٿو سگهين.

لاڪپ مان ته مان ٻن هفتن جي نظربنديءَ ڪانپوءِ آزاد ڪيو ويس. پر شهر ۾ جيڪي به غير قانوني ۽ پيچ ڏاهه واريون ڪارروايون هلي رهيون هيون، تن لاءِ مون کي چرچ ڏيندڙ قرار ڏنو ويو ۽ اُهو به سمو اچي ويو جو مون کي ۽ ٻن ٽن ٻين سرگرم ڪم ڪندڙن کي پڪڙي وڃي حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ وڌائون.

۱۹۴۲ واري زماني ۾ سنڌ جو وڏو وزير مسٽر الله بخش سومرو قومي ويچارن جو شخص هئو، جنهن جي همدردي قومي هلچل سان هئي ۽ اڳتي هلي پنهنجي مکيه وزيريءَ کي لت هڻي دست بردار ٿي ويو هئو ۽ پنهنجو سرڪاري خطاب به اُڇلائي ڦٽو ڪيائين.

رواجي طرح قيدين لاءِ اي.بي. ۽ سي. ڪلاس جي سزا ڏني ويندي هئي، پر هن شريف ماڻهوءَ آزاديءَ جي پروانن کي عام قيدي واري ڦيٽ سان ڪين ڪڇيو. انهن کي مانوارو ۽ قومي سپاهي سمجهي، نظربند راجنيتي قيدين لاءِ هڪ نئون ڪلاس ٺاهيو، جنهن کي ڪيوُ (Q) ڪلاس سڏيو ۽ سڀني نظربند قيدين کي اهو ڪلاس عطا ڪيو ويو. وڏيڪ اِهو به حڪم ڪديائين ته راجنيتي قيدي هڪ ئي سينٽرل جيل، سکر ۾ آٿي گڏ رکيا وڃن ۽ رواجي ڏوهاري قيدين کان

ڏار ۽ پريرو ھجن. ھڪ طرف وڏي ۾ وڏا اڳوان ۽ ٻئي طرف ادني ۾ ادني ڪارڪن، ھڪ ئي جيل ۾ رکيا ويا، جٿي سولائيءَ سان پاڻ ۾ ملي جُهلي سگهن. اڳوانن لاءِ ڏار ڪوٺيون ھيون ۽ عام ڪارڪن لاءِ گڏيل بئرڪون ھيون. ڪين ھڪٻئي سان گڏجڻ مسجڻ جي کُلي آزادي ھئي.

سکر جيل ۾ جتي مان نوَ (9) مھنا رھيس، منھنجي لاءِ راجنيتيءَ جو ھڪ نئون آڪاش کُلي ويو. منھنجن جھڪن جينس ۾ ڦُرتي اَچي ويئي. سياست ۾ نيون راھون نمودار ٿي ويئون ھيون. روايت-پرستيءَ واري سياست جي جاءِ تي ريڊيڪل راجنيتيءَ سان دوبدو ٿي چڪو ھوس. نوپسند ۽ ترقي-پسند ويچارن جون لھرون چوڌاري روان ھيون. ھڪ اَھڙي انقلابي ۽ باغيانہ شخصيت سان پيٽ ٿي ھئي، جو اصل ڪپاٽ ئي کلي ويا ھئا. اھڙي انقلابي شخصيت جو مالڪ ھو سنڌ جو ناميارو شخص، سوڀو گيانچنداڻي جو ١٩٤٢ واري زماني ۾ ”ڪئٽ اِنڊيا“ ھلچل ۾ شاگردن جو اڳوان ھئو ۽ ڪراچيءَ ۾ شاگردن جو سپھہ سالار ھئو. پوليس ڪيس پڪڙي نہ سگھي ھئي. پوليس ڪيس پڪڙڻ لاءِ جڏھين جتي بہ پھچندي ھئي، ڪجھہ ڪلاڪ اڳہ ھوءُ اُتان رفوُ چڪر ٿي ويندو ھئو ۽ پوليس ھٿ مھٽيندي رھندي ھئي. ڪيس ڪوئي اڏيٽ اشارو يا اُھڃاڻ ملي ويندو ھئو. ڪجھہ مھنا پوليس کي پٺيون پڙھائيندو رھيو. ڇھن مھنن ڪانپوءِ ۽ جڏھين ھلچل بہ ڍلي ٿي چڪي ھئي تہ ھو جاڻي واڻي پاڻ کي گرفتار ڪرائي سکر جيل ۾ پھچي ويو ھئو.

سوڀي سان منھنجي ملاقات ۽ پوءِ ياري بہ ھڪ عجيب گھٽنا ھئي. سوڀي راجنيتيءَ جو ھڪ ٻيو روشن پھلو منھنجي اڳيان نمودار ڪيو. ڪانگريس ۽ گانڌيءَ واري سياست، جنھن جي مکيہ مُراد ھئي، ڏارئي انگريزي سرڪار کان راڄ سَتا حاصل ڪرڻ ۽ ڏارين کي ڏکي ٻاھر ڪيڍڻ. پر سوال ھئو تہ انگريزن کان راجنيتي طاقت حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ ڇا؟ انگريزن اٽڪل بہ سوَ سال ڀارت تي راڄ قائم ڪري، ھر لحاظ کان ڀارت ديش جي تباھي ڪري، عام لوڪن کي بکيو، ڏکيو ۽ ننگو رکيو ھو. ان جو ڪھڙو تدارڪ ٿيندو؟ اِھو ھڪ وڏو سوال ھئو. انگريزن جي جڳھہ ڪير پريندو؟ جيڪڏھن طاقت وري بہ مٿين طبقي وٽ ويندي تہ پوءِ مسڪينن جو واھي الله! تنھن ڪري آزاديءَ

ڪانپوءِ طاقت دريدر-نارائڻ جي عيوضين جي هٿ ۾ اچي ۽ اقتصادي وسيلن تي قبضو عام جي عيوضين وٽ هجي، جڏهن صحيح معنيٰ ۾ آزادي استاپت ٿئي ۽ ديش ۾ ڪو به بکيو، دکي ۽ اُگهاڙو نه رهي. تنهن لاءِ نئين سوچ ۽ سماڏان جي ضرورت هئي. نئين سرشتي جو نرماڻ ضروري هئو. پر مهاتما گانڌي ۽ ڪانگريس جي سياست ته اهڙي نظرئي جي حق ۾ نه هئي. اُهي ته ”لڪير جا فقير“ هئا. گورن جي بجاءِ ڪارن جي حڪومت برپا ڪرڻ جي حق ۾ هئا، جنهن جو مطلب هئو ته ”جَوَ ڍيري گڏهه رکپال“. ماڻهن مٿان ساڳيو ڏاڍ ۽ شوشڻ چالو رهندو ۽ دريدر-نارائڻ جي اُون رکڻ وارو ته ڪوئي ڪونه هوندو. طاقت ديسي ڏاڍن جي هٿ ۾ هوندي ۽ جنتا جي جيون ۾ ڪو خاص فرق نه ايندو، جيڪا ڳالهه اسين اڄ به ڏسون وينا. آيامن کان ڏسندا آيا آهيون. ڪوبه بنيادي يا خاص فرق يا تبديل نظر نه آئي آهي. ناسي چمڙيءَ وارا شڪتيءَ جا مالڪ ٿيندا، ستا جو دُراُپيوگ ڪندا، بک، بيماري، فاقاڪشي، ڏاڍائي، بي-انصافيءَ جو بول بالا رهندو، جڏهن ٿيندو آيو آهي. جنتا جي جيون ۾ بنيادي پلٽو اچڻ کانسواءِ، آزادي عام جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ جي برابر ٿيندي. رڳو لوٽ کسوٽ وارن جي چمڙيءَ جو رنگ، پوريءَ مان ناسي يا ڪارو ٿيندو. در اصل بنيادي تبديل آڻڻي هئي. پورو ڍانچو ڦيرائڻو هئو. اِها سياست جي نئين روشن راهه هئي، جنهن جي ڄاڻ مون کي ان باغي نوجوان سوڀي گيانچندانيءَ ڏني، جيڪو مون کي جيل ۾ گڏيو ۽ مون کي پنهنجن انقلابي ويچارن سان ڪنيي ڪٽي ويو. هن جي جينس ۾ ڪجهه اهڙو هئو، جو منهنجن جينس ۾ نه هئو ۽ جي اگر هئو به ته سُتل نموني ۾، جنهن کي سوڀي جي ذهني ڇهاءَ جاڳرت ڪيو، بيدار ڪيو ۽ اُڀاريو. سوڀي سان بحث ڪندي ۽ نئين روشن راهه جا ڪتاب پڙهندي، اِهي نوان جينس وڌندا ويا، وڌيڪ اُجاگر ٿيندا ويا. پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ اهنسا ۽ ستياگرهه جو رستو ڇڏي، پنهنجن حقن لاءِ لڙڻ ۽ وڙهڻ لاءِ، وڙهي حاصل ڪرڻ جا باغي جينس، مون ۾ سگهارا ٿيندا ويا. جيل ۾ ٿي انهن جي عمل جو آزمودو مليو ۽ وجهه به مليو .....

سکر جيل جو سپريڊنٽ هڪڙو پراڻو عملدار گيانچند جي نالي

سان هئو. هڪڙي ڏينهن سياسي قيدين سان 'تون چا، تون چا' تي ويئي. پوليس وٺ-پڪڙ ڪري، هنن تي لنبازي بہ ڪئي ۽ ڪين بئرڪن ۾ بند ڪري، تالا لڳائي ڇڏيا. سياسي قيدين زور شور مچايو ۽ نعريبازيءَ سان ڪٽي جيل کي مٿي ڪنيو ۽ بکہ هڙتال تي هليا ويا. انهيءَ واردات جو نياپو اسان تائين پهتو. اسين تي، سوڀو، مان ۽ علي مڪراني، هڪڙو بلوچ قومي ڪارڪن، پنهنجن بئرڪن مان، جيڪي ٿورو مفاصلي تي هيون، ٽپو ڏيئي ٻاهر نڪتاسون ۽ گڏجي ماڙيءَ جي طرف ڊوڙياسون (ماڙي جيل آفيس کي چئبو آهي) تہ گيانچند کي سمجهايون تہ پوليس جي ڏاڍائيءَ کي همٿائڻ جي بجاءِ، هلي قيدين کان ان بدسلوڪيءَ بابت معافي وٺي ۽ کيس ٻاهر ڪڍي بکہ هڙتال ٽوڙڻ لاءِ عرض ڪري.

جيل جي ماڙيءَ ڏانهن وڃڻ کان اسان کي وات تي ئي روڪيو ويو. اسان ٿنهين جا جينس بغاوت تي آماده ٿي ويا. اسان اُتي بيهي زور زور سان نعرا هنيا - ''انقلاب زنده آباد!'' ''پارت ماتا جي جئہ'' ... منهنجو خون اُپامڻ لڳو. بہ قدم اڳتي وڌي ويس ۽ زور سان پڪاريم - ''گيان ٻچا هاءِ هاءِ ....'' ڪٿان آواز آيو ... ''ڏوڙ منهن ۾ پاءِ پاءِ ...!'' پوءِ تہ چوڌاري نعرن سان آسمان ڦاٽڻ لڳو - گويا جنگ جي ميدان تي نعريبازي ٿي رهي هئي. اسين نعرا هڻندا اچي پنهنجي بئرڪ پيڙا ٿياسون ۽ ساٿي قيدين کي هڪل ڪري نعريبازيءَ ۾ شامل ٿيڻ جو عرض ڪيوسين. پوءِ تہ گويا جنگ جو اعلان هئو - منهنجو بغاوت جو اُڀار ويو وڌندو، پنهنجي بئرڪ جي ڪنڌ وٽان هڪڙي ننڍڙي پٽ تي چڙهي ويس ۽ اُتان پنهنجي بئرڪ جي ڇت تي پهچي ويس ۽ منهنجا واڪا جاري هئا - ''گيان ٻچا هاءِ هاءِ'' ۽ موٽ ۾ سوين آوازن واري گجگوڙ ''ڏوڙ منهن ۾ پاءِ پاءِ!''. نعرن تي نعرا، جتان ڪٿان پئي اُٿيا. اڌ ڪلاڪ جي روبڪار ڪانپوءِ پوليس جا هٿياربند جٿا جيل اندر پهچي ويا. بندوقون سڌيون ڪري، اسان ڏي تاڻي بيٺا ... بزرگ اڳوائن اسان کي ڇت تان لهي اچڻ لاءِ التجا ڪئي. اسين هيٺ لٿاسون، نعرا بند ٿي ويا، بئرڪن ۾ سانت ڇانئجي ويئي. درياءُ اُٿليو هئو، وڏي وير چڙهي هئي.

وير موٽ کاڌي ۽ سمنڊ سانت ٿي ويو ....

هڪ عظيم پارسي شاعر ڪشمير جي خوبصورتيءَ تي ايترو ته وجد ۾ اچي ويو هئو، جو بي اختيار سندس مُکَ مان نڪتو هئو -

”اگر در زمين بهشت است،

همين است، همين است، همين است.“

سنڌ سان منهنجي محبت جو جذبو پڻ ڪجهه اهڙي ئي انداز جو آهي. وطن سان سِڪ جو جذبو اَبدي آهي. ڌرتيءَ سان محبت جا جينس ماڻهوءَ جي رت ۾ سرس سمايل آهن، ڇاڪاڻ ته هوُ انهيءَ ڌرتيءَ جي اُپج آهي، بلڪل اهڙي نموني جڻ ماءُ جا جينس ٻار ۾ اوت پوت آهن، جنهن ڪري ڌرتيءَ کي ماءُ جهڙو سنمان آهي - ڌرتي ماءُ (Mother Land) ڪري پڪاريو ويندو آهي. ڪن ملڪن ۾ پِل فادر لئنڊ سڏيو ويندو آهي، تنهنڪري ئي شايد اهڙن ملڪن ۽ قومن ۽ نسلن ۾ استريءَ لاءِ ايتري عزت نه هوندي آهي، جيتري اسان وٽ هت ڀارت (سنڌ سوڌي) ۾ آهي -

”بهشت ماءُ جي پيرن هيٺان آهي.“ اَسان وٽ مڃيو ويندو آهي.

مون پنهنجي ڌرتي، ڀهرين سنڌ پوءِ هند کي مقدس ڪري قبول ڪيو آهي. سيني سنڌين ۾ لڳ ڀڳ اِهو ئي جذبو تار رهيو آهي. اِهو ئي ڪارڻ آهي، جو مون اڄ توڻي هندستان جي ورهاڱي کي قبول نه ڪيو آهي. ياعمر قبول نه ڪندس ۽ جي اَگر ٻيو جنم آهي، ته سنڌ ۾ ئي جنم وٺندس. اِهو ئي ڪارڻ آهي، جو ورهاڱي ڪانپوءِ مون سنڌ ڇڏڻ کان اِنڪار ڪيو. گهڻيئي هيلا وسيلا هلايا ويا، دٻ دڙڪا ڏنا ويا، لوڀ لالچون آڇيون ويئون، مون اصل ڪنهن به قيمت تي سنڌ ڇڏڻ کان نابري واري ڇڏي. منهنجو بلڪل اِهو ئي دليل هئو ته هيءَ ڌرتي منهنجي آهي، جنهن ۾ مون جنم ورتو آهي، منهنجن اَبن ڏاڏن جا سنڪ پيل آهن، جنهن ڌرتيءَ مان پلجي دنيا جي عظيم سيپتا، دنيا کي پريم ۽ شانتيءَ جو پيغام ڏنو آهي ۽ جنهن ڌرتيءَ جا درويش شاعر وحدت جو پيغام ڏيئي انسان ذات جي ايڪائيءَ جي گونج ڦهلائي ويا آهن، تنهن سونورني ڌرتيءَ کي ڪنهن به حالت ۾ نه ڇڏيندس. پنهنجي ڌرتيءَ کان الڳ نه ٿيندس. هندستان جي نقشي تي ڪينچيل لڪير مون کي قبول نه هئي. پنهنجي منڙي سنڌ مان لڏڻ جو مون کي ڪڏهين به خيال نه آيو. جيتوڻيڪ منهنجا سڀ مٽ

مائٽ، يار دوست، سنگي ساٿي، ڳوٺائي واقفڪار، لڏا ڀڏندا، آهستي آهستي پنهنجي ڌرتي ماءُ کان منهن موڙيندا، اکيون هيٺ ڪري، هڪ هڪ ٿي، رمندا رهيا.

مون چيو، ”جنهن مٽيءَ سان منهنجو اٽل ناتو آهي، تنهن کي نہ ڇڏيندس، ڪوئي بہ اِن اٽل ناتي کي ٽوڙي نٿو سگهي. مان انهيءَ مٽيءَ ۾ ملي وڃڻ ٿو چاهيان، ان کان پڄي وڃڻ نٿو چاهيان، ان سان ناتو ٽوڙڻ نٿو چاهيان، ڇنڻ نٿو چاهيان.“

اهڙن سندر، پيارن ۽ نازڪ جذبن جو هرديہ-هيڻ پاڪستاني حاڪمن وٽ ڪهڙو قدر ٿي ٿو سگهي؟! هو تہ بيجان آهن ۽ اٽاسي مٽيءَ مان ٺهيل آهن، جنهن ۾ وطن پرستي يا ديش پريم جو ٻوٽو چٽڪ ڪومائجي ويو هئو. هنن وٽ ان جي بجاءِ هٺ-پرستي، نفرت پرستي ۽ خود پرستيءَ جا جينس سرس انداز ۾ هئا، ايتري حد تائين جو هو هم-مذهبين، دين-ڀاين، جنهن جي بنياد تي پاڪستان جي حق جي دعويٰ ڪئي هئي، تن کي بہ قتل ڪري پنهنجو ناحق ڇمائڻ کان ڪين هٽڪيا. پوءِ اِها ڀي ڳالهہ آهي، جو قدرت انهن جي سِتم کي برداشت نہ ڪري، ڪين ذلت ڀري هار جو احساس ڏياريو، جنهن کي اڄ ڏينهن تائين هوُ وساري نہ سگهيا آهن.

پوءِ سنڌ تي پڻ هنن اهڙو ئي سِتم وهائڻ جو يتن ڪيو. ڌرتيءَ جي چاولن کي غلام جو درجو ڏيڻ جي فائدي ۾ هئا. هنن سنڌ ڌرتيءَ تي پڻ ڌاڙا هڻڻ شروع ڪري ڇڏيا. پهرين تہ هنن ڪراچيءَ جو سُندر شهر، جنهن کي ’سنڌ جي دل‘ ۽ ’اوير جي راڻي‘ چوندا آهيون، سنڌ کان کسي (١٩۴٨) پاڪستان جو تخت گاهہ بڻايائون. سنڌ يونيورسٽيءَ کي ٽپڙ کڻائي حيدرآباد (سنڌ) ڏانهن روانو ڪيائون (١٩٥٦). سنڌ جي رستن، باغن، پُلين، اسڪولن، ڪاليجن، اِسپتالن ۽ اِسٽيشنن جا نالا ڍاهي، اُتاري، هٽائي، سنڌين جي نالن بجاءِ، اسلامي رنگ وارا نالا ڏنائون. ان رستي پاڪستان کي ”پاڪ“ ڪري رهيا هئا. سندن اِهي ڪوششون بيڪار ثابت ٿيون، جو سنڌ جي ماڻهن اِهي حرڪتون ناجائز سمجهي ساڳين نالن جا بورڊ وري مظبوطيءَ سان لڳايا ۽ انهن کي اصلي نالن سان سڏيندا رهيا ۽ ڪين شرمسار ڪيائون. پوءِ سنڌي ٻوليءَ تي وار ٿيو. سنڌي اسڪولن جي جاءِ تي اُردو اسڪول هلايا ويا.

پر سنڌ جي ماڻهن ڪين ڪوبہ حوصلو نہ ڏنو، بلڪل ان حرڪت کي ٺوڪاري ڦٽو ڪيائون. سنڌ جي **انقلابي شاعر شيخ اياز** ۽ ٻين سنڌ جي سينڌ ۾ سنڌور ڀريو ۽ سنڌ جي شان ۾ گيت ڳايا. شيخ اياز چيو :

''ڪير سهندو ميار، اور يار،
سنڌڙيءَ کي سِرُ ڪير نہ ڏيندو ....
....    ....    ....    ....
ڌرتي توتي سيس نوايان،
متي ماٿي پائيان.''

بغاوت جو نعرو وچي ويو. سوين سپاتر ۽ سپاترين نڪري نروار ٿيا، جن اهڙي گهٽ ٻوسات کي للڪاريو، ايتري قدر جو پاڪستان جي جُڙتو ''ٿيئريءَ'' کي بہ ڪُلي عام ناڪاريو ويو.

هڪ بهادر قومپرست سنڌي نينگر **آختر بلوچ**، جيل جي ڊائريءَ ۾ پنهنجي بغاوت کي داخل ڪندي، پنهنجي عرب نسل کي رد ڪندي چيو : ''مان سنڌ جي آخرين راجا ڏاهر کي سلام ٿي ڪريان، جنهن پنهنجي ڌرتيءَ کي بچائيندي، پنهنجو سِرُ ڏنو ۽ راڄ گنوايو ۽ محمد بن قاسم تي لعنت ٿي وجهان، جنهن بنا ڪنهن ڪارڻ جي سنڌ تي حملو ڪيو، عام جو قتلام ڪيو. نہ صرف ايترو پر سنڌ جي سون، چاندي ۽ ٻئي قيمتي مال جا سوين خچر ڀري پنهنجي ملڪ ڏانهن ڍوهي ڪُٽي ويو. سونيون سنڌي زالون توڙي مرد غلام ڪري ڪاهي ويو ۽ وچي دمشق ۽ بغداد جي ڪليل مارڪيٽن ۾ انهن جو نيلام ڪيائون. لعنت آهي اهڙي بي-غيرت شخص تي.''

ٻئي هڪ بهادر سنڌي نوجوان **ڄام ساقي**، جنهن کي راولپنڊي منصوبي جي ڪيس ۾ پاڪستان خلاف بغاوت جي ڏوهہ ۾ جڏهين پيش ڪيو ويو تہ هن بيباڪ جوان فوج وارن کي اهڙو ڪُتو جواب ڏنو هئو، جو سندن ڪنن مان دونهان نڪري ويا هئا.

چيائين : ''پاڪستاني تہ مان صرف ٽيهن (٣٠) سالن کان آهيان (اها ان وقت جي ڳالهہ آهي) ۽ مسلمان بہ مان تيرهن سؤ سالن کان آهيان، پر سنڌي تہ مان پنج هزار سالن کان آهيان.''

جواب ٻڌي فوجين جا چپ تہ ڏندن سان ڪنجي ويا هئا ۽ رتورت ٿي ويا هئا.

هڪ وار وري مون کي سنڌ مان ڪڍڻ جي ڪوشش ٿي. ٻنهي مُلڪن، هند ۽ پاڪستان جي وچ ۾ راجنيتي قيدين جي مٽاسٽا جو سوال اُٿيو. اسان کي بہ آڇ ڪئي ويئي. ڪراچي جيل ۾ اسين پنج ”هندو“ قيدي هئاسون. سوڀو گيانچندائڻي، اي.ڪي. هنگل، پوهومل، عينشي وديارٿي، گلاب ڀڳوانائي ۽ مان (ڪيرت ٻاٻاڻي). اسان کي نوٽيس موڪليو ويو تہ جيڪو بہ ٻنهي ملڪن جي قيدين جي تبادليءَ جو فائدو وٺڻ ٿو چاهي، سو پنهنجي جان ڇڏائي. وري اهڙو وجهہ نہ ملندس. مون چيو، ”مان اوهانجون حرفتون ڄاڻان ٿو. جان اسين نہ، پر اوهين اسان مان ڇڏائڻ ٿا چاهيو. اسين اوهان جي جان اهڙي سولي نموني ڪونہ ڇڏينداسون. اسان سڀني ڪڙو جواب لکي موڪليو تہ ”اسان کي اوهان جي اهڙي احسان جي ڪائي ضرورت نہ آهي.“

جڏهين هنن جي هڪ بہ نہ هلي تہ ڏاڍائيءَ تي لهي آيا. ملڪ جي قانون مطابق، مون کي پاڪستان جو ”ويري“ ٺهرائي ملڪ مان نيڪالي ڏني ويئي ۽ هڪ ڏينهن صبوح جو هڪڙو پوليس جو آفالو منهنجو رهائش جي هنڌ تي اچي پهتو. هڪ ڪلاڪ ۾ ٽپڙ ٻڌي تيار ٿي وڃڻ لاءِ حڪم ڏنو ويو ۽ پوليس جيپ ۾ وهاري ڪراچي بندر گاهہ تي وٺي آيا. بمبئي ويندڙ جهاز جي ٽڪيٽ هڪڙي هٿ ۾ ۽ پاڪستان مان نيڪاليءَ جو آرڊر ٻئي هٿ ۾ ڏيئي، جهاز جي ڊيڪ تي ڇڏي، منهنجي شخصي ۽ لوهي پيٽي، جنهن ۾ پنهنجا ڪپڙا، ڪتاب، روز مره جون شيون وڌيون هيم، جي تلاشي وٺي ويندا رهيا. هٿ ۾ ورتل آرڊر کولي پڙهيم. جنهن ۾ لکيل هئو تہ ”پاڪستان ۾ بنا اِجازت جي داخل ٿيڻ تي مون لاءِ بندش هئي.“ ڪاغذ هٿن مان ڪري پيو، جو مان سُن ٿي ويو هوس. اکين مان صرف ٻہ گرم آنسون ڊيڪ جي ٺوٺ تختي تي ڪِري پيا. مان پرسان رکيل پنهنجي لوهي پيٽيءَ تي ويهي رهيس، بيوس ۽ لاچار!

پاڪستان جي بي-جس حاڪمن مون کي ڊيڪ تي ڦٽو ڪري، هٿ مهٽي، ائين سمجهيو هوندو تہ هنن مون کان سنڌ جي مالڪيءَ جو حق ڇني ورتو آهي ۽ محبت جي دعويٰ کسي ورتي آهي. هو ڪيترا نہ ڀُليلا آهن، مورک آهن! هو اِهو نٿا ڄاڻن تہ مون کي سنڌ کان الڳ ڪري، منهنجو سنڌ سان نينهن سَبر ڪيو اٿن ۽ حق مظبوط

ٻڌايو آڌن. مان سنڌ ۾ اندر رهنديءَ هنن جي هستي ۽ جياپي لاءِ ايترو خطري وارو نہ هوس، جيترو سنڌ کان ٻاهر رهندي، سنڌن قانون جي حدن کان ٻاهر هوندي! مون ان وقت ئي پرڻ ڪيو هئو تہ مان سنڌ ماءُ سان نينهن نڀائيندس. هڪ وار هن جنم ۾ سنڌ وڃي، ان جي مشڪ جهڙي مٽيءَ کي چُمي ۽ سجدو ڪري ايندس. باقي جيون سنڌ تي پيل نين زنجيرن کي ٽوڙڻ لاءِ لڙندو رهندس.

اِهو ئي ڪارڻ هئو، جو جڏهن ئي هندستان جي ڌرتيءَ تي پير رکيم تہ ''سنڌيت'' جي هلچل سان جُڙي ويس. سنڌيت جي معنيٰ منهنجن ساٿين لاءِ ڀلي ڇا بہ هجي پر سنڌيت منهنجي لاءِ ٻٽي معنيٰ وارو لفظ هئو. سرحد جي هِن طرف (ڀارت ۾) سنڌيت جو مطلب هئو، سنڌين لاءِ هن ديش ۾ عزت ڀري حيثيت قائم ڪرڻ، سنڌن نراليت کي محفوظ رکڻ ۽ واجبي حقن جي حفاظت ڪرڻ، سنڌن نرالي لپي، ٻولي، ساهت، ڪلا ۽ سنسڪرتيءَ جي بچاءَ ۽ واڌاري لاءِ پاڻ پتوڙڻ ۽ برابريءَ وارا حق حاصل ڪرڻ، پر سرحد جي هُن پار (پاڪستان ۾) سنڌين لاءِ خير گهرڻ، سنڌن تي ڪُلي عام ٿيندڙ ڏاڍ خلاف آواز بُلند ڪرڻ ۽ سنڌن واجبي ۽ صحيح حقن لاءِ ساٿ ڏيڻ، آواز اُٿارڻ ۽ واجبي مدد جو هٿ ڊگهيرڻ.

سنڌيت جي هلچل جي اِها بہ مُراد هئي تہ اسان جي سنڌ جي وڏي حصي لاءِ، جيڪو هُن پار ٿو رهي، تنهن لاءِ بہ اهڙا ئي حق، سهوليتون، آزاديون ۽ نعمتون حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪجي، هٿ وڌائجي، جيڪي ڀارت جي سنڌين لاءِ حاصل ڪرڻ جون ڪوششون ورتي رهيا آهيون. جدوجهد هڪ ئي آهي، ٻپاسي آهي. ساڳئي سڪي جا بہ پاسا آهن. ٻئي اَهم آهن، انگ سنگ آهن، جدا چيز نہ آهن، هڪ ئي شيءِ جا بہ پاسا آهن.

تنهن ڪري ڀارت ۾ اَچڻ ڪانپوءِ مون سنڌ سان ناتا ٽوڙڻ بجاءِ وڌيڪ مظبوط ڪيا. جڏهن ڀارت ۾ سنڌي حقن جي هلچل (سنڌيت) سان جُڙي ويس، ساڳئي وقت، مان سنڌ جي انصاف ۽ حقن واري تحريڪ 'جيئي سنڌ' سان بہ جيءَ جان سان پنهنجا ناتا جوڙي وينس. 'جيئي سنڌ' ۽ 'سنڌيت' ڀاونا ۾ بہ ساڳيون آهن، سنڌن مقصد پڻ ڌري گهڻ هڪجهڙا آهن، سرحد جي ٻنهين پاسن تي سرگرم رهي هڪٻئي

ڪان اُتساهه حاصل ڪري رهيا آهن.

جي. ايم. سيد ’جيئي سنڌ‘ هلچل جو اَبو، پنهنجن سيني هٿيارن ۽ وسيلن سان هلچل جي مُهڙ ۾ اَچي بيٺو ... هڪ لائيٽ هائوس وانگر. پوءِ تہ سورويرن جو ۽ سرويچن جو هڪ قافلو نڪري پيو ۽ وڌندو ٿي رهيو. مان پارٽ جي ورهاڱي کان اڳہ صرف هڪ دفعو ٿي روبرو ساٽس مليو هوس، جڏهن سائين پنهنجي ڳوٺ سَن ۾ سرحد جي گانڌيءَ عبدالغفار خان کي دعوت ڏني هئي. هڪڙو دوست، موهن پنجابي، جيڪو سائينءَ سان ڏاڍو ويجهو هئو، مون کي بہ پاڻ سا انهيءَ دعوت ۾ وٺي هليو. گهٽي ڄاڻ پڇاڻ ڪانہ ٿي پر سائينءَ جي درويشائي صورت ۽ شخصيت کان ڪافي متاثر ٿيو هوس.

ٻيو دفعو وري هت بمبئيءَ ۾ سائينءَ جو نياپو مون ۽ مالهيءَ کي پهتو تہ مون سان اَچي ملو. ورهاڱي کان جلد ئي پوءِ جي ڳالهہ آهي. شايد ١٩٥٠ کان ١٩٥٢ جي وچ وارو زمانو هئو. سائين، ڀائي پرتاپ ڏيئلمل جي بنگلي تي لٿل هئو. ٻئي پراڻا دوست هئا. ٻيون تہ گهٽيون ئي اوپاريون لهواريون ڳالهيون ٿيون پر اُٿڻ کان اڳ ۾ چيائين، ”اوهين ٻئي هتي ڇا پيا ڪريو؟ هت اوهان جي ڪابہ ضرورت ڪانهي. اوهان جي ضرورت سنڌ ۾ آهي. جي منهنجي صلاح مڃيو تہ مان اوهان کي هتان سرحد پار پهچائڻ جو بندوبست ڪريان ۽ اِها بہ اوهان کي خاطري ٿو ڏيان تہ اوهان کي اهڙي هنڌ لڪائي رکندس، جتي ڪوبہ پهچي نہ سگهندو. ٻڌايو، قبول آهي تہ بندوبست ڪري وٺان.“ اسان رڳو هڪٻئي جي منهن ۾ نهاريو ۽ سائينءَ کي ”چڱو“ چئي ٻاهر نڪري آياسون. اسان سائينءَ کي ايئن ڪونہ چيو، تہ موجوده حالتن ۾ ڪنهن بہ هندوءَ جو، خاص طور ڪميونسٽ جو پاڪستان جي راڄنيتيءَ ۾ رهڻ ممڪن نہ هئو. خير!

گذريل صديءَ جي پنجاهہ واري ڏهاڪي ۾ (پورو سال ياد نہ اٿم) نيپال رستي هڪ ٿلهي ڪاپي، هٿ لکيل دستخط، مون وٽ اچي پهتي. سائين جي.ايم. سيد جي هٿ اکري هئي. ”پاڪستان جو ماضي، حال ۽ مستقبل“. مون سيگهہ ڪري پڙهي ورتو. پنج-ڇهہ سوَ صفحا، ڪاپيءَ جا پنا، سنڌ جي سياسي حالت تي طويل مضمون هئا. مان سائين جي.ايم. سيد جي لکڻيءَ کان ڏاڍو متاثر ٿي ويس ۽ ڇپائڻ جو فيصلو ڪري ورتم.

احمدآباد جي هڪ دوست ديال موٽواڻي، جنهن کي پنهنجي پريس هئي ۽ هڪ سنڌي هفتيوار ”جهوليلال“ نالي سان به ڪڍندو هئو، پريس جو نالو به جهوليلال رکيو هئائين، تنهن کي صلاح ڏنم ته سائينءَ جو ڪتاب ”پاڪستان جو ماضي، حال، مستقبل“ پنهنجي اخبار جي جهنڊي هيٺ ڇپائي ۽ مان ڪيس مالي توڙي ٻيءَ طرح ڪتاب جي وڪري ۾ مدد ڪندس. ڪتاب سيگهه ۾ صفا خلاص ٿي ويو. ڪجهه ڪاپيون آسان سنڌ ڏانهن به موڪليون.

سائينءَ جو ٻيو ڪتاب به مون ڇپايو، پر اِهو واقعو ذرا اڏيت آهي. هڪ ڏينهن گهر ۾ ويهي صبوح جو ناشتو پاڻي ڪري رهيو هوس ته هڪڙو دوست لنگهي گهر اندر آيو. ڪُلهي ۾ پيل ڪپڙي جي ٿيلهيءَ مان ٽن ڪاپين تي لکيل هڪڙو دستخط، منهنجي سامهون رکي، چيائين، ”مان سائين جي.ايم. سيد جو ماڻهو آهيان. هيءَ هٿ لکيل ڪتاب اوهان لاءِ ڏنو اٿائين ته اوهين هيءَ ڪتاب هٿ به هزار ڪاپيون ڇپايو. اسين اوهان کان لڪچوريءَ ڪاپيون گهرائي وٺنداسون. سنڌ ۾ ههڙو ڪتاب ڇپجڻ ناممڪن آهي، ڇو ته هڪ ته ڪا پريس ڇپيندي ڪانه ۽ اگر جي ڇپيائين ته پريس ضبط ٿي ويندي ۽ دستخط به اسان جي هٿن مان نڪري ويندو ۽ وري نه ملندو.“ پوءِ وري پنهنجي کيسي مان سؤ سؤ روپين جي نوٽن جي هڪ ٿبي ڪڍي منهنجي اڳيان رکيائين، ”سائينءَ چيو آهي ته في الحال اوهان کي پنج هزار روپيا موڪليون ٿا، اوهين ڪم شروع ڪري ڇڏيو، ٻيا به گهربل پئسا اوهان کي موڪليندا رهنداسون. ڪتاب اوهان کان لڪچوريءَ گهرائي وٺنداسون، ڪنهن به طريقي سان.“

هيءَ ڳالهه ٻڌي مون کي ڏاڍو دک ٿيو، جڻ ڏڏڪو اچي ويو. پيغام آڻيندڙ کي چيم، ”اَدا، سائينءَ کي چئجو، ڪتاب جي خرچ لاءِ پيسا موڪلڻ جي اوهان کي ضرورت نه آهي. مان هٿ پيسن جو بندوبست ڪري وٺندس ۽ هيئنئن ڪريو جو هيءَ پنج هزار به کڻي هڙ ۾ ٻڌو، موٽائي سائينءَ کي وڃي ڏجو ۽ کيس خاطري ڏجو ته سندس ڪتاب ڇپجي ويندو، بلڪل بي فڪر رهي.“ قاصد پيسا واپس وٺڻ کان انڪار ڪيو ۽ فرمايو ته ”هيءَ اَمانت هاڻي اوهان جي آهي. موٽائي کڻي وڃندس ته سائين ڏمر ڪندو. باقي اوهانجو نياپو کيس ضرور پهچائيندس.“

اهو پستڪ ”سنڌوءَ جي ساڃاهہ“ پهرين پستڪ کان وڌيڪ تفصيلي هئو ۽ سنڌ تي ڇپجي هڪ وڏو مڪمل گرنٿ هئو، جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ، تهذيب، ڌرم، فلاسافي، راڄنيتي وغيره تي هڪ مڪمل دستاويز هئو ۽ خاص طور پاڪستان جي برپا ٿيڻ کانپوءِ سنڌ جن تڪليفن ۽ عذابن مان گذري آهي، انهن جو خلاصو ڪيل آهي ۽ سائين، جنهن سنڌ سان بيحد پريم ڪيو آهي، تنهن ڪي ڪيترين تڪليفون ڏسڻيون پيئون آهن ۽ سنڌ جي آئيندي لاءِ سنڌ جو جيڪو سپنو سائينءَ ڏٺو آهي ۽ جنهن لاءِ سڄي عمر لڙيو آهي ۽ سختيون ڏٺيون اٿس، انهيءَ سنڌ جو هڪ سندر تصور بہ ڏنو اٿس.

هن ڪتاب ڪي ڇپڻ ۾ مون ڪي ڪا تڪليف ڪانہ ٿي، جيتوڻيڪ ان زماني ۾ ٢٥-٢٠ هزارن جي لاڳت هڪ وڏو مسئلو هئو. دوستن ۽ سنڌ جي چاهڪن ڪي هڪ وينتي پتر لکي موڪليم تہ ”هڪ طخفو مون وٽ آيل آهي، پنج-ڇهہ سؤ صفحن جو ڪتاب ڇپيو آهي، جنهن جي قيمت پنجاهہ ڪن روپيا ٿيندي، پر ڇپڻ کان اڳ اُن جي قيمت ٢٥ روپيا ٿيندي، جيڪو اڳواٽ موڪلي ڏيندو، تنهن ڪي پوسٽ رستي ڪتاب ملي ويندو.“

ڀارت ۾ وطن پرستن وٽان ڏاڍي سني موٽ ملي. ڇپجڻ کان اڳ ٢٥ روپين جا مَني آرڊر ڌڙاڌڙ ايندا ويا. ڏاڍو حوصلي وارو اُتر مليو. ڪن تہ ٻن ٽن ڪتابن جو بہ آرڊر موڪليو. ٽن سؤ ڪتابن جو وڪرو تہ ڇپائيءَ کان اڳ ئي ٿي ويو. اهڙن موقعن تي هري موٽواڻي ’سنڌي‘، ”ڪونج“ مخزن جو مالڪ پڻ ڏاڍو مددگار ٿيندو آهي. ڪتاب ڇپائي ڏيڻ جو بار بہ کڻي ورتائين. ڪم راس ٿي ويو. مون ڪي پوري يادگيري نہ آهي تہ ڪيس پورا پيسا الائي مليا يا نہ. ڪتاب اسان جي هٿن ۾ اچي ويو، جنهن جون ڪاپيون ٿوريون ٿوريون ڪري، سنڌ پهچائي ڏنيوسين، جتي وري ڪتاب ڪي زيروڪس ڪري سوَن مان هزار ڪاپيون تيار ڪرايون ويئون ۽ ائين ڪتاب سڄي سنڌ ۾ ڦهلجي ويو ۽ جتي ڪٿي ڪتاب جي چرچا هئي.

هڪڙو ٻيو ڪتاب بہ هئو، جيڪو سائينءَ انگريزيءَ ۾ ’اي نيشن اِن چينس - سنڌو ديش“ (A Nation in Chains ... Sindhu Desh) جي نالي سان لکيو هئو، جو سنڌ ۾ ڪنهن لڪل پريس مان ١٩٧٤ ۾ شايع ڪيو ويو هئو. سائينءَ هڪڙي ڪاپي مون ڪي موڪلي، نياپو ڪيو تہ ان ڪي هت هندستان ۾ ڇپايان ۽ ڪاپيون ڀارت جي پارليامينٽ جي ميمبرن ۽ سياسي پارٽين جي اڳوانن ڪي موڪليان. ڪتاب جنهن نموني سنڌ ۾ ڇپيو هو، هڪ

تہ پنو ۽ ڇپائي بلڪل سادي هئي ۽ ٻيو تہ وشيہ جو بہ ڏاڍو لنبو وستار ڪيو ويو هئو. مون ٻنهي خامين جو تدارڪ ڪري ڪتاب کي تورو گهٽائي، سُٺي ڪَوَر ۽ نئين سِري سان **''اي ڪيس فار سنڌو ديش''** جي نالي سان ڇپائي، پارٽ جي پارليامينٽ جي ميمبرن ۽ *راڄنيتي* پارٽين جي مکيہ سرڪردن کي موڪلي ڏنو، جيڪو ايڏو مقبول ٿيو، جو اڄ بہ انهيءَ پستڪ لاءِ گُهر ٿيندي آهي، جيتوٽيڪ صفا خلاف ٿي ويل آهي. ڪن اَهم شخصن جي عرض تي ڪتاب سڄي جو سڄو اُتارو (زيروڪس) ڪري موڪلي ڏيندو آهيان.

سائينءَ جو هڪ ٻيو بہ ننڍڙو پستڪ **''سنڌ جي ڪهاڻي سيد جي زباني''** بہ مون ڇپايو (١٩٧٥)، جنهن ۾ سائين **''بزم صوفيائي سنڌ''** جي پليٽفارم تان جيڪي تقريرون ڪيون هيون، تن کي مجموعي ۾ گڏي پارٽ ۾ ڇپايوسين.

سائين جي.ايم. سيد جا ڪتاب هندستان ۾ ڇپائڻ هڪ وڏو ڪارنامو هئو، جنهن منهنجا سائينءَ ۽ سنڌ جي آزاديءَ جي هلچل سان سنبنڌ مظبوط ڪري ڇڏيا. ٻئي طرف سنڌ وارن وطن پرستن کي پڻ آٿت مليو تہ هو پنهنجي آزاديءَ جي هلچل ۽ جدوجهد ۾ اڪيلا نہ آهن، تہ هندستان ۾ پڻ ڪي سندن پائر ساٿي انگ سنگ آهن. سڏ تي سڏ ڏيڻ وارا آهن. سندن سڏ جو پڙاڏو سرحد پار ڪري سندن پائرن ۽ ڀينرن جي ڪنن تائين پهچندو، هنن کي سڄاڳ ڪندو. اُتان اُتر ضرور ملندو ۽ ان حقيقت مان وشواس ۽ ڀروسو پائيندا تہ هو پنهنجي زنده رهڻ جي ڪوشش ۾ اڪيلا نہ آهن. سڏ ٻڌڻ وارا سندن رت جا پائر ضرور سندن سڏ کي اونائيندا. سندن واڪا رڻ ۾ رُلي نہ ويندا. سڏ جو پڙاڏو اَوس ٿيندو. اِهو قدرت جو اٽل نيم آهي.

اِهو ئي ڪارڻ آهي، جو جڏهن بہ سنڌين سان، سنڌ جي ڪلاڪارن سان ناحق ٿيو آهي، مٿن ظلم جو گهوڙو ڊوڙايو ويو آهي، زبردستي ٿي آهي تہ اِهي واڪا سرحد پار ڪري هندستان جي سنڌين وٽ پهتا آهن ۽ انهن کي بي آرام ڪيو اٿن.

مون کي ياد ٿو اَچي تہ پاڪستان جي شروعاتي سالن ۾ (١٩٥٥) اولهہ پاڪستان جي چئن ٻوليوار پرانتن، سنڌ، پنجاب، فرنٽيئر ۽ بلوچستان جي الڳ هستيءَ کي ڊاهي، اولهہ پاڪستان کي ''هڪ انگ'' (One Unit) ڪيو ويو، جنهن جي سنڌ ۾ گهٽي ۾ گهٽي

ويا. مان پنيان رهيس تہ ڪو بہ اڻوٽندڙ واقعو نہ ٿي پوي. مظاهري کي ڇڙوڇڙ چوڻ کان اڳہ خوب نعريبازي ڪئيسين. مون هڪ ننڍي تقرير ۾ پاڪستاني اختياريءَ وارن جي زيادتي ۽ ديڙدوس کي سخت اکرن ۾ ننديو. ٿوري وقت ڪانپوءِ واپس روانا ٿياسون.

اِهو پهريون موقعو هئو، جو سنڌ وارن پائرن سان همدرديءَ جو اظهار ڪري، اسين ڏاڍو خوش هئاسون. انهن جي اعتراض ۾ اسان پنهنجو سُر بہ ملايو هئو. سندن عمل ۾ اَسين بہ شامل ٿيا هئاسون. اِهو اسان جو پهريون اظهار هئو، عمل جو قدم هئو.

سنڌ ۾ ”هڪ انگہ“ (One Unit) خلاف هلچل ايترو تہ بغاوتي رخ ورتو هئو، جو سوين شاگردن پاڻ گرفتار ڪرايو ۽ جيل پريا. ڦٽڪا ۽ ٻيون سزائون هموار ڪيائون. ڪاليجن ۾ شاگرد سنسڪائون برپا ٿي ويئون. ”ڄامشوري“ ۾ سنڌ يونيورسٽي هڪ ڳڙهہ، مضبوط مورچو بڻجي پيئي. پوليس جون سنڌي شاگردن سان چڪريون وڌي ويئون. سنڌ يونيورسٽيءَ جي چوڌاري ڪنڊن واريون تارون لڳايون ويئون. ڄامشوري، سنڌ يونيورسٽيءَ جي مکيہ هال ۾ فوجي ڪورٽ چالو ڪئي ويئي ۽ شاگردن کي ترت ڪيس هلائي سزائون ڏنيون ويئون.

فوجي راڄ خوني چنبي سان قائم ٿي چڪو هئو. ٧ آڪٽوبر، ١٩٥٨، گورنر جنرل اسڪندر مرزا پاڪستاني جوڙجڪ کي خارج ڪري باقاعدي جنرل ايوب خان کي فوجي سرڪردو ٺهرائي سڀ اختياريون سندس حوالي ڪري ڇڏيون ۽ ننگو فوجي راڄ قائم ڪيو ويو.

ان زماني جي فوجي ظلم جي ننگي ناچ جو هڪڙو واقعو مون کي ياد ٿو اچي. سنڌي شاگردن ۽ مهاجر (ٻاهران آيل) شاگردن جي وچہ خوب چڪريون لڳنديون هيون. تن ڏينهن ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر هڪ پڪو سنڌي حب-ال-وطن مسٽر حسن علي رحمان هئو، جيڪو غير-سنڌي مهاجر شاگردن جي اکين ۾ چڀڻ هڪ ڪنڊو هئو. هنن سندس خلاف هڪ مهم هلائي هئي تہ هو هڪ سنڌي پرست آهي ۽ پٽي جو حمايتي آهي. سندن مُراد هئي تہ سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر هڪ غير سنڌيءَ کي مقرر ڪرائي، الوليون ماٿين - نہ قانون، نہ بندش، نہ امتحان، ۽ نہ نتيجا.

سنڌي شاگردن ههڙي نادرشاهيءَ خلاف وڏو اعتراض اُٿاريو ۽ هڪ وڏو مظاهرو ڪرڻ لاءِ سوچيو. ان مراد سان قومپرست شاگردن يونيورسٽيءَ

مان چار-پنج بسيون اغوا (يرغمال) ڪري جدا جدا ڪاليجن مان شاگرد ڪڍندا، ڄامشوري ڪئمپس مان ٽيندا، ڦليلي پُل تي پهتا، جتان حيدرآباد شهر جي وچ تي مظاهرا ڪري سگهن. پُل تان چڙهي، جيئن هيٺ لٿا، (پُل ڪئمپس ۽ شهر جي وچ تي آهي) تہ ٻئي طرف فوجي دستا سندن لاءِ تاڙ ۾ بيٺا هئا. جئن ئي بسيون پُل تان هيٺ لٿيون تہ پاڪستاني فوجي شڪاري ڪتن وانگر وڃي مٿن پيا. شاگردن کي ڇڪي هيٺ لاٿائون ۽ پوءِ لٺين ۽ بندوقن جي ڳنن سان مٿن بي رحميءَ سان سٽڪا ڪيندا ويا ۽ ڪين اڌ مئو ڪري ساڳين بسين ۾ اُڇليندا ويا. انڪل اَڍائي سؤ شاگردن کي، اٺين ڪاساين وانگر ماري ساڳيون بسيون ڀري اچي حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ ڪين قلو ڪيائون. ڪن جا تہ هڏ گڏ ڀڄي پيا هئا. ڪن جي ڦٽن مان رت وهي رهيو هئو. پر هنن نردين انهن جي ملم پٽيءَ جو بہ انتظام ڪونہ ڪيو. انهن کي جيل جي ڪمپائونڊ اندر اُڇلي بي رحم سپاهي ڏنڊ ٽيڙيندا هليا ويا. شاگردن جي مائٽن کي بہ اطلاع ڪونہ ڏنو ويو. ڪافي ڏينهن هو جيل ۾ پيا هئا. پوءِ ڄاڻ ملڻ تي، شاگردن جا رشتيدار وڪيلن جي معرفت ضمانت جون درخواستون ڏيئي، پنهنجن پيارن کي آزاد ڪرائيندا ويا. سنڌ ۾ اِهو ڏينهن ۴ مارچ، ۱۹۶۷، ”ڪارو ڏينهن“ ڪري ملهايو ويو هئو ۽ هاڻي سنڌي شاگردن جو قومي ڏينهن قرار ڏنو ويو آهي.

انهيءَ وحشي بي شرميءَ آڻي باقي بہ سنڌي شاگردن جو پاڪستاني راڄ مان وشواس ڪڍي ڇڏيو، جنهن ڪري ڪيترا ئي شاگرد ملڪ ڇڏي ڪنهن نہ ڪنهن بهاني وڃي وديشي ملڪن ۾ پهتا، جتي هنن نہ صرف پنهنجي تعليم لاءِ هٿ پير هلايا، بلڪ سنڌ جي غيرت جو جهنڊو بہ بلند ڪيو ۽ پاڻ ۾ گڏجي جماعتون ٺڙيون ڪيون. سنڌ جي آزاديءَ لاءِ تمنا ۽ ساهس جاڳايو ۽ ٻئي طرف دهشتگرديءَ جا واقعا بہ سنڌ ۾ وڌندا ويا.

پاڪستان جي سياست جا پردا بہ ٽڪرا ٽڪرا ٿيندا ويا. ”هڪ انگ“ (One Unit) خلاف هلچل سڄي پاڪستان ۾ پکڙجي وئي، پنجاب جي صوبي کي ڇڏي. لاچار ”ايوب خان“ کي پنهنجو سر بچائي ڀڄڻو پيو. ”يحيٰ خان“ جي مٿان ڊڪٽيٽر جو ڇٽ اُڇلائي، هو تاريخ جي منچ تان غائب ٿي ويو، جئن اڪثر ڊڪٽيٽرن جو انت ٿيندو آهي. يحيٰ خان پهريون دفعو پاڪستان ۾ صاف سٿريون چونڊون ڪرايون، جنهن ۾ عام لوڪن کُلي راءِ ووٽ ڏنو (۱۹۷۰). اوڀر پاڪستان ۾ مجيب رحمان جي

عوامي مسلم ليگ نوانوي سيڪڙو ڄڀيون کٽي آئي. پر اولهہ پاڪستان ۾ ڀٽي جي مسلم ليگ کي گهٽائي ملي، جنهن ڪري سوال اُٿيو تہ پاڪستان ۾ ڪير سرڪار ٺاهي. حق تہ مجيب رحمان جو هئو. هن کي گهرائي سرڪار ٺاهڻ لاءِ چوڻ گهربو هئو، پر پنجابي فوجي ڊڪٽيٽرشاهي بنگالي اڳوان کي ڪٽي ٿي مڇي. هيڪاري ڀٽي جي چرچ تي مجيب کي گرفتار ڪيو ويو ۽ بنگال ۾ ”جوءِ بنگلا“ نعري سان بغاوت شروع ٿي ويئي. باقي تہ سڀ تاريخ جو حصو آهي. ٽيهہ لک بنگالين کي موت جي گهاٽ اُتاريو ويو. ٽي لک عورتن جو ست لُوڙيو ويو، سوين ٻڌيمانن کي قتل ڪيو ويو، جنهن بيگناهہ خون ۽ عام جي قربانين مان نئين ديش **بنگلاديش** جنم ورتو. سائين جي. ايم. سيد، باغي شاعر شيخ اياز ۽ ٻين ڪيترن سنڌي اڳوانن بنگلاديش جو خيرمقدم ڪيو ۽ ان جي پٺڀرائي ڪئي، واڌايون موڪليون.

اتهاسڪ ڪارنامو اِهو ٿيو، جو ١٩٧١ جي جنگ ۾ پاڪستاني فوج جو ڪرنگهو ٽُٽي پيو ۽ پاڪستان جي ننڍين قومن - سنڌي، بلوچي ۽ پختونن ۾ بہ ساهس پيدا ٿيو تہ پاڪستان جي شڪنجي مان پاڻ ڇڏائي سگهن ٿا. خاص طور ”جوءِ بنگلا“ نعاري مان ”جيئي سنڌ“ جو نعرو ڦُٽي نڪتو. نتيجي طور **متحده سنڌي محاذ**، جنهن جي جهنڊي هيٺ سائين ۽ ٻيا سنڌ پرست هلچل هلائي رهيا هئا، تن جو هڪڙو ميڙ سائينءَ جي جڳهہ - حيدر منزل (ڪراچي) ۾ ١٨ جون، ١٩٧٢ تي گهرايو ويو ۽ نئين سنستا **”جيئي سنڌ محاذ“ ۽ ”جيئي سنڌ نوجوان محاذ“** جو پايو وڌو ويو. ٣١ جولاءِ ١٩٧٢ تي نئين پارٽيءَ جي پڌرائي ڪرڻ ۽ سڄي سنڌ جو گشت ڪري عام ۽ خاص کي احوال ڏيڻ لاءِ سائين سنڌ ۾ ڪاهي پيو. وڏن شهرن ۾ عام ميڙ ڪري پنهنجي پارٽيءَ جي مقصدن ۽ ’سنڌو ديش‘ جي حاصلات لاءِ عام کي سجاڳ ڪيائين. ان سمي ئي سنڌو ديش جي نعري جنم ورتو.

ان ڪانپوءِ سنڌ جي سورن جو ٻيو باب شروع ٿيو. سنڌ سان ظلمن جو داستان هڪ هجي تہ ياد ڪجي. ايڏا تہ قهر ڪيا ويا آهن جو لڱ ٻيا ڪانڊارجن. تاريخ جي ڪنهن بہ دؤر ۾ ڪيل ظلم اگر هنن سان ڀيٽجن تہ ڦڪا پيا لڳن. ٤ مارچ وارو حيواني واقعو تہ مون اڳوات ئي بيان ڪيو آهي. ٻيو بہ اهڙو ئي لُوڙي ڦاٽڪ وارو خونخوار قصو ان کان بہ وڌيڪ ظالماڻو حادثو آهي، جنهن ۾ شاگردن سان ڀريل بسين کي مانجهند شهر ڀرسان لُوڙي ڦاٽڪ وٽ بنا ڪارڻ، بنا اطلاع، بگهڙ فوجين بسين اندر گهڙي

شاگردن مٿان اَنڌا-ڌنڌ گوليبازي ڪئي ۽ پوءِ بسين اندر گهڙي ڪيترن شاگردن جا بندوقن جي ڳنن سان مٿا ڦوڙي، انهن کي بسين ۾ ٻڌي ۽ ستن لاشن (ٻين جي چوڻ موجب چاهيتاليهه لاش) کي سڌو جيل ڏانهن ڪٽي ويا، ڇو تہ فوجين جي پٽريلن کوپڙين ۾ اِهو وهاريو ويو هو تہ ڪنهن هنگامي لاءِ شاگرد اُتر سنڌ جي ڪنهن شهر ۾ وڃي رهيا هئا، ڌاڙا هڻڻ لاءِ.

پاڪستاني حاڪمن جي منڊ کان وٺي ڪنهن مت ماري رکي آهي، جنهن ڪري ڏينهن جا سپنا ڏسندا آهن ۽ رات جو انهن جي شڪار تي نڪرندا آهن. اندر جي خوف ۽ اخلاقي ڪمزوريءَ ڪارڻ هميشه پيا پنهنجي يونيفارم ۾ ڪنبندا آهن. ٿوري مخالفت تي بہ بوکلائجي ويندا آهن ۽ ان کي بغاوت يا سرڪار دشمني قرار ڏيندا آهن ۽ انهن کي ڪچلڻ جا خواب ڏسندا آهن. پهرين هنن اُها ڪٺل، پراڻي، گسيل ۽ ٺوڪيل ٿيئري پنهنجن ڏرم پاين (بنگالين) سان ڪم آندي. اسلام ۽ پاڪستان جي نالي ۾ پنهنجن پائرن بنگالي مسلمانن جو قتلام ڪري (٣٠ لک)، اسلام کي گارو ڪيو ۽ پاڪستان جي بنيادي اُصول جي ٻيڙي ٻوڙي. بعد ۾ بلوچستان جي مسلمانن تي بہ قهر وسايو ۽ حق، اِنصاف ۽ مسلم برادريءَ جي ستياناس ڪئي. ساڳئي نموني سنڌين جا پڻ، گولين جي وسيلي منهن بند ڪرڻ ۾ ڪائي ڪثر ڪانہ ڇڏي اَٿن. پر سچ جي صدا ڪڏهين بہ گولين سان بند ڪانہ ٿيندي آهي. سنڌ جي باغي شاعر اعلان ڪيو آهي :

''سنڌڙي تنهنجي سينڌ سنواريان،
ماٿي ماٿي لايان.``

سنڌ اَندر جيڪو ظلمت جو راڄ قائم ڪيو ويو آهي ۽ وقت بہ وقت خاص سنڌ جي شاگردن تي جيڪي زيادتون ۽ عقوبتون ٿيون آهن، جنهن کان پريشان ٿي ڪيترن ئي شاگردن ڪنهن نہ ڪنهن نموني وجهہ وٺي سنڌ ڇڏي، ٻاهريان ملڪ وڃي وسايا آهن، جتي پنهنجيون خاص سنستائون ڪڙيون ڪيون اَٿن، جن معرفت سنڌ تي ٿيندڙ ناحق خلاف آواز اُٿاريندا رهن ٿا. اِنگلنڊ ۾ ورلڊ سنڌي ڪانگريس (WSC)، آمريڪا ۾ ''سنڌي ائسوسيئيشن آف نارٿ آميريڪا`` (SANA) ۽ ورلڊ سنڌي انسٽيٽيوٽ (WSI)، جي معرفت هيءَ جوان سنڌ سان ٿيل ڏاڍاين کي انترراشٽريہ سطح تي دنيا اَڳيان صفا

ننگو ڪري، سنڌ لاءِ انصاف جي گهر ڪن ٿا. ميڙ ميٽنگون سڏائي پاڪستاني ڊڪٽيٽري راڄ جو سخت ورود ڪن ٿا، پاڪستان سرڪار خلاف انهن انٽرراشٽريہ ادارن ۾ عريضا پيش ڪن ٿا، پردرشنيون ڪن ٿا، پاڪستان خلاف پنهنجو غصو ۽ اعتراض ظاهر ڪرڻ لاءِ وقت بہ وقت پاڪستاني ايلچيخانن اڳيان اعتراضي مظاهرا بہ پيش ڪن ٿا، پوسٽر لڳائن ٿا، نعرا بہ هڻن ٿا تہ 'پاڪستان مرده باد' بہ چون ٿا. مان بہ ڪن اهڙن انٽرراشٽريہ ڪانفرسن ۾ شامل ٿيو آهيان. لنڊن ۾ بہ تہ واشنگٽن ۾ پڻ. سنڌ سان ٿيندڙ ڏاڍائي، ظلم ۽ بي انصافيءَ خلاف تقريرون بہ ڪيون اٿم ۽ نعرا بہ هنيا اٿم ۽ مظاهرن ۾ بہ شامل ٿيو آهيان - هڪڙو دفعو لنڊن ۾ سال جولاءِ ۲۰۰۰ ۽ ٻيو دفعو واشنگٽن ۾ مئي، سال ۲۰۰۱.

گهڻائي دلير سنڌي جوان ۽ جوانڙيون وديشن ۾ ويهي نوڪريون ڪري پنهنجي ڌرتي ماءُ (سنڌ) سان پنهنجي ٿڃ جو قرض چڪائي رهيا آهن، جيتوڻيڪ ڪين ڄاڻ آهي تہ هوُ سنڌ ڏانهن موٽي وڃڻ تي وڏي ويل ۾ ڦٻجي ويندا، پر هنن سِرَ جو سانگو ڪڏهين ڪونہ ڪيو آهي. سِرَ تي ڪفن ٻڌي، هوُ ماءُ سان ناتو نڀاهيندا رهيا آهن. انهن مان ڪي چند دلير جوان ۽ جوانڙيون، جن کي مان سُڃاڻان، سي آهن- ڊا. صفدر سرڪي، ڊا. صغير شيخ، ڊا. اُميد علي لغاري، ڊا. حليم پٽي، ڊا. ثريا مخدوم، مِسز عنبرين هسباٽي، ڊا. رحمان ڪاڪيپوٽا، منور لغاري، ڊا. حدايت پٽو، ڊا. جمال شيخ، ڊا. ربينا شيخ، سلطان مهر، لڪومل لوهاڻو، گيري رائسنگهاڻي. پرديس ۾ هڪ ٻيو سنڌي نوجوان ڊاڪٽر نرنجن دوداڻي بہ سنڌي جوانن سان ڪنڌو ڪنڌي ۾ ملائي بيٺو آهي. مٿين مان ڪي جوان تہ پاڪستاني ستمگرن جون گوليون بہ جسم ۾ کٽي پيا هلن ۽ ڪي سالن جا سال بنديخاني ۾ گذاري پوءِ ٻاهر نڪتا آهن.

سائين جي.ايم. سيد مون تي تمام گهڻا قرب ڪيا آهن. سنڌي نوجوان طبقي ۽ ٻين عام سنڌين تي اِهو اثر وهاريو اٿس تہ مان ڀارت ۾ سنڌو ديش جو 'غير دستوري ايلچي آهيان، ڀارت ۾ ''سنڌو ديش'' جو لاطمع سپاهي آهيان. اگر سنڌ بابت ڪڏهن بہ ڪنهن سوال تي صلاح مشورو ڪرڻو آهي تہ سائين جي.ايم. سيد ڪانپوءِ ٻيو نالو ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو آهي. مان پاڻ ۾ ايڏي سگهہ ۽ لياقت ڪونہ

تو سمجهان جو سنڌو ديش جي اَبي جي.ايم. سيد جي قافلي کي رهنمائي ڏيئي سگهندس. پر اهڙي جوابداريءَ کان پاڻ کي الڳ ڪونہ ڪيو اَٿم ۽ نڪو ان کان ڇرڪيو آهيان. دراصل سنڌ ۾ هجان ها تہ اهڙي ذميواري پنهنجن ڪچڙن ڪُلهن تي ضرور هموار ڪريان ها. پر ”قاتل“ پاڪستاني حڪمران، مون کي پاڪستان اندر رهڻ بہ ڏين نہ!

سائين مون کي پنهنجي مشن جو سفير قرار ڏيئي، سنڌ جي سنڌين سان جوڙي ويو آهي. ان ڳالهہ ڪري سنڌ اندر وسيل توڙي سنڌ کان ٻاهر وسيل سنڌي مون سان روحاني، جذباتي، توڙي راجنيتي لڳاءَ ايترو تہ جوڙي ويٺا آهن، جو گذريل پنجاهہ سالن کان مون سان کُليءَ دل ۽ من سان ڳالهيون ڪندا رهيا آهن. سوال پڇندا رهيا آهن، حال احوال ڏيئي وٺي رهيا آهن، صلاح مصلحتون ڪنديون رهيون آهن. پارٽ جي جدا جدا شهرن مان پڻ مون وٽ، سنڌ بابت، سنڌيت بابت، ’سنڌو ديش‘ بابت خط ۽ نياپا ايندا رهيا آهن. اُنهن ۾ پيار محبت، خلوص جي جذبي سان گڏ، دلجو احوال پڻ هوندو آهي، ڪيترن سوالن تي جواب جي طلب پڻ هوندي آهي. اهڙا سوين خط، گذريل پنجاهہ سالن ۾ مون وٽ ايندا رهيا آهن. مان بہ ڪين اخلاقي ٻنڌن سان جواب ڏيندو رهيو آهيان ۽ خط فائيل ۾ بند ڪندو رهيو آهيان. اٽڪل هزار ڏيڍ ڪن خط منهنجي فائيل ۾ ٿي ويندا، جن ۾ منهنجي سمجهہ موجب سنڌي جاتيءَ جي اڌ صديءَ جو اتهاس ڇٽيو پيو آهي. هلڪو ئي سهي، اڌ صديءَ جو تاريخي چٽر ڇٽيو پيو آهي. چاهيان پيو تہ انهن خطن کي پنهنجن پوين ۽ تاريخ جي چاهڪن لاءِ هنن خطن جو مجموعو هڪ بي بها سوغات ڪري ڇڏي وڃان، جو متان نہ ڪڏهين ڪنهن کي تاريخ جي ورقن ورائڻ جي ضرورت محسوس ٿئي ۽ داستان لکڻ ۾ مدد ملي.

بہ لڱيون ڳالهيون اِهي بہ ٿيون آهن، جو جيڪي، خط ۽ چٺيون مون پنهنجن مترن ۽ ذهين ساٿين کي ان دؤر ۾ لکيون آهن، پنهنجي ليکي يا انهن جي خطن جي جواب ۾، تن جو اُتارو مون پاڻ وٽ نہ رکيو آهي. آهڙن سيني ساٿين کي عريضي موڪلي هيم، تہ هو مون تي قرب جي نظر ڪري اهڙن خطن جو اُتارو موڪلي ڏين. پر افسوس، پورهيو راس ڪونہ ٿيو. هڪ بہ خط موٽ ۾ واپس نہ آيو آهي. ڪنهن کي ڏوهہ ڏيان، پاڻ کانسواءِ؟ پنهنجي ڪئي جو نہ ويچ، نہ

طبيب! ٻي ڳالهه اِها بہ ٿي آهي، جو سنڌ جي ڪن محب-وطن هستين- جي.ايم. سيد، سوڀو گيانچنداڻي، شيخ اَياز، حشو ڪيولراماڻي، حيدر بخش جتوئي وغيره جا بہ خط مون وٽ هئا. پر ڪيئن ٽڙي پکڙي ويا، سا بہ ڄڃهارت سلي نٿو سگهان ۽ پاڻ کي ڏاڍو خطاوار پيو سمجهان.

سائين جي.ايم. سيد ”جيئي سنڌ“ تحريڪ جو چپر-چانوَ هئو. ڪانئس پوءِ ٻيو نمبر نوجوان طبقي جو سپہ سالار ۽ مظبوط عمل جو ڌڻي هئو، عبدل واحد آريسر، جيڪو قدرت جو هڪ عجيب اسرار آهي. سندس جينس ۾ ڪجهہ اڏيت مواد آهي، ڪا غيبي رَتي آهي. غريب ڳوٺاڻي گهر ۾ جنم ورتائين. ڪا وڏي تعليم بہ ڪانہ پرايائين. نڪو ڏگرين جا پُڇ ٻڌائين. مائٽن ڪيس مسجد جي حوالي ڪري ڇڏيو هئو، جتان وڏندو مسجد جو امام بڻيو. اُردو ۽ سنڌيءَ ۾ ڏاڍو اَيپاس ڪندي، هو روشن ذهين بہ ٿيو. خوب تقريرباز بہ بڻيو ۽ پرچارڪ ٿي پيو. سندس جينس ۾ اڳواڻي / رهبريءَ جا عناصر وڏڪ هئا ۽ جڏهين سائينءَ جهڙي شخصيت کي ويجهو آيو تہ ”جيئي سنڌ“ هلچل جو رنگ لڳي ويس ۽ ان سان جُڙي ويو ۽ جلدي ئي ان جو اَول صف اڳوان بڻيو. سندس سچائي، وفاداري، برجستائي، ۽ دلي همٿ ڪري، سائينءَ پنهنجي جيئري ئي ڪيس واڳون ڏنيون. سائين منهنجي باري ۾ پڻ آريسر کي خاطري ڏني هئي تہ ڪيرت اسان جي عقيدت وارو ماڻهون آهي ۽ هو ڪلي دل سان مون سان ڪنهن بہ ڳالهہ تي حالي احوالي ٿي سگهي ٿو.

هڪڙي ڏينهن ڪنهن جي معرفت مون وٽ نياپو پهتو تہ عبدل واحد آريسر اوهان سان فلاڻي هنڌ تي، فلاڻي تاريخ تي فلاڻي بجي ملڻ ٿو چاهي. اُتي اوهانجو انتظار ڪندو. اهڙين مخفي گڏجاڻين جو منهنجو پهريون موقعو هئو. اِهو جاڻايل هنڌ، بمبئيءَ کان پري راجستان جي ڪنهن وارياسي شهر جو نالو هئو.

مان مقرر تاريخ جي آسپاس، ان شهر ۾ پهچي ويس. هڪ پروسي جوڳي دوست وٽ وڃي لٿس. ڪيس سربستي ڳالهہ ڪري ٻڌايم. هن خاطري ڏياري تہ اِها معمولي ڳالهہ آهي. فلاڻي هنڌ وٽان روزانو ڪيترا شخص سرحد پار ڪري ايندا ويندا آهن. رواجي طرح هنن جو جيڪو گس آهي، سو جهلي ٿا هلي بيهون. ملڻ وارو همراهہ

اڇي پهچندو. ماني کائي اسين وڃي سندس وات جهلي بيناسون.
وارياسو علائقو هئو، ٿڌي هوا پئي لڳي. سيائو آسانجي بدن ۾ وڌندو
رهيو. ٽارچون اسان جي هٿن ۾ هيون. وري وري پئي ٻاريوسين ته
پريان ايندڙ همراهه کي اسان جي هجڻ جو اُهڃاڻ ملي. چوڌاري
اونڌه انڌڪار هئو. اسان جا پير به ٿڌا ٿيڻ لڳا هئا. ٻه - اَڍائي
ڪلاڪ اِئين سيءَ ۾ بيهي ٿڪجي به رهيا هئاسون. مون کي ان ڪان
وڏيڪ ايندڙ همراهه جي سلامتيءَ جو فڪر ٿي رهيو هئو ۽ ڌپ ويڙهي
رهيو هوم. منهنجي دوست آٿت ڏيندي چيو، ''ڌپ ڪرڻ جي ڪا
ضرورت نه آهي. ٽي ڪارڻ ٿي سگهن ٿا - يا ته اوهان جي دوست،
ڪنهن ڪارڻ انهن ڏينهن جي وچ ۾ سرحد پار ڪرڻ جو خيال لاهي
ڇڏيو هجي، يا ڪراس ڪرڻ ڪانپوءِ سرحد تي تمام سخت پهري جي
موجودگيءَ ۾ اڳتي وڌڻ جو جوکم کڻڻ صلاح پريو نه سمجهيو هجي يا
ته وري اِئين به ٿي سگهي ٿو ته ڪراس ڪرڻ ڪانپوءِ سرحد تي ڀارت
جي سرحدي پوليس جي هٿ چڙهي ويو هجي ۽ کيس روڪي رکيو
هجائون. هوُ کيس گولي هڻي ماري ڪونه ڇڏيندا. پڇا ڳاڇا لاءِ
دهليءَ وٺي ويندس. مون کي آٿت ملي ويو. مان موٽي بمبئي واپس
آيس. بعد ۾ احوال مليو ته سرحد پار ڪرڻ ڪان اڳ ۾ ئي پاڪستان
واري پاسي بينل پوليس کي شڪ پئجي ويو هئو ۽ سندس پٺ ورتي
هئائون. هنن ڪان بچڻ لاءِ هوُ هڪڙي ڪڏ ۾ ٽپي پيو هئو ۽ هنن جي
چرپر تي ڪَنُ رکي ويٺو رهيو. ڪلاڪ ڏيڍ ڪانپوءِ کيس محسوس ٿيو ته
پوليس جڪ ماري موٽي وئي آهي. پر آريسر کي پرون پئجي ويا ته
اُهو ڏينهن سندس لاءِ سڀاڳو نه هئو ۽ گپ چڪ ۾ ڪلاڪ ڏيڍ ويهي،
سندس ٽنگن مان ست به نڪري چڪو هئو. سرحد جا ٻه ٽي ميل واريءَ
۾ پنڌ ڪري ڀارت جي سرحد تائين پهچڻ هڪ ته خطري ڪان خالي
نه هئو ۽ ٻيو ته اگر پنڌ نه ڪري سگهي ها ۽ بيهوشيءَ جي حالت ۾
ڌهي پوي ها ته پڪ ئي پڪ جهنگلي مرن جو شڪار ٿي وڃي ها.

هڪڙي ڏينهن مان گهر ۾ ويٺو هوس ته هڪڙو سنهڙو ۽ لنبو
جوان ''جيئي سنڌ'' چئي گهڙي آيو. مون سان هٿ ملائيندي
چيائين، ''ٻاٻاٽي سائين، هيءُ بندو آريسر آهي. افسوس اٿم جو
اُنهيءَ ڏينهن اوهان سان ملاقات ڪانه ٿي سگهي.''

”مون کي اندر اچڻ ڏيو. مان سنڌ کان آيو آهيان. اوهان سان ڳالهيون ڪرڻيون آهن. جلدي ڪريو، وقت نہ وڃايو.“

مون کي سندس آواز ۾ صداقت تارون-تار پريل لڳي. در کوليم تہ هو اندر اَچي کٽ تي ويٺو. ہ مهنا اڳہ ۾ جيڪو ڀيانڪ واقعو حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو هو، جنهن ۾ سنڌ جي جوانن هڪئي وقت پنجن هنڌن تي شاهي بازار ۾ مونرن ۾ اچي قاتلانہ حملو ڪيو هئو ۽ هڪئي وقت اَڍائي سؤ مهاجرن (ٻاهران آيل پاڪستانين) کي موت جي گهاٽ اُتاري ڇڏيو هئو ۽ پوءِ هو رفوچڪر ٿي ويا هئا. اُن موتمار حملي ۾ ڪن وطن دوست ڊاڪٽرن - قادر مگسي، ڊاڪٽر دودو مهري ۽ ڪن ٻين بہ اَڳرو رول اَدا ڪيو هئو. ڪن جو چوڻ هئو تہ ڦنن، ڪن ڊاڙيلن کي پڻ ”سنڌ جو قسم“ ڏيئي ان ۾ ڀاڱيدار بڻايو هئو، ڇاڪاڻ تہ مهاجرن سنڌ جي اَبوجهہ سنڌين مٿان ڏاڍو ظلم ڪيو هئو، ڪين لٽيو ۽ ماريو هئو، گهرن کي باهيون ڏنيون هيون، ملڪيتون ۽ لڄون ڀڃائي ڪٽي ويا هئا. شهر ۾ هائيندو مچائي ڇڏي هئائون، جنهن ڪارڻ ڪيتريون سنڌي فئمليون حيدرآباد ڇڏي ڀڄي نڪتيون هيون. گهڻي وقت کان اِهو قهر جو ڪم ٿيندو آيو هئو. اهڙا دل ڏاريندڙ قصا ٻڌي ڪيترن نوَجوانن جي غيرت ڀڙڪو کاڌو هئو. اهڙي ڪميٽي هلت خلاف سنڌي جوانن گڏجي حملو ڪيو هئو. هٿيار بند پنج گاڏيون همت وارن جوانن سان ڀري حيدرآباد جي شاهي بازار ۾ ڪاهي پيا هئا ۽ اڍائي سؤ مهاجرن کي گهٽين ۾ قتل ڪري ڇڏيائون ۽ پوءِ هو ڀڄي نڪتا.

انهن غيرت وارن سنڌي جوانن ۾ هڪڙو هيءُ بہ هئو، جيڪو منهنجي اڳيان ويٺو هئو. موت جو وارنٽ سندس مٿان لٽڪي رهيو - ”جتي ڏسو، اُتي ماريوس“ جو حڪم مٿس جاري هئو. مون کانئس نالو ڪونہ پڇيو. ضروري ڪونہ هئو. چيائين، ”سنڌ مان ڀڄي نڪتو آهيان. پاڪستاني يمدوت منهنجي پٺيان آهن. اَجوڪي رات اوهان وٽ رهندس. صبوح ٿيڻ کان اڳہ نڪري ويندس ... وري ڪنهن ٻئي هنڌ ...“ دل ئي دل ۾ هن دلير شخص کي سلام ڪيم ۽ فخر جو احساس دل ۾ سانڍي رکيم تہ هن جوان کي ڪڏهين نہ ڪڏهين ڳولهي لهندس. ٻن مهنن کان هو سنڌ جي الڳ شهرن ۾ مٿو لڪائي، پوءِ وجهہ وٺي سرحد پار ڪري ڀارت ۾ پناهہ لاءِ اچي پهتو هئو. پنهنجي

رت جي اهڙي حالت تي دل ۾ ڏاڍو سور محسوس ڪيم.

مهڙ واري ڪمري ۾ سيٽي پيئي هئي. ان تي به گديون به هيون، سي ڪٽي ڪيس وهاڻي لاءِ سيرانديءَ کان ڏنم ۽ چادر لاهي پيرانديءَ کان رکيم ته متان نه صبوح ويلي ٿڌڪار محسوس ڪري. ان وقت اندر ڪمري ۾ وڃي سويتا کي خوفزد ڪرڻ نه ٿي چاهيم. اندر موٽي آيس ته سويتا چيو، ”ڏاڍي دير لڳايو، ڪا خاص ڳالهه هئي ڇا؟“ مون چيو، ”ڪو شخص اِنڪواري ڪرڻ آيو هئو. “ڇا جي انڪواري؟“ مون چيو، ”معمولي ڳالهه هئي. هينئر سُمهي پوءُ. صبوح جو سربستي ڳالهه ڪري ٻڌائيندوسانءِ.“ هن کي ته آڌت اچي ويو ۽ چادر تاڻي، ڍڳهي ٿي، سُمهي پيئي. پر مون کي گهڻي دير تائين ننڊ ڪانه آئي، سوچيندو رهيس. اونڌه ۾، اکيون ڇت ۾ وجهي ... سنڌ جي اهڙن دليرن بابت، جيڪي سِرُ تِريءَ تي رکي، ڪفني سِرَ تي ٻڌي، ”شوٽ آئوٽ“ جو آرڊر ٻُڌيءَ ۾ وجهي، پنڪي رهيا هئا. منهنجو سِرُ صفا اوچو ٿي ويو؛ سنڌ جي سپوتن اڳيان جُهڪي ويو، جيڪي ماتا جو قرض چڪائڻ لاءِ پنهنجو سر به ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويا آهن ته پوءِ مون کي اُداس ٿيڻ جو ڪهڙو ڪارڻ آهي؟“ جنگ جو بيوگل ته وڃي چڪو آهي. لبيڪ لبيڪ چئي اسان کي به شامل ٿيڻو آهي، تنهن لاءِ ارادي جي قوت ۽ دل جو حوصلو جمع ڪرڻو آهي ... الائي ڪيڏي مهل ننڊ اچي ويئي.

صبوح جو ذهن ۾ تازو توانو پر ننڊ پوري نه ڪرڻ ڪارڻ شرير ۾ ٿڪل، جهٽڪو ڏيئي اُٿي وينس ته ڪٽي سويتا نه ڀرين اُٿي پوي ۽ ڪنهن ڏارئي شخص کي ٻاهرين ڪمري ۾ سُتل ڏسي هراسجي نه وڃي. واقعي، جيئن چيو هئائين ته صبوح ٿيڻ کان اڳ ئي روانو ٿي ويندس. هو پنهنجي وچن تي قائم رهيو هئو. ۽ ڪجهه به ٻڌائڻ / چوڻ ڪانسواءِ نڪري ويو هئو. پر مون کي پاڻ تي ڏاڍو افسوس ٿيو. جو هڪ انقلابي مهمان منهنجي گهر مان بنا چانهه-پاڻيءَ جي روانو ٿي ويو هئو.

پوءِ جڏهين حالتون بهتر ٿيون ۽ اُهو جوان اسان جي گهر آيو هئو. جڏهين سويتا کي انهيءَ جوان ڏانهن اشارو ڪري، ان رات واري واقعي جو احوال ٻڌايو هوم ته حيرت ۾ چيو هئائين : ”هڙو ڳڀرو ۽ سهڻو جوان موت سان کيلڻ لاءِ تيار ٿي پنهنجو وطن ڇڏي، هتي

پتڪي رهيو هئو.`` مون چيو : ''اِها ذات آهي سرويچن جي، وطن مٿان سر جو داءُ لڳائيندڙن جي.`` پوءِ هن سان ويهي فوٽو به ڪڍايوسون - اج به اُهو فوٽو اسان جي گهر ۾ آهي. اَڄ به مان اُن دلبر سنڌي جوان جو نالو لکڻ نٿو گهران، ڇو ته جيستائين پاڪستان ۾ ڪٽرپرستن جو راڄ آهي، اهڙا وطن دوست هميشه خطري ۾ رهندا ايندا.

اهڙا هيا به ڪيترائي جانفشانيءَ جا واقعا، گذريل اڌ صديءَ ۾ ٿي گذريا آهن. ڪيترا سنڌي جوان ۽ جوانڙيون جيلن ۾ سالن جا سال سڙيا آهن، شوٽ ڪيا ويا آهن، يا جيلن اندر دفنايا ويا آهن. ديش جي آزادي اهڙيون ئي قربانيون گهرندي آهي.

''شهيدون ڪي چتائون پر لگينگي هر برس ميلي،
وطن پر مرني والون ڪا يهه نام نشان هوگا.``

..... ..... .....

اُهو به وقت هئو، جڏهين 'جيئي سنڌ' جو نعرو ۽ ''سنڌو ديش`` جي گونج سڄي سنڌ، بلڪل سڄي سنسار ۾ ڦهلجي ويئي هئي. جتيَ ڪٿي سنڌي ''سنڌو ديش`` جا سپنا لهڻ لڳا هئا. سائين جي.ايم. سيد جو جهنڊو چوڏاري ڦهلجي ويو هئو. پاڪستاني حڪمران پنهنجي ئي ڊپ ۾ ٿرٿرائي رهيا هئا. ايتري قدر جو جڏهين مون ١٩٧٩ ۾ سنڌ وڃڻ لاءِ ويزا جي درخواست ڪئي هئي ته پهرين ته بيخبريءَ ۾ ويزا مون کي گرانٽ ڪيائون ۽ پاسپورٽ تي ويزا جي مُهر لڳائي، پاسپورٽ منهنجي دوست موهن پنجابيءَ کي هٿ ۾ ڏنائون. هن ڪلاڪ کن ويٺي ويزا آفيسر سان سندس ٽيبل تي يٽ شٽ هنيا ته کيس شڪُ ٿيو ۽ جڏهين هو موٽي ڪمري ۾ آيو ته موهن پنجابيءَ کان پاسپورٽ واپس ورتائين ۽ ويزا واري پرمٽ تي ڳاڙهي مس سان ڪراس ڪري Cancelled لفظ لکي، کيس منهنجو پاسپورٽ واپس ڏنائين. پاڪستان وٽان اِهو مِليل يادگار طحفو مون اڄ تائين پاڻ وٽ سوگهو ڪري رکيو آهي.

ڪيترن ئي سڄڻن / دوستن مون کي هميشه پئي روڪيو آهي ته مان پاڪستان ڪنهن به صورت ۾ نه وڃان، ڇو ته پاڪستاني حاڪمن مون کي پنهنجو دشمن اَول ڪري ظاهر ڪيو آهي ۽ جي مان پاڪستان ويس ته صحيح سلامت ڪونه موٽندس. مون کي يا ته کُلم کُلا ڪن پيشيور خونين هٿان مارائي ڇڏيندا يا ته ڪنهن ميڙ / ميٽنگ يا هوٽل مان اَغوا ڪرائي

(پڇائي) ڪٽي ويندا ۽ پوءِ منهنجو ڪو نشان به هٿ نه ايندو.

مٿين ڳالهه اسان جي هڪ جگري دوست موهن ڪلپنا، سويتا کي لکي هئي ۽ چيو هئائين ته : ”ڪنهن به حالت ۾ ڪيرت کي پاڪستان وڃڻ جي اِجازت نه ڏجانءِ.“ سويتا ان سچ يا ڪوڙ کي اَهڙي ته ڪٽي ڳنڍ ڏيئي ڇڏي هئي، جو جڏهين به منهنجي پاڪستان وڃڻ جي ڳالهه نڪرندي هئي ته گهبرائجي ويندي هئي. هڪ دفعي ته روئي پيئي : ”مون کي وچن ڏي ته تون ڪڏهين به پاڪستان نه ويندين.“ مون ڳالهه کي وٽ ڏيئي چيو هو ته ”مان پاڪستان ڇو ويندس؟ مون کي ته سنڌ ۾ وڃڻو آهي.“ پهريائين ته منهنجو وَٽُ نه سمجهيائين ۽ سانت ۾ ويئي، پر جڏهين سمجهيائين ته به چار مُڪون هٽي ڪڍيائين ۽ چيائين، ”سنڌ به تڏهن ويندين، جڏهين سنڌ پاڪستان ۾ نه هوندي.“ مون چيو، ”تنهنجي وات ۾ گلاب ۽ موتيو پئي!“

”سنڌو ديش“ جي صدا دنيا جي هر ملڪ جي هر سنڌي گهر ۾ وڃي رهي آهي. ”سنڌو ماتا“ جو سنتان جاڳي اُٿيو آهي. گذريل پنجاهه سالن ۾ سوين، بلڪ هزارين خط سنڌي مترن ۽ وطن دوستن وٽان مون وٽ ايندا رهيا آهن، جن ۾ اِها پڪار آهي، اِهو آواز آهي، اِهو نعرو آهي، اِهو پرڻ آهي، اِهائي تمنا سمايل آهي. انهن خطن ۾ سنڌي قوم جي ڌڙڪڻ سمايل آهي. سنڌي قوم جو ارادو آهي، سنڌي قوم جي پياس آهي، پڪار آهي. انهن خطن مان مون چار سؤ ڪن چونڊيا آهن ۽ هن ڪتاب ۾ داخل ڪيا آهن.

مان اُنهن مڙني دلدار دوستن، عالمن ۽ اَديبن جو تهدل شڪرگذار آهيان، جن اڄ صديءَ جي ڏُکن ڏاکڙن ۽ حاضر حالتن جو دل سان ويهي، مون سان حال اوريو آهي ۽ ايترو ئي شڪرگذار آهيان، پنهنجي جِگري دوست هري پنڪج (سُندراڻيءَ) جو، جنهن گهڻي محنت ۽ جفاڪشي ڪري نه صرف مواد کي سوڌيو ۽ سنواريو، بلڪ ڪتاب جي ڇپائي ۽ ٻين واسطيدار ڳالهين جو بار به هموار ڪيو، سو به بنا ڪنهن غرض جي. سندس سرگرم سهڪار ۽ سهيوگ کانسواءِ، هيءُ گرنٿ سچ جي روشني ماڻي نه سگهي ها. مان ڪهڙن لفظن ۾ سندس ٿورا مڃيان؟

هاڻي سنڌ جي آزاديءَ جي تحريڪ انٽرارشٽريه سطح تي اَيري

آئي آهي. آمريڪا، انگلنڊ ۽ يورپ جي ٻين ڪن ملڪن ۾ توڙي عرب ملڪن، دبئي وغيره ۾ 'جيئي سنڌ' جا سپاهي تيار ٿي ويا آهن. يونٽ ڪڙا ٿي ويا آهن. "جيئي سنڌ" تحريڪ "سنڌو ديش" جي نعري تي انٽرراشٽريہ صورت وٺي رهي آهي. سنڌ جي حقن ڪي وٺي، انٽرراشٽريہ ميڙ ٿي رهيا آهن. سميلن ۽ ڪانفرنسون ٿي رهيون آهن - ورلڊ سنڌي ڪانگريس جو ١٣ سميلن، جولاءِ ٢٠٠٤ ۾ لنڊن ۾ ٿي رهيو آهي. اهڙا ١٢ سميلن اڳوات آمريڪا جي الڳ الڳ وڏن شهرن ۾ ٿي گذريا آهن. پهريون ئي سميلن آمريڪا کان ٻاهر لنڊن ۾ ٿي رهيو آهي. حالتون سنيون ۽ اُميدن ڀريون پيدا ٿيون آهن.

١٩٧١ واري ڪاپاري ڌڪ (جنگ ۾ هار) پاڪستان کي اڌوڙي ڇڏيو. هڪ طرف پاڪستان ٻن ٽڪرن ۾ ٽٽي پيو ۽ آزاد بنگلاديش جنم ورتو، ٻئي طرف پاڪستان جو ٻن قومن وارو اُصول، دفنائجي ويو. ڪوڙ ۽ فريب تي بيٺل دعوي سچ ۽ حقيقت اڳيان چڪناچور ٿي ويئي. پاڪستان جا اسلام، مسلم برادريءَ وارا نعرا کوکلا ثابت ٿيا آهن. مسلم پاڪستاني حڪمرانن جا وکا پڌرا ٿي ويا، جنهن سچ، پاڪستان ۾ رهندڙ ٻين ننڍين ڀاشائي قومن - سنڌي، بلوچي، پختون ۽ سيرائڪي ۾ چرپر ۽ احساس پيدا ٿيو تہ پاڪستان، سنڌن لاءِ غلاميءَ جو طوق آهي. سنڌ ۾ جي.ايم. سيد، شيخ اياز ۽ ٻين ڪن معتبر سنڌين بنگلاديش جي جنم جو خيرمقدم ڪيو هو ۽ پنهنجي پنڀرائي ڏني هئي. خود 'جوءِ بنگلا' جي طرز تي "جيئي سنڌ" جو نعرو لڳايو ويو.

بنگلاديش جي وجود ۾ اچڻ ڪانپوءِ، سنڌ جي ماڻهن ۾ هڪ پڪو وشواس ويهجي ويو آهي تہ ڀارت، پاڪستان جي مظلوم قومن جو واهرو ۽ پُشت-پناهہ آهي. پاڪستاني حڪمرانن کي، ١٩٧١ ۾ بنگالين مٿان سِتم ڪرڻ وقت ڀارت جي پرڌان منتري اندرا گانڌيءَ جيڪو چتاءُ پاڪستان کي ڏنو، سا هڪ تاريخي گهٽنا هئي:

"مٿان سمجهو تہ اسان جي پاسي واري ملڪ جي عام مٿان ويل وهايا ويندا تہ ڀارت اکيون ٻوري لاچار بڻجي ڏسندو رهندو. ڀارت جي پرمپرا آهي تہ جڏهين بہ ڪٿي بہ ظلم ستم جي گهوڙي کي چيڪ چڏيو وڃي ٿو تہ هو مظلوم قومن، ملڪن جي حمايت ۾ اُٿي کڙو ٿيندو آهي. هٿ، هٿ تي رکي ڪونہ وهندو آهي."

اِهو چتاءُ اڄ ڏينهن تائين پاڪستاني اڳوانن کان نہ وسريو آهي.

منهنجي ڄاڻ موجب سنڌ جي عام ۽ خاص ماڻهن پاڪستان جي پنجوڙ مان پاڻ ڇڏائڻ جا حيلا ۽ وسيلا ٻئي هلايا آهن. در اصل پاڪستان جي برپا ٿيڻ جي پهرين ڏينهن کان، اڄ ڏينهن تائين، سنڌين سان جيڪي ڏاڍايون ۽ زيادتون ٿيون آهن، سي ڪنهن بہ صورت ۾ غلام قوم جي حالت کان گهٽ نہ رهيون آهن. اَچڻ سان ئي پنجابي مهاجر سرڪار سنڌ مٿان ڏاڍ ڪيا. سنڌن غيرت تي حملو ڪيو، آرٿڪ ۽ راجنيتي طور کين پائمال ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. مال ملڪيتون، ڪٽي ورتائون، نوڪريون عهدا کين ڏيڻ کان انڪار ڪيائون. واجبي حقن کان محروم ڪيائون. کين هميشہ گهٽ نظر سان ڏٺو ويو. اهڙي گُهٽ ٻوسات آخر ڪار پڙڪو ڪاڍو. ۱۴ آگسٽ، سال ۱۹۸۳ ۾ بغاوت شروع ٿي. لوڪشاهي (جمهوريت) جي بحاليءَ لاءِ هلچل هلي، جيڪا وڏن شهرن کان ننڍن تائين ڦهلجي ويئي. خلق رستن تي لهي آئي. سنڌي عورتن، جن ڪڏهين چادر ڪانسواءِ ٻنيي کان ٻاهر نہ ڏٺو هئو، سي گهر ڇڏي ٻاهر نڪري آيون ۽ جلوسن جي اڳواڻي ڪيائون. لٺين ۽ گولين جي سامهون بيهڻ جو حوصلو رکيائون. پاڪستان جي مکيہ رستن کي روڪي رکيائون ۽ پاڪستان خلاف نعرا بلند ڪيائون. ميرن، وڏيرن جون عورتون بہ بغاوت تي اُتري آيون. جوانن سرويچن سِرَ جو داءُ لڳايو. سنڌو ديش جا نعرا، پوسٽر ۽ بئنر جائبجاءِ نظر آيا. پيرن ۽ ميرن بہ ان ۾ شرڪت ڪئي. ڪن سِرَ ڦريل سنڌي جوانن تہ لاکاٽ ڳوٺ کي قبضي ڪري، سنڌو ديش جو جهنڊو بلند ڪيو ۽ وٽن ٽڪن تي ”سنڌو ديش زنده باد“ جا بئنر لڳايا.

سنڌ ۾ لوڪن جي ههڙي اوچتي بغاوت ڪارڻ فوجين جا اوسان خطا ٿي ويا. ڳوٺن تي فوج گولين ۽ لٺين جا وسڪارا ڪيا. ”لاکاٽ“ ۾ تہ بغاوت جو اِهو عالم هو جو فوجين کي ”گن بوٽ“ رستي ڳوٺ تي بمباري ڪرڻي پيئي ۽ دهشت جو راڄ قائم ڪري ڇڏيو. سوين، بلڪ هزارين سنڌين کي جيلن اندر ڌڪيو ويو. ڪيترن کي لٺين ۽ گولين سان هيسايو ويو، ڪن کي شهيد ڪيو ويو. هنسا سان عوامي تحريڪ کي ڪچليو ويو.

سنڌ ۾ بغاوت جو هيءُ هڪ جهڪو ۽ جهيڻو چتر چٽيو ويو آهي،

سو بہ صرف ڪن وڏن شهرن کي ولي. ڳالهہ ئي ٻي هئي.
مهاجرن کي سنڌي عام جي غصي، ايڏو تہ ڇرڪايو جو هو ڳوٺ ڇڏي شهرن ۾ پهچي آيا ۽ اَڃا تائين بہ ڳوٺن ۾ وڃڻ جي جريت هنن کي ڪانهي. چون ٿا سنڌي غصي ۽ غيرت جي جذبي هيٺ، مهاجرن جون زالون، ڇوڪريون پڇائي، انهن سان لائون لهي، گهرن ۾ رکي ويٺا آهن. ان ڳالهہ کي صحيح ٺهرائجي يا غلط، ان ۾ نٿو وڃان. پر هڪ حقيقت آهي تہ اِهو سنڌين طرفان مهاجرن جي ساڳين فعلن جو رد-عمل هئو، جيڪو انساني منووگياناڪ حقيقت تي اُتري ٿو اچي. مهاجرن بہ حيدرآباد ۾ فسادن وقت، گهر جلايا هئا، مال ڪٽي، پڳا هئا ۽ سنڌي عورتون زوريءَ پڇائي ويا هئا.

اوچتو هڪ ڏينهن مون کي آئرلئنڊ مان ٽيليفون آيو تہ مان غلام محمد پرڳڙي آهيان. انهيءَ غلام محمد پرڳڙيءَ جو پوٽو آهيان، جنهن ويهين صديءَ جي شروعات ۾ قومي هلچل ۾ سرگرم ڀاڱہ ورتو هئو ۽ سنڌ جي علحدگيءَ لاءِ هلندڙ تحريڪ جو هڪڙو ٿنڀو ۽ انڊين نئشنل ڪانگريس جو معين سطح جو اڳوان هئو. مان بہ پهريون شاگرد هوس، جيڪو سنڌ مان نيڪالي پائي لنڊن پهچي آيس ۽ هتي ڊاڪٽريءَ جو پيشو اختيار ڪري نارٿ آئرلئنڊ ۾ پنهنجي اسپتال ٺاهي ڊاڪٽري پيشو ڪري رهيو آهيان. سنڌ جي دوستن کان اوهانجو نالو ٻڌو اَٿم تہ اوهين سنڌ جا شيدائي (سنڌ ڀڳت) آهيو. سنڌ جي آزادي هڪ شخص جو ڪم نہ آهي. هزارين بلڪ لکين سنڌين کي آزاديءَ لاءِ قرباني ڏيڻي پوندي. مان بہ سنڌ جو پوڄاري آهيان ۽ ان ويچار جو آهيان تہ سنڌ جي سڀني ڀڳتن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري، هڪڙو ”يونائيٽيڊ مورچو“ ٻڌجي ۽ سنڌ ۾ هلندڙ هلچل کي پنيرائي ڏجي. مان سمجهان ٿو تہ اسان کي ٻن سطحن تي ڪم ڪرڻو پوندو. سنڌ ۾ عوامي هلچل کي همٿائڻ ۽ وڌائڻ ۽ سنڌ کان ٻاهر پنهنجي شڪتيءَ کي گڏ ڪرڻ ۽ شڪل ڏيڻ. اسان کي ٻاهران هٿيارن جي خريداري ڪري، لڪل نموني سنڌ اندر موڪلڻ گهرجن، جنهن ۾ ڀارت سرڪار جي پڻ مدد ولجي.
مون کيس صرف هڪ ئي ڳالهہ چئي تہ مان اوهان جي ويچارن

سان سڀ في صدي شامل آهيان ۽ ساڳي ئي نموني تي سوچي رهيو آهيان ۽ جيڪي سنڌ جا دوست پرڏيهي ملڪن ۾ آهن، انهن سان ساڳين مقصدن لاءِ ڳالهيون هلائي رهيو آهيان .... جيڪڏهن اوهين هت (هندستان) ۾ اچي سگهو تہ روبرو ويهي، سنڌ جي آزاديءَ جي يوجنا ٺاهيون. اگر اوهان لاءِ ممڪن نہ هجي تہ مان لنڊن ۾ اچان ۽ ڪٺي نويڪلائيءَ ۾ سچي يوجنا تيار ڪريون ۽ پوءِ انٽرراشٽريہ سطح تي سنڌ جي شيدائن جي هڪڙي ننڍڙي ڪانفرنس ڪوٺائي، هڪڙو مرڪز ٺاهيون، جيڪو سنڌ جي آزاديءَ جو تحرڪ هلائي يعني تحريڪ جي رهنمائي ڪري ...

مون مسٽر پرڳڙي کي صلاح ڏني تہ اوهان جي پيشي جون ضرورتون ۽ پارت مان ويزا حاصل ڪرڻ جون رسمي تڪليفون شايد گهڻو وقت وٺي وڃن، تنهن ڪري، مان هتان برٽش ويزا جون گهرجون پوريون ڪري لنڊن ٿو پهچان، جتي اسان جي ملاقات جون سهوليتون ميسر ٿي ملنديون.

مان لنڊن پهچي ويس، جتي منهنجو پيارو متر راجو چاولا، هاٽي راج ڏاسواڻي، مون کي ايئر پورٽ تي وٺڻ آيو ۽ مان سڌو وڃي ريجنٽ هوٽل ۾ ترسيس، جيئن ڳالهيون ڪرڻ ۾ سهوليت ٿئي. راج مٽي ماري ڪري ڊاڪٽر جي.ايم. پرڳڙيءَ جو سڌو ٽيليفون هٿ ڪيو ۽ منهنجي اچڻ جو اطلاع ڏنو ۽ لنڊن ۾ اچڻ لاءِ عرض ڪيو. هن صاحب انهيءَ رات جو ئي پهچي وڃڻ جو اقرار ڪيو. هو لنڊن جي پسگردائيءَ ۾ ڪنهن هوٽل ۾ اچي لٿو ۽ ايندڙ صبوح جو اسان سان ملاقات جو وقت مقرر ڪيائين. ان وقت هو روم ۾ ڪونہ هئو، پر عملي کي هدايت ڏيئي ويو هئو تہ روم کولي اسان کي اُتي وهارين. دير ڪانہ لڳي، هوُ اچي پهتو. گهڻو انتظار ڪرڻو ڪونہ پيو. هو آيو ۽ اسين پاڪين پياسون. ٿورو آءُ پاءُ ڪري ڳالهين ۾ جنبي وياسون. مسٽر پرڳڙي پنهنجي وديارٿي جيون جو حال احوال ڏنو ۽ ٻڌايو تہ هو پهريون شاگرد هئو، جنهن کي سنڌ مان نيڪالي ملي هئي ۽ اچي هتي وسيو هئو. هڪ آئرش ڇوڪريءَ سان شادي رچائي، ڊاڪٽري هلائي رهيو هئو. ناڻو تہ خوب ڪمايو هئائين. پر دل ۽ دماغ جو سُڪون ڪونہ هوس. هو سنڌ ورلڊ ڪانگريس (لنڊن) جو وائيس پريزيڊنٽ هئو، جيڪا سنسٿا پرديس ۾ وسيل سنڌين ٺاهي هئي ۽ ڊاڪٽر منور هاليپوٽا، ان جو پهريون پريزيڊنٽ هئو ۽ اَڄ تائين ان

عهدي تي قائم آهي. ڊاڪٽر پرڳڙي، هاليپوٽا سان راجنيتي متڀيد ڪري جدا ٿي ويو هو ۽ پوءِ وري سنڌي نوجوانن جي ٽولي ۾ منور هاليپوٽا کي ڇڏي ويئي، جو هو عهدي کي چنبڙي وينو هئو. هاڻي ساڳئي نالي سان (ورلڊ سنڌي ڪانگريس) ٻه سنستائون هلي رهيون آهن - هڪڙي هاليپوٽا جي پرڌانپڻي هيٺ ۽ ٻي صفدر سرڪي، جنهن جو نئون پريزيڊنٽ صغير شيخ آهي.

هيءُ سنڌ جي آزاديءَ سان وچن-بڌ سنڌي نوجوانن جو ٽولو آهي، جيڪي ٻنهي ملڪن - انگلنڊ ۽ آمريڪا ۾ ورلڊ سنڌي ڪانگريس جون سرگرميون قائم ڪري وينا آهن ۽ هاڻي وڌائي رهيا آهن .... خاص طور انٽرراشٽريه محاذن تي سنڌ جو ڪيس پيش ڪرڻ، سنڌ بابت ساهت ڇپائڻ ۽ ورهائڻ، پاڪستان جي ڏاڍاين ۽ ستم کي ننگو ڪرڻ ۽ سنڌ جي سوال تي پاڪستاني ايلچيخانن سامهون احتجاجي مظاهرا ڪرڻ، هر سال انٽرراشٽريه ڪانفرنس سڏائي، پاڪستان جي ڏاڍاين ۽ زيادتين خلاف دنيا ۾ آواز بلند ڪرڻ ۽ سنڌ جي خود-ارادي جي حق جي تسليميءَ لاءِ نعراءِ بحال ڪرڻ وغيره. سال ٢٠٠١ ۾ مون کي ڄڻ خاص دعوت ڏيئي گهرايو هئائون. اُتي مون کي سنستا جو هڪ وائيس پريزيڊنٽ چونڊڻ جي به رٿ آئي هئي، پر مون کين اهڙي رٿ جي نفي-اثرن کان آگاهه ڪري، رٿ جي خلاف صلاح ڏني هئي، ڇاڪاڻ ته هونئن ئي ان سنستا خلاف ڀارت جي پُشت-پناهه جا الزام لڳي رهيا هئا. منهنجو ان سنستا سان جماعتي روپ ۾ جڙي وڃڻ سان پاڪستان جي اکين ۾ چڀندو ۽ سنڌي جوانن لاءِ نقصانڪار ثابت ٿيندو. پوءِ به مون کي مرڪزي ائڊوائيزري ڪاميٽيءَ تي ٽاڪي ڇڏيائون.

مسٽر جي.ايم. پرڳڙي، ڪي سال ٿيا ته نارٿ آئرلئنڊ جي اسپتال جو ڪاروبار، پنهنجي گهر واريءَ جي حوالي ڪري، واپس سنڌ موٽي آيو هئو. ٻه چار سال اڳ گذاري ويو. اِها خبر مون کي سنڌ مان ملي آهي. پرڳڙي ”سنڌ رائيزز“ لاءِ ٻه تمام اهم ليک انگريزيءَ ۾ مون کي موڪليا هئا، جيڪي مون ڇپيا، ”پاڪستان هڪ ڀاري ڀُل - درست ٿيڻ گهرجي.“ ۽ ٻيو ”سنڌ اندر ڀيانڪ ۽ ڦهري وحشانيت سان ماڻهن جي حقن کي ڪچليو ويو آهي.“

”سنڌ رائيزز“ پتريڪا مون ١٩٩٢ ۾ چار صفحا شروع ڪئي ۽ پوءِ سال اَپريل ٢٠٠٠ ۾ وڌائي ڇهه صفحا ڪئي، جنهن ۾ ’سنڌو ديش‘ جي پنيرائيءَ ۾ سچو مواد (اچ ٽائين) ڇپجندو رهيو آهي ۽ پاڪستان کي ننگو ڪرڻ جو سمورو مصالحو هوندو آهي، جنهن ڪري پاڪستان ۾ اُن تي بندش پيل آهي. پر پوءِ بہ ڪنهن نموني اَدائي سؤ ڪن ڪاپيون، هر مهني سنڌ پهتيون ٿينديون آهن ۽ سنڌيءَ ۾ ان جو ڇاپو ’سنڌ سجاڳ‘ بہ ڏيڍ سؤ ڪاپيون روانيون ڪيون وينديون آهن. پاڪستاني حڪمران سچ جو آواز بلند ڪرڻ ۾ ناڪامياب ويا آهن. سچ ڪٿان بہ ترندو، اُڏامندو، اَستيہ خلاف وروڌ ڪرڻ لاءِ پهچي ويندو آهي. ’سنڌ رائيزز‘ ۽ ’سنڌ سجاڳ‘ سنڌ ۾ پهچي ٿي، جنهن جو مکيہ ثبوت اِهو آهي جو اُتان جي دوستن جا جوابي خط يا انهن جو حال احوال مون وٽ ايندو رهندو آهي، جنهن جي ثابتي هن پستڪ اندر ڇپيل خطن مان پڻ ملي ٿي. اِهو ئي آهي سڏ ۽ پڙاڏي جو تعلق. جن کي اِهي پتريڪائون ملن ٿيون، تن مان ڪيترن کي ڌمڪايو ويندو آهي، جيڪي اسان کي پتريڪا بند ڪرڻ لاءِ لکندا آهن ۽ ڪن وٽ اسانجون موڪليل پتريڪائون لاپتا جي نوٽ سان واپس موڪليون وينديون آهن. سچ جي نهر پوءِ بہ وهندي رهندي آهي :

”پڙاڏو سو سَڏُ، وَرُ وائيءَ جو جي لَهين،
هُئا اَڳهين گَڏُ، پڌڻ ۾ بہ ٿيا.“

هڪڙي ڏينهن، جولاءِ ١٩٨٧، مان گهر ۾ وينو هوس. ٽيليفون جي گهنڊڻي وڳي. سويتا هٿ وڌائي رسيور کنيو ۽ يڪدم مون کي سڏي، چيائين، ”هيڏانهن! ڪراچيءَ مان ڪنهن جو سڏ آهي، اوهان سان ڳالهائڻ ٿو چاهي.“ مان خوشيءَ ۽ تعجب جي گڏيل ڀاوَ هيٺ ٽيليفون وٺي چيو، ”هيلو! اوهين ڪير؟“ ٻئي طرف کان آواز آيو، ”مان سائين جي.ايم. سيد جو خادم آهيان. سائين، سياڻي، پنهنجي وڏي پٽ اِمداد شاهہ سان گڏ ڪراچي مان پاڪستاني هوائي جهاز رستي، بمبئي پهچي رهيو آهي. مهرباني ڪري اوهين، ايئرپورٽ تي سندن خوش آمديد جو اِنتظام ڪندا.“ مون تي خوشيءَ جا خمار چڙهي ويا. مون چيو، ”اوهين چِنتا آهيو.“ يڪدم ٽيليفون بند ڪري، بمبئيءَ جي مکيہ دوستن جي لسٽ تيار ڪري، انهن کي هيءَ

خوشخبري ڏنم ۽ عرض ڪيم تہ ڏ ـل وقت تي بمبئي ايئرپورٽ تي پهچي وڃن. پوءِ ٻيو جيڪو مون ڪم ڪيو، سو اِهو تہ مون پاٽا خريد ڪري انهن تي نعرا لکي ورتا - ''سائين جي.ايم. سيد پلي ڪري آيا.'' ''جيئي سنڌ، سدا جيئي''، ''انقلاب زندہباد''، ''سنڌ جي آزادي اسانجي جنم جو حق آهي.''، ''هند مسلم اتحاد زندہباد!'' وغيره وغيره ...

مان سويل ئي ايئرپورٽ تي پهچي ويس. داخلا ٽڪيٽ وٺي، مان ايئرپورٽ مئنيجر جي ڪئبن ۾ هليو ويس. پنهنجي واقفيت ڏنم تہ مان هڪ سنڌي ليکڪ آهيان. آزاديءَ جو سپاهي بہ آهيان. سنڌ جو مهان اَڳوان جي.ايم. سيد، هت اسان وٽ اَچي رهيو آهي. پاڪستان مان هوائي اُڏام رستي هت پهچندو. مان ڪيس وٺڻ آيو آهيان. ٻيا بہ ڪيترائي سنڌي اَڳوان ڪيس وٺڻ لاءِ ايئرپورٽ تي پهچي ويا آهن. هو ٨٣ سالن جو پير مرد آهي. مون کي اجازت ڏيو تہ مان ڪيس اميگريشن مان ٻاهر وٺي اچان. منهنجو عرض قبول پيو. پاس تي ٺپو هڻي، مون کي ڏنائين. مان ڇڙڪ ڊوڙندو ڪسٽمس ڪليئرنگ هال ۾ پهتس. پاڪستان واري اُڏام پهچي چڪي هئي. ماڻهو ڪسٽمس هال ۾ پهچندا ٿي ويا. سائينءَ جو شخصي خدمتگار، ويل-چيئر جنهن تي سائين سوار هئو، ڪاهيندو پئي آيو. مون کي سڃاڻڻ ۾ دير ڪانہ ٿي. وڃي سندس سامهون بيٺس. مون کي بہ جهٽ سڃاڻي ورتائين. چي : ''ڪيرت آهين؟'' منهنجي سڄي سرير ۾ ڄڻ بجلي ڊوڙي ويئي. مان ويل-چيئر مٿان جهڪي پيس ۽ سائينءَ کي پاڪيءَ ۾ پري سڏڪا پرڻ لڳس. سائين بہ ڀڄي پيو. اکين ۾ آنسون پرجي آيس. مون کي کڻي ڀاڪر ۾ سوگهو ڪيائين. ڪافي وقت تائين مان سڏڪندو رهيس. پوءِ سندس خدمتگار کان ويل-چيئر ڇڪي ورتم ۽ ان کي ڪاهيندو ڪسٽمس کان ٻاهر ويندڙ دروازي ڏي وڌيس. ٻاهر نڪري ڪاريڊار ۾ آيس، جتان نڪري ويٽنگ روم طرف وڌيس، جتي ٻيا سڀ ساٿي اديب ۽ سڄڻ وينا هئا - مون زور سان نعرا هڻڻ شروع ڪيا، ''جي.ايم. سيد زندہباد'' ''سنڌو ديش زندہباد''، ''انقلاب زندہباد!'' ٻين دوستن بہ نعرن ۾ پنهنجو جوش گڏيو ۽ آواز

وڏندو ويو. ايئرپورٽ تي حاضرينن جو اکيون اسان طرف کينچيجي آيون ۽ سوالي نظرن سان ڏسندا رهيا. ڪن دوستن کين جي. ايم. سيد ۽ ”جيئي سنڌ“ هلچل جي باري ۾ خبرچار ڏني.

مون هڪ ننڍي تقرير ڪري سائينءَ جي اچڻ ۽ سندس سڄي عمر جي سختين جو ورنن ڪيو. ”جيئي سنڌ“ هلچل جي اَبي ڪي پارٽ جي سنڌين طرفان حمايت ۽ پنيرائيءَ جي خاطري ڏني. شري اي. جي. اُتم ۽ ڪندنداس طوطلداس پڻ ڳالهايو ۽ سائينءَ کي نہ صرف داد ڏنو پر سندس ڪيل خدمتن کي ساراهيو ۽ ساٿ ڏيڻ جو اقرار ڪيو. پوءِ اسين، سائين، سندس خدمتگار ۽ وڏي پٽ اِمداد شاہ کي سندن رهائش جي جڳهہ روز ووڊ هوٽل تي وٺي آياسون، جتي اڳوات بندوبست ڪيو ويو هئو. چندر منگهناڻي دلاور ماڻهو رهيو آهي ۽ اهڙن وقتن کي هميشه پنهنجن خدمتن کي آڇيو اَٿس. هو خوشي ۽ فخر سان پنهنجي هوٽل روز ووڊ کي سنڌين جي اوطاق سڏيندو آهي.

هن موقعي تي سائين جي.ايم. سيد جي وڏي پئماني تي عام رسڀا، ڪي.سي. ڪاليج جي راما واٽومل هال ۾ بمبئي جي مڙني سنڌي جماعتن (انڪل ١٩) طرفان ڪئي ويئي، هار پاتا ويا، سندس مشن جي باري ۾ عام کي جاڻ ڏني ويئي ۽ پنيرائيءَ جي خاطري بہ ڏني. ميڙ جي صدارت سنڌين جي برک وڪيل (بار اَيٽ لا) دادا هوتچند آڏواڻيءَ ڪندي سنڌين طرفان سندس شاندار سواڳت ڪيو ۽ خاطري ڏني. سائين پنهنجي تقرير ۾ ڏاڍو جذباتي ٿي ويو. سيني سنڌين جا ٿورا مڃيائين، جن سنڌ کي اَجا تائين ياد رکيو آهي. پنهنجي ٻولي ۽ سنسڪرتيءَ کي بچائي رکيو آهي ... ٻي ڳالهہ جيڪا سائينءَ چئي سا اِها تہ ”سنڌ جا سنڌي اَجا تائين توهان کي ياد ڪندا رهن ٿا ۽ چاهين ٿا جڏهين بہ چاهيو تہ موٽي اچو. سنڌ جا دروازا اوهان لاءِ کليل آهن ۽ سنڌين لاءِ هميشه کُليل رهندا.“ هن وڌيڪ چيو: ”هيءَ نياڳو دؤر گهڻو وقت ڪونہ هلندو.“

شاهہ لطيف جي قول مطابق هڪ بيت چئي ٻڌايائين -

”ماندي ٿيءُ نہ مارئي، اَلله ڀي آهي -

سؤ سالن جا ڏکڙا هڪ لحظي ۾ لاهي.“

آخر ۾ پنهنجي ڪئي تي پڇتاءَ جا ڳوڙها ڳاڙيندي چيائين، ”مون پنهنجي جيون ۾ هڪ مهاڀاري غلطي ڪئي آهي، جنهن لاءِ هيترن سالن تائين پئي پڇتايو آهيان. خوب سزا ملي اٿم، پر اڃا به پورو پڇتاءُ ڪونه ٿيو آهي. جيسين منهنجي ملڪ ملير جا ماروئڙا پنهنجي وطن نه وريا آهن، مان سک سان نه سمهندس.“

سائين جي. ايم. سيد جو اُلهاسنگر جي سنڌي ميونسپل ڪائونسل طرفان جيڪو پيڪيدار سواگت ٿيو، سو ان کان اڳ ڪنهن به شخص جو ڪونه ٿيو هئو. سواگت واري ڏينهن تي صبوح کان وٺي سنڌونگر ۾ هلچل هئي. سوين ماڻهون ميونسپل هال ۾ صبوح کان وٺي ڳاهٽ ٿي رهيا هئا. دهلن دمامن ۽ شهناين سان سندس سواگت جون تياريون ٿي رهيون هيون. بمبئيءَ مان اسين ڪار رستي به ڪلاڪ دير سان پهتاسون، پر ماڻهون انتظار ۾ ويٺا هئا. جئن ئي موٽر گاڏي هال جي دروازي تائين پهتي، گلن ۽ گلاب جي پاٽيءَ جي ورکا ٿي ويئي. سائينءَ کي ڪرسيءَ تي ڪٽي اچي هال ۾ پهتاسون. پوءِ ته سنستائن طرفان گلن جي هارن جي برکا ٿي ويئي. سوَن ۾ سائينءَ کي هار پيا، خاص ڪري رام تولاڻي جيڪو اُتن انچن جو ٿلهو، سهڻو، شاندار ۽ نرالو هار نهرائي آيو هئو، سو سائينءَ کي مٿي کان پيرن تائين ڍڪي ويو. ميڙ ۾ سائينءَ کي سنڌين طرفان مانپتر ڏنو ويو ۽ سندس قرباني ۽ خلق شيوا لاءِ گهڻن ئي مٺس لفظن جا گل چاڙهيا، جن ۾ مکيه طور سلامتراءِ پرسواڻي، پرچو وديارٿي، رام تولاڻي نگر جو ايم.ايل.اي. سيتلداس هرچنداڻي وغيره هئا.

سائين جي.ايم. سيد جو من پرچي آيو ۽ ڳري آواز سان چيائين، ”مان اوهان لاءِ سنڌ وارن طرفان سلام ۽ سڪ کڻي آيو آهيان. سنڌ وارا اوهان کي اڃا به سارين پيا ۽ هنجون هارين پيا. اکيون کنيو نهارين پيا ته ڪڏهين ٿا ماروئڙا موٽي ماڳ اچن ته اسين عيدون ملهايون. سنڌ ڌرتيءَ تي اڄ به اوهانجو حق آهي. ڪڏهين به موٽي سگهو ٿا. اوهان کي ساڳيو پيار ۽ محبت ملندي.“

پوءِ سائين سنڌين جي دعوت تي ناگپور ويو، جتي سنڌس آدر ستڪار ايترو ٿيو، جو سائين اصل حيران ٿي ويو. خاص طور سائينءَ کي، ناگپور جي سنڌين هڪ شاندار جلوس ۾ ڪٽي شهر جي پرڪرما ڏياري ۽ سنڌين طرفان ڪڙيون ڪيل سنسٿائون ڏيکاريون ۽ سندس سواگت ڪيو. پوءِ سائين جي.ايم. سيد دهليءَ به ويو، جتي هوُ سرحد جي گانڌي، عبدل غفار خان کي اسپتال ۾ ڏسڻ ويو. ڀارت جي پرڌان منتري راجيو گانڌيءَ سان به ملاقات ڪيائين، جنهن ۾ سنڌ جي ڏکن جو داستان ٻڌايائين. راجيو گانڌيءَ سائينءَ کي چڱيءَ طرح ٻڌو پر پنهنجو ڪوبہ رد عمل ڪونہ ڏنو، جنهن جو سائينءَ کي ڏاڍو ڏک هئو ۽ ڪيترن هنڌن تي اهڙي ٿڌي رخ بابت ذڪر ڪيائين.

هن دؤري ۾ سائين جي. ايم. سيد هندستاني پريس سان (بمبئي توڙي دهليءَ ۾) خوب دل جون ڳالهيون ڪيون ۽ دهل تي ڏنڪو وڄائي، سنڌ سان بيشمار ڏاڍاين ۽ زيادتين جو ذڪر ڪيو. هن دل کولي کولي پاڪستان جي سنڌين مٿان ظلم ۽ ستمگريءَ جو ذڪر ڪيو. پريس پڻ کيس سهڪار ڏنو ۽ سندس بيان توڙي شڪايتون شدمد سان ڇپيون. سنڌ کي قومي توڙي انترراشٽريہ ميڊيا ۾ خوب پروجيڪ ڪيو ويو. بمبئيءَ ۾ مون اخبارن جي عيوضين ۽ سمپادڪن کي لکي، روز ووڊ هوٽل ۾ گهرايو هو ۽ دهليءَ ۾ ڀارت جي پارليامينٽ ميمبر (سرڳواسي) شري ڪيول ملڪاڻيءَ ان ڏس ۾ زوردار ڪاروائي ڪئي. راجيو گانڌيءَ سان ملاقات جو پڻ هن ئي بندوبست ڪيو. ۽ دهليءَ ۾ سائينءَ جي شاندار سواگت ۾ پڻ ملڪاڻيءَ جو وڏو هٿ هئو.

سائين جڏهين ٻن هفتن جو سڦل دؤرو پورو ڪري آگسٽ ١٩٨٧ ۾ واپس موٽي رهيو هئو، تڏهين بہ منهنجي هن سان وداعي ڏاڍي دک ڀري فضا ۽ ڳوڙهن جي وچ ۾ ٿي. هو هڪ ڳالهہ پي بہ ڪري ويو، جو ڪي.آر. ملڪاڻيءَ ۽ مونکي پنهنجن جملي ڪتابن کي هت ڀارت ۾ ترجمو ڪرڻ جو ۽ ڇپائڻ جو حق اسان ٻنهي کي دستاويز تي صحيح ڪري ڏيئي ويو. اِهو دستاويز مون وٽ اڃا بہ موجود آهي، جنهن کي

هن پستڪ ۾ پڻ شايع ڪيو اٿم.

سنڌ ۽ سنڌين سان ڪيترو ظلم ٿيو آهي، تنهن جو بيان هن ننڍڙي پريچيہ (مهاڳ) ۾ ڪرڻ مشڪل آهي. خاص طور ويهين صديءَ جي پوئين ڏهاڪي ۾ جيڪو حيبتناڪ ظلم پاڪستاني هٿيار بند فوج نهٿيار سنڌين سان ڪيو، سو تہ هلاڪوءَ کي بہ شرمسار ڪري ڇڏي. ڏاڪن ۽ دهشتگردن کي ڪچلڻ ۽ ختم ڪرڻ جي بهاني فوجي عمل شروع ڪيو ويو، جنهن کي آپريشن بلوُ فاڪس جو نالو ڏنو ويو، جنهن هيٺ ايترا ظلم ٿيا، جن جو ڪو ڪاٿو ئي ڪونهي. ڏاڙيلن جي نالي ۾ سنڌي ڪونڊرن کي ڪُهندا رهيا. يوسف جکراڻي ۽ ٻيا انساني حقن جا علمبردار پڻ انهن ڏينهن ۾ ڪُٺا ويا. (١١ جون ١٩٩٢) تمام ڇڪي ڇڪي ڪٽ ۾ پڻ هڪ هزار موت ۽ ١٥ هزار گرفتاريون ڇيون وڃن ٿيون. جڏهين حقيقتن جي بنياد تي ظلم جي تاريخ لکي ويندي تہ اُها هن کان وڌيڪ ڀوائتي هوندي.

باقي آخرين دردناڪ ڳالهہ اوهان کي ٻڌايان. سائين جي. ايم. سيد پنهنجو جنم ڏينهن بانيم ١٧ جنوريءَ تي هر سال ملهائيندو رهيو. (سندس جنم ١٧ جنوري ١٩٠٤ تي ٿيو) ١٧ جنوري ١٩٩٢ تي پڻ ڪراچيءَ ۾ نشترباغ ۾ سندس جنم ڏينهن ملهايو ويو ۽ سائينءَ پنهنجي تقرير ۾ پاڪستان جي حڪمرانن کي ڏوهي ٺهرايو، جن سنڌي قوم کي پنهنجن حقن کان محروم رکيو آهي ۽ پرن ڪيو تہ هو سنڌين جا حق وٺي رهندو ۽ ان لاءِ هو قرباني ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندو، جيئن سنڌ هڪ الڳ ۽ آزاد قوم جي حيثيت ۾ دنيا جي ملڪن سان ڪُلهو ڪُلهي ۾ ملائي گڏجي رهي.

بد-دماغ پاڪستاني اڳوانن کي سندس تقرير مان بغاوت جي بوءِ آئي. ٻن ڏينهن ڪانپوءِ سائين جي. ايم. سيد کي بغاوت جي ڏوهہ هيٺ ١٩ جنوري ١٩٩٢ تي گرفتار ڪيو ويو. اِها سندس آخرين نظربندي هئي، جيڪا ٣٩ مهنا هلي. دنيا جي سڀني سنڌي ۽ غير سنڌي سنسٿائن سائينءَ جي رهائيءَ لاءِ اَپيل ڪئي، ايتري قدر جو دنيا جي انترراشٽريہ جماعت، امينسٽي انٽرنئشنل پڻ سائينءَ کي

”وويڪ جو قيدي“ نهرائي آزاد ڪرڻ لاءِ گهر ڪئي، پر پاڪستاني نِنر حڪمرانن تي اثر ڪونہ ٿيو. سائينءَ جي حالت ڏن بہ ڏن ڏاڍي نازڪ ٿي ويئي. ڪيس ويل چيئر تي رکيو ويو - سنان، پاڻي ۽ پائخاني وغيره لاءِ ويل-چيئر جو ئي سهارو ورتو ويندو هئو.

سائينءَ مٿان بغاوت جي تهمت لڳائي، اٽڪل چاليهہ مهنا ڪيس بنديخاني ۾ رکيو ويو، پر ڪيس ڪورٽ ۾ ان عرصي ۾ صرف بہ دفعا حاضر ڪيائون ۽ ٻئي دفعا واسطيدار جج غير حاضر رهيو. ٻئي طرف سائين انهيءَ عرصي ۾ پنهنجو ڪورٽ جو بيان لکندو ويو ۽ هاڻي ان کي ”سنڌ ڳالهائي ٿي“ نالي سان ڪتابي صورت ۾ ڇپيو ويو آهي، جنهن ۾ پاڪسستان جي حاڪمن ۽ ڊڪٽيٽرن جا وڪا پڌرا ڪيا ويا آهن تہ هو ڪيترا نہ مڪار ۽ دولابي آهن. اِهو بيان سنڌي توڙي انگريزيءَ ۾ سائينءَ جي وفات کانپوءِ ڪتابي صورت ۾ ڇپيو ويو آهي.

حد کان وڌيڪ ڪمزور - هر ڳالهہ بستري تي، مارچ مهني ۾ هو بيهوشيءَ ۾ اچي ويو ۽ نازڪ حالت ۾ ڊاڪٽرن سائينءَ لاءِ وديش موڪلڻ جي رٽ ڏني، تڏهين بيشرم سرڪار سائينءَ جي عزيزن ۽ دوستن کي سائينءَ جو ’مرتڪ‘ شرير کڻي وڃڻ لاءِ آچ ڪئي. هو بہ-ٽي هفتا ڪوما ۾ رهيو ۽ اپريل ۱۹۹۵ تي راهہ رباني وٺي اَگم ڏانهن روانو ٿيو. سائينءَ جي چالاڻي تي سڄي سنڌ ۾ ماتم ٿيو ۽ سائين سنڌين ۾ امر بڻجي ويو.

> ”مرڻان اڳي جي مئا، سي مري ٿين نہ مات،
> هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيئا.“
> شاهہ

۳ اپريل ۲۰۰۴ — • ڪيرت باباڻي

ڪراچي، ١٠-٥-١٩٦٢

پريه سمپادڪ سنڌو ڏارل،

اوهان جا ٻئي خط پهتا مهرباني - مونکي خوشي ٿي آهي جو اوهانکي منهنجو موڪليل مضمون پهتو آهي. هي مضمون اوهان جي پهرئين خط ۾ ڪيل ڳُهر جي جواب ۾ موڪليل هو.

تنهنجي جواب ۾ عرض ته اوهانکي خبر آهي ته مارشل لا جي وقت ڪان وٺي هتي جا مکيه قومي ڪم ڪندڙ جهڙوڪ ته حيدربخش جتوئي، جي.ايم. سيد، قاضي فيض محمد، سوڀو گيانچنداڻي ۽ ٻيا يڪدم جيل ۾ موڪليا ويا.

حيدربخش صاحب ٽي سال جيل ۾ رهي مس آزاد ٿيو آهي. سيد صاحب کي ١٥ مهنا جيل ۾ رکي هاڻ سندس ڳوٺ ۾ نظربند ڪري ڪيترين پابندين هيٺ رکيو ويو آهي. قاضي فيض محمد ڪجھه وقت جيل ۾ رهيو ۽ هاءِ ڪورٽ ۾ رٽ پيش ڪرڻ سبب آزاد ٿيو.

سوڀي گيانچنداڻيءَ کي ٻه گهڻو وقت جيل ۾ رکي هاڻي سندس ڳوٺ ۾ سخت پابندين هيٺ نظربند ڪيو ويو آهي. سيني جي ٽپال سينسر ٿئي ٿي.

هتي جون حالتون اهڙيون سازگار نه آهن. اوهانکي صلاح ٿي ڏجي ته ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جي فوٽي يا نالي سان اِهو مضمون اَخبار ۾ شايع ڪريو.

جيتوڻيڪ مضمون سنڌي سپيتا تي آهي، پر اُن ۾ ڪي ڳالهيون اَهڙيون به آيل آهن جي موجوده حڪمران گروه کي پسند نه پون ۽ هوُ ناحق لکندڙ کي تڪليف ۾ وجهن. وڏي مشڪلات ڪانپوءِ اِهو مضمون هٿ ڪري سنڌيءَ جي نالي ۾ موڪلڻ ۾ ڪامياب ٿيو آهيان. پڪ ڪانه هئي ته سينسر ڪري، پهچندو يا نه. البت اوهان اِن مضمون جي هيٺان پنهنجي نوٽ سان پهرين ٽن ماڻهن جا نالا لکي سگهو ٿا ته انهن مان شايد ڪنهن هڪ جو ڏسجي ٿو.

اِن مضمون ۾ ڪتب آندل لفظ ذرا ڏکيا ڏسڻ ۾ اچن ٿا. اوهان پلي اُنهن جي پير ۾ هندي يا انگريزي لفظ لکي آسان بڻائي سگهو ٿا.

اُنکي يلي چوپڙي جي صورت ۾ ڇپارايو. جي تي سگهي تہ اَنگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ڇپارائيندا ۽ اُنجون ڪاپيون اَدبي بورڊ ۾ مسٽر ربانيءَ جي نالي ۾ موڪليندا.

مٿي ذڪر ڪيل ماڻهن کي ٻہ ڪاپيون موڪليندا. اخبار باقاعدگيءَ سان نٿي پهچي، پر اِها موڪليندا رهندا تہ اِتي جو حال معلوم ٿيندو رهي. ٻيو سڀ ٺيڪ،

اوهانجو نيازمند،

ڀائو لالداس.

---

ڪابل، ۲۱-۱۲-۱۹۶۳

ڀاءُ ڪيرت صاحب،

جيئي سنڌ! اَحوال تہ اوهانجو نوازش نامو مليو.

پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي. ڀاءُ هيءُ توهانجو پهريون خط آهي، جيڪو مونکي مليو آهي، جنهن جو اڄ ئي جواب موڪلي رهيو آهيان. مون توهان ڏانهن سائينءَ جو ڪتاب ”ماضي، حال، مستقبل“ ۽ ڪجهہ پمفليٽ ڏياري موڪليا آهن، اُميد تہ پهتا هوندوَ. ڪتاب ۽ موڪليل ٻئي لٽريچر بابت جواب موڪليندا تہ پهتا يا نہ. لغاريءَ مونکي لکيو آهي تہ اوهان سان هنجو رابطو آهي. قاضي صاحب جي صحت خراب ٿيڻ جو ٻڌي آءٌ ڏاڍو پريشان آهيان. مهرباني ڪري لکندا تہ هن کي ڇا ٿيو آهي - قاضي صاحب کوبہ فڪر نہ ڪري - سندس احوال آءٌ هتان وطن موڪليان ٿو. خدا ڪندو تہ قاضي صاحب هاڻي مڪمل صحتياب هوندو. منهنجو احوال قاضي صاحب تائين موڪليندا ۽ چوندا تہ آءٌ قاضي صاحب ڏانهن اچڻ چاهيان ٿو. مهرباني ڪري قاضي صاحب منهنجي اوهان ڏانهن اچڻ جو انتظام ڪري، جيئن تہ آءٌ ساڻس ملي ڪجهہ پروگرام ٺاهيان. سائينءَ جو حڪم پڻ اهو آهي تہ آءٌ قاضي صاحب جي صلاح ڪانسواءِ ٻاهر نہ وڃان. منهنجو اتي اچڻ تمام لازمي آهي.

گنگارام بابت توهان لکيو آهي. آئينده خيال ڪندس. هن کي خط لکڻ جو مقصد صرف اِهو هو جو توهان وٽان ڪوبہ جواب ڪونہ آيو هو. انهيءَ ڪري مون هن ڏانهن خط لکيو هيو. قاضي صاحب کي اطلاع ڏيندا تہ يوسف ميمڻ آڪٽوبر ۾ مون سان ڪراچيءَ ۾ مليو هئو. آءٌ وچ آڪٽوبر ۾ سنڌ ويو هئس. يوسف ميمڻ قاضي صاحب جو نياٽو آهي. شايد هن کي ڪجھہ قاضي صاحب جي ايڏانهن اچڻ جي خبر هئي.

بيو تہ هتي هڪ فرانسي اخبار جو عيوضي مون وٽ آيو هئو، جنهن پڻ مونکي اهو ٻڌايو تہ هُن کي وزير اعظم ڀٽي چيو تہ پاڪستان جو هڪ اهم بااثر سياستدان هندوستان ويو آهي. ليڪن ڀٽي هن کي نالو ڪونہ ٻڌايو هئو. شايد قاضي صاحب ڏانهن اشارو هئو. ٿي سگھي ٿو تہ دشمنن کي ڪجھہ خبر پئي آهي. قاضي صاحب کي چوندا تہ ڪجھہ احتياط ڪري. مون کان فرانسي عيوضيءَ پڇيو تہ ”ڪير ويو آهي؟“

مون انڪار ڪيو تہ مونکي ڪابہ خبر ڪانهي. فرانسي عيوضيءَ کي اها خبر ڪانهي تہ آءٌ سنڌي آهيان. هن کي مون ٻڌايو تہ آءٌ بلوچستاني بلوچ آهيان.

مونکي اُميد آهي تہ اوهان جواب جلد موڪليندا.

زياده خير و سلام!

اوهانجو پنهنجو،

شاهہ محمد شاهہ

---

دبئي، ٢٠-٣-١٩٦٨

پيارا ڪيرت،

تنهنجو ١٣ مارچ جو خط اڄ پهتو. ٻن رسيدن سميت. دير ڪيئہ پر پرواهہ ناهي.

١٨ مارچ تي آئسٽوريا هوٽل ۾ چيني چند جو اُتسوُ ملهايوسين. اُتسوُ انهن اِسترين ملهايو، جن شايد ڪڏهن سنڌي ڳالهائي بہ مس هجي. اِها بہ گهڻ ڪاميابي ڪانهي. انڪل ٽي سوَ ڪن سنڌي آيا

---

ڍاڪا، ١-١٢-١٩٧٢

پيارا ڪيرت!

جيئي سنڌ!

انهيءَ رات فون تي ڳالهايوسين. وري ٽئي ڏينهن تي مونکي ٻين دوستن جي حوالي ڪيو ويو. خاص جڳهه ۾ رهايو ويو. وچ ۾ ساں بيمار ٿي پيس. انفلوئنزا ٿي وئي. پوءِ ته حالت ڏاڍي خراب ٿي وئي ۽ وڃي مرڻ جهڙو ٿيس. هنن ماڻهن گهڻي خدمت ڪئي. ١٤ يا ١٥ ڏينهن کانپوءِ ڪجهه چاڪ ٿيس. گهر-ٻاهر ملڻ ڪرڻ جي اجازت ڪانه هئي.

هنن کي فيصلا ڪرڻا هئا. وري جو هوائي جهازن جو اسٽرائيڪ ٿيو تنهن ڪري بند جي پياسين. اڄ هت پهتو آهيان. محمد صاحب هوائي جهاز تي ماڻهو موڪليو ۽ اڄ هت گيسٽ هائوس ۾ رهيو پيو آهيان. ٻئي دوست کان خبر پيئي اٿم ته سائينءَ کي ڏاڍو انتظار آهي ته شايد مري نه ويو هجان. ٻه ٽي ڏينهن هت لڳندا. هتي واري صاحب سان ملبو ۽ پوءِ وڌيڪ پروگرام جي صفائي ڪبي. ڪم تمام گهڻو آهي ۽ وقت ٿورو آهي. ڇا ڪجي.

”واڳ ڏٺين وس - آءٌ ڪا پاڻ وهيڻي“.

ڪم وڏو آهي. ڪجهه ٽئي ٿو ته ڪري ٿو پوان.

وڌيڪ احوال ٻئي خط ۾ لکندس، ۽ جڏهن ايڏانهن آيس ته تاريخ به لکندس. هيءُ احوال ٿي سگهي ته سائينءَ کي پهچايو.

توهانجو،

قاضي.

ڪابل، ٢٩-٩-١٩٧٣

پيارا سائين ڪيرت ۽ امر موٽواڻي،

جيئي سنڌ بعد احوال تہ سنڌو ديش تحريڪ کي منظم بنيادن تي هلائڻ لاءِ اسانکي توهان جي مشورن جي تمام سخت ضرورت آهي - پاڪستان ۾ رهي توهان ڏانهن ڪو بہ احوال صحيح نموني موڪلي نٿا سگهون، تنهنڪري تحريڪ جي سائين ۽ محترم جي.ايم. سيد طرفان فيصلو ڪيو ويو آهي تہ پاڪستان کان ٻاهر وڃي سائين سان رابطو ڪجي. انهيءَ فيصلي تحت توهان صاحبن کي خط لکي رهيو آهيان. هتي مون وٽ هند جي سائين ۽ همدردن جون تمام ٿوريون ائڊريسون آهن. مهرباني ڪري توهان سيني دوستن جون ائڊريسون ۽ مشورا موڪليو تہ جيئن رابطي ۾ آساني ٿئي، ڇاڪاڻ تہ تحريڪ لاءِ رابطي جي تمام سخت ضرورت هوندي آهي. اِتي اسانکي توهان جي سرگرمين ۽ سنڌي لٽريچر جي سخت ضرورت آهي. مهرباني ڪري هند ۾ ڇپجندڙ سنڌي رسالا ۽ تحريڪ جو مواد موڪليو تہ جيئن اسين بہ رهنمائي حاصل ڪري سگهون. سنڌ ۾ ڇپجندڙ لٽريچر توهان ڏي موڪلبو رهبو. تحريڪ طرفان فيصلو ڪيل آهي تہ پاڪستان کان ٻاهر هر ملڪ ۾ ظاهري ۽ خفيہ آفيسون قائم ڪجن. اُن سلسلي ۾ بہ توهان اِتي جي دوستن سان مشوري ڪرڻ بعد ڪو گڏيل فيصلو ڪري ٻڌايو تہ جيئن رابطو بہ رهي ۽ ڪم بہ ٿئي. اُميد تہ توهان جلد سيئي دوست گڏجي ڪو فيصلو ڪندا. هڪ ڪتاب جيڪو انگريزيءَ ۾ لکيل آهي سو ڪيرت ڏي موڪلي رهيا آهيون. توهان ڪائنس هي خط ڏيکاري پنهنجي هڪ ڪاپي وصول ڪندا. پاڪستان سان ٽڪر کائڻ ۽ پنهنجو ملڪ آزاد ڪرڻ لاءِ اسانکي هِن وقت توهانجي ۽ اِنڊيا گورنمينٽ جي همدرديءَ جي سخت ضرورت آهي. برائي مهرباني توهان هند جي سنڌين معرفت پنهنجي حڪومت تي زور آڻيو تہ جيئن توهان ۽ اسين گڏجي هي مقصد ماڻيون. اسان هتي ماڻهن کي تيار ڪيو آهي، جيڪي ڪلم ڪلا پاڪستان خلاف ڪم ڪري رهيا آهن. هزارين ماڻهو آزاديءَ لاءِ پنهنجي جان قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا آهن. صرف بنيادي شين جي ضرورت آهي جيڪي توهانکي پيدا ڪرڻيون آهن اسان کي اُميد آهي تہ توهان انڊيا گورنمينٽ تي اثر هلائي ان سلسلي کي ڪاميابي تائين پهچائڻ

۾ اسان جي مدد ڪندا.

هتي اچ ٦ آگسٽ تائين توهان جي ٽيليفون جو انتظار ڪندس ته جيئن اهو جواب ١٠ تاريخ تائين سيد صاحب کي پڏائجي - پاڪستان سان جنگ ڪرڻ جو فيصلو اسان جي طرفان آخري آهي ۽ ان ۾ ڪابه ترميم ٿي نه ٿي سگهي. اسان کي صرف توهان جي تعاون ۽ رابطي جي ضرورت آهي. جيڪڏهن ٿي سگهي ته توهان ڪنهن ساٿيءَ کي ڇهين تاريخ جي اندر ڪابل موڪليو ته جيئن روبرو تفصيلي گفتگو ڪري ڪنهن نتيجي تي پهچجي. توهان مهرباني ڪري پنهنجا ٽيليفون نمبر به ڏياري موڪليو ته جيئن اچ هتان توهان سان هروقت رابطي ۾ رهان - خط ۾ جيڪڏهن ڪا غلطي ٿي هجي ته معاف ڪرڻ فرمائيندا - مونکي اُميد آهي ته توهان دنيا جي سنڌين لاءِ هڪ آزاد وطن جي تحريڪ ۾ هر طرح جو تعاون ڪندا - هڪ دفعو وري توهانکي عرض ڪندس ته توهان سيني ساٿين جون ائڊريسون ۽ ٽيليفون نمبر ڏياري موڪليندا ۽ پاڪستان جي مظلوم سنڌين جي جذبات جو اَحترام ڪندي هن آزادي جي تحريڪ ۾ نئين جوش ۽ ولولي سان ساٿ ڏيندا.

فقط توهان جو

جُمن

---

ڪابل، ١١-١١-١٩٧٣

جيئي سنڌ !

برادرم ميان ڪيرت صاحب سدا سلامت هجو،

احوال ته اوهان صاحبن کي جناب شاهه محمد شاهه جا موڪليل ڪتاب ۽ خط پهتو هوندو ۽ مون به اوهان سان دهلي مان ٽيليفون ذريعي ڳالهايو هو ۽ هڪ خط به اوهان کي لکيو هوم. اُهو به توهانکي پهتو هوندو. قاضي فيض محمد کي اچ دهلي ڇڏي ويو هوس، هاڻي خبر ڪانهي ته ڪٿي آهي. جيڪڏهن اوهان کي قاضي صاحب جي خبر هجي ته مهرباني ڪري اَڄ جو اَڄ اَسان کي خط ذريعي اِطلاع ڪندا. جيڪڏهن اوهان جو قاضي صاحب سان رابطو هجي ته ڪيس اِطلاع ڏيندا ته اَسان ڪابل ۾ آهيون ۽ جناب اَجمل خٽڪ وٽ رهون ٿا.

هيو سائينءَ ڪجهہ ڪتاب ۽ ڪجهہ پمفليٽ ڏنا آهن جي ڇپائڻا آهن. جيڪڏهن آسين اوهان ڏانهن اچي سگهياسون تہ پاڻ سان کنيو ايندا سون نہ تہ اوهان ڏانهن موڪليندا سون. پر قاضي صاحب جو پتو آسان کي اڄ جو اڄ موڪليندا. مهرباني

اوهان جو دعاگو

محمد سرمد ٽيبو

---

لنڊن، ٢٨-١١-١٩٧٣

پيارا ڪيرت،

ساٿي - شال جڙيو هجين.

تنهنجو خط مليو. ان ڳالهہ لاءِ مهرباني، جو ايترو دور هوندي بہ پنهنجن کي تو ياد ڪيو آهي. اِهو تنهنجو اَحسان رهندو. قاضي صاحب جي ڍاڪا وڃڻ جي نهايت گهڻي خوشي ٿي. واپس اچي تہ فون نمبر موڪلجانءِ يا ڍاڪا جي ائڊريس موڪل تہ مان فون تي ڳالهايانس.

سيد صاحب اَڃان نظربند آهي، اَڃڻ جي اُميد تمام ٿوري آهي جو هاڻ سرڪار لنوائي پئي تہ سيد کي ٻاهر ڇڏجي. دعا آهي تہ سيد اچي وڃي تہ ڪم سؤلو ٿي پوي. سيد صاحب جي وڃڻ جي ڪري مان هِت آيو هوس. اَڃا مون ڪوبہ فيصلو ڪونہ ڪيو آهي تہ واپس وڃان يا ڪجهہ ڏينهن رهان. هُتان احوال اَچي تہ منهنجي واپس ورڻ جا اَمڪان آهن يا نہ، پوءِ ئي ڪو فيصلو ڪنديس، بهرحال اِهو فيصلو مونکي جلد ڪرڻو پوندو جو پنهنجو وڃڻ بہ ضروري پيو سمجهان، رڳو اِن ڳالهہ جو اَنديشو آهي تہ حڪومت منهنجي خلاف ڇا سوچيو آهي.

ادل، مان هِت اِنڪري ڳالهائڻ آيو هوس جو اِتان جي سرڪار جي خواهش هئي. انڪري تہ آسانجا بہ ڇا دوست ٿي ويا هئا ۽ مان هِت ڳالهين لاءِ آيس. بهرحال جيڪڏهن سرڪار في الحال نہ ٿي چاهي تہ مان بہ ايترو خواهشمند ڪونہ آهيان. واپس وڃڻ کان اڳ توکي خط لکندس يا فون تي سلام ڪندو ويندس.

پيارا، مان تنهنجي اِن ڳالهہ سان متفق آهيان تہ ڪِٿي گڏجي سوچ

ويچار ڪجي. اِنڪري تون جيڪا بہ تجويز موڪلين، مونکي اُها قبول هوندي. ڪو هنڌ ڳڌجڻ جو تجويز ڪرين تہ بہ مان اُن لاءِ تيار آهيان. پر جلد، ڇو جو توکي خبر آهي تہ سنڌين هميشهہ سستيءَ جي ڪري مار کاڌي آهي. اَدا نظاماڻيءَ سان ڇهہ ست دفعا مليو آهيان. هڪ نہ ٻئي ڏينهن ڳالهہ ٻولهہ ٿيندي آهي. اَدا، نظاماڻي بہ هتان جي ڪِن دوستن کي منهنجي متعلق ٻڌايو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ ملڻ ٿئي. اَدا، نظاماڻي سان اِن ڳالهہ جو ذڪر نہ ڪرڻو هوم، جو سيد صاحب جهليو هو. اِنڪانسواءِ نظاماڻي صاحب ۾ سيد نهن بہ ڪون ٿا، اِنڪري مون نہ چاهيو آهي. وڌيڪ بہ مان سيد ڏانهن تنهنجو نياپو موڪليندس.

نو روم واري دوست جي ائڊرئيس ڪانہ موڪلي آهي، رڳو نالو سنتوش لکي موڪليو اٿيئي.

ها اَدل، تنهنجين ٻنهي تجويزن سان مان متفق آهيان.

(١) هتان جي سرڪار سان ڳالهہ ٻولهہ لاءِ پروسي جوڳو Link ڳولهڻو پوندو ۽ خبرداري سان ڪم وٺڻو پوندو. مان اِنڪري تہ توکي خط لکيو هو. خبرداريءَ تہ اِن ڳالهہ ۾ تمام ضروري آهي. اَدا فيض محمد، جو ڊاڪا وڃڻو هو؛ شايد ڪو حل ڳولهي ڪڍي.

(٢) تہ هِتي هڪ هنڌ ڳڌجڻ تمام ضروري آهي. اُن لاءِ جڏهن تون يا ڪي دوست ملڻ چاهين تہ سني ڳالهہ ٿيندي تہ مان بہ هتان جو اَحوال پورو ڏيئي سگهان هان. بهرحال اَدل، آسان هن وقت اِنهيءَ پوزيشن ۾ آهيون تہ اتي ڪجھ عرصو پنهنجي پيرن تي بيهي بہ مقابلو ڪري سگهون پيا. مان رڳو اِن ڳالهہ تي ڌيان اَٽڻ چاهيو تہ دير ڪرڻ سان وڌيڪ وقت لڳندو ۽ شايد پوءِ نتيجي ۾ بہ گهڻي دير ٿئي. مان خط ۾ وڌيڪ ڪونہ ٿو لکڻ چاهيان، ملياسين تہ روبرو عرض ڪبو.

اَدل، اسانجي تنظيم جو اِهو فيصلو هو تہ جلد کا ڳالهہ ٻولهہ تي وڃي تہ اُن نموني سان ڪم ڪجي هان، بهرحال جيئن دير تيئن خير.

مان آخر ۾ وري بہ توهانجا ٿورا مڃيا نٿو.

سنڌ جي سيني سڄڻن لاءِ سلام عرض ڪريان ٿو. ڇڱو اَدل وري ٻئي دفعي.

قربن مان تنهنجو پنهنجو

يوسف لغاري

لنڊن، ٢٣-١١-١٩٧٣

محترم ڪيرت صاحب،

شال جڙيا هجو!

ساٿي!

سائين جي.ايم. جي هدايت مطابق مان اوهان کي هي خط لکي رهيو آهيان. مان هت ڳالهه ٻولهه ڪي وڌائڻ ۽ ان کي وڌيڪ اڳتي هلائڻ جي سلسلي ۾ آيو آهيان. اوهان مهرباني فرمائي پنهنجن اِتي وارن ذميدار ماڻهن کي چوندا ته مونسان ملن يا مونکي سندن ايڊريس ڏيندا ۽ کين Inform ڪندا ته جيئن مان ساڻن ملان ۽ ڳالهه ٻولهه کي Materialise ڪري ڪم کي تڪڙو اڳتي وڌائجي. مان هت اجان ٻه ٢٠ ڏينهن کن آهيان. ويزا کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪندس ته پوءِ وڌيڪ به ترسي پوندس. بهرحال، اِهو سڀ ڪجهه ڳالهين تي مدار رکي ٿو. انڪري مان اوهان کي عرض ڪندس ته هن سلسلي ۾ دلچسپي وٺي جلد مطلع ڪندا ته نوازش ٿيندي. مان ڪوشش ڪري اوهان سان فون تي ڳالهائيندس. مونکان فون جو نمبر ڪٿي Miss ٿي ويو آهي، ورنه هن وقت تائين مان اَوهان سان ڳالهائي سگهان ها. اوهان مهرباني فرمائي مون سان مٿي ڏنل فون نمبر تي ڳالهائيندا. قريشي هڪ واقفڪار دوست آهي، ان وٽ ترسيل آهيان. جي ڪڏهن ٻئي هنڌ هوندس ته به قريشيءَ کان ايڊريس معلوم ٿي ويندوَ. اوهان فون ڪري قريشيءَ کي چوندا ته مون سان ڳالهائڻو آهي ته پوءِ ڳالهه ٻولهه ٿي سگهندي. اُميد ته اوهان جلد Contact ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا. مون قاضي فيض عمر کي به دهليءَ جي ايڊريس تي لکيو آهي. کيس منهنجا سلام چوندا.

چڱو ساٿي.

سدا جيئي سنڌ!

فقط تنهنجو،

(نالو مٽيل) حسين بخش

ڪابل، ۲۴-۱۱-۱۹۷۳

## ’آزاد گهرجي وطن‘

جناب ڪيرت صاحب، جيئي سنڌ!

احوال تہ مونکي سائين جي.ايم.سيد توهان ڏانهن موڪليو آهي. مگر سنڌ کان پارٽ ڏانهن بارڊر ڪراس ڪرڻ تمام مشڪل آهي.

تنهنڪري آءٌ هتي ڪابل ۾ آيو آهيان. توهان ڏانهن اچڻ جو ارادو آهي. انهيءَ ڪري هيءُ خط توهان ڏانهن لکي رهيو آهيان، جيئن توهان ايڏانهن اچڻ لاءِ سهوليت وارو پتو ٻڌايو تہ آرام سان توهان وٽ پهچي وڃان. سائين جي.ايم. سيد توهان ڏانهن پهرين هڪ ڪتاب ’پاڪستان جو ماضي، حال ۽ مستقبل‘ موڪليو هو، جيڪو اوهان ڇپائي پڌرو ڪيو. جنهن جا اسين تمام شڪرگذار آهيون. اهو ڪتاب سائينءَ وٽ پهچي چڪو آهي، دولت مهتاڻيءَ جي هٿان.

ڪتاب جو آخري باب رهيل آهي، سو موڪليان ٿو. ان کانسواءِ هڪ ٻيو ڪتاب، اُميد تہ جلد ڇپائيندا. ٻيو تہ اڳتي قدم جون ڪجھ ڪاپيون ۽ ننڍا ڪتابي (پمفليٽ) بہ هن ڪتاب سان گڏ آهن، جيڪي سنڌيءَ ۾ ڇپائي ورهائيندا ۽ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري اسان ڏانهن موڪليندا.

ادا سائين، منهنجو توهان سان ۽ ٻين ساٿين سان ملڻ تمام ضروري آهي. آءٌ ڪوشش ڪريان پيو. مهرباني فرمائي توهان هند سرڪار سان ڳالهائي منهنجي اچڻ جي اجازت وٺندا. جيئن آءٌ هتان توهان ڏانهن اچي سگهان. ڪجھ خاص ڳالهيون ڪرڻيون آهن. سنڌ ۾ سياسي حالتون روز بروز تبديل پيون ٿين. اسان کي ٽن ڳالهين جي سخت ضرورت آهي : (۱) هٿيار، (۲) ٽريننگ - گوريلا، (۳) پروپئگنڊا. انهيءَ ڳالھ لاءِ شاه صاحب مونکي توهان ڏانهن موڪليو آهي جيئن تہ پاڻ ۾ ملي ڪو پروگرام ٺاهيون. مهرباني ڪري جواب جلد موڪليندا. آءٌ جواب جو انتظار هتي ڪابل ۾ ڪري رهيو آهيان. آءٌ هن وقت اجمل فتڪ وٽ رهيل آهيان. مونکي اُميد آهي تہ توهان مون سان جلد رابطو قائم ڪندا.

اوهانجو پنهنجو،
شاه محمد شاه.

لنڊن، ٣٠-١٢-١٩٧٣

ادا - شال جڙيو هجين،

تنهنجي قرب نامي دل کي ايڏي تہ تقويت پهچائي جو مان اُن جو اندازو بہ نہ پيو ڪري سگهان. قاضي صاحب جي خيرئت جو ٻڌي دل بهار بهار ٿي ويئي. قاضي صاحب جڏهن بہ ڍاڪا مان اچي تہ مون سان هڪدم ڳالهہ ٻولهہ ڪرائجو. سنڌ ڏانهن خبر موڪلي ڏني اٿم - نهايت ئي هٿيڪي ماڻهوءَ سان. مان اُتان هتي آهيان. وچ ڪان اڳہ توکي اطلاع ڪندس. ويندس تہ بہ ڪنهن پڪي ماڻهوءَ جي ائڊريس ڏيئي ويندس تہ تنهنجو احوال اُن مان ملندو رهندو جو رابطو نهايت ضروري آهي.

بہ ڏينهن اڳہ فون تي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪيم پر فون نہ ملي. اڄ بہ فون جو ڪافي انتظار ڪيم پر فون ڪونہ ملي. مان جلد فون تي ڳالهائيندس. مان اِن حال ۾ توکي اِطلاع ڏيڻ پنهنجو فرض سمجهندس. هتي اچان تہ بي سود وينو آهيان. ڊيلي ٽائيمس ۾ هڪ مضمون "Torture In Pakistan" ايندڙ آچر تي ايندو. ٻيو تبصرو Daily Worker Press ۾ "Could Pakistan Survive" جي هيڊنگ سان ايندو. فلحال اِنهن اخبارن جي ڪِن ڪارڪن کي اعتماد ۾ ورتو اٿم. مضمون ڇپجڻ تي موڪلي ڏبا. مان اَدل هتي آيو هوس تہ سمجهيم تہ سيد عمر جي آخر ڏاکي تي آهي، انکري ڪجهہ رابطو پئدا ڪري وڃان پر هتان جا بيوروڪريٽس آهن اوهانجي ملڪ جا نمائندا، سو ملڻ في الحال مناسب نہ سمجهيم. مان جيڪڏهن وڃان تہ پوءِ جڏهن بہ ڪو ماڻهو سنڌ ۾ مونسان ملڻ چاهي تہ تنهنجي صحي پوسٽ جي ٽڪلي جي پنيان ڪري ڏجانس تہ مان سمجهي ويندس. تنهنجي صحي مونکي ياد آهي نہ تہ بہ پنهنجو رابطو قائم رهندو. افسوس رڳو اِهو اٿم تہ مان هندستان وارن کي اِهو نہ سمجهائي سگهيس تہ سندن ڪِن غلط پالسين جي ڪري اسانجي تحريڪ کي ڪيترو نقصان پيو پهچي. هندستان وارن جو ڏوهہ ڪونهي. اُنهنجي لاءِ ولي خان سڀ ڪجهہ آهي، حالانڪ ولي خان سنڌ سان جيڪي پير پريا آهن سي ماڻهن کان ڳجها نہ آهن. ان هوندي بہ هن وقت اسان اصولن خاطر ولي خان جي مدد ڪريون پيا، ليڪن حدن اندر

رهندي.

ها اَدل، تفصيلوار خط لکي موڪليندس. ليڪن وچ ڪان اڳ في الحال تہ ڪجھہ ڏينهن اجان آهيان - منهنجي نئين ائڊريس متي ڏنل آهي.

سنڌ جي سيني سائين کي منهنجا نياز چوندا.

فقط قربن مان، تنهنجو پنهنجو

يوسف لغاري

---

لنڊن، ٣-١-١٩٧٤

پيارا ڪيرت،

ادل توکي خط لکيو هوم سوچيو هئم تہ مان واپس هليو ويندس ۽ واپس وچ وقت تو سان فون تي ڳالھہ ٻولھہ ڪري ويندس. ڪجھہ ڏينهن ٿيندا جو سيد جو ماڻهو آيو آهي، مونکي وڏيڪ رهڻ لاءِ چيو اٿس. پائو شاه مهرشاه بہ خط لکيو هو-ڪجھہ تنهن جو احوال بہ موڪليو هئم، مان اڳئين خط ۾ ڪوبہ تفصيلي احوال ڪونہ موڪلي سگهيو هوس جو مان پاڻ ڪجھہ خبردار رهڻ ٿي چاهيو. هت شاه مهرشاه ۽ ٻين سائين تنهنجي صلاح بعد نظاماڻي سان تعلق پيدا ڪيم، پر ان کي پنهنجو Mind ڪونہ ڏنو اٿم جو اِهو تحريڪ جي فائدي وٽان آهي. ڪجھہ حاصل ٿئي يا نہ ٿئي پر نقصان نہ ٿئي، انڪري مان ائين مناسب سمجهيو آهي.

هتي اجان ڪوبہ ڪڙ تيل ڪونہ نڪتو آهي. مان پنهنجي سِر سنڌ جي تحريڪ جي لاءِ هت سائين کي Organise ڪريان پيو، ڪجھہ مضمون 'سانول' جي نالي سان لکان پيو. هتان جي تنهنجي ديس جي ماڻهن کي سنڌ جي تحريڪ جي نئين موڙ جي ڪابہ خبر ناهي. خود تنهنجو مضمون جيڪو نظاماڻي صاحب مونکي ڏنو آهي ان ۾ سنڌ جي تحريڪ جي نئين موڙ کان اُوهانکي بہ گمراه ڪيو ويو آهي (دل ۾ نہ ڪجان)

اَدل-هن وقت سنڌ جي تحريڪ سنڌ جي نوجوان نسل جي هٿ ۾ آهي. سيد جي Ideology جو نوجوانن تي اثر آهي ۽ سنڌ جي نوجوانن

جي هٿن ۾ Line of action آهي. مان توکي سنڌ جي تحريڪ تي ڪجهه رسالا، حالانڪ انهن ۾ پوري خبر شامل نہ آهي جو حڪومت جي پابندي آهي، موڪليندس جن ۾ مان ڪجهه وڌيڪ معلومات توکي ملندي، تون پراڻو ساٿي آهين. شمع ٻاريندڙن مان هڪ. ڪجهہ advise ڪري سگهندين. مان هت تحريڪ تي هڪ NOVELET لکان پيو. ڪجهہ ڏينهن جي اندر مڪمل ڪري توڏانهن موڪليندس، جيئن حقيقت کان واقف ٿي سگهين ۽ پوءِ ڪا هڪ Line of action ڪڍي سگهجي. سيد اسانجو پيغمبر آهي. سنڌ جي نئين نسل، سنڌ جي آزادي جي جدوجهد کي ايترو تہ ڪيو آهي جو ۴ مارچ وقت جڏهن مان جهنڊو ڪڍي سنڌ جي نئين نسل کي ظلم کان آگاہ ڪيو هو تہ ڪي داڻا نظر آيا. ليڪن هن وقت فصل ايترو تہ پلو ٿيو آهي، جو پنهنجو مقصد، سوچان پيو تہ، پنهنجي حياتي ۾ ڏسي وٺندس. تون هت اچين، جيڪڏهن وقت هجيئي ۽ مناسب سمجهي سگهين تہ سٺو - يا پوءِ مونکي حڪم ڪر تہ مان ايندس ليڪن منهنجو اچڻ پاڪستاني پاسپورٽ تي في الحال ٺيڪ ڪونهي. انڪري جيئن تون مناسب سمجهين ائين لکي موڪلجان ۽ مان جلد توسان فون تي تنهنجي وقت مطابق ڳالهائيندس، جيڪڏهن اچڻ جو حڪم ڪندين تہ بہ ايندس پر پوءِ سيني ساٿين سان ملڻ جو بندوبست هئڻ گهرجي، جو جيئن وقت جو صحيح فائدو وٺي مناسب بحث ڪري سگهجي. نہ اچي سگهين تہ خط جي ذريعي تفصيلي احوال پيو موڪليندس. مان نہ اچي سگهيس تہ بہ تو سان رابطو رهندو - منهنجي وڃڻ بعد هت توکي ايڊريس پنهنجي ماڻهو جي موڪليندس ان سان تعلق ۾ رهندو ايندين تہ تحريڪ جي لاءِ فائديمند ٿيندو.

ها ادل اتي آوهان تحريڪ کي Support ڪرڻ لاءِ ڪهڙو رخ اختيار پيا ڪريو، اُن کان اسان سنڌ وارا قطعي ناواقف آهيون. سيد شايد نہ اچي سگهي جو سنڌ ۾ تازو هڪ سو کن گرفتاريون ٿيون آهن. منهنجي شهر مان بہ ٣٥ ڪارڪن گرفتار ٿيا آهن. انڪري سيد کي حڪومت نہ اچڻ ڏيندي. اچي ملي ها تہ سٺو هو . ڪجهہ نياپو سرو موڪلڻو

هجي تہ سيد تائين پهچي ويندو - خط جلد لکجان - سنڌ جي ساٿين لاءِ لکہ سلام.

فقط تنهنجو ۽ سنڌ جو ساٿي،
يوسف لغاري
جنرل سيڪريٽري ’جيئي سنڌ‘ محاذ

---

ڪابل، ۲۰-۳-۱۹۷۴

پيارا ڀاءُ !

جيئي سنڌ - احوال تہ آءُ وچ ۾ سنڌ ويو هئس. ۱۰ مارچ تي واپس هتي ڪابل ۾ پهتس - اوهانجو ڪوبہ حال احوال ڪونہ آيو. مون هتان معلوم ڪيو مگر خبر ڪانہ ملي تہ ڪو توهانجو خط هتي آيو. آءُ توهان ڏانهن اچي ڪونہ سگهيس، ڇاڪاڻ تہ پاسپورٽ ڪونہ مليو. هاڻي ڪوشش ڪري سنڌ جي سرحد کان ايڏانهن ايندس. اڄ آءُ واپس پيو ٿيان. توهانجي تقرير اڄ پهتي. نهايت عُمدي تقرير آهي. آءُ اوهانکي مبارڪ ٿو ڏيان، اُميد تہ قبول پوندي - سائينءَ جي ڪتاب جو ڇا ٿيو ؟ پيو تہ قادر بخش نظاماڻي هتي آيو هئو. مونسان مليو مگر هن کي منهنجي نالي جي خبر نہ آهي. مون هُن کي پنهنجو نالو محمد علي ٻڌايو هئو. نظاماڻيءَ کي منهنجي نالي جي خبر نہ پوي.

دهليءَ واري اجلاس جو ڇا ٿيو ؟

ڀاڀيءَ کي سلام، ٻارن کي پيار.

زيادهہ خيروسلام
اوهانجو پنهنجو
شاه

لنڊن، ۷-۴-۱۹۷۴

پيارا ڪيرت !

تمام گهڻا ڏينهن گذري ويا آهن - جڏهن فون تي ملاقات ٿي. وري ڊسمبر ۾ خط لکيم. جواب سواءِ پوري ائڊريس جي ملڻ جي اُميد اجائي هئي. جتي هوس اُتان موٽي وري ٻئي ملڪ مان، ٻه هفتا ٿيا آهن جو هت پهتو آهيان. وطن وارن جا پيغام پهچندا رهيا، مگر تمام گهڻي تڪليف ۽ وقت ڪانپوءِ. اِتي توهان سان ملڻ جي ڪوشش ڪيم - مگر اجازت نہ ملي سگهي. ٻيءَ طرح سان مونسان روش نيڪ هئي. هيءَ بہ حقيقت آهي تہ اِتان وارن جي مدد ڪانسواءِ اسين گهڻو ڪجهہ ڪري نٿا سگهون. هاڻي ڪم شروع ڪرڻ گهرانئو. ڳوٺ وارن جي اجازت بہ آهي ۽ پروگرام تي اتفاق بہ آهي. توهان ۽ اِتي وطن جي سڄڻن جي راءِ، مدد ۽ شموليت جي تمام گهڻي ضرورت آهي.

ٻن محاذن تي اسانکي ڪم ڪرڻو پوندو-اندر وارن کي پڻ تياري ڪرڻي آهي ۽ هو ڇا ڪندا مان سمجهان ٿو اها توهان کي خبر آهي.

يائو ! اَجهاڳہ سمنڊ ۾، ڪي اندر آهن ۽ ڪن کي ٻاهر ڪڍيو ويو اهي، اُڇليو ويو آهي ۽ طوفان ۽ مشڪلاتون سامهون آهن، اُهي نهايت ڏکيون ۽ خطرناڪ حالتون آهن. مگر جيڪڏهن هن وقت سندرو ٻڌي پاڻکي ۽ وطن کي بچائڻ جي ڪوشش نہ ڪنداسين تہ پوءِ هميشهہ سيني جو موت ٿي ويندو - وطن ويچارو تہ اڳئي واڱهن جي وات ۾ آهي. مگر مڙس مشڪلن کي منهن ڏيندا ۽ آخر تار پوندا آهن. خير توهان ۽ ٻيا دوست داناءَ آهيو. ۱۵ سالن کان پوءِ جي ٻاهر آهن يا اندر آهن، مڇين وانگر لڇي ۽ تڙپي رهيا آهن. اسان حق تي آهيون، اسانجو وطن عظيم آهي - اسانجا ماڻهون سيني اوڻاين هوندي عظيم آهن. ڪوشش جي ضرورت آهي. مونکي يقين آهي تہ اسانجي ٻيڙي ضرور پار پهچندي. ڪوڙ ۽ ظلم جو ڪوٽ ضرور ڪرندو. پنهنجي سنڌي يائرن جون پراڻيون لاتيون، ٻينڪون سڀ دل تي ياد آهن ۽ هر وقت اهائي تات آهي تہ شل وري وطن واپس اچون ۽ اچي پنهنجا وٿاڻ

وسائن. اڄ اتي ڪو ڪاتي آهي تہ ڪو ڪاتي. اهڙا پيا لڳن جهڙا چورا ٻار - آخر جيجل ماءُ کان جدا سيڪو چورو آهي. اسان وطن جو قدر ڪونہ ڄاتو. ڪيس اڱهاڙو ڇڏي ڌارين جي حوالي ڪري ڇڏيوسين. جلدي سيني محسوس ڪيو تہ گهر کان سواءِ، وطن کان سواءِ ٻيهڻ لاءِ ڪابہ جڳهہ نہ ملندي، جتي اُنهيءَ سنڌ واري محبت ۽ سنڌ واري سچائي هجي. ٻيءَ زمين تي پير ڄمائڻ ۽ اهي جيجل وارا ماڻا ماڻڻ ناممڪن آهي. جيڪي جيجل جي جهوليءَ ۾ آهن، جيجل جي سڪرات ۾ هئڻ ڪري، اُهي بہ چورا آهن.

دل جي درد جون ڪهڙيون ڳالهيون ڪيان !

هاڻي سوال آهي تہ ڪم ڪيئن ڪجي ؟ توهان جي يا ٻين ياڻرن جي ملاقات ٿي سگهندي يان نہ - يا خط، ڪتابت جي رستي يا فون تي ملي ضروري ڳالهين جو فيصلو ڪريون. اسانجي راءِ موجب ’جيئي سنڌ‘ تحريڪ کي وسيع ڪيو وڃي، جا سڄي دنيا ۾ هلائي وڃي. سنڌي جتي بہ آهن اتي مرد ٿي پروگرام تي عمل ڪن. سينٽرل آفيس هِت ڪجي ۽ هتان پبلسٽي، ميٽنگون ڪيون وڃن ۽ ڊيپوٽيشن ٺاهي هر جڳهہ هر ملڪ ۾ ۽ يونائيٽيڊ نيشنس ۾ هيءُ سوال آندو وڃي. هيءَ سڀ ڪيئن ڪجي انهيءَ لاءِ توهان ياڻرن، اتي رهندڙن جي راءِ جي ۽ مدد جي تمام گهڻي ضرورت آهي. ڪم جي پلئن ٺاهڻي آهي. مهرباني ڪري جلد جواب ڏيندا.

(توهان ڄاڻو ٿا، نالو پنهنجو مٽايو اٿم. توهان ايم اڪبر نہ لکندا. مگر شوڪت ٿاواڻي لکندا.)

توهان جو

ايم. اڪبر

لنڊن، ۷-٦-۱۹۷۴ع

پيارا ياءُ !

جيئي سنڌ !

خط ۽ تار ٻئي پهتا. جواب ۱۵ تاريخ موڪليو اٿم. هيءُ خط وري لکي رهيو آهيان. ڀٽو صاحب ڪڏهن به ڪشمير کي کلهي تي کڻي معصوم جانين جي شڪار تي وري شايد نڪري. هونئن به 'پاڪستان' جو هندستان سان دشمنيءَ ۽ جنگ کان سواءِ حال مشڪل آهي. صلح ۾ 'پاڪستان' جو موت آهي. پنجابي سپاهي، جن جو گذر محض جنگي حالتن تي دارو مدار رکي ٿو. جنگ ڪڏهن به لڳي سگهي ٿي.

انهيءَ ڪري اسان کي پنهنجي تحريڪ درست ڪري. ڪنهن سهڻي ۽ وزنائيتي طرح هلائڻي آهي. اهو ڪم تمام جلد ٿيڻ گهرجي. تحريڪ سان سڄيءَ دنيا کي واقف ڪرڻو آهي. هيءُ سڀ ڪجهه هن سال اندر ٿيڻ گهرجي. مهرباني ڪري جلد فيصلو ڪيو ته ڪٿ ملي فيصلا ڪجن ۽ ڪا ڪم ڪرڻ جي راه ڪڍجي. لنڊن اچي سگهو ته ڏاڍو چڱو - ٻين ٿورن دوستن کي شريڪ ڪرڻ جو ارادو هجي ته پوءِ جتي فيصلو ڪيو اُتي ٿجي.

سنڌ ۾ اندر ڇا پيو ٿئي تنهن جي مونکي به خبر نه آهي. البت حالتون خراب آهن. اسانجي رفيقن جون مخفي ميٽنگون ٿي رهيون آهن. يوسف وطن ۾ مارچ ۾ پهچي ويو آهي، مگر انجو احوال به ڪونه ٿو ملي. ڪوشش ڪري رهيو آهيان ته ڪا خبر ملي. مونکي به اٽڪل ۸ مهينا سنڌ ڇڏي ٿيا آهن. مان توهان کي هڪ خط ڍاڪا مان لکيو هئو ۽ ٻيو ڪلڪتا مان. مگر خبر نه آهي ته اهي خط توهان کي ڇو نه پهتا.

هاڻي افغانستان مان هتي آيل آهيان.

مختصر پنهنجا ڪجهه خيال توهان کي لکي ٿو موڪليان، جن تي غور ڪندا.

١) سنڌ کي هميشهه نقصان انڪري پيو آهي ته اسان پنهنجي فوج نه ٺاهي. انڪري جڏهن هڪ اهم سنڌي آزاديءَ لاءِ تحريڪ هلائي ٿي وڃي ته بنيادي وقت سوچي ڪم ڪرڻو پوندو. هڪ فوج ٺاهجي. اندرين سنڌين ۽ ٻاهر رهڻ وارن سنڌين جوانن کي اُن ۾ شريڪ

ڪرڻ گهرجي - جا آزادي لاءِ، آزادي کان پوءِ حلقن ۾ سنڌ کي بحال ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري.

٢) هيءَ آزادي جي تحريڪ سڄي دنيا سان روشناس ڪرائجي- انهيءَ لاءِ کهڙيون ضرورتون آهن تن لاءِ ويچار جي ضرورت آهي.

٣) تحريڪ جو مرڪز تمام ضروري آهي. لنڊن بهتر جڳهه ٿيندي.

٤) لٽريچر پيدا ڪرڻ ۽ ڇپائڻ.

٥) فنانس جي ضرورت ٿيندي. مگر اهي فنڊ باقائدي تنظيم هيٺ گڏ ڪجن ۽ خرچ ڪجن.

٦) سنڌ اندر ۽ سنڌي، جي سنڌ کان ٻاهر هر جڳهه آهن، تن کي منظم ڪرڻ.

٧) ڊيپيوٽيشن ٺاهي ٻين ملڪن جي ليڊرن سان ملڻ.

٨) پروپئگنڊا جا تريقا سوچڻ ۽ اختيار ڪرڻ.

جيئن جيئن اڳتي وڌبو، مسئلا پيدا ٿيندا، جن جو فيصلو تڏهن ڪيو ويندو.

تمام ضروري آهي ته وقت خراب نه ڪريون ۽ عمل جلد ۾ جلد شروع ڪيو وڃي. جواب جلد ڏيندا. جيڪڏهن ضروري سمجهو ته فون تي ڳالهائيندا.

خادم

قاضي فيض محمد

---

١٩٧٤-٧-٢٤

پيار ڀائو !

جيئي سنڌ !

خط توهان جو پهتو. پڙهي ڏاڍو خوش ٿيس. توهان جو، وطن جو، جيڪڏهن ڪو احوال نه ٿو اچي ته ڏاڍو انتظار ٿئي ٿو. بي قراري پڻ ٿئي ٿي.

مان هتي گهڻو ڪجهه ڪري نه سگهيو آهيان. ڪيترئيون رنڊڪون آهن. توهان کي لکيو هوم ته هت ڪجهه سنڌي ڀائرن جون ائڊريسون ڏيندا ته اُنهن سان ملان - مگر توهان وٽان اجان ائڊريسون ڪونه مليون. مهرباني ڪري خط پهچڻ شرط ائڊريسون ڏيندا ۽ ھنن ڏانهن لکندا ته

مان ساڻن ملندس.

هڪ سنڌيءَ سان ملڻ ٿيو. مگر هن ۾ ڏاڍي مايوسي پاتم. ائين سمجهيم تہ هيءُ ماڻهون سنڌ کي شايد وساري ويٺا آهن.

سچ تہ پائو هيءُ آهي، جيڪي سنڌي سنڌ کان وچڙي ويا آهن ۽ جيڪڏهن پنهنجي وطن ڏانهن موٽي اچڻ لاءِ ۽ وطن جي آزاديءَ لاءِ ڪجھ بہ ڪرڻ نہ ٿا گهرن تہ پوءِ سڄو قصو بي معنيٰ آهي. گهٽ ۾ گهٽ مان تہ پوءِ ڪٽي پيٽ جي پالڻ لاءِ جڳھ ڳولي ويهي رهندس. سنڌ جهڙي حالت ۾ آهي، انهيءَ جي ڪابہ معنيٰ ڪانہ آهي. سڀ ماڻهون پنهنجي ماڳ تي اَچن ۽ ماڳ ڏانهن وڃن، منهنجي صرف اها تمنا آهي.

هيءُ سڀ ڪجھ تڏهن ٿي سگهيٽو جڏهن هي ظلم جو اَڏو پاڪستان ٽٽي، هيءُ عمر جو ڪوٽ ٽٽي ٽڪرا ٿئي.

مان ڪابل وارن دوستن کي لکي رهيو آهيان تہ اسان جي ڪانفرنس، جنهنجو توهان ذڪر ڪيو آهي، اتي ممڪن ٿي سگهندي. بيءَ صورت ۾ لنڊن يا بي ڪا جڳھ توهان مقرر ڪندا تہ اتي پهچي ويندس.

وقت گذرندو ٿو وڃي. لڙائي وغيره اڄ ڪلھ هفتي ٻن کان وڌيڪ هلي نہ ٿي سگهي. تنهن ڪري اسان کي ايڏي وڏي تياري اندر ۽ ٻاهر ڪرڻي پوندي جو اسين هفتي کن جي اندر قبضو ڪري سگهون - ڪم ايڏو تہ وڏو آهي، جنهن جي حد ڪانہ آهي. مگر ساڳي وقت ڪم جي رفتار بلڪل ڍلي آهي. مان تہ وقت سر ڏاڍو مايوس بہ ٿيان ٿو مگر ڪم ڪرڻو آهي - اڳتي وڌڻو آهي.

رشين ايمبسي وغيرھ سان ملڻ لاءِ جلد ڪوشش ڪندس. ڪجھ چپائڻ لاءِ ڏنو اٿم. جنهن ۾ پنهنجو ڪيس مختصر ۾ بيان ڪيل آهي. انهيءَ ڪري رنديو وينو آهيان - حالتون هن کان وڌيڪ سازگار ڪونہ ٿينديون. اڳي ئي ڪيتريون ڳاڏيون وڃائي ويٺا آهيون. جيڪڏهن هن دفع بہ ڳاڏي وڃائيسين تہ پوءِ ڏٽي جاٽي الائي ڇا ٿيندو ! سنڌين ۽ سنڌجو ڪوبہ نشان نہ رهندو !

جواب جلد ڏيندا -

توهانجو ڀاءُ

ايم آڪبر

لنڊن، ۰-۰۰-۱۹۷۴

پيارا ڀاءُ !

جيئي سنڌ !

خط ۽ تار ٻئي پهتا - مهرباني - خط اچ پهتو ۽ هڪدم جواب ڏيان ٿو. توهان کي ڪجهه غلط فهمي آهي، اُها دور ڪرڻ گهرانٿو. مان قاضي فيض محمد آهيان - هتي اڪبر سڏايان ٿو - افغانستان جي پاسپورٽ تي هت آيل آهيان. توهان مونکي فيض عمر قريشي سمجهيو آهي - قريشي اسانجي ذات آهي - اميد تہ غلط فهمي دور ٿي هوندي. مان ساڳيو دهلي وارو قاضي فيض محمد، هالاڻي نواب شاه جو رهندڙ آهيان.

ٻي غلط فهمي آهي تہ مونکي يوسف لغاري سمجهيو اٿو -

هاڻي اچون پنهنجي احوال تي. مان دهلي ۾ آڪٽوبر مهيني ۾ پهتس-ٻيا ٻہ دوست سومار ۽ ٻيو هڪ مونسان گڏ هئا. رات جو مان توهان سان فون تي ڳالهايو هئو. اِنهيءَ کان پوءِ نومبر ۾ مان ڍاڪا ويس. جتي مجيب سان ٻہ دفعا ملاقات ٿي ۽ سندس مهمان هوس. هو هڪ دفعو مهرباني ڪري منهنجي رهڻ واري جاءِ تي مونسان ملڻ لاءِ آيو هئو. ان وقت تہ همراه جو رخ نيڪ هئو. اڳہ آگسٽ ۾ منهنجي ساڻس لنڊن ۾ ملاقات ٿي هئي، تڏهن تمام جوش ۾ هئو ۽ سڄي اسڪيم مونکي ٿاهي ڏني هئائين. سياست آهي، سا بہ شخصي نہ، مگر ملڪن جي - وري لاهور ويو - اُتي جا بيان مايوس ڪندڙ آهن - خير پاڻتي گهڻو ڪجهہ ڀاڙڻو آهي - هندستان ۾ ڊسمبر کان وٺي اپريل تائين رهيل هوس - توهان سان ملڻ تہ نهيو - مگر خط لکڻ جي اجازت بہ ڪانہ هئي. ٻي طرح مونسان سلوڪ تمام سٺو هئو.

ٿورو ذڪر هندستان جو ڪجي. سنڌ اسانجو وطن آهي. تنهن کي آزاد ڪرائڻ سندس ٻچن جو ڪم آهي. مگر هندستان بہ اسان سان گڏ آهي. جيسين هيءُ ظلم جو ڪوٽ پاڪستان نہ ڪرندو. تيسين هنن جون مصيبتون گهٽ ڪونہ ٿينديون. هن ننڍڙي کنڊ جي عوام جون حالتون بدتر ٿينديون وينديون. سنڌ هڪ ڪنجي آهي، سندس غلامي ڪري سڄو کنڊ غلاميءَ ۾ رهندو. سنڌ جي آزادي سڄي هن وڏي ملڪ جي آزادي ٿيندي.

تنهنڪري جيڪڏهن هندستان ۾ سمجهدار سياستدان آهن ته پوءِ جيترو اسانکي پاڪستان ڏاهڻ ۽ سنڌ کي آزاد ڪرائڻ جو اونو آهي، انهيءَ کان وڌيڪ هندستان جي سياستدانن کي هئڻ گهرجي. آءٌ سمجهانٿو ته جڏهن اسان اڳتي وڌياسين ته مدد ضرور ملندي. مونکي يقين آهي ته هيءُ ڪوڙ جو ڪوٽ پاڪستان ضرور ڪرندو ۽ جيجل سنڌ وري جيئري ٿي سڄيءَ دنيا جي رهبري ڪندي. مگر ڪوشش تمام گهٽي ڪرڻي پوندي.

هندوستان ڇڏي، افغانستان ويس جتي اَجمل ۽ جماخان سان ملاقات ٿي ۽ انهن جي مدد سان پاسپورٽ مليو ۽ آءٌ هت ٢٤ اپريل پهچي ويس.

يوسف لغاري هت هئو. جو فيبروري ڏاري هتان هليو ويو آهي ۽ ”جيئي سنڌ“ جي طرفان مونکي هت رهڻو آهي ۽ ڪم ڪرڻو آهي - سيد ۽ ٻين دوستن تحريڪ وارن جي طرفان مونکي ٻاهرينءَ دنيا سان لهه وچڙ ڪرڻ لاءِ عيوضي مقرر ڪيو ويو آهي.

هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي ؟

توهان صحيح آهيو ته ڪم هماليه جبل جيترو ڏکيو نظر اچيٿو تنهن ڪري صبر کان ڪم وٺڻو پوندو. اهو ته پاڻ نيڪ آهي. مگر وقت کي به پنهنجو انداز آهي. هوُ ڪنهن جي لاءِ ترسندو نه آهي. ضروري ڪم وقت جي اندر ڪم نه ڪبو ته وقت اسانکي ڇڏي اڳتي هلي ويندو. هيءَ بحث تمام وڏو ٿي ويندو، انڪري هن ڳالهه کي هت بند ڪجي ٿو.

هي وقت جو دؤر - جنهن مان اسان گذري رهيا آهيون - نهايت اهم آهي. ڪم اسان ۽ توهان جي حياتين ۾ ٿيڻ گهرجي جن جيجل سنڌ جئري اکين سان ڏٺي هئي. سيد، توهان ٻيا سائي، پنجاه ورهين کان مٿي چڙهي آيا آهيون. موت جي گهنٽي ڪنن سان ٻڌي رهيا آهيون. ٻيون حالتون يعني پاڪستان هن وقت اخلاقي ۽ قانوني طرح سان ٿئل آهي، صرف باقي ٽڪرو ڏنڊي جي زور تي پيو هلي. هيءُ جي هاڻي نه ٿئو ۽ هن کي پنج سال مليا ته پنجابي ۽ مهاجر سنڌ جو ڪالونلائيزيشن مڪمل ڪري ڇڏيندا. پوءِ نه هوندو بانس ۽ نه وڄندي بانسري. سنڌ جي اندر طاقتون اسانجون قيد آهن - پٽو سنڌ جو رهاڪو وڏيرو آهي. هنکي اَسانجي ڪمزورين جي خبر آهي. شايد قدرت جي مهرباني هئي جو آسانجو

چڱو حصو سنڌ کان ٻاهر آزاد يعني توهان ۽ ٻيا دوست آهيو. مان بہ ٻاهر نکري آيو آهيان. ڏاڍي مشکل سان - ڪجھہ سنڌ جا اندريان سنڌي ٻاهر اچن وڃن پيا. خير عرض هيءُ آهي تہ جئن توهان چيو آهي - مان بہ ان راءِ جو آهيان تہ بين القوامي سطح تي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ مان گھر ٻار بہ انهيءَ ڪري ڇڏيا.

سيد کي نہ ٻاهر ڇڏيندا ۽ نہ وري هنجو جلا وطن ٿيڻ ٺيڪ آهي. شيخ عبدالمجيد تمام پيرسن آهي. منهنجي عمر بہ ٦٦ سال آهي. مگر وڪيل هئڻ ۽ شيخ مجيب سان تعلقات هئڻ ڪري مونکي ئي نڪرڻو پيو. مرڪز لنڊن ۾ ڪرڻو پوندو. ساٿي جيڪي سنڌ کان ٻاهر آهيون تن کي جلد گڏجڻ گھرجي. اندرين سنڌين لاءِ مان جوابدار آهيان. مختصر نقشو اهو هئڻ گھرجي تہ سنڌ جي آزاديءَ جي تحريڪ کي ’جيئي سنڌ‘ سڏڻ گھرجي. اَندرين سنڌين سان ظاهر تي لاڳاپو ڏيکارڻ گھرجي. يا ظاهري طرح سان ٻيو نالو اختيار ڪرڻ گھرجي. هيءَ سڄيءَ دنيا ۾ رهندڙ سنڌين جي تحريڪ ٿيڻ گھرجي. انهيءَ کان پوءِ هڪ اخبار ۽ لٽريچر جي ضرورت ٿيندي. چند خاص دوستن سان صلاح ڪري هندستان کان ٻاهر ڪٿي ملڻ جي تاريخ مقرر ڪيو تہ جلد ملون ۽ تحريڪ جي لاءِ فيصلو ڪري ڪم کي وٺئون - سنڌ اندر ڪم جو دارومدار اسانجي ڪم تي ۽ ڪم جي تريقي تي منحصر آهي. لنڊن مرڪز لاءِ آءٌ ڪوشش ڪري رهيو آهيان. مگر هت مقامي ڪنهن سنڌيءَ جي تمام گھڻي ضرورت ٿيندي. جواب جلد ڏيندا.

سلام پوپٽي، ٻين رفيقن، عزيزن ۽ دوستن کي ڏيندا.

توهانجو ڀاءُ

قاضي فيض محمد

(اِن نسبت ۾ اَڪبر لکندا. مون ڪجھہ لکيو آهي ۽ ڳاتو آهي، اِهو سڀ توهان ڏي موڪليندس. فيض.)

هانگ ڪانگ، ٢٦-٦-١٩٧٥

پيارا ڪيرت !

٢٢ مئي تي منجهند جو گهران حيدرآباد سنڌ مان منحوس خبر ملي تہ ادا مصطفيٰ جي حالت نازڪ آهي. اوچتو سندس طبعت خراب ھئڻ جو ٻڌي ڪابہ ڳالهہ نہ پئي وڻي. جيئن تيئن ڪري ٽڪيٽ ملي ۽ زال ۽ ننڍڙيءَ کي وٺي روانو ٿيس. پر مونکان ھڪ ڏينهن اڳ ۾ گذاري ويو ! ادا ھي صدمو اسان پائرن لاءِ اھڙو تہ وڏو ۽ ڏکوئيندڙ آهي جو بابا جي رحلت جو بہ ايترو صدمو ڪونہ پھتو ھو.

توهان جو خط واپس اچي ڪالهہ پڙهيو اٿم. ڪيڏو تہ پيار ۽ قرب آهي توهان جي خط ۾. سڪ ڪُب ۽ پيار جو بي انت ساگر آهي ! توهان اندازو نٿا لڳائي سگهو تہ مونکي ڪيتري خوشي ٿي آهي توهان جي وري خط اچڻ تي - ادا سوپو بہ آيو هو ! بس سواءِ روئڻ جي ٻيو ڇا ٿي ڪري سگهياسين. - سوپي جو ھڪ تازو فوٽو ڪڍي آيو آهيان. توهانکي موڪليندس ۽ توهان ڪنهن بہ طرح منهنجو يا سنڌ جو ڪنهن سان ذڪر ڪٿي بہ ٻاهر اَخبار يا رسالي يا مضمونن ۾ نہ ڪندا تہ بهتر ٿيندو. توهان کي آءٌ آهستي آهستي جيترو مواد ٿيندو تہ پيو موڪليندس پر توهان منهنجي طرفان شعريءَ جو ڪتاب ۽ بابا جي تقريرن جو احوال لکندا ۽ ذريعو هرگز نہ ڄاڻائيندا، جو مونکي يا ڳوٺ ۾ دوستن ۽ مائٽن کي تڪليف پهچي سگهي ٿي. هن سان گڏ اخبارن جي ڪٽنگ جون فوٽو ڪاپيون موڪليان ٿو. ادا مصطفيٰ جو ھڪ فوٽو بہ جي مناسب سمجهو تہ مضمون لکي موڪليندا پر بهتر ٿيندو تہ توهان پنهنجو نالو نہ ڏيندا بلڪ ڪنهن بہ رواجي ماڻهون جي نالي ۾ ڏيندا.

ٻارن (زال ۽ ننڍڙيءَ) کي في الحال حيدرآباد ڇڏي آيو آهيان. توهان هتي چڪر هڻڻ چو نٿا اَچو ؟ ڏاڍو سهڻو شهر آهي ۽ مون وٽ رهي بہ سگهندا. مونکي سچ پچ ڏاڍي خوشي ٿيندي.

حشو ڪيولراماڻي ڪٿي آهي ؟ سندس ائڊريس بہ لکندا. اُتم جو خط بہ آيل آهي. ڪيس ھي خط ڏيکاريندا ۽ احوال ٻڌائيندا. تہ اوچتو پاڪستان هليو ويو هوس ۽ بہ ڏينهن ٿيا موٽيو آهيان. اتم جا ڪتاب ڪونہ مليا آهن. نئين دنيا ۽ سنڌو ڏارا موڪليندا.

توهانجو پياسو

لعل (مٽيل نالو)

ڪابل، ۲۲-۸-۱۹۷۵

پيارا ڀاءُ ڪيرت !

جيئي سنڌ - ڪافي وقت گذرڻ بعد هڪ ٻئي سان حال احوال ڪيون پيا. مان گهڻي وقت کانپوءِ هتي پهتو آهيان. اڳي جيڪي ڪجهه وهيو واپريو تنهنکان توهان باخبر آهيو. قاضي صاحب ٻاهرين دنيا کان مايوس ٿي واپس وطن موٽيو. آءٌ پاڻ سنڌ ۾ سياسي مصروفين جي ڪري هتي نه اچي سگهيس. سنڌ ۾ هن وقت حالتون خراب آهن. هن وقت **پنهنجا الڪل ۱۰۰ کن ساٿي جيل ۾ بند آهن ۽ ۱۰ ورڪرن تي گوليءَ جو حڪم آهي.** اهو سڀ ڪجهه انهيءَ ڪري پيو ٿئي جو ٻاهرين دنيا جي اتحادين مدد نه ڪئي. **سنڌ ۾ ۱۲ پريسون بند ڪيون ويون آهن. الڪل ٦۰ کن ڪتابن ۽ رسالن تي بندش وڌي وئي آهي.** انهن سڀني حالتن کي گڏجي منهن ڏيڻو آهي. اڳي پاڻ فيصلو ڪيو هئو ته هڪ گڏيل ميٽنگ ڪئي وڃي. مگر حالتن جي خراب ٿيڻ ڪري هڪ ٻئي سان رابطو نه ٿي سگهيو. مونکي اميد آهي ته هاڻي سنجيدگيءَ سان انهيءَ طرف توجهه ڏنو ويندو.

ڪابل حڪومت هڪ واعدو ڪيو آهي ته هي مونکي پاسپورٽ ڏيڻ لاءِ راضي ٿيا آهن. جيڪڏهن مونکي پاسپورٽ مليو ته مان جلد توهان وٽ ايندس. پوءِ سڀني سنگت سان گڏجي ڪو فيصلو ڪنداسين. جيڪڏهن آءٌ نه اچي سگهيس ته پوءِ توهان کي اچڻو پوندو. منهنجي توهان ڏانهن اچڻ بابت مان توهان کي اطلاع موڪليندس.

مون سان گڏ هن وقت ٻه ٻيا به ساٿي آهن.

سلام سڀني سنگت کي.

زياده خيرو سلام
اوهانجو پنهنجو
شاهگ شاهه

کابل، ۲۳-۹-۱۹۷۶

پيارا سائين ڪيرت،
جيئي سنڌ.

نئين سنڌ پرنٽنگ پريس ڪراچي ضبط ٿيڻ بعد، سائين جي.ايم. سيد جي حڪم مطابق مونکي افغانستان موڪليو ويو آهي ۽ هن وقت مان ڪابل ۾ آهيان.

اوهانجي ڪتابن متعلق سائين جي.ايم. سيد ڏي موڪليل پيغام پهتو هو، پر اها خبر نہ پئجي سگهي تہ اوهان تازو ڪهڙا ڪتاب ڇپرايا آهن.

نئين ڇپيل ڪتاب - ''Sindhu Desh... Nation in Chains'' جون ڪجهہ ڪاپيون موڪلي رهيو آهيان، جيڪي مهرباني ڪري اتان جي سائين کي ڏيڻ فرمائيندا.

سائين جي.ايم. سيد ۽ تنظيم طرفان فيصلو ڪيو ويو آهي تہ ٻاهرين سنڌين، خصوصي طرح هندستان ۾ رهندڙ سنڌين سان مڪمل رابطو رکيو وڃي، جيئن منظم طرح تحريڪ کي وڌيڪ مظبوط ڪيو وڃي. ان سلسلي ۾ اوهان اتي پنهنجن سائين سان ان معاملي متعلق صلاح مشورا ڪندا تہ ٿورائتو ٿيندس. مان اوهان ۽ سائين جي تجويزن جو منتظر رهندس. مهرباني ڪري اِتان جي حالتن جي تجزيو ڪري تفصيل سان ضرور لکندا، جيئن اوهان جو موڪليل احوال سائين ڏي موڪلي سگهان. جيئن اُن تجزيي جي روشنيءَ ۾ پارٽي وڌيڪ بهتر ڪو فيصلو ڪري سگهي.

مونکي اُميد آهي تہ توهان جلد کان جلد احوال موڪلڻ فرمائيندا تہ ٿورائتو ٿيندس.

نون ۽ پراڻن سائين جون ائڊريسون موڪليندا. مان جلد ئي اوهان سان ملاقات ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيندس. اُميد تہ توهان پرسن هوندا ''جيئي سنڌ'' سيني کي چوندا. مان اوهان جي خط جي بيحد انتظار ۾ رهندس، جيڪڏهن اوهانجو ڪابل اچڻ ٿئي تہ ڀهرين اطلاح ضرور ڏيندا ۽ جيڪڏهن هِتي ڪابل، قندار يا ٻين شهرن ۾ پنهنجا دوست هجن تہ هنن جون ائڊريسون ضرور موڪليندا جيئن هنن سان بہ ملي سگهجي.

اوهان پنهنجو فون نمبر لکندا، جيئن توهان سان هِتان ڳالهائي سگهجي.

اوهانجو

جشن (نالو مٽيل)

لنڊن، ٢٩-٧-١٩٧٧

پيارا ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ ٻيا دوست،

اُميد تہ توهان خوش هوندئو. شايد منهنجي شڪل بہ اوهانکي وسري ويئي هجي. شايد آئون بہ اوهانکي سڃاڻي نہ سگهان، مگر سڪ دل ۾ ۽ ڏسڻ جي اُڪير ڏاڍي آهي. اڳي ١٩٤٠ کان انگريزن خلاف ملتان جي جيل ۾ هوس اُن وقت آئون ارڙهن سالن جو هوس. پوءِ ١٩٤٧ ۾ جيئن پاڪستان ٺهيو تہ ڪجهہ عرصو اوهان پراڻا دوست همت ٻڌي سنڌ ۾ رهيءُ - اَوهانکي نبي سر روڊ ۾ ڪامريڊ مير محمد ٽالپر جي تہ ياد هوندي. اُنهيءَ کانپوءِ جيل ئي جيل. ڪامريڊ مير محمد بہ نيٺ سياست کي ڇڏي پنهنجن ٻارن ٻچن جي ڪم کي لڳو رهيو. ڪامريڊ عبدالقادر - مولانا نذير حسين جتوئي، حيدر بخش جتوئي - مولانا محمد مڪان - نواب شاهہ جو چاچو جان محمد عبدالڪليم پلي ۽ ٻيا ڪيترا هاري ڪارڪن ويچارا هن دنيا مان موڪلائي هليا ويا. آئون جيلون ڪاٽيندو رهيس - محترم جي.ايم.سيد سدائين گهر ۾ نظر بند ٿي رهيو آهي - اڌ پاڪستان بنگلا ديش جي صورت ورتي، باقي اڌ کان گهٽ ملڪ وڃي رهيو آهي. اِسلامي نظريئي پاڪستان ۽ اَوهان سنڌ جي هندن جي جاءِ تي جيڪا اسان وٽ مخلوق آئي آهي، اُها پاڻ سان گڏ پنهنجا نظرياتي بت بہ کڻي آئي آهي. ڪي اِسلام تہ ڪي وري مودوديت تہ ڪي وري سوشلزم ڪميونزم بہ کڻي آيا - پوءِ اِهي روسي هجن يا چيني مطلب تہ سڀ کان اول اهي پناهگير ذهنيت پرماريت.

”آئي ٽانڊو کڻڻ، بورچاڻي ٿي ويهي رهي،“ وارو حال آهي، جنهن متعلق توهان کي ڪافي معلومات ٿي هوندي جو سيد جا ڪتاب، ٻين جون لکڻيون، ڪجهہ اوهانجي نظر مان ضرور نڪتيون هونديون. مونکي هيءُ هڪ ڀيريون موقعو مليو آهي. جو آئون پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ٻاهر نڪتو آهيان. ڏڪا کائيندي هِتي لنڊن ۾ پهتس. هِتي مسٽر نظماڻي مليو. هنکان اوهان جي خبر پيئي ۽ ائڊريس بہ هٿ آئي. هاڻي مونکي خط لکڻ جو خيال ٿيو ۽ آئون هي پهريون خط آهي جو توکي لکي رهيو آهيان.

شاهہ سائين مارئي جي زباني اَهڙن موقعن مهلن لاءِ چيو آهي تہ :

جي ڪَر لڏائون تہ بندي بند نہ ساريو
جيڪس آئون ويس اُنهن وسري شايد

وري سسئي جي سر ۾ پٽ ڏٺي چوي ٿو تہ :

اڳي اٺ رڙن، مون پيري مات ٿي
پلاٽيندي پاٽ ۾ ڪُڇيو ڪين ڪُنن
ڪاجا مام مُنن
هنن پڄ هئي هنن سين.

سو شايد اهو حال آهي جو وطن کي وساري وينا آهيون. سنڌ جي ڌرتيءَ ۾ جيڪي جاوا هئا سي ايندڙ ڏهن سالن ۾ ختم ٿي ويندا يا ختم ٿي رهيا آهن - **پوءِ پلي اُتي مالدار ٻڍجو يا وزير ۽ ليڪيدار، پر اِها جنم ڀومي توهانکي - اسانکي معاف نہ ڪندي.**

**حيف تنهين کي هوءِ وطن جن وساريو**

خير آئون نا اُميد نہ آهيان. مونکي وري بہ اُميد آهي تہ وندر جو واءُ ورندو.

ڏڪاريا ڏيهہ ۾ موزي سڀ مرندا
پلر جي پالوٽ سان گسن تي گاهہ ٿيندا
سگهاريون سُکيون ٿينديون
ٻانهيون - ٻايون - سايون ۽ رايون
ڏهي مکڻ جون ماٽيون ولوڙينديون.

بادل بس ٿي نہ ڪندو سنڌڙي آزاد آباد سدائين سائي رهندي، سنڌڙي جا جوڌا ڪرمي هاري- پنهوار-ڏنار-خوش ٿيندا-

وڻجارا جيڪي ولايتن تي ويل آهن، سي وکر وڪڻي، سوغاتون ڪڻي، سنڌورڪي وري سنڌ ايندا -

اِهي ورڪ ورندا - سامونڊي وري ورندا
ڏِيا ٻريا ڏِڪہ تي، سامونڊي آيا
وڃي مون انيا، ٻَري ڏيئي ٻانهڙي.

ٻئي هنڌ وري شاهہ سائين تو فرمائي :

مٿي روح رهن - آلا ڪنهن اتفاق سان،
ڪيچ قلات ڪهن، وڳر ڪيو پاڻهہ.

اڳتي هلي چوي ٿو :

ڪاڇي - ڪَيچ - قلات - ڪُٽڪ ڪونجڙين جي،
رائي رهي رات، وڳر سارياڻون پنهنجا.

ڪاڇي منجهہ ڪا - ڪُٽڪ ڪونجڙين جي،
مون سٽينڊي سا- نيڻن ننڊ حرام ٿي.
روهين را ماڻو - ڪر ڳل ڪونجڙين جو،
پري وڏائون پاڻو، وڃي وطن وٽ ڪان.

وري راڻي جي سر ۾ :

دعا ڪريجا جيڏيون، راڻل ريجهي راءِ،
مونکي لڳو ڳهاءُ، ماڻهو ڏيندم مهڻا،
ڪاڙهو رات ڪپار اورانجهو اکين ڪيو،
راڻي جي رهاڻ ڪي، ساريان سپ جمار،
نہ جاڻان بيهار، مومل ميلو ٿئي نہ ٿئي.

اِهي آهن حال. من شاهہ سائين جي شعرن جو اوهان تي اثر ٿئي. آ ئون شايد هتي هفتو بہ هجان يا وڏيڪ بہ رهان. تو سان مونکي گهڻيون ڳالهيون ڪرڻيون آهن. اِن لاءِ خط لکو يا هتي فون تي مونسان ڳالهايو تہ پوءِ اڳتي ڪا ڳالهہ ڪري سگهان.

هي خط چاپڻ لاءِ نہ آهي، هي خط صرف سُڌ لهڻ لاءِ لکي رهيو آهيان. خط جو يا فون جو ڏاڍو اِنتظار رهندو. سڀن لاء دعائون ۽ سلام.

جواب جلدي موڪلج - گلاب - تولو - جيڪي واقف آهن ۽ جيئرا آهن تنکي دعائون سلام چئج. نالا ڪهڙن جا لکان ؟ نوجوان ڪراڙن - سڀن سنڌ وارن ملڪين کي سلام دعائون. فون نمبر لکان ٿو پنجن ڪلاڪن جو فرق آهي.

اوهان جو

غلام محمد لغاري

ميرپور خاص، سنڌ (هن وقت لنڊن مان)، ٢-٨-١٩٧٧

برادرم کيرت صاحب، گلاب صاحب، تولا صاحب ۽ ٻيا دوستو ...

سڪ جا سلام قبول ڪندا - مون اوهانکي هتان هڪ خط لکيو هو جو اُميد تہ مليو هوندوَ. هتي ڪامريڊ نظاماڻي صاحب کان اوهانجي ايڊريس ملي هئي. ٽي سگهي ٿو تہ من ڪڏهن ملاقات ٿي پوي - توهان پنهنجي ڌنڌي ۾ مشغول، آسان در بدرخاڪ بہ سر ! ڪڏهن ڪٿي تہ ڪڏهن ڪٿي ڌڪا کائڻ ۾. سنڌڙيءَ تي ۽ ننڍين قوميتن تي اها مصيبت چالو آهي. باقي پاڪستان جو نالو رهيو آهي، جنهن ۾ هڪ قوميت يعني پنجابين جي گهڻائي آهي، جيڪو پاڪستان جو ٻيو نالو پنجابستان آهي ۽ پنجاب جو نالو فوج آهي. بلوچستان ۾ بہ فوجي مارو آهي - هينئر تہ اتي وري پنجاب جو مارشل لا آهي - **سچ تہ هينئر جي جناح هجي ها تہ اِن پاڪستان جو نالو بہ نہ کڻي ها - اِهي آهن حال.**

آئون اَڄ شايد پاڪستان واپس وڃان - اُتي ننگرپارڪر کان لڏي آيل ڪولهي آهن، جيڪي جنگ پوئين (١٩٧٠ واري) ۾ لڏي آيا هئا.

ايڏانهن ويچارا پراڻا ڪانگريسي هئا. وٽن سوامي ڪرشنانند جنهن ڪاڏي پنڊار بہ ڪوليو هئو ۽ ڪاڏي ڳاهڻ جو ڪارخانو ۽ آشرم بہ هئس. ڦولپوٽي جا وينل هئا. خبر نہ آهي تہ سندن ڪهڙو حشر آهي. اُميد تہ جي خدا ملايو تہ ترت ملنداسون. خط جو جواب لکندا، لنڊن ۾ ڏنل آئڊريسن تي - شايد هن همراهہ جي معرفت ڪڏهن خط ملي بہ وڃي. وڌيڪ خيريت آهي - هن خط ۾ پنهنجو هڪ فوٽو بہ موڪليان ٿو، شايد شڪليون وسري ويون هوندوَ ... اِنڪري.

اُميد تہ سڀ دوست خوش هوندا.

اِخبارون رسالا نڪرندا هجن تہ موڪليندا - آئون بہ پنهنجي اَخبار ”بيداري“ ”سچائي“ ”سچ ڊائجيسٽ“ موڪليندس - من کا خبر هڪ ٻئي جي پوي - ڪامريڊ محمد ٽالپر، ڀاءُ غلام حيدر نغاري ۽ ٻيا خوش آهن. سوڀو بہ خوش هو. وڌيڪ احوال سڀ خيرت جا - جيڪو دوست ياد ڪندو هجي تہ کيس منهنجا سلام چوندا. محترم شاهہ صاحب بہ خوش آهي. هتي لنڊن جي ڪنهن اَخبار ۾ پڙهيو هوم تہ ڪنهن دل جي بيمارين لاهڻ واري اسپتال ۾ داخل آهي.

اوهانجو
غلام محمد لغاري

نوٽ : هي خط صرف اوهانجي ياد تازي ڪرڻ لاءِ آهن جيڪي هڪ اڳي ۽ هڪ اڄ لکيم. پاڪستان ۾ حالتون سازگار هونديون ته پوءِ اُتان وچي خط لکندس. خط ٻئي، ڪنهن اخبار وغيره ۾ شايع نه ڪندا - اخبار رسالو موڪليندا، سچائي پريس مير پورخاص جي ايڊريس تي.

---

دبئي، ١-١-١٩٧٨

پيارا ڪيرت،

اڄ بمبئيءَ ۾ هجان ها ته توکي فون ڪري ئي نئين سال جون مبارڪون ڏيان ها. نڄاڻان اهڙا ٻيا ڪيترا سال گذرندا جو اِهي من جون سوڪيم چاهنائون ٻه نه پوريون ٿي سگهنديون. ڪڏهن ڪڏهن باغي ٿي پوندو آهي من ! منهنجي جاءِ ته توهان جي وچ ۾ هئي، پوءِ هن رڻ پٽ ۾ ڪيئن اَچي پيو آهيان ؟ جڏهن ٻڌندو آهيان ته فلاڻو بمبئي وڃي رهيو آهي، تڏهن پنهنجي حالت ائين هوندي آهي :

قلب مان تڏهن ڪُوڪَ ٿي ڪُوڪ نڪتي،
ڏٺم اُڀ ۾ جڏهن ڪُونجڙين جون قطارون.

ادا، نون ولرن ۾ اُتڻ ويهڻ جي وَهي ته هاڻي ويئي. شايد ئي ڪي ياد ڪَن ته ڪا ڪونج هُئي جيڪا ولر ڪان پنهنجيءَ مرضيءَ آهر وڇڙي هئي پر پوءِ پاڻ ڪان ٻه وڇڙجي ويئي !

- پنهنجو نئون سال اِجهو اِئين شروع ٿيو آهي، توهانجي يادگيرين سان.
- تو جيڪو نانڪ اُتسوَ جو احوال ڏنو، تنهن اُتساه ڏنو. هتي ويٺي ئي تصور ڪيم ته گُلستان ۾ نوان گونچا کُليا آهن، جيڪي نون گلن کي جاءِ ڏيندا، نيون خوشبويون ڦهلبيون، نوان پيچرا ٺهندا، نيون راهون جڙنديون، نئين منزل کي مان ملندو.
- ڊُبئي هن وقت هڪ ڀاري آرٿڪ گهوٽالي مان گذري رهي آهي. اَڌاوتي ڪم بند ٿي ويو آهي. ڪمپنيون بند ٿي ويئون آهن. سرڪاري قاعدن

قانونن سبب هندستانين جو تعداد گهٽجي رهيو آهي. ايندڙ ڇهن سٽن مهنن ۾ ئي پتو پوندو تہ دُبئي ڪٽي ٿي بيهي !

- جاٽي خوشي ٿي تہ تنهنجو آڏاوت جو ڪم وري شروع ٿيو آهي.
- مالهيءَ سان گڏجڻ ٿيو آٿيئي ؟ ڪيئن آهي ؟ پوپٽيءَ جو خط آيو هو. ڪيس جواب ڏيندس.
- ساهتيہ اڪادمي هن سال بہ ڪنهن سنڌي ڪتاب تي انعام ڪين ڏنو. عجيب ڳالهہ آهي ! هيترا سارا لائق ڪتاب ميدان ۾ هئا.
- ڪڏهن ڪڏهن اَحوال ڏيندو رهج. سويتا لاءِ يادگيرون. ٻارن لاءِ پيار.

تنهنجو،

موتي

---

دبئي ١٧-٢-١٩٧٨

پيارا ڪيرت،

بہ ڏينهن ٿيا تہ نارايڻ شيام جو خط آيو آهي. هڪ غزل لکيو آٿائين، جنهن جو هڪ شعر آهي :

آڳ لڳي، پر ڪين ڪي پچري، دل ڪي دونهي ڪارائيو،
هن روشن آئيني ۾ مون ڇا ڇا سهڻا عڪس ڏٺا !

سچ ڪيرت، شاهہ کان پوءِ مونکي جنهن سنڌي شاعر مان تقويت ۽ سڪون ملندو آهي سو شيام آهي. سنڌي جاتيءَ جا ڪي ڪرم آهن جو اُن جي ڏڙڪڻ جي ترجماني اُن جي شاعرن، ليکڪن ۽ ڪلاڪارن ڪئي آهي. پر اِها پنهنجي جاتي ڪرم هيڻ بہ آهي جو ان پنهنجيءَ دل جون ڏڙڪڻون بہ نہ ٻُڌيون آهن. شيام ڪيستائين پنهنجي بنسري گونجائيندو ؟

ڪيرت ڪيستائين جاتيءَ جي هستيءَ لاءِ پاڻ فنا ڪندو ؟

مالهي ڪيستائين خانا-بدوش ٿي، بستيءَ بستيءَ اَلکہ جڳائيندو ؟

اَسين، ڇا سڀئي پنهنجيءَ جاتيءَ لاءِ سينا سپر نہ ڪري سگهيا هئاسين ؟ - ڇا اسان سر تي ڪفني نہ ٻڌي هئي ؟ - تہ پوءِ اَسان ۾ ڪهڙي ڪمي رهي آهي جو جاتيءَ جو روح اَڃا ڀٽڪي رهيو آهي ۽ اُن کي ڪو جسم نہ مليو آهي؛ يا شيام وانگر اِئين ئي سمجهون :

چون ٿا شيام تنهنجو قدر اڳتي ئي هلي ٿيندو،

تہ ڇا سنڌيءَ جي زندهہ رهڻ جي هيءَ ئي دعا آهي ؟

- توهان، توهان سيني ڪان هزاين ڪوهن جي دوريءَ تي رهي، من ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍو مايوس ٿيندو آهي. مايوسي دور تڏهن ٿيندي آهي. جڏهن توهان مان ڪنهن ڪي خط لکندو آهيان.
- ١٥ فيبروري تي پارٽ جا وڻ ڇڏيا هئا. ١٦ فيبروري ١٩٧٨ تي پريو هڪ سال پورو ڪيم. من کي آڃا ٽرٽانءُ ڪين مليو آهي. خبرناهي ڪهڙي لوچ آهي، مونجهہ آهي ؟
- تون پنهنجي خبر ڪر، ڪيئن آهي سويتا ۽ ڪيئن آهين تون ؟
- ٻڌم تہ پوپٽي ساهتيہ اڪادميءَ جي ايگزيڪيوٽيو ڪاميٽيءَ تي آئي آهي، شيام سان گڏ. صلاحڪار بورڊ ۾ بہ ڪي ڦيريون ڦاريون ٿيون هونديون.
- ڪنوينشن ڪڏهن ٿي ٿئي ۽ ڪٿي ؟ - ڪشمير ۾ ڪين مسوريءَ ۾ ؟
- سميلن جون تاريخون مقرر ٿيون ؟
- ڪڏهن فرست مليئي تہ احوال ڏڄ.

تنهنجو- موتي

---

ڊُبئي، ٢٨-٥-١٩٧٨

**پيارا ڪيرت،**

**اُميد تہ مزي ۾ هوندا.**

خط اوهانجو مليو جواب بروقت ڏيئي نہ سگهيس، ڇاڪاڻ جو جواب ڏيڻ کان اڳوات موتيءَ سان تفصليوار ڳالهائڻ پئي گهريم ۽ انڪل هفتو کن موتي ٺيڪ نہ هو. وات پڃي پيو هوس ۽ ڳالهائڻ کان هلاڪ هو ۽ سڪول مان موڪل تي هو.

مون هاڻي موتيءَ سان ڳالهايو آهي. مان اُن راءِ جو آهيان تہ جيستائين هتي ڪا پڪي خاطري نہ آهي ۽ ڪن سڄڻ سان ڳالهايو نہ ويو آهي ۽ اُنهن مان ڪا ڳهٽ ۾ ڳهٽ رقم جي خاطري نہ ورتي ويئي آهي. اوهان جو پئسا گڏ ڪرڻ لاءِ هتي اچڻ سياٽپ وارو قدم نہ ٿيندو. اُن لاءِ هتي زمين تيار ڪرڻ بلڪل ضروري آهي. موتيءَ حقيقت ۾ تہ ڪنهن سان ڳالهہ ڪدي ئي ڪونهي. اهو تہ صرف موتيءَ جو جذبو هو، جو پنهنجي جڳهہ تي تمام سنو آهي.

موتي هائي وري سڪول جي Politics ڪري لڏي لمي پيو. مان هن کي پهتو ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳل آهيان. جيئن ئي موتيءَ ۾ محڪمتا آئي تہ مان هن ڏس ۾ ڪيس ڪجهہ ڪرڻ لاءِ چوندس. پيو تہ هتي اجڪلهہ ويزا جي تڪليف ٿي پيئي آهي. پر اهو مسئلو اهڙو ڪونهي جنهنجو حل ڳولهي نہ سگهجي. مالهيءَ جي پارٽيءَ لاءِ تہ هتان جا شاهوڪار پنهنجي غرض ڪري پاڻ ئي ڪجهہ ڪندا. ٻڌو اٿم تہ مالهي آڪٽوبر ڌاري هتي اچڻو آهي. پر موتيءَ جو ويچار اِهو هو تہ جنهن صورت ۾ مالهي هتي اَچيتو چو نہ ڪجهہ سيا لاءِ گڏ ڪرڻ جي By the way ڪوشش ڪجي. پر مان سمجهان ٿو تہ هن مان ڪي غلطفهميون پئدا ٿي سگهن ٿيون، خاص ڪري مالهيءَ جي ڪلاڪارن ۾، ڇاڪاڻ جو مالهيءَ پنهنجن ڪلاڪارن ۾ ڪاريہ خاطر ڪجهہ ڪرڻ جي ٻوجهہ شروع کان نہ وڌي آهي ۽ هو گهٽو تٽو Commercial بنياد تي ئي ٿا هلن اَلبت مالهيءَ جي اَچڻ سان واتاورڻ ٺاهي سگهڻ جو امڪان آهي.

اها ڳالهہ تہ مالهي پاڻ قبوليندو آهي تہ هو پنهنجا وشواس ۽ قدر ڪلاڪارن تي ”مڙهڻ“ نہ چاهيندو آهي.

منهنجا تہ هتان جي سنڌين سان ڪي بہ ناتا ڪونهن. ڪم ڪريان عربن جي فرم ۾ ۽ ورڪر ۽ ٻيا ڪم ڪندڙ آهن پنجابي ۽ پاڪستاني.

مان هتي جي آفيس جي سياست ۾ فٽ ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان ۽ هڪ ڀيرو جيڪڏهن چئلينج قبول ڪيو آهي تہ ڳيدي ٿي هار کائي موٽڻ غلط قدم ٿيندو. پر هتان جي ماحول کان نفرت سو ڪافي ٿي ويئي اٿم.

توهان اُتان جو حال احوال ٻڌايو. اُميد تہ اِهو خط پهچڻ بعد پوپٽي واپس اچي وينديءَ ۽ توهان اُتان جي حالتن سان واقف ڪندا رهو.

اُتم ڪيئن آهي ؟ اَخبار تہ منهنجي هوندي ئي بند ڪيائين. سندس طبيعت ڪيئن آهي ؟

پوپٽيءَ جي طبيعت ڪيئن آهي ؟ هونئن جيڪڏهن توهان ڪڏهن بہ هتي اچڻ گهرندا تہ اوهان جي لاءِ ضروري هرڪا مدد ڪبي. مون جيڪو هتي لکيو آهي اُهو اوهان جي نقط نظر کي خيال ۾ رکي لکيو آهي. اُميد تہ اوهان اها صاف گوئي دل ۾ نہ ڪندا. هتان جي حقيقتن کان واقف

ڪرڻ منهنجو فرض آهي. جيڪڏهن مونکي ڪي پنهنجا Contacts ڏيا تہ مان ضرور ڪوشش ڪندس. مسئلو موتيءَ جي جذباتي ۽ ذهني گهوٽالي جو آهي. هتي سندس پوزيشن هندستاني ماڻهن ۾ سٺي آهي. پر آسانجي ڪاريہ لاءِ ڪيترو ڪارائتو ٿي سگهندو، انجو اندازو لڳائڻ ڏکيو آهي.

سويتا ڪيئن آهي. ڪڏهن ڪڏهن روپ وٽ ويندا ڪريو.

بيا سڀ دوست ڪيئن آهن ؟ وشنو ياڻيا، جسونت ڪمار، موهن ڪلپنا، گنو سامتاڻي وغيره سڀ مزي ۾ هوندا.

پيارن مان

موهن

---

شارجاه، ٢٦-٧-١٩٧٨

پيارا ڪيرت،

اُميد تہ مزي ۾ هوندا.

ڪافي وقت ٿيو مون اوهان کي هڪ خط لکيو آهي. اوهانجو جواب ئي ڪونہ آيو آهي. ياڻي ڪا خطا ٿي ڇا ؟ مان هتي بلڪل خوش آهيان. جيستائين ڪلا ۽ موتي هتا تن سان رهيل هوس ۽ هاڻي مان اڪيلو پنهنجي فلئٽ ۾ شارجاه ۾ رهيو پيو آهيان. ڪلا ۽ موتي جڏهن ايندا وري لڏپلاڻ شروع ڪبي.

هتي جي راجنيتيءَ ۾ دلچسپي وٺڻ ئي غلط ٿيندو، اخبار پڙهڻ ۾ ئي مزو ڪونهي، اسان تہ هتي نوڪري ڪرڻ آيا آهيون.

هندستان پاڪستان ۽ بين هندن جي سڄي اوگهہ پوگهہ هتي اچي پهتي آهي. پڙهيل ۽ Sophisticated ماڻهون هتي ڳولهيا نٿا ملن. جيئن هر هنڌ ٿيندو آهي هتي بہ Superfluous شخص هتان جا وڏا ماڻهو آهن. اِها خبر نہ آهي تہ اسانجي زندگيءَ ۾ انقلاب ايندو يا نہ ؟ لڳي ٿو تہ جنهن انقلاب جو اسانکي انتظار هو، اُهو انقلاب ئي تاريخ جي ڪنهن غلط گهٽيءَ ۾ ڀٽڪي رهيو آهي. اِها سڄي انسان ذات جي Tragedy ڪونهي ؟

توهان آخر ڀاڻ بابت ڪهڙي فيصلي تي پهتا آهيو. ڪڏهن ٿا هن سموري جهنجهٽ کان مُڪت ٿي پنهنجي دل جي آواز کي اونايو. خبر

نہ آهي زندگي ڪيترا سال آهي. ائين نہ ٿئي جو روز سُيان ڪندي اهڙو وقت اچي پهچي جو ڪُجهہ ڪرڻ جي طاقت ئي نہ رهي. اسان مان هرڪو ڪنهن نہ ڪنهن موڙ تي ڪمزور بڻجي ڪناري ڪشي ڪري بيٺو آهي (مون سميت). هاڻي جيڪڏهن تمام چڱي بہ هن قوم ۾ جذبي ڦوڪڻ جي اُميد آهي تہ توهان مان ئي آهي. منهنجو اِهو وشواس آهي تہ توهان ۾ اُهي قوتون آهن، جي هڪ قومي معتبر ۾ هئڻ گهرجن. صرف توهان سان / اسان سان ٽرئجڊي اِها آهي جو اسان کي پنهنجي زمين ڪونهي، پر وري جڏهن سوچيندو آهيان تہ اَڄ هر سوچيندڙ جي زبان تي تالو آهي ۽ بيڪار شخص ملڪ جون واڳون هر هنڌ سنڀالي ويٺا آهن تہ پوءِ سوچيندو آهيان تہ زمين هُجي بہ ها تہ طاقت جي مرڪز کان ايترا ئي دور هجون ها جيترا هاڻي آهيون. پر اِها بہ حقيقت آهي تہ راجنيتي طاقت اَهم هوندي پڻ سڀ ڪجهہ نہ آهي. اَسانجو مقصد تہ جيستائين سنڌ ۾ اَڄ وڃ جو واءُ سڻائو ٿئي صرف تيستائين پنهنجن ماڻهن جو وشواس قائم رکڻ آهي.

هتي اَسان پاڻ کي بچائي سگهنداسون، هميشهہ لاءِ، ناممڪن پيو لڳي. **سنڌ جا دروازا (پوءِ پلي ٥٠/١٠٠ سال لڳي وڃن) جڏهن کلندا، اُتيئي اَسانجي ٻولي - سهيتا قائم رهي سگهندي :** اَسانجي قوم قائم رهندي. سوال آهي قوم کي وڃ واري عرصي ۾ جيئري رکڻ جو ۽ قوم جي آئيندي ۾ وشواس قائم رکڻ جو. مان هتان سولائيءَ سان سنڌ وڃي سگهانٿو. پر جيئن توهان اڳئين خط ۾ لکيو هو تہ هاڻي حالتون سٺيون ڪونہ آهن ۽ اسان ٻاهران ويهي سنڌ جي انقلاب کي ڪيتري ۽ ڪهڙي مدد ڪري سگهنداسين ؟ توهان مونکي ڪي ائڊريسون موڪليندا (جيئن اڳوڻ لکيو اٿم) هتان مان صرف ڪي Harmless خط لکي ڪجهہ واقفيت وڌائڻ گهرندس. سنڌ ۾ **سنڌو ديش** وغيره جي هلچل لاءِ جيستائين واءُ سڻائو ڪونہ ٿيو آهي ڪجهہ بہ لکڻ ڪرڻ دوستن کي ٻوهي ۾ وجهڻ ٿيندو. گهٽ ۾ گهٽ ڊاڪٽر سليم جي ڪراچيءَ واري ائڊريس موڪلي ڏيو تہ ساڻس تہ ڪو ڳنڍ پئدا ڪريان، پوءِ بہ جيئن اوهان صلاح ڏيندا.

سنڌ مان توهان وٽ ڪا خبر چار آهي ؟ هتي ڪا ڳڏجاڻي رکڻ گهرو (محدود) تہ بلاشڪ رکو. مان ويزا جو بندوبست ڪري سگهندس.

ويزا ملڻ ۾ تڪليف نہ ٿيڻ گهرجي.

سويتا ۽ بار ڪيئن آهن ؟ بيا سڀ دوست ڪيئن آهن ؟ پوپٽيءَ کي الڳ خط نٿو لکان، تنهنڪري اهو خط پوپٽيءَ ڏانهن پڻ سمجهڻ کپي (پوپٽيءَ کي چئوس هن ڳالهہ تي غصو نہ ڪري)

وشنو ٿلهو ۽ جسونت ڪيئن آهن. اُتم جو حال احوال ڪونهي، موڪليندا.

توهانجو

موهن

---

لنڊن، ٩-٩-١٩٧٨

پائو ڪيرت سدا خوش هجو شال،

بعد خيرآفيت جي احوال تہ مان ۽ فهميدا هفتو کن ٿيو تہ لنڊن پهتا آهيون ۽ مهينو کن هتي رهنداسون. اميد تہ اسانجو موڪليل ڪتاب Terrorist ۽ حميده جي لکيل Review اوهانکي ملي وئي هوندي. اوهانکي ٻئي بيا رسالا بہ موڪلي رهيو آهيان. اُميد تہ پسند ايندا. سيد صاحب سان ويجهڙ ۾ ملاقات ڪانہ ٿي آهي جو مينهن ڪري رستا خراب ٿي ويا هئا. بحر حال جڏهن اوهان سان ملاقات ڪري موٽيو هيس، تڏهن بہ مليو هيومانس ۽ جڏهن ساولاٽي بہ آيو هيو تہ گڏجي ويا هئاسون. اُميد تہ خبرون ڪيون هوندائين. سوڀي گيانچنداڻي سان بہ ملاقات ٿي هئي لاڙڪاڻي ۾ ۽ اوهانجي نئين ايڊريس بہ ڏني هئي مانس. تمام سٺن خيالن جو آهي ۽ ڪافي بحث مباحثو ٿيو. سنڌ ۾ حالتون تمام خراب آهن هن وقت.

There is no leadership of any kind. People, particularly the educated & in services and others are inreal despair. Many have been removed from services or are in danger of losing their jobs. There is great sense of insecurity prevailing in the minds of Sindhis. There is going to be total domination of Sindhis by the Punjabis & refugees. The demand of refugees for a separate province of Karachi just to fragment

the province is becoming stronger and stranger. So is the demand for one unit type of arrangement. Anyway we have been quite active through Sindh Graduates Association and we have some very good dedicated workers working with us. We are in close touch with Baluchis and Sardar Mengal in particular. We agree with them on at least one point that, we cannot live under permanent Punjab domination, We also agree that we should work for full autonomy for the provinces to which the Punjab will never agree. Therefore the break up of Pakistan becomes quite inevitable. You remember when we had a meeting with Dharamveer Bharati and it was suggested that we should write a document as a preliminary to our struggle for independent Sindh to be presented to the leading Indian leaders who may be sympathetic to our cause. We are in the process of preparing this document which will be forwarded to you before we leave England.

I hope you are well and also our other friends in Bombay. Please give our warm regards to all of them. We hope to come to Bombay soon, perhaps early next year, if not sooner.

Meanwhile if you have any suggestions or fresh ideas, I will be grateful if you could communicate with us in London as soon as possible.

With very best wishes and regards to your wife and yourself. Please remember me to Popati dadi.

Yours

Kalim (Name Changed)

لنڊن، ١٩-١٠-١٩٧٨

پيارا ڪيرت،

شال خوش هجو. نعيم آلهہ صاحب پيغام آندو ۽ سنڌيءَ جا ٻہ رسالا بہ سندس هٿان مليا. زباني احوال بہ ڪيائين.

هڪڙو قصو توکي ٻڌايان ٿو انجو مطلب اوهان دوستن ڏي اشارو ڪرڻ جو ڪونهي. ڪجهہ وسري بہ ويو اٿم. ننڍي هوندي مائٽن کان ٻڌل آهي.

سنڌ تي انگريزن قبضو ڪيو تہ پوءِ ميرن کي قيد ڪري اول بمبئي ۽ پوني ۽ آخر ۾ ڪلڪتي ۾ رکيائون. ڳالهہ ڪلڪتي جي آهي. ميرن سان بلوچ قبيلن جا مکيہ ماڻهون بہ ڪجهہ ڳڏ هئا. قيدين کي رهڻ - ريهڻ ۽ خوش رکڻ جي لاءِ هرڪو يتن ڪيو ويندو هو. انگريز، عملدارن جي ڇوڪرين سان ملڻ کي بہ همٿائيندا هئا. هڪڙي نؤجوان مير (حسين علي) جي ڪنهن آفيسر جي ڌيءَ سان شادي بہ ٿي هئي. خير، سو ڪنهن مير جي لاءِ (شايد نصير خان هو يا ڪو ٻيو هينئر ياد ڪونهي) محفل جو انتظام بہ ڪيو ويو. ڪنهن مشهور ڳائڪ کي ۽ هڪ ٻہ ڊانسرس (رقاصائون) بہ گهرايون ويون هيون. گهڻي دير تائين محفل هلي. محفل پوري ٿيڻ تي دعوت کاڌي ويئي ۽ ٻاهران آيل سڀ هلي ويا. سمهڻ جي تياري هئي تہ مير پنهنجي هڪ ساٿي قيديءَ کان شايد داد وٺڻ لاءِ يا ٻيءَ ڪنهن خيال سان ڳالهايو. اهو ٻيو هڪ بلوچ سردار هو. مير صاحب چيو : ”رئيس ڪيوين ! محفل وٺي ؟“ يعني مجرا پسند آيا.

سردار ٿورو مات کانپوءِ ڏکهو ساهہ کڻي وراڻيو، **”سائين مجرا چڱا ها - پر ٿسان کونہ سنڌ وسر ڳئي“** يعني محفل سٺي هئي پر آوهانکي سنڌ وسري ويئي.“ ان جواب کانپوءِ نہ مير ڪجهہ وڌيڪ پڇيو ۽ نہ بلوچ سردار. سڀڪو وڃي سُتو.

ٻئي ڏينهن صبح جو ڏٺائون تہ مير چالاڻو ڪري چڪو هو. خبر نہ آهي تہ بلوچ سردار جي ٽوڪ کيس صدمو رسايو ۽ دل ٽٽي پوڻ ڪري يا هيرو کائي وڃڻ سبب (ان زماني ۾ شايد وڏا ماڻهو هيرو کائي پنهنجو انت آڻيندا هئا) هو فوت ٿي ويو. هدايت ڪيل هوندي هئي تہ موت ٿيڻ بعد لاش سنڌ وڃن. ان موجب سندس لاش سنڌ آيو.

مير جي اِن قصي جي يادگيري، اڄوڪي زماني ۾ دنيا جي هر حصي ۾ سنڌين جي خوشحال زندگي جا احوال ٻڌي اچي ٿي- جن وٽ سڀڪي آهي،

پر وطن نہ آهي ۽ نہ وري وطن جي ياد يا انجو ڪو فڪر آهي.

نہ تہ اَڄ جهڙيون حالتون سنڌ جي زنجيرن ٽوڙڻ لاءِ سازگار آهن. اهڙيون اَڳہ ڪڏهن بہ نہ هيون. سنڌ کي جڪڙڻ وارو دشمن گهڻي ۾ گهڻو ڪمزور ۽ سنڌ جي سنتان سنڌ ۾ ڪافي سجاڳہ - مگر پارٽي ڪانهي ۽ پارٽي لاءِ وسيلا نہ آهن. وسيلن جي لاءِ سنڌ کان ٻاهر رهندڙ سنتان جيڪڏهن ماتر پومي لاءِ ڪجهہ ڪرڻ چاهي تہ گهڻو ئي ڪري سگهي ٿي، مگر ان وچڙيل سنتان کي وري وطن جي ياد ڪير ڏياري ؟

**جي ڪو ٻروچ سردار ياد ڏيارڻ جو ڪم پاڻ تي کڻي تہ اهي سنڌ جي زنجيرن ٽوڙڻ لاءِ ميدان ۾ ڪڏي پون يا غيرت وچان هن جهان ۾ رهڻ تان هٿ کڻي وڃن. شال ڪو سنڌڙي جو سپوت جاڳي.... من ڪڏهن ڪي سنڌ جا بہ واهرو ۽ وارث پيدا ٿين..... حال تہ پئي سور سهي ڪوڙن ۾ بند.**

سيني دوستن کي پيار ۽ سڪ سان ياد ڪندڙ

نظاماڻي

---

ڊُبئي، ٢٠-١٠-١٩٧٨

پيارا ڀاءُ ڪيرت،

اُميد تہ مزي ۾ هوندا.

زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو اوهان کي 'ڀاءُ' ڪري لکي رهيو آهيان. هونئن هميشهہ 'سائين' رهيا آهيو. جڏهن مئٽرڪ ۾ هوس تہ منهنجو پيءُ گذاري ويو. تنهن بعد اوهانجي حوالي ٿي ويس. جيڪي بہ گُڻ آهن، مون اوهان کان پرايا آهن ۽ ڪمزوريون منهنجيون پنهنجيون آهن. اوهان جي حيلن هلائڻ باوجود خبر نہ آهي اوهان سان ڪهڙو ناتو آهي ! خط اوهان جو مهني ڪن کان پهتل آهي. جواب نہ ڏنو اٿم انجو اهو مطلب نہ آهي تہ جواب ڏيڻ لاءِ سنيريو نہ آهيان ؟ اڪيلائيءَ ۾ ڪيترائي ڀيرا ذهني طور اوهان کي جواب ڏيڻ لاءِ لفظ جوڙيا ۽ ٽوريا اَٿم، اهو وشواس ڪندا ؟

هيءُ خط مان اوهان کي ٻن حصن ۾ لکي رهيو آهيان. هڪ بلڪل شخصي ڳالهہ لاءِ ۽ ٻيو زندگيءَ جي وهنواري ڳالهين لاءِ. هتي زندگي، موت سان ”ڪُئي ٻلي واري راند“ هلي رهي آهي. موت کي وار جي وڇوٽيءَ تان گوهي ڏيئي چُڪو آهيان. هاڻي تہ مان مُشڪي رهيو آهيان ۽ موت

تہ هر ڪنهن جي زندگي هڪ دم جي ڏاڍي تي پيئي هلي. تي سگهي ٿو مان ويهہ سال ٻيا پڻ جيئرو رهان ۽ ٿي سگهي ٿو تہ چار پنج سال مس ڪيان پنهنجي صحت جي خيال کان ! ڊاڪٽري ڪوجنا ڪافي اڳتي وڌي چڪي آهي ۽ مان خواه مخواه پاڻ کي نڳڻ نٿو چاهيان. تنهنڪري هي سڀ لکي رهيو آهيان. اُميد تہ اوهان منهنجي ڀاونا کي سمجهندا ڇاڪاڻ جو اڄڪلهہ پاڻ کي واضع ڪرڻ لاءِ ٻوليءَ کي اڻپورو محسوس ڪري رهيو آهيان. اِها پڻ ڪمزوري ٻوليءَ جي نہ، منهنجي ڄاڻ جي ڪوتاهي سمجهڻ گهرجي، نہ تہ سنڌيءَ جهڙي Expressive ٻولي دنيا ۾ مشڪل هوندي.

هاڻي اچون Ego جي سوال تي. توهان ئي چوندا آهيو تہ بنيادي حقيقت اِنسان جو 'اهم' آهي جو انسان کي ٺاهي ۽ ڊاهي ٿو. فلاسافي جو بنياد ٿو وجهي ۽ مٽي پليت ٿو ڪري. منطق جي لحاظ کان تہ مرڻ بعد منهنجي مٽي سنڌوءَ ۾ وجهن چاهي ڪنهن گٽر ۾ وجهن، مونکي ڪهڙو فرق پوڻ کپي ! پر جيستائين جيئرو آهيان ڇا منهنجي اَهم ڏانهن منهنجي ايتري جوابداري نہ آهي جو جنهن ڳالهہ ۾ مان وشواس ٿو ڪريان، منهنجي موت بعد مون سان تعلق رکندڙ مٽيءَ جو فيصلو مان (وري بہ اهم جو سوال ٿو اچي) ڪريان ؟

هيءُ سڀ اوهان ڏانهن انڪري لکي رهيو آهيان، ڇاڪاڻ تہ اُميد رکان ٿو تہ اوهان هن مسئلي کي سمجهي سگهندا ۽ ڪا واهہ ڳولهي ڪڍندا. هونئن تہ ٻين لاءِ اهي سڀ واهيات ڳالهيون آهن - ڪنهن بيمار شخص جي بيمار دماغ جا بيڪار ۽ بيسود وسوسا ۽ وقلڻ !

ڇاڪاڻ جو جيئرو رهڻ چاهيان ٿو ۽ اُميد اٿم تنهنڪري هوموپٿيءَ جي دوا ڪرڻ لاءِ مان نويمبر جي پهرين هفتي ۾ بمبئي اچي رهيو آهيان هڪ هفتي لاءِ. اُميد تہ خوب رهاڻيون ڪينديون.

هاڻي اچون دنيا جي ڳالهين تي. مون اڳوات بہ اوهان کي لکيو آهي تہ هتان سنڌ وڃڻ سولو آهي ۽ اوهان کي ڪن دوستن جون ائڊريسون موڪلڻ لاءِ لکيو هوم، پر اوهان سنڌ ۾ اٽائو واءُ ڏسي ڪاٻہ ائڊريس ڪونہ موڪلي. ڪنهن هڪ دوست جي ائڊريس بہ هجي ها تہ گهٽ ۾ گهٽ ڪُجهہ ڪلاڪ ئي ڪراچي ۾ In Transit رهي ڪن يارن سان ملاقات ڪري سگهجي ها. شڪر.

ڪجهہ وقت مون هتي ڀڳوان ڳدواڻيءَ جو SWORD OF TIPU SULTAN

پڙهيو آهي ۽ مون اهو تمام شدت سان محسوس ڪيو ته اسان سنڌين ۾ ٻن قسمن جا مُفڪر آهن. هڪڙا جن پنهنجي Career کي توجهه ڏني ۽ مٿئين وچولي طبقي مان هئڻ جي ڪري کين موقعا ۽ سهوليتون پڻ هيون ۽ هاڻي اُهي intellectuals ڪن عهدن تي پهچي ڪجهه زندگيءَ جا آرام ۽ سهوليتون ماڻي پنهنجو Mental Horizon وڌائي سگهيا آهن ۽ انٽرراشٽري سطح تي ڪاميابي حاصل ڪرڻ لائق ٿيا آهن. جن ۾ ڊاڪٽر، انجنير، وڪيل، سول سرونٽس وغيره اچي ٿا وڃن. اها حقيقت آهي ته سنڌن Intellectual Calibre ڪافي بلند آهي.

ٻئي قسم جا دانشور جيڪي غريبن يا هيٺئين وچولي طبقي مان هئا اُهي اسان جي هلچل جو حصو ٿي پيا ۽ اڄ جي غلط ۽ ڪافي قدر مڊل ڪلاس ٻئڪگرائونڊ مان پئدا ٿيندڙ متضاد قدرن جي جار ۾ ڦاسي پيا آهن. اِنقلاب جي جنهن خواب کين سنڌن داخلي ۽ شخصي مجبورين مان آزاد ڪرڻ جي اُميد ڏني هئي، اُن انقلاب جي خواب جو جادو ٽٽڻ بعد اڄ هو خود ٽٽي رهيا آهن. هرڪو الڳ الڳ نموني ٽٽي رهيو آهي. اهڙن ساٿين سان اوهان 'هلچل' جنهن کي توهان Movement چوندا آهيو پوءِ پل اُنکي ڇٽي طرح define نه ڪري سگهندا ڇجون، ڪيتري قدر هلائي سگهندا ؟ ڪيئن هلائي سگهندا ؟ هاڻي اچي رهيا آهن صرف ڪي ننڍا وڏا AMBITIONS (ايمبيشنس) ڪٽي، ڪي ننڍيون Jealousies ڪٽي ۽ ڪي ڪن ننڍن مرڪزن ۾ STATUS SEEKERS -

**سنڌيت** جي فلاسافيءَ سان رغبت ڪنهن جي رهي آهي ؟

هاڻي سوال آهي ته رستو ڪهڙو ڪُليل آهي ؟ اوهان اندر ڦولهيو. رستو نڪري ايندو. پر جيڪي رستا ۽ جيڪي SOLUTIONS ويهه سال اڳ VALID هئا، هاڻي پڻ اُهيئي نيڪ آهن اهو هرويرو ضروري ڪونهي ۽ اهو به ضروري ڪونهي ته ويهه سال جهوني هر چيز کي DISCORD ڪجي. منهنجي چوڻ جو مطلب صرف اهو آهي ته هاڻي 'اوهانجي' - هلچل هڪ ميلي جو روپ ورتو آهي ۽ اُتي بازيگر ۽ جادوگر تماشبينن جي تاڙين ۽ واهه واهه جا ڪوڏيا اچي گڏ ٿيا آهن ۽ توهان جهڙي SERIOUS ڪم ڪندڙ مفڪر ۽ مدبر کي هن کان الڳ ٿي ڪو آستان ٺاهي، بمبئي شهر کان گهٽو پري- پوءِ پل ته ڪيرت باباٽيءَ کي صوفي فقير جو ٽڪاٽو ڇو نه کولٽو پوي، الڳ رهڻ کپي. منهنجي توهانکي وينتي آهي ته هن ميلي ۽ ملاڪڙي کي

پنهنجي PROPER PERSPECTIVE ۾ سمجهي اوهان هن ڳالهه تي وڃو. ڪيرت سيا جو صدر پنج سال رهي يا ست سال رهي، سنڌي قوم کي ڪو فرق ڪونه پوندو پر ڪيرت ٻاٻاڻي ٻه سال ٻيو ڪو ڪم ڪري ته ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ سنڌي قوم ٻنهي کي فيض رسندو.

هاڻي اچون هتي جي ڳالهه تي. خواب ته گهڻئي ويئا ڏسون. ايندڙ مهيني مالهي اچڻو آهي. هتي ڪا لهر پئدا ٿئي ته ايندڙ سال هتي چيٽي چنڊ ملهائبو ۽ اُن وقت اُميد آهي ته اوهان کي به هتي اچي صدارت ڪرڻ لاءِ گهرائي سگهبو. ٻيو مون ۽ ڪلا هتي 'شاهه ڪلاس' شروع ڪرڻ جو ويچار ڪيو آهي. شروع ڇئن ڄڻن سان ڪنداسين. مان، ڪلا، موتي ۽ گوپ. هر هفتي جمع ڏينهن هڪ ڪلاڪ ئي سهين، شاهه کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين. سڀ اِنَ ۾ متفق راءِ جا آهيون ته شاه جي پيغمبريءَ جو نقاب ٿورو هٽائي، شاهه جي شاعراڻي صورت جو مشاهدو ماڻيون. خبر نه آهي ڇو شاهه کي پردي نشين عورت وانگر صدين کان پيغمبريءَ جو برقعوپهرائي سندس شاعراڻي شڪل ڍڪي ويئي آهي. مان هونئن شاه جو پنهنجي ليکي ۽ هر ڪنهن عظيم شاعر جو پنهنجي ليکي پيغمبر هئڻ کان منڪر نه آهيان. مونکي سندن پيغمبري پڻ پياري آهي پر سندن شاعريءَ تي پيغمبريءَ کي غالب ٿيڻ نه ڏجي ته ڪيترو نه سٺو ٿئي. اسان جا غريب شاگرد ائين بي معنيٰ کوهن مان آتمڪ معنائون ڪوڙي ڪيڍڻ لاءِ مجبور نه ڪيا وڃن ڪاش!

پيار سويتا ۽ ٻارن لاءِ ۽ سڀني دوستن لاءِ.

اُميد ته اوهان هن خط تي سوچيندا ته ڪا راهه نڪري ايندي.

اوهانجو پنهنجو

موهن

ق-ت- هيءُ خط سويتا کي نه ڏيکاريندا ڇاڪاڻ ته تمام جذباتي آهي هروبرو چنتا ڪندي. پر پوپٽيءَ کي ڏيکاريندا ته شايد اُها ڪُجهه ذهني طور راهه ڳولهڻ ۾ واهر ڪري سگهي. اهو مطلب نه آهي ته پوپٽي جذباتي نه آهي. پر هوءَ منهنجي جذبات سمجهي سگهندي، اِها اُميد اٿم.

موتي ۽ ڪلا ٻاران سلام قبول پون. سنڌوءَ جي بدلجندڙ موڊ موجب هو پڻ ڪافي پريشان آهن نه ته ڪين پڻ دل آهي خط لکڻ جي.

حيدرآباد سنڌ، ٢٢-٧-١٩٧٩

شري ڪيرت باباڻي،

نمستي

اهو معلوم ڪري ڏاڍي خوشي ٿي ته توهان سنڌ کان ٻاهر به سنڌ ۽ سنڌيءَ جي جوت جلايو ويٺا آهيو. سچ پڇو جنهن مهل توهان بابت معلوم ٿيو، اُن مهل دل آهڙو ته خوش ٿي جو چاهيم ته پر ڪري توهان وٽ اُڏامي اَچان. پر بيوس جو پر ڪونهن. پر دل کان رهيو ڪونه ٿيو ۽ هي خط لکي رهيو آهيان.

پنهنجي ڏيهه جي واسين ۽ پنهنجي پياري ۽ مٺڙي زبان ڳالهائڻ وارن لاءِ ڪيتري سڪ ۽ چڪ ٿئي ٿي، اِهو هاڻ پيو معلوم ٿئي. اُميد ته هن خط جي جواب کان نراس نه ڪندا. اسان جي دل ته ڏاڍو ٿي چاهي ته توهان سان ناتا قائم ڪريون. ڇا توهان به اهو پسند ڪندا ته پنهنجي ماتر ڀوميءَ جي رهواسين سنڌين سان ناتا قائم ڪريو ؟ ڇا توهانکي ان ۾ خوشي ڪانه ٿيندي ته پري هوندي به توهانجو ناتو پنهنجي پياري سنڌڙيءَ سان قائم آهي ؟ اسين چاهيون ٿا ته توهان سان ڀائيچارو قائم ٿئي. ٻيا به ڪي اَهڙا دوست هجن ته اُنهن کان به واقف ڪندا ته اسين اُنهن سان به لهه وچڙ ۾ اچون. توهان ڪنهن اهڙي بڪ اسٽال جو نالو ۽ ايڊريس ڏئي سگهندا، جنهنکي اسين هتي ڇپجندڙ ڪتاب ۽ رسالا موڪليون. اِهو به هڪ رستو آهي ناتن وڌائڻ جو. جلد ئي اسين هڪ سروي ڪرڻ وارا آهيون، جنهن ۾ اسين اِهو معلوم ڪنداسين ته سنڌ کان ٻاهر ڪهڙن ڪهڙن هنڌن تي ڪيترا سنڌي رهن ٿا. اِها سروي آسانجي ان دعويٰ کي سچو ثابت ڪندي ته سنڌي ٻولي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڳالهائي وڃي ٿي ۽ اها هڪ انٽرنئشنل ٻولي آهي. اُميد ته اِهو ڪم توهانکي به پسند ايندو ۽ سنڌي هجڻ جي ناتي ۾ ان ڪم ۾ اسانجو هٿ ونڊائيندا. اُميد اٿم ته خط جو جواب ڏيندا ۽ نراس نه ڪندا.

توهانجو خير گهرندڙ

خدابخش امير

ومبلي (يو.ڪي.)، ٢٩-٨-١٩٧٩

پيار ڀاءُ،

اوهانجو خط پهتو - يادگيري لاءِ ٿورائتو آهيان. خط ۾ ڏاڍي مايوسي پئي جهلڪي. آخر خير ته آهي. منهنجي اچڻ جي خواهش هئي پر نه ٿي سگهيو. وري ايندڙ مهني شايد نڪرڻ ٿئي. بلوچن جي ڪٺي گڏجاڻي ڪرڻي آهي. جن هنڌن مان ڪنهن هڪ تي ڪونائڻ جو ويچار آهي ٽن مان هڪ بمبئي به آهي. جاءِ جي چونڊ ڪرڻ وقت به ٻي ڳالهيون ڌيان ۾ رکڻيون آهن. هڪ ته خرچ گهٽ اچي ۽ بيو ڪم رازداري سان ٿئي.

جي بمبئيءَ کي دوستن پسند ڪيو ته ملاقات ٿيندي. بمبئيءَ جي واقفيت گهٽ اٿئون. هوٽلن جي خرچن جو پتو ڪونهي. باقي رازداري چڱي آهي جو اسان مان ڪير ڪنهنکي سڃاڻيندڙ ڪونه ملندو.

هتي ڪجهه سنڌي رهن ٿا. ڀلي کي ڦاسي ملڻ تي منجهن جوش هيو. چيائون ٿي ته ڪا اخبار ڪڍون ٿا. انکي به مهنا ٿيا ته وري منهن ئي ڪونه ڏيکاريو اٿن.

اوهان ڏي جيڪڏهن سنڌي شاگردن جي ڪا سنستا يا سڀا هجي ها ته اُن مان نڪرندڙ جوان، پراڻي نسل وارن جون جايون وٺن ها. شايد اِتي سنڌي قومي هلچل ۾ فقط پراڻي نسل آهي ۽ اها پوري ٿي ته ان سان گڏ ڀارت ۾ سنڌي قومي هلچل گذريل تاريخ جو باب بڻجي ويندي. اِنهن ڳالهين هوندي به سنڌ اوس زنده آهي ۽ زنده رهندي. پاڪستان پيا ڦهندا ۽ ڊهندا. پر سنڌ ختم ڪانه ٿيندي. رڳو ڪجهه دير آهي. اها به سڀني جون ڪوششون هجن ها ته ايڏي ڪانه ٿئي ها.

ڪو ياد ڪرڻ وارو ملي ته سلام چئجوس. اُتم جو ڇا حال آهي؟ اُميد ته آئينده به يادگيري ڪندا رهندا.

اوهانجو ڀاءُ

قابلي (مَتيل نالو)

شارجاهه، ٢٢-٧-١٩٧٩

پيارا سائين،

اُميد تہ مزي ۾ هوندا. توهان جو مختصر خط موتي ۽ مون ڏانهن گڏ لکيل پهتل آهي، مهرباني. اُميد تہ آئينده پڻ اوهان نہ وساريندا. هاڻي منهنجي طبيعت ڪافي قدر ٺيڪ آهي. ٻارن جي اِمتحانن بعد روپ پڻ هتي هلي ايندي.

ويچار تہ اهو ئي هو تہ توهانجي مختصر خط جي جواب ۾ مان هڪ طويل خط لکان ۽ ڪيترين ئي ڳالهين تي خيالن جي ڏي-وٺ ڪريان ڇاڪاڻ جو هتي تہ اُن ليول جو ڪوبہ شخص نہ ملي سگهيو آهي. پر چوندا آهن تہ بهتر خط اُهيئي ٿيندا آهن جي ڪڏهن نہ لکيا ويندا آهن. صرف سوچيا ويندا آهن. اُن حساب سان مان توهان کي سوين خط لکي چڪو آهيان.

اوهان ورلڊ سنڌي ڪانفرنس جي ڳالهہ لکي آهي. هڪ ڳالهہ چٽي ڪري ڇڏيان تہ ڪيترين ئي ڳالهين ۾ اوهان سان سهمت نہ هوندي پڻ، مان هلچل ۾ جيڪو بہ گهٽائيءَ سان فيصلو ڪيو ويو آهي، مون اِخلاقي طور پاڻ کي ٻڌل رکيو آهي. پوءِ اهو سوال **سنڌي نئشنل فرنٽ** ناهڻ جو هجي، يا سيا کي **Political base** ٻڌائڻ جو هجي. مونکي اُنهن لاءِ ڪي بنيادي طور **Reservations** رهيا آهن. ساڳي طرح ورلڊ سنڌي ڪانفرنس جي مقصد ۽ **directions** بابت پڻ چٽائي هجڻ بلڪل ضروري آهي. جيڪڏهن ورلڊ سنڌي ڪانفرنس جو مقصد سنڌي **Nation** ۽ نہ ڪ 'جاتي' جي ڪلچرل پهلوءَ کي دنيا اڳيان ظاهر ڪرڻو ۽ **emphasize** ڪرڻ آهي تہ پوءِ اُن مان پئدا ٿيل حاصلات کي راجنيتي سطح تي **channelize** ڪيو ويندو ڇا ؟

سنڌي قوم جو آئيندو سنڌ ۾ آهي ۽ سنڌ جي آزاديءَ جي **Concept** سان وابست آهي ۽ جيتري قدر سنڌ جي آزاديءَ جو سوال آهي، اُهو اَڄ جي حالتن ۾ صرف هڪ خوشنما خواب ئي آهي، ڇاڪاڻ جو ٿي نٿہ رامجي نالي جنتا کي خوب لڳي رهيا آهن پوءِ اهو چلي هجي، هنگاري هجي يا ويٽنام هجي. **Ideology** راجنيتي شطرنج ۾ ختم ٿي چُڪي آهي ۽ اِها گذريل صديءَ ۽ هن صديءَ جي شروعاتي ڏهاڪن جو **Hangover** آهي ۽

تاريخ اوهان سان ڏوهه ڪيو ۽ اوهانجي Frustration اوهان کي بي آرام بڻائي ڇڏيو ۽ اها بي آرامي آهي، جيڪا ڪيرت ٻاٻاڻيءَ کي ڪُجهه نه ڪُجهه ڪرڻ لاءِ مجبور ڪندي رهندي آهي. هن بي آراميءَ جي مجبوريءَ کي rationalise ڪرڻ به ڪير مسٽر ٻاٻاڻيءَ کان سکي!

اوهان کي شخصي سطح تي analyse ڪيو اٿم، جنهن گُستاخي لاءِ معافي اڳواٽ ئي وٺي ٿو ڇڏيان. پر منهنجي ويچارن کي 'Extremist' ۽ 'Confused' جي ليبل لڳائي دماغي تحڪاني ۾ دٻائي نه ڇڏيندا، چاڪاڻ جو مونکي جيڪي ڪُجهه چوڻو هو اُهو مون صرف ٽپن ۾ چيو آهي، هن تي هڪ طويل مضمون لکي سگهجي ٿو ۽ مان اوهان جو reaction ڄاڻڻ ضرور چاهيندس.

هڪ ٻي ڳالهه جنهن تي مون نَي اوهان جي ويچارن جي ضرورت آهي ته هاڻي نئين سر Islamic Theocracy زبردست طاقت بڻجي اڀريان آئي آهي، تُرڪي کان انڊونيشيا تائين!

Geopolitical Equation ۾ هن عناصر جي ڪهڙي جڳهه آهي ۽ هن جو ڪهڙو Character آهي. راجنيتي Equation جي ڳالهه ڪئي اٿم ۽ هن کي ideological بنياد تي ڇيد ڪرڻ ٿو چاهيان. اها طاقت Triangle جي ڪهڙي طرف آهي؟ ايران ۾ آمريڪا جي طاقت کي ڌهرم ڳهت ۾ ڳهت اهو ته ثابت ڪيو آهي ته اِهو اسلامي مذهب جو جنوني نظام ۽ طاقت راجنيتي سطح تي آمريڪا طرف جهڪيل ڪونهي.

اُميد ته اوهان پنهنجي ڇيد سان منهنجو اهو مونجهارو دور ڪندا.

اوهان جيڪڏهن ورلڊ سنڌي ڪانفرنس جو اُتساهه - وشوَ هندي سميلن ۽ ورلڊ تامل ڪانفرنس تان حاصل ڪيو آهي ته اوهانکي اهو نه وسارڻ گهرجي ته انهن ٻنهي ٻولين ۾ سلطنت شاهي ڏارائون موجود آهن ۽ آخرين ڇيد ۾ تامل، سيلان ۽ هندي ڪانفرنس، ماريشس سان راجنيتي پيچ جو هڪ حصو آهن ۽ الڳ-الڳ ملڪن ۾ Chinese population جي مسئلي جو ڪنهن حد تائين، جهڪو ئي سهين Counterpose آهن. مونکي خبر آهي ته اوهان منهنجي ڇيد سان شامل نه ٿيندا ۽ اوهان مونکي ٻئي حشو ڪيولراماڻيءَ جو لقب ڏيندا يا هوائي هٺڻ جو الزام ڌريندا. حقيقت ته اِها آهي ته اڄ جي زماني ۾ سڌي يا اڻسڌي طرح ڪنهن به ڪاريه ۾

پيا هلن ۾ ڏانگي وارا اندرا جي پوٽيءَ ۾ بڏا پيا آهن. عوام جو الله واهي ! اهڙي حالت ۾ چو نه ڪي سوچيندڙ شخص ڪو پليٽفارم ٺاهي هر ڪنهن واد جي dogmas کي ڇڏي عوام کي educate ڪرڻ جو ڪم ڪن. ؟ ڪم ڏکيو آهي، قبول ڪريان ٿو. ذريعا محدود يا نه جهڙا ۽ هر طرح کان Vested interests پاران مخالفت جو امڪان پڻ ! پر اوهان هن ڏس ۾ ڪجهه ڪري سگهو ٿا. هندستان جو Future ايندڙ پيڙهيءَ ۾ ئي آهي.

ٻڪي جي 'قتل' بعد سنڌ تي هيڪاري ٻري آئي آهي. هتي ڪيترائي سنڌي رهندا آهن پر ساڻن ڳالهائڻ مشڪل آهي، تنهن هوندي پڻ هڪ سائين 'جيئم' جو مريد گڏيو آهي. جنهن پاران سنڌ بابت خبر چار ملندي آهي. همراهه صادق جذبات سان ٽمٽار آهي پر اڄڪالهه جي Super Powers جي راجنيتي شطرنج ۾ صرف صادق جذبات ته گهڻو وقت ڪم نه ايندي. اهو ممڪن ٿي سگهندو ته مان هتي سنڌ مان سنڌس معرفت اخبارون گهرايان ۽ اوهان ڏانهن موڪليان ۽ اوهان پڻ سنڌ ۾ (شروع ۾ ته تمام Innocont نموني جا) ڪتاب وغيره موڪلڻ گهرو ته بندوبست ٿي سگهندو. اُتي سيني 'قوم پرستن' جي پوسٽ سينسر ٿيندي آهي، تنهنڪري خط-و-ڪتابت ڪرڻ واجب نه ٿيندي. مان شايد ٻن ٽن مهنن ۾ ڪنهن پاڪستاني پنجابي دوست جي شاديءَ ۾ شامل ٿيڻ جي بهاني وڃي سگهان. اُتي لاءِ اوهان ڪي هدايتون موڪليندا ته سنو ٿيندو. روبرو ڪنهن سان گڏجي - خاص ڪري سوڀي سان گڏجڻ جو خيال اَٿم، جيڪڏهن هو ٻاهر هوندو ته سڌي نه ته اَڻ سڌي نموني ئي.

هيءُ همراهه ايندڙ مهني سنڌ وڃي رهيو آهي اوهان کي ڪو به خط يا نياپو موڪلڻو هجي ته موڪليندا پر هن ڳالهه ۾ تمام ديرينائيءَ سان ڪم وٺڻو پوندو. في الحال ته هن ئي idea کي اُتي جي مرڪزن ۾ پهچائڻو آهي ته هند ۽ سنڌ کي چند سنڌي قوميت ۾ وشواس رکندڙ دانشورن جي لنڊن يا ٻئي ڪنهن هنڌ ميٽنگ رکجي. سنڌي قوميت جي هلچل لاءِ بنيادي ideological & political مقصد ميسر ڪرڻا آهن جو سنڌي قوميت هڪ جذبي مان ڦري هڪ ذهني Conviction جو روپ اختيار ڪري. راجنيتي تمام تکي رفتار سان وڙ وڪڙ وٺي

رهي آهي اَڄ جا دوست سياڻي جا دشمن ۽ اڄ جا دشمن سياڻي دوست بڻجيو پون. راڄنيتي جي حقيقت ۽ عوام کي ملندڙ خبرن ۾ تمام تورو تفاوت آهي. هر ڪنهن مُلڪ جي راڄنيتي ۽ راڄنيتي نيتائن جي Credibility ختم ٿي چڪي آهي.

سنڌ جي سلسلي ۾ ڀُٽي جي رول کي وري سمجهڻ ۽ ڪجهه راڄنيتي فائدو حاصل ٿئي ته جهونا Prejudices ڇڏي re-evaluate ڪرڻ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن اُهو ئي ڪو پناڻ يا پنجابي-ڦُجي ها ته ڪيس ائين نه ماريو وڃي ها. ڀٽي جي لاش جو وزن ۳۵ ڪلو هو. هن مان اندازو لڳائي سگهو ٿا ته ساڻس ڪهڙا وئل وهيا هوندا. پر هن جي Spirit کي داد آهي. پنهنجي موت سان پنهنجي سيني اوٽاين جو حساب چُڪتو ڪري ويو. حقيقت ۾ ڪيس به ڪن Compulsions هيٺ ڪم پئي ڪرڻو پيو. هو خود **هڪ قيدي وزيراعظم هو، جڏهن هن عوام سان سڏو سنهنڊ جوڙڻ گهريو، تڏهن ڪيس هٽائي، ٻي ڪٺ-پتليءَ کي آندو ويو.**

اوهان جو ڀٽي بابت هاڻي ڪهڙو ويچار آهي. اَسانکي اِن نموني سوچڻو آهي ۽ ڪن Prejudidces ۽ ٻڌل ڳالهين تي ڀروسو نه ڪرڻو آهي.

هاڻي ڇڏيو هنن اَجاين ڳالهين کي. سيا جو ڪهڙو حال آهي ؟ جيڪڏهن سيا جي بليڻ ڪيندا آهيو ته موڪليندا رهندا. پوپٽي ۽ ٻيا سڀ دوست ڪيئن آهن. اُميد ته ڪُنو هاڻي چاڪ هوندو.

وڏيڪ اوهانجي خط جي انتظار ۾

موهن

---

شارجاهه ۲۷-۱۲-۱۹۷۹

پيارا سائين،

اُميد ته مزي ۾ هوندا.

هن ڪان اڳه خط لکڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم - پر خط اڌورو ئي رهجي ويو - گذريل ٻه مهنا هتي ڪافي پريشانيءَ ۾ گهاريا اٿم. هڪ نوڪري ڇڏي ٻي نوڪري هٿ ڪيم ته جيئن دبئي ۾ روپ کي پڻ نوڪري ملي سگهي ۽ هتي چنڊالن جي چونڪڙيءَ کان نجات ملي ۰ پر فئڪٽريءَ جي مالڪ نوڪري ڇڏڻ نه ڏني. هتي آسانجي حالت غلامن کان بدتر آهي. گانڌيءَ

---

ڏکڻ آفريڪا ۾ هندستانين جي حالت هن کان گهٽي بهتر ڏني هوندي. خير ! هتان جا مُلڪ تيل جي پئسي جي ڪري اُيرنڊڙ سڄ آهن ۽ هرڪو پيو کين سلام ڪري، سو اَسانجي غريب مُلڪ جي ماڻهن جي کهڙي مجال تہ ڪو چون-چان ڪن ! هنن پيٽرول کي هٿيار بڻائي دنيا جي اقتصاديت (Economics) سان جيڪي راندا کيا آهن اُن جو مثال دنيا ۾ ورلو ملندو. خير ڇڏيو هنن ڳالهين کي.

ايران هتان اٽڪل ٢٥٠ ڪلوميٽر جي مفاصلي تي آهي. سو ايران ۽ آمريڪا جي ڇڪتاڻ هتي ڪهڙو اثر ڪيو هوندو اهو اندازو اوهان خود لڳائي سگهو ٿا. هتي راجنيتي شيخن جي ئي شخصي شطرنج آهي ۽ عوام کي اُن ۾ ڪو بہ حصو وٺڻ جو حق نہ آهي پر ائين لڳي ٿو ايران جا Tremors هتي پڻ حاڪمن کي ڪافي پريشان ڪري رهيا آهن. ڪنهن وقت اِهي مُلڪ ايران جو ئي حصو هئا. ڏسجي هاڻي ڇا ٿو ٿئي. ڪڏهن هتان پڻ لڏ پلاڻ شروع ٿي ٿئي - دنيا انتر راشٽريہ سطح تي ڪنهن گنڀير گهوٽالي جي حالت مان گذري رهي آهي ۽ اَسانجي ملڪ ۾ راجنيتي ميدان هيجڙن ۽ مسخرن جي حوالي ٿي پيو آهي (ڪجهہ ڏينهن اڳ اِنڊين ايڪسپريس ۾ آل اِنڊيا هيجڙا جمائت جي صدر جو بيان نظر مان گذريو اٿم) اَسان انقلاب کي دوکو ڏنو آهي يا تاريخ جي ڪنهن موڙ تي اِنقلاب اسان کي گوهي ڏيئي ويو آهي اِهو فيصلو هاڻي تہ اَسان نہ ڪنداسين. شايد ايندڙ وقت ڪري سگهي. ”ايندڙ وقت“ جو خيال ڪيترو نہ من موهيندڙ ٿيندو آهي. سڀ Frustrations ناڪاميابيون - ڪمزوريون ”ايندڙ وقت“ جي جهوليءَ ۾ وجهي ڇڏيون آهن ۽ ائين پنهنجي existance لاءِ justification ڳولهي ونبو آهي - پر هن دلفريبيءَ کي پڻ مانسڪ طور ڏرم / خدا جي خيال جيان ڪنهن من وگيان جي ڊاڪٽر جي دوا وانگر اَهميت آهي.

ڪجهہ ڏينهن اڳ سنڌ مان هڪ دوست آيو آهي. اُن دوست جو ذڪر مون اڳئين خط ۾ ڪيو هو. اٽڪل سو ڏيڍ ڪتاب کڻي آيو آهي. همراه کي شاباس هجي ۽ جام شورو جي سنڌالاجيءَ جي ڊپارٽمينٽ مان سنڌي سنگيت کي محفوظ رکڻ لاءِ جيڪي Cassettes وٺن آهن، اُنهن مان ڪي کڻي آيو آهي. ويچار آهي تہ duplicate ڪرائي اوهان کي موڪلي ڏيان جيئن، سيا وت پڻ ڪجهہ خزانو هجي. سيا وت نہ تہ ڪيرت وت تہ هُجي. هن دوست

Combination / permutation جي حساب ڪتاب جي شطرنج ۾ پيادا ڪم اَچي رهيا آهن.

اوهان اُتان جي اَحوال کان واقف ڪندا. صرف توهان سان ئي پنهنجن خيالن جو اِظهار ڪري سگهندو آهيان. هونئن هن ملڪ ۾ تہ سُڃ لڳي پيئي آهي. بمبئي اچڻ کان اڳوات وايا ڪراچي اَچڻ جو خيال آهي. هتي روپ سنڌ مان آندل نيزا ڪائي رهي آهي ۽ بير پڻ کائي رهي آهي، اوهان کي وڻندا آهن آلائي نہ ؟ دوست کي چيو هوم تہ جئ. ايم کان اوهان لاءِ ڪا سنڌي پڳہ وٺي اچي پر سندس گڏجاڻي ڪونہ ٿي. اُميد تہ ايندڙ ڀيري اهو ڪم ٿي ويندو.

موتيءَ وٽ 'رچنا' اخبار ڏٺم. ''ادو عبدل رحمان'' ڪهاڻي مدن جماڻيءَ جي نالي ڇپي ويئي آهي. اوهان کي حقيقت جي خبر آهي. ڪيس گڏجڻ تي شرمائيندا تہ سهين ؟ مون ڪيس خط لکيو آهي. سپا جي ڪارگذارين کان واقف ڪندا.

اُميد تہ اها آهي شايد هن سال دبئي ۾ چيٽي چنڊ ملهايو ويندو. ڪهڙي پٺماني تي ۽ ڪهڙي نموني اهو چوڻ ڏکيو آهي.

٣ تاريخ اوهان جو جنم ڏينهن آهي. دل دعا پيئي ڪري. لفظن سان ڪهڙو اظهار ڪريان ! خط جو جواب ڏيندا ۽ سرگرمين کان واقف ڪندا رهندا.

اوهان جو،

موهن.

ق-ت- سوڀي کي خط لکيو اٿم - سڌو نہ پر ٻئي ڪنهن معرفت - سندس ڏانهن خط Censor ٿيندا آهن ۽ سوڀي جا لکيل پڻ. اوهان کي ڪو بہ نياپو يا خط ڪنهن کي لکڻو هجي / ڪوبہ ڪتاب کپي تہ لکي موڪليندا. دوست ڪافي اُتساهي آهي.

لنڊن، ١٣-٣-١٩٨١

پيارا ڪيرت سدائين خوش هجو شال،

گهڻي وقت کانپوءِ اوهان ڏي خط لکيو اٿم پر دل سان اوهانکي هر وقت ياد ڪندو آهيان. پهريان جو اوهانکي حال احوال ڏيان، اول ته اوهانکي لک واڌايون هجن لينن اِنعام ملڻ تي - بيو اَوهانجو وڏو ٿورو جو حبيب الله جي آجيان ڪيو ۽ اُنکي آجهو ڏنوَ.

مان هتي لنڊن فيبروريءَ جي پهرين هفتي ۾ آيو آهيان ۽ ٻن ٽن مهينن جي رهڻ جو ارادو اٿم - جڏهن اَسين گڏريل سال دهليءَ ويا هئاسين فيبروريءَ ۾، تڏهين اوهانکي ڪجهه ننڍا ڪتاب موڪليا هيم، جي اُميد ته مليا هوندا - مون دهليءَ مان اَوهان سان فون تي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي پر فون ملي نه سگهي ۽ بمبئي به نه اَچي سگهياسين جو سڏو واپس وڃڻو پيو. مسز اندرا گانڌيءَ سان اَسانجي تمام ڪامياب ملاقات ٿي هئي، جنهنجو احوال روئبرو ڪبو. منزل تمام ڏکي آهي هن وقت ۽ اَسانکي تمام گهڻي محنت ۽ ڪشالا ڪڍڻا پوندا - اَسان بلڪل تيار هئاسين بمبئي اَچڻ لاءِ پر منهنجي سهري جي اَچانڪ گذاري وڃڻ ڪري، اَسانجي رٿا وچ تي رهجي وئي. مونکي راجوءَ، جنهن سان منهنجي ملاقات پهريون ڀيرو هاڻ ٿي آهي، ٻڌايو ته اوهان ماسڪو وڃڻ وارا آهيو. مهرباني ڪري اَسانکي پنهنجي پروگرام کان آگاهه ڪندا، جو اَسين پنهنجي رٿا ٺاهي سگهون. راجوءِ سان هڪ ڀيرو ملاقات ٿي گذريل هفتي۽پر هن هفتي سومر جي ڏينهن پِتي جي آپريشن ٿي اَٿس. مان به ڀيرا اَسپتال ۾ ڏسي آيو آهيانس ۽ اِنشا الله ڏهن- ٻارهن ڏينهن کانپوءِ گهر اچي ويندو ۽ اوهانکي ياد پئي ڪيائين.

هت لنڊن ۾ اَسانجا بروچ ليڊر اطاالله مينگل ۽ خير بخش خان مري ملڪ کي خيرآباد چئي اَچي وينا آهن ۽ کُلم کلا آزاد بلوچستان جو پرچار ڪري رهيا آهن. انهن جي اخبار قادربخش نظاماڻي ڪڍي رهيو آهي. اَخبار جا پرچا، جي اوهانکي نه پهتا هجن ته مان اوهانکي موڪلي ڏيان. مان به انهن سان ملاقات ڪئي آهي. اَسين به چاهيون ٿا ته ملڪ کان ٻاهر نڪري اچي هت انگلنڊ ۾ ڪم ڪيون ۽ G M ۽ ٻين جي به اِها رٿا آهي. اسين پنهنجي آزاد سنڌ لاءِ ۽ پاڪستان جي خاتمي لاءِ جيستائين هت اولهه ۾ پرچار ڪري هڪڙو Opinion پيدا نه ڪنداسون، تيستائين اسين

سمجهون ٿا تہ ڪجهہ نہ ٿيندو. پنهنجي هم خيال دوستن سان ملاقات ڪرڻي آهي ۽ پروگرام ناهڻو آهي ۽ مان سمجهان ٿو تہ هي وقت بہ صحيح آهي.

مهرباني ڪري اوهان پاڻ ۾ بہ صلاح ڪيو. دادي پوپٽي ۽ ٻين دوستن سان ۽ ڪا صلاح وٺو نہ تہ وقت اسانکي پنيان ڇڏي ويندو.

هتي سنڌ ٽائيمس ۾ آچاريا مهاديو (M.P.) جي اِنٽرويو پڙهيم جا تمام پسند آئي ۽ مونکي پوري اُميد آهي تہ پنهنجي گڏيل ڪوشش سان اسين ضرور ڪامياب ٿينداسون.

منهنجا پيار ۽ سلام اديءَ کي ۽ ٻارن کي - دادي پوپٽي کي منهنجا خاص سلام ۽ نياز- ادي موهن ڪلپنا کي بہ مان تمام گهڻو ياد ڪندو آهيان. ڪيس منهنجا نياز چوندا. سلام سيني دوستن کي.

اوهان جو نيازمند

حليم (نالو مٽيل)

---

دُبئي ۷-۱۲-۱۹۸۲

پيارا ڪيرت،

اُميد تہ مزي ۾ هوندا،

اوهانجو خط پهتل آهي. هونئن موتي ڪيترائي دفعا ذڪر ڪندو آهي ۽ رام-ست ڏيندو آهي ۽ مان پڻ ڪيس رام-ست جو جواب ڏيندو آهيان.

هاڻي چاچي جعفر سان ڳالهايو اٿم ۽ ڪالهہ موتيءَ سان ڳالهايم-موتيءَ جا ٻار ۵/۵ ڪاپيون ڪڻي ايندا ۽ چاچو جعفر چوي ٿو تہ حال ۾ تہ ڪو هتيڪو ماڻهو وڃڻ وارو نہ آهي. خير ! ڪتاب هتي هوندا تہ اُتي پهچي ويندا.

اَوهان جي خط لاءِ شڪايت اِها آهي تہ تمام مختصر آهي. اُوهان جي مشغولين جو ڪو اَحوال ئي ڪونهي. اِئين تہ ممڪن ئي ڪونهي جو اَوهان مشغوليون گهٽائي ڇڏيون هجن يا بنهہ بند ڪري ڇڏيون هجن. اَسانجون تہ اوهان ۾ اَڃا تمام گهڻيون اُميدون آهن. هتي سنڌ جي هلچل بابت ايتري خبر چار نٿي ملي، چاڪاڻ جو خبرن جا سڀ ذريعا بند آهن، البت ضيا خلاف جيڪا هلچل هلي رهي آهي تنهن بابت اَخبارن ۾ ڪُجهہ احوال ايندو رهندو آهي پر پاڪستان ۾ لوڪشاهيءَ هلچل ۾ اسان جا دوست ڪهڙا آهن

۽ ڪٿي آهن اِها خبر نہ آهي. هن ملڪ ۾ سياست تہ هڪ Taboo آهي جنهن بابت ڳالهائڻ يا سوچڻ صرف آڏ مغزين جو ڪم آهي.

هاڻي تہ هر مُلڪ ۾ سياست گونڊن جو ڪاروبار ٿي پيئي آهي - هن حالت ۾ اَسان جهڙا ماڻهو جن سياست کي ڪن آدرشن ۽ اصولن کي برٿواب ڪرڻ جو ذريعو پيئي سمجهيو ۽ نہ ڪ تمام گهڻن پئسن ڪمائڻ جو، پاڻ کي نڳيل محسوس ڪري رهيا آهيون ۽ سياسي سوچ Paralyze ٿي ويئي آهي. ممڪن آهي تہ اوهان کي اَڄان تائين کي Illusions هُجن ۽ جيئري رهڻ لاءِ ڪيترائي فريب پالڻا پوندا آهن - پر آخر هنن Illusions جو اَنت ڇا ؟ ڪوبہ جواب ڪونهي ؟ يا وري چارواڪ فيلسوفي مت موجب جيئرو رهڻ ئي هڪ ۽ واحد سچ آهي، جو خوبصورت آهي. زندگيءَ ۾ معنيٰ ڳولهڻ اَجائي ڪوشش آهي - البت اَجائي هوندي پڻ لازم ڪوشش، خود زندگي جيئڻ !

هتي منهنجي ۽ روپ جي نوڪري هلي پيئي - اَڃا تہ ڏولاون ۾ آهيون - ڇاڪاڻ جو هتي سڀ نئين سر ٺاهڻو پيو آهي. اُميد آهي تہ سال ڪن ۾ سنوت تي ڳالهہ پهچندي. اوهان پنهنجي ڪم-ڪار بابت ڪُجهہ بہ نہ لکيو آهي ؟ هاڻي ٻڌو اٿم تہ جڳهين جا اَگهہ ڪجهہ گهٽيا آهن. پر جيڪي آهن اُهي پڻ سٺي جا اگهہ ئي آهن. هندستان ۾ ايترو Purchasing Power ڪٿي آهي ؟ هاڻي ٻيا ڪهڙا ڪم ڪنيا اَٿو يا پنهنجي فيصلي موجب هي اوهان جو آخرين ڪم آهي ؟ سويتا اڃا گهڻا سال نوڪري ڪندي ؟

**مان تہ ائين ٿو چاهيان تہ توهان ڪڇ يا راجسٿان ۾ هلي ڪو آشرم برپا ڪريو جو اسان پڻ رٽائر ڪري اُتي اچي رهون۔ توهان کي تہ خبر آهي تہ اها منهنجي ڪيتري نہ جهوني خواهش آهي !**

پر ڪيرت باباڻي جڏهن اهڙو ساهس ڪري نہ ؟

سندر جيڪو جئپور ۾ ڪم شروع ڪيو هو تنهن ۾ ڪيس نقصان ئي پيو آهي، ڇاڪاڻ تہ مئڪسيڪو ۾ ناڻي جي اگهہ ۾ گهڻو فرق پئجي ويو ۽ سندس پاڻ جا پئسا اُتي رُڪجي ويا ۽ سندس رولنگہ بند ٿي ويئي آهي. گهٽ پئسي سان ڌنڌو ڪرڻ جا اهي نتيجا آهن.

موتيءَ ۽ ڪلا مزي ۾ آهن، البت سندن ٻار هتي نہ هئڻ ڪري ڪجهہ پريشان آهن. آخر ٻار وڏا ٿيندا تہ الڳہ تہ رهندا ئي. توهان پنهنجي ٻارن جي احوال کان واقف ڪندا ڪريو. هاڻي سونو ڇا پيو ڪري ؟ ارون کي ڪٿي نوڪري ملي ؟ انوپ ڇا پيو لکي ؟

ڪڏهن هن طرف اچڻ ٿيندو ؟ اچو تہ مان ۽ موتي گڏجي ٽڪيٽ موڪلڻ لاءِ تيار آهيون. اوهان لاءِ ويزا جو ڪوبہ مسئلو نہ ٿيندو ڇاڪاڻ جو اوهانجي پاسپورٽ ۾ بزنيس لکيل آهي. روپ پڻ اوهان کي ياد ڪندي رهندي آهي.

بيا سڀ دوست ڪيئن آهن ؟ سلام سيني لاءِ - پوپٽي ڇا پيئي ڪري ؟ وڌيڪ ٻئي دفعي.

اوهانجو

موهن

---

دادو سنڌ ٢٧-٣-١٩٨٣

پيارا پريمي شري ڪيرت ٻاٻاڻي صاحب،

گهڻن نيازن بعد احوال تہ توهان کان موڪلائي ٻئي ڏينهن اُلهاسنگر مان ٿي واپس موٽياسين. سفر تمام سٺو رهيو. ڪٿي بہ ڪابہ تڪليف ڪانہ ٿي. ١٢ بجي رات جو ڪراچيءَ ايئرپورٽ تي پهتاسون. سامان ڪجهہ گهڻو هو جنهن ڪري ڪرايو وڌيڪ ڏيڻو پيو. ڪراچيءَ کان پوءِ حيدرآباد سنڌ پهتاسون. اتي توهان جا ڪتاب نياپا - سنيها سڀني سنگت کي ڏناسون.

توهان جي مهمان نوازيءَ کي ڪڏهن بہ اسين وساري ڪونہ سگهنداسون. اهي محفلون ۽ مجلسون هميشهہ ياد رهنديون. سائين جي. ايم سان بہ ملڻ ٿيو ۽ احوال ڏنو ويو. هنن وري بہ ڪتاب جي ترجمي لاءِ چيو ۽ انگريزي ۾ سني ڇپائي لاءِ چيو. توهان جي وڏي مهرباني. سنڌي ٻولي ۽ سنڌ لاءِ توهان جي محبت ۽ پيار ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي.

توهان کي جس هجي جو توهان اِن ڪم ۾ لڳا پيا آهيو ۽ ٻوليءَ کي اِتي بہ زندهہ رکيو وينا آهن. اُميد تہ هي رڪاوٽون جلد دور ٿي وينديون. مون جيڪا ڳالهہ توهان وٽ پيش ڪئي ان تي غور ڪندا.

سلام شري گوبند مالهي - ٽيڪچند مست ۽ ٻين کي ڏيندا - جواب جي مهرباني ڪندا.

نياز

علي احمد

---

ڏُبئي ١٠-٤-١٩٨٣

پيارا ڪيرت،

اُميد تہ مزي ۾ هوندا

ڪيتري وقت کان پيو سنيران تہ اوهان کي خط لکان پر سستي جڻ رڳن ۾ ڪنهن اوتي ڇڏي آهي ۽ هاڻي منهنجي بدن ۾ رت جي بدران سستي گهمي رهي آهي! هونئن روز مره جو ڪم بنا ڪنهن سبب / مقصد جي مشين جيان ڪريان پيو پر خبر نہ آهي، من ۾ ڪو اهڙو مونجهارو آهي، جنهن سڄي ذهني زندگيءَ کي Choke ڪري ڇڏيو آهي ۽ نتيجو ذهني اڏرنگ! پر ڪيتري ڪوشش ڪندي سوچڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان. ڪيتريون ئي ڳالهيون آهن / حالتون آهن جي ڪنهن کي بہ ’سوچ‘ ۾ وجهڻ لاءِ ڪافي آهن. پر هن سوچ جي حالتن پڻ اونڌائي بند ڪمري ۾ ڪاري ٻليءَ جي جدوجهد جيان ويرٽ آهي! ۽ هاڻي شايد ٿڪاوٽ جو احساس گهرو ٿي ويو آهي، جنهن دماغي سُستي پئدا ڪئي آهي.

خير! اهي ڳالهيون تہ جڏهن گڏباسين تہ تڏهين ٿينديون مان گهڻو ڪري اُتي ٻارن جي موڪلن ۾ جولاءِ ۾ ايندس ۽ ڪوشش ڪندس تہ سنڌ مان ٿيندو اَچان. جيڪڏهن ڪنهن سان گڏجي نہ سگهيس تہ پرواهہ نہ آهي. آخر سنڌ جي هوا کائيندس ۽ مٽي چُمي سگهندس، منهنجي لاءِ اهو پڻ پنهنجي ليکي گهڻو ڪجهہ آهي. هتي آهستي آهستي سنڌي دوستن سان واقفيت وڌي رهي آهي ۽ ڪچهريون وڌي رهيون آهن، سڀ دوست گهڻو ڪري سنڌي قوميت جي جذبي وارا آهن پر هتي رهي سنڌ لاءِ ڪجهہ ڪري سگهجي اِهو ممڪن نہ آهي. حالتون تہ سنڌ ۾ رهي پڻ ڪجهہ ڪري سگهڻ جي لائق نہ رهيون آهن پر اُتان جي زمين ۽ اُتان جو عوام سنڌ جي سهڻي آئيندي جي ضمانت آهي اَهڙو وشواس اَٿم.

هيءُ خط مان موتيءَ جي ڏيءَ سنڌوءَ هٿ موڪلي رهيو آهيان ۽ هن سان گڏ بہ شيون موڪلي رهيو آهيان. هڪ سنڌي ٽوپي ۽ ٻيو اجرڪ.

ٽوپي محمد جعفر ڪاندرو اوهان لاءِ سوغات ڏني آهي - هيءُ بزرگ دوست سائين جي شيدائين مان آهي ۽ سائينءَ کي ڪافي ويجهو آهي. پاڻ ١٩٤٦ ۾ ايڪانامڪس ۾ ايم.اي. ڪئي اَٿائين. سنڌ ۾

زميندار آهي ۽ کاندرا قوم جو سردار آهي. ڪنهن مجبوريءَ ڪري هتي رهيو پيو آهي. سائين جا ڪتاب هن معرفت ئي ويندا آهن. سو اهو کاندرو قوم جو سردار اوهان کي پنهنجن سلامن سان گڏ ٽوپي پڻ سوکڙيءَ طور موڪلي رهيو آهي.

اسان جو هڪ دوست ڪڏهن-ڪڏهن ڪراچيءَ مان هتي ايندو رهندو آهي. نالو اٿس بشير محمد بلالي. واپاري قسم جو شخص آهي. پر سنڌيت جي جذبي سان ڀرپور، **سنڌ جي آخرين سپهه سالار هوشو شيديءَ جو پوٽو آهي. ڪيس ڏسي هوشو ڪيئن لڳندو هوندو اهو چوڻ ڏکيو نه ٿيندو. جا ته سندس شخصيت آهي ! هن جي ڏنل اجرڪ مان توهان ڏانهن موڪلي رهيو آهيان.**

مونکي اهو احساس آهي ته توهان کي ڪنهن FANCY DRESS COMPETITION ۾ شريڪ نه ٿيڻو آهي پر اهو پڻ وشواس اٿم ته جنهن جذبي سان اِهي شيون اوهان کي موڪليون وڃن ٿيون اُن جذبي جو قدر ضرور ڪندا.

مان ڪنهن ٻئي خط ۾ اسانجي ٻين ڪن دوستن جي واقفيت پڻ ڏيندس ۽ ڪن ڪچهرين جو احوال پڻ ڏيندس.

هتي هڪ سنڌي ليڪڪ محمد خان سيال پڻ آيل هو. ٻه ڏينهن ساڻس خوب رهاڻ ٿي ! ڪيترن موقعن تي چاهيو آهي ته ڪاش توهان پڻ گڏ هجو ها !

ٻين سڀني دوستن کي سلام ڏيندا خاص ڪري پوپٽي، گُنو، راهي ۽ ڪلپنا کي تمام گهڻو ياد ڪندو آهيان - ٻڌو هوم ته ڪلپنا هتي اچڻ ٿو چاهي. خير، مستن لاءِ ڇا چوڻ - ڇا ٻڌڻ !

سويتا، انوپ، ارون، پنهنجي ٻارن سان ۽ سونو سڀ مزي ۾ هوندا.

وڏيڪ ٻئي ڀيري،

توهانجو

موهن

نيويارڪ ١٣-٧-١٩٨٣

محترم باباڻي صاحب،

پراگ کان ڪئنادا ذريعي پهچندي شرط ”لنڪ“ جي ايڊيٽر وي.ڊي. چوپڙا جو خط مليو، جنهن آگسٽ جي وچ ڌاري دهلي ۾ هڪ سيمينار ۾ شرڪت ڪرڻ جي دعوت ڏني آهي. جيڪڏهن ٽڪيٽ جو انتظام ٿي ويو ته ضرور پهچندس ۽ بامبي به اچڻ جي ڪوشش ڪندس.
چوپڙا کي به خط لکيو اٿم. مهلت تمام ٿوري آهي. انهي وچ ۾ پاڪستان ڪانسيوليٽ آف اِنڊيا جي endorsement ۽ خود انڊيا جو ويزا هٿ ڪرڻو آهي. تنهن ڪانسواءِ اسڪينڊينيويا ۾ پاڪستانين کي اطلاع ڏيڻو آهي ته ١٤ آگسٽ کان رکيل پروگرام ۾ ڦير گهير ڪن. آگسٽ جي پڇاڙيءَ تائين بهرحال ڊينمارڪ ضرور پهچڻو آهي، جو ته هُت هڪ ڪانفرنس ۾ پيپر پڙهڻو اٿم.

ضروري سمجهو ته چوپڙا سان لهه وچڙ ۾ اچي پروگرام بابت وڌيڪ معلومات حاصل ڪري سگهو ٿا. سندس ائڊريس آهي :

**Link House**

**Bahadur Shah Zafar Marg**

**New Delhi - 110 002**

ڪارلو دي داري ۾ نڪتل يادگار تصوير به موڪلي رهيو آهيان. ڪنهن کي خبر هئي ته وڃي **پراگ** ۾ پنهنجي ملاقات ٿيندي.

هت سڀ خيريت آهي. هن وقت سنڌ جي زرعي سرشتي بابت پنهنجو PAPER مڪمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. اُميد آهي ته ٻن هفتن ۾ پبلشرس ڏانهن روانو ٿي ويندو.

دعاگو

فيروز احمد

جرمني ٨-١٢-١٩٨٣

ادا ڪيرت - خوش هجين شال !

جيئي سنڌ ماتا -

اُميد تہ توهين صحتمند هوندؤ،

’چنگاري‘ جو سنڌ نمبر موڪلي رهيو آهيان، ملڻ تي اطلاع ڪندا تہ مهرباني.

گهڻي وقت کان توهان جو ڪو اَحوال ڪونهي، لڳي ٿو تہ ڪا ناراضگي آهي يا وساري ويٺا آهيو.

اَدا سائين - ٢١ جنوري تي لنڊن ۾ پاڪستان ڊيموڪريٽڪ اَلائنس پاران ’سنڌ بچاءُ ڪانفرنس‘ اسان گهرائي آهي. توهان جي شموليت وڏي اَهم آهي. اِها عالمي ڪانفرنس آهي جنهن ۾ آمريڪا، سوويت روس سميت ١٤ ملڪن (جن ۾ مغربي ۽ مشرقي يورپ جا ملڪ شامل آهن) جا وفد اَچي رهيا آهن - توهان هن ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيو تہ اسانکي وڏو سهارو جيڪر ملي وڃي.

سنڌڙي جو اَحوال توهان کي ملندو هوندو - **اِسلامي فوجي آپريشن شروع آهي. ٢٥٠ سنڌي شهيد ٿي چڪا آهن صرف ٣ مهينن ۾. فوجي ڪئمپن ۾ ظلم ۽ زنائين جي عصمت - دري جا واقعا عام ٿي رهيا آهن اِهي تمام گهڻا داستان آهن،** جن کان توهان مونکان وڌيڪ واقف هوندؤ.

خط ملڻ تي اَحوال ڏيندا تہ لک ٿورا.

**اَڄ سنڌ ماتا هندوستان ۾ رهندڙ سنڌين جي عملي مدد لاءِ پڪاري رهي آهي.** آزادي جي هلچل زورن تي آهي. **اَسانکي ڪامل يقين آهي تہ هڪ ڏينهن ۽ تمام جلد، سنڌ ڌرتي غيرن جي غلاميءَ کان آزاد ٿيندي.**

توهانجي صحتمندي جو آرزومند.

سرفراز

لنڊن ٢٠-٣-١٩٨٤

کيرت ڀاءُ،

اڄ هڪ سال گذري چڪو آهي، ڀهريو پرچو اخبار جو مارچ ٨٣ ۾ شايع ڪري اوهان ڏانهن موڪليو هيم. اُميد هئي ته اوهان ضرور خط موڪلڻ جو سلسلو جاري ڪري، منهنجي رهنمائي ڪندا، ليڪن اَڄ تاءِ ڇو ڪو خط نه آيو نه وري رهنمائيءَ جي ڪا صلاح آئي ؟

مون کي اَفسوس آهي جو آءٌ سموري دنيا ۾ وچي سنڌي ڀائرن سان ملاقاتون ڪيون، ليڪن ڀارت اَچڻ جي پروگرام ۾ آخري وقت رڪيل هيو - بدقسمتي جو اِن وقت اچڻ کان اڳ ئي اَهڙيون حالتون پيدا ٿيون جو آءٌ لنڊن ۾ رهجي ويس. هاڻي هتان ايستائين ٻاهر نٿو سفر ڪري سگهان جيستائين برٽش سرڪار منهنجو هڪ طرف ڪو فيصلو ڪري.

اُميد آهي ته اوهان خط-و-ڪتابت ڪندا. اگر لنڊن اَچو ته هِن پرديسي کي شيوا ڪرڻ جو موقعو ضرور ڏيندا.

منهنجي آس آهي ته جلد ٻه جلد روس جهڙن مهان ديشن مان اُتساهه رکندڙ دوستن جو درشن ڪريان. ڪاش جلد ڀاءُ رام پنجواڻي - ڀاءُ پرچي ودیارٿي کي ٻه ڏسون.

هاڻي اُميد آهي ته اوهان ضرور ڪجهه نه ڪجهه لکندا ۽ پنهنجي ائڊريسون گڏ ٽيليفون نمبر رکندا.

اوهان جو

داهر

سنڌ ۰۰-۰-۱۹۸۴

## يوم شهداءِ سنڌ ملهائڻ جي اپيل

گذريل هڪ سال کان سنڌ ۾ پاڪستاني فوج جي آپريشن جي نتيجي ۾ ۸۰۰ کان وڌيڪ سنڌي شهيد ٿي چڪا آهن - هزارين سنڌين کي فوجي ڇانوڻين ۾ ايذا-رسانيءَ جي جديد آلن سان غير انساني تشدد جو نشانو بڻايو پيو وڃي.

سڄي سنڌ ۾ ڪيئي ڊويزن پاڪستاني فوج سنڌي عوام جي خلاف بي-رحمانہ ڪارروايون ڪري رهي آهي. سنڌ جي شهرن ۽ ڳوٺن کي ڳنڍيندڙ رستن ۽ شاهراهن تي چيڪنگ ۽ تلاشيءَ جي بهاني پاڪستاني فوج ڦُرلٽ مار ڪري خوف ۽ هراس ڦهلائي رهي آهي.

۱۹۷۱ ۾ بنگال ۽ ۱۹۷۳ع کان ۱۹۷۷ تائين بلوچستان ۾ انساني خون سان هولي کيڏيندڙ پاڪستاني وحشي فوج سنڌي عوام کي 'سچو مسلمان' بنائڻ جي پروگرام تحت سنڌن زندگين سان کيڏي رهي آهي - سنڌ ۾ فوجين جي هٿان سنڌي عورتن جي عصمت دري جا ڪيترا واقعا ٿي چڪا آهن. ڌاڙيلن کي پڪڙڻ جي بهاني هر روز ڳوٺن جو گهيراءُ ڪري گهرن جي تلاشي وٺندي پاڪستاني فوج سنڌي عوام جي مال ملڪيت مال-ي-غنيمت سمجهي ڦُلي رهي آهي - احتجاج ڪرڻ تي ملڪ- دشمن يا ڌاڙيل قرار ڏيئي گرفتار ڪرڻ عام آهي.

سنڌ جا سمورا تعليمي اَدارا ڪيتري عرصي کان بند آهن - ڪيترن ئي سنڌي سرڪاري ملازمن کي نوڪرين مان خارج ڪيو ويو آهي. ناانصافين جي خلاف آواز اُٿارڻ تي ڦٽڪن جي سزا ڏني پئي وڃي.

گذريل سال ۲۰-۲۱ آڪٽوبر جي رات جو ضلع نوابشاه جي ڳوٺ لاکاٽ کي فوجي هيلي ڪاپٽرن مان گن شپ فائرنگ ۽ بمبازي ڪري رک جو ڍير بڻايو ويو. ڪيترائي بيگناهہ سنڌي پورهيت، نوجوان، معصوم ٻار ۽ عورتون پاڪستاني فوج جي اِنهيءَ حملي ۾ شهيد ٿيا. تازو مهراڻ اِنجنيرنگ يونيورسٽي ڄامشوري ۾ سنڌي شاگردن جي

رت سان هولي ڪيڏي ويئي آهي. سنڌ ۾ گرفتارين، تشدد ۽ انتقامي ڪاررواين جو اڻ کُٽندڙ سلسلو جاري آهي. سڄي سنڌ خاص طور ٿر علائقي جي هندو ۽ ٻين غير مسلم سنڌي عوام کي هندوستان جو ايجنٽ سڏي ظلم جو خاص نشانو بنايو پيو وڃي. سنڌي مسلم عوام کي **'سچا مسلمان'** نہ هئڻ جا الزام هڻي ڪين حراسان ڪيو پيو وڃي.

سنڌ ۾ ٿيندڙ فوجي آپريشن جي خبرن ڇاپڻ تي سخت پابندي عائد ڪئي ويئي آهي. اهڙي صورتحال ۾ وطن کان ٻاهر رهندڙ سنڌين لاءِ خاموش تماشائي ٿي ويهڻ ناممڪن آهي. پنهنجي ڌرتي ۽ عوام جو دفاع ڪرڻ هر سنڌي جو قومي فرض آهي.

اسين سمندر پار رهندڙ سنڌي سڄي دنيا جي اِنصاف پسند عوام کي اپيل ٿا ڪريون تہ سنڌ جي عوام جو سندن منصفانہ جدوجهد ۾ ساٿ ڏين ۽ سندن خلاف ٿيندڙ فوجي آپريشن ۾ **پاڪستاني فوجي درندن جا هٿ روڪين** - آسين سڄي دنيا جي اِنصاف پسند عوام کي اپيل ٿا ڪريون تہ سنڌ ۾ فوجي آپريشن جي نتيجي ۾ شهيد ٿيندڙ سنڌين جي ياد ۾ ٢٠ آڪٽوبر تي **"يوم شهداءِ سنڌ"** ملهائي سنڌي عوام سان يڪجهتي جو اِظهار ڪن.

ان سلسلي ۾ ٢٠ آڪٽوبر ڇنڇر ڏينهن مغربي برلن ۾ جلسہ عام رکيو ويو آهي، جنهن ۾ سوويت يونين، بلغاريہ، آمريڪا، ڪئناڊا، هندوستان، ۽ مغربي يورپ ۾ رهندڙ جلاوطن سنڌي سياسي ڪارڪن، بلوچستان، پشتونستان، ڪردستان، ايران، فلسطين ۽ چلي سميت گهڻن ئي ملڪن ۽ قومن جا سياسي ڪارڪن مدعو ڪيا ويا آهن.

توهانکي بہ هن جلسہ عام ۾ شرڪت جي دلي دعوت ڏجي ٿي.

نوٽ : ٻاهران ايندڙ مهمانن جي کاڌي ۽ رهائش جو مفت بندوبست ٿيل آهي. ٢١ آڪٽوبر آچر ڏينهن سمندر پار رهندڙ سنڌين جي اِجلاس ۾ آئينده پروگرام ترتيب ڏنو ويندو.

پاران

مغربي برلن　　　　**يوم شهداءِ سنڌ ڪميٽي**

جرمني ۲۵-۸-۱۹۸۴

مانوار سائين ڪيرت باباڻي،

جيئي سنڌ ماتا !

گھڻي وقت کان توهان جو ڪو اَحوال ڪونهي. مان توهان کي گھڻا ئي خط لکيا آهن. خبر ناهي ڇو ناراض آهيو يا تہ توهان کي منهنجا خط نہ مليا آهن. سائين گذريل سال کان پاڪستان جي فوج. سنڌ ۾ فوجي آپريشن شروع ڪيو آهي. سنڌ ۾ اڄ بنگال جي ۱۹۷۱ع واري صورتحال آهي. سنڌ مان ايندڙ اطلاع ڏاڍا دل ڏڪوئيندڙ آهن. هتي يورپ ۾ رهندڙ سنڌين، سنڌ کان ٻاهر رهندڙ جلاوطن سنڌين کي گڏ ڪري سنڌ جي ڊفينس لاءِ گڏجي ڪو پروگرام ٺاهي ڪم ڪرڻ جو سوچيو آهي. گذريل سال ضلع نوابشاهہ سنڌ جي ڳوٺ لاکاٽ ۾ گن شپ فائرنگ ۾ سڄيءَ سنڌ ۾ فوجي راڪاس هٿان شهيد ٿيندڙ سنڌين جي ياد ۾ مغربي برلن ۾ جلسہ عام رکيو ويو آهي. هي انٽرنيشنل ليول جو جلسو آهي، جنهن ۾ گھڻائي يورپي ملڪن ۾ رهندڙ سنڌي بہ شريڪ ٿي رهيا آهن. ان کان سواءِ ۲۱ آڪٽوبر تي سنڌين جو الڳ اجلاس آهي، جنهن ۾ **سنڌ ڊفينس ڪميٽي** جي نالي سان يا ڪنهن ٻي نالي سان سنڌين جي انٽرنيشنل تنظيم ٺاهي وڏي پئماني تي سنڌ جو ڊفينس ڪرڻ لاءِ عملي ڪم ڪبو.

سائين اِنهيءَ تاريخي ميڙ ۾ توهان جي شرڪت ڏاڍي ضروري آهي. هتي جي سنڌين کي توهان جهڙن سنڌ جي سچن سڄڻن ۽ سپوتن جي شرڪت تي تمام گھڻو حوصلو ۽ همت ملندي. سڄي سنڌ ۾ سنڌي قومي ڪارڪن توهان جي نالي کي عزت ۽ اَحترام سان وٺن ٿا. هتي اَسين جلاوطن سنڌي بہ توهان جي اوتري ئي عزت ۽ اَحترام ڪريون ٿا.

اَسانکي همٿائڻ لاءِ توهان جي شرڪت تمام گھڻو ضروري آهي.

سائين مونکي هتي جي سنڌي دوستن چيو تہ مان توهانکي چٺي لکي سنڌن پاران دعوت ڏيان، اِنهي ڪري مان پنهنجي ۽ پنهنجن سنڌي دوستن پاران دل جي گهرائين سان توهان کي دعوت ڏيان ٿو. اُميد تہ توهان هن قومي ڪاڄ ۾ ضرور شرڪت ڪندوءُ تہ هتي گڏ ٿيندڙ سڀ سنڌي توهان جي صلاح مشعوري سان سنڌ ماتا جي آزاديءَ واري هلچل ۾ وڏيڪ پلاننگ سان ڪم ڪري سگهن.

توهان پنهنجي Contact ۾ سنڌي اديبن شاعرن ۽ دوستن کي به اطلاع ڪندا ۽ جيڪڏهن ڪو تيار ٿئي ته ساڻ وٺي ايندا.

سائين خط و ڪتابت لاءِ هي نئين ايڊريس نوٽ ڪندا.

لفافي تي سنڌيءَ ۾ ''سرفراز لاءِ'' لکندا ته توهان جو خط مونکي ملي ويندو.

توهانجي صحتمنديءَ جي آرزو سان گڏ،

توهانجو

سرفراز

(سائين هي خط شايع نه ڪندا - پر جيڪڏهن ٺي سگهي ته هن خط سان گڏ جيڪو دعوت نامو آهي انکي هفتيوار 'جهولي لال' ۾ شايع ڪندا. هفتيوار جهوليلال جرمن ائڊريس تي موڪليندا ته وڏي مهرباني ٿيندي.)

---

پريا، سنڌ ۴-۹-۱۹۸۴

محترم جناب ڪيرت ٻاٻاڻي صاحب سدا سلامت خوش رهو شال قيامت تائين !

السلام عليڪم حق موجود !

محترم عزت ماب جناب ڪيرت صاحب اوهان جو تعارف سيد غلام مرتضيٰ شاهه جي تصنيف مان مليو. اضطراب ۽ تجسس جي حالت ۾ ڪيفيت ڪان اثر ۾ اچي هي خط اوهان ڏانهن لکي رهيو آهيان. اُميد ته جواب کان محروم نه ڪندا. جيئن ته اسين عمر جي ڦهري ڪوٺن ۾ بند آهيون. اسين مارئي آهيون ته توهان مارو ئڙا آهيو. زماني جي شڪاري ڪتن اَسانکي هڪ ٻئي کان الڳ ڪري ڇڏيو آهي. اسين سسئي آهيون ته توهان ڪيچ ڏٽي پنهل آهيو. جڏهن نياڳيون اکيون ننڊ مان سجاڳ ٿيون ته ڪيڇي ياد آچي ويو. جيڪي منهنجو پنهنجو هئو پر 'منڊي ڏيرن من ۾، آءُ ڪليو ڪيڪاريان' جهڙي حالت بنجي ويئي آتئون.

اي منهنجا مارو ئڙا اي منهنجا پنهل پرين مان ته عمر جي قيد ۾ آهيان توهين ته آزاد آهيو ۽ منهنجا پيارا پنهل، مان ته اڪيلي، پيرين پند ڏونگر سان جنگ ڪري رهي آهيان، مگر تو وٽ ته سواري آهي،

توڏا ۽ مجري آهن. اچ ۽ اچي سيگهه ۾ ساٿي ٿيءُ ورنه تون ۽ مان جيئري وصال جي لاءِ واجهائيندي رهجي ويندا سون. تون همت ڪر. مان ڏيرن مان اهڙي ته ستايل آهيان جو ان تڪليف منهنجو عضوو عضوو، سَنڌَ سنڌَ چور ڪري ڇڏيو آهي. منهنجي همت ته پرين تون آهين. منهنجو حال محرم ۽ واهرو به ته تون آهين. **مون جن کي پنهنجو سمجهيو تن ته توکي مون کان جدا ڪيو. اِهي ته ڌاريا هئا.**

پر پنهل سائين تون ته منهنجو آهين، پوءِ هيترا ڏينهن ڇو لاتا اٿئي. تون ته ڌارين واري ڪار نه ڪر. هن بربيابان ۾ مونکي ڊپ ٿيڻ لڳو آهي، ڇو ته مون کي ختم ڪرڻ لاءِ منهنجي چوڌاري بگهڙ - رڇ - چيتا ۽ باندر شير شينهن ڦري ويا آهن. مان اُنهن سان وڙهندي وڙهندي ڪپڙا ليڙون ڪري چڪي آهيان. هاڻ جلد پهچ ورنه مان ختم ٿيويندس. منهنجي مري وڃڻ سان تنهنجون به سڀ اُميدون ۽ آسون سهارا ختم ٿي ويندا. تنهنڪري تون موٽي اچ. جتي مان جائي آهيان.

اَچ ته وري گڏجي ڀنڀور کي آباد ڪريون اَچ ته روز نئين ڪا عشق جي تند تپايون، مهراڻ جي موجن ۾ سير جو سٿر ڪريون. سچ اَچ ته وري پاڻ ۾ گڏجي جيون گذاريون. اي منهنجا پيارا ڪيچ ڌڻي، تون جڏهين ڀنڀور ۾ هئين ته ڪيڏو نه مزو هئو ۽ فضا ڪائنات اَسان تي فخر محسوس ڪري رهي هئي. پوءِ هڪ ڏينهن پاڻ الڳ الڳ جدا جدا گهري ننڊ ۾ ستل هئاسون ... توکي به نشو ڏنو ويو هئو. مون کي به نشو ڏنو ويو هئو ۽ پوءِ اوچتو ئي اوچتو پاڻ ٻئي جدائي ۽ فراق جي راهن ۾ هڪ ٻئي کي پاتوسين. اي پنهون مان ته نشي مان اُٿي ڏونگر پيئي ڏوريان پر تون ڇو نه ٿو سڄاڳ ٿين؟ اي پيارا، اِهائي ته ننڊ آهي جنهن اَسان کي الڳ ڪيو آهي. اُٿي همت ڪر ۽ مونکي همت ڏي ۽ مون وٽ پهچ ته وري ڀنڀور کي آباد ڪيون، ڏکن جي غلاميءَ جون زنجيرون ٽوڙي آزاد ٿي هٿ هٿ ۾ ڏيئي گهمون.

سسئي آهيان سسئي آهيان .... هڪ ڏک ڀنڀور جو .... ٻيو ڏک پنهل جو .... ٽيون ڏک ستين جو .... چوٿون ڏک وطن جو !

اي منهنجا ماروئڙا، اوهان ڇو نه ٿا عمر جا ڦهري ڪوٽ ڪيرايو ڇا مان اوهان جي لڄ ناهيان ؟ ڇا مان اوهان جي عزت نه آهيان ؟

منهنجا ماروئڙا، ڪيٽ کي منهنجا سلام ڏجو تہ مارئيءَ کي هن قهري ڪوٺن ۾ بہ تون ياد آهين. جڏهن بہ ڪارا ڪکر ملير ڪان موٽي عمر ڪوٽ مٿان اچن ٿا ۽ چون ٿا تہ اي مارئي تنهنجا مارون خوش آهن تنهنجو ڪيٽ بہ خوش آهي، هنن توکي وساري ڇڏيو آهي، مگر اي پيارا مارو مونکي يقين نٿو اچي تہ ڪو ماروئڙا وساري ڇڏيندا. نہ نہ، ڪڏهن بہ نہ !

اي منهنجا ديس واسي مونکي پنهنجي ياءُ قيد ڪيو آهہ جنهن جي ظلم جو هر هنڌ ڏهڪاءُ آهي. اي ڪيٽ، عمر جي محلات ۾ هزارين آهڙيون بہ آهن جن وطن کي وساري عمر جي طعامن ۽ طرشن ۾ رُجهي ويون آهن. مون کي بہ عمر اِها ساڳي لالچ پيو ڏيئي پر پيارا ڪيٽ مون کي ان ديس سان محبت آهہ جنهن ۾ تون رهين ٿو. اي ڪيٽ، تون تہ منهنجو ور آهين. تون منهنجي ماروئڙن کي شعور ڏي. اُنهن جو لشڪر ناهہ ۽ عمر جا قهري ڪوٽ ڪيرائي.

**۽ اُنهن کي ڏس تہ مارئيءَ هڪ ڏارئي عمر تي رحم آڻي ڪيس پاڻي پيارڻ ٿي چاهيو تہ هن جي دل ۾ نہ مندي هئي. اي ڪيٽ، مون کي رحم ڏوکو ڏنو آهہ. ماروئڙن کي ٻڌاءِ تہ رحم نہ ڪن ڪنهن** بہ عمر تي - اي ڪيٽ مون کي خوف ٿو ٿئي تہ تون مٿان مون کي برو سمجهين. اي ڪيٽ، تون برو تہ ڏم کي سمجهہ جنهن ملير سان غداري ڪري مون کي قيد ڪرايو آهہ - منهنجي اکين جا دروازا تنهنجي ڏسڻ لاءِ هر وقت کليل رهن ٿا. اي منهنجا پيارا ماروئڙا، عمر کي ڪابہ طاقت ناهي جو مون کي قيد ڪري - پر پنهنجن جي غداريءَ جو شڪار ٿي آهيان. مان تہ قيد ۾ آهيان پر توهان تہ آزاد آهيو اُنهن مجرمن سان حساب چڪايو - اي منهنجا سانگيئڙا، عمر وري بہ ملير تي اچڻ وارو آٿو. هو ٻيون بہ مارئيون قيد ڪرڻ چاهي ٿو پر غيرت سان ان کي للڪارجو - اگراي منهنجا سانگيئڙا، مان هن قيد ۾ مري بہ وڃان تہ منهنجي لحد کي پورڻ بجاءِ ملير جي آزاد فضا ۾ پٽن جي مٿان لاش رکي ڇڏجو. مان آزاد رهڻ واري، قبر ۾ قيد ٿيڻ نٿي چاهيان مان ٻڃان ٿي تہ مٿان قبر بہ عمر جي قيد جهڙي هجي !

اُميد ڪيان ٿو جواب ضرور ملندو.

مان نارو شاه سنڌ جي رهڻ وارو آهيان. منهنجا والدين برهمڻ خاندان جي هڪ .... نالي سردار جي ڪٽنب مان آهن جيڪي عربن جي ڪاهه وقت مسلمان ٿي .... سڏجڻ لڳا. مان ذات ۾ .... آهيان.

جواب جلد موڪليندا.

ٻئي خط جي جواب ۾ اوهان ڏانهن آءٌ تصوير موڪليندس.

سائين ٻه تمام گهڻو خوش آه - احوال ذرا مهر ڪري لکندا. ڇو ته هتي حالات سازگار نه آهن.

سڀني ديس واسين کي سلام

زياده ادب ۽ خير!

اوهانجي،

(نالو مٽيل) مارئي

---

ڏبئي ٢٠-١٠-١٩٨٤

پيارا ڪيرت،

تنهنجو خط پهتو،

رات ٣٠-١٢ بجي تائين عابده پروين جي سنڌي موسيقيءَ جي موڄ ماڻيسين. واه! ڇا سندس آواز آهي ۽ ڇا سندس Involvement آهي. جيئي سنڌ ڪان سواءِ ٻي ٻولي نٿي ٻولي. راتوڪيءَ محفل ۾ نارائڻ شيام جو غزل :

نئين آهي نت ناز وارن جي ٻولي

نگاهن ادائن اشارن جي ٻولي

الا، ائين نه ٿئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي،

ته هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي.

منهنجو هڪ ڪلام ٻه ڳاياائين :

اکين ڪان نه اوجهل ٿين ٿا اباڻا

”عزيز“ جو ڪلام ٻه فون تي ڏنو هومانس :

ديس پنهنجو ڇڏي پرديس وسائي وينا،

رُوح جي جِن سان رُچي، ماڳ مٽائي وينا.

پر وقت جي ڪميءَ سبب ڪين تيار ڪري سگهي.

ڪيرت، سنڌي سنگيت جي ڦوڳ تي اَسين هِري ويا آهيون. هندستان ۾ سنڌ جي ڌرتيءَ جو نج ۽ سچو سنگيت عابده جو آهي. نهايت

جذبي واري فنڪارا آهي. سندس شوهر غلام حسين شيخ بہ لذيذ طبع شخص آهي. مون ڪين پارت ۾ اُچڻ جي نيند ڏني آهي. ڪيئن قبول آهي ؟ هتي اَجا وڏيڪ ڏينهن رهندي ۽ تفصيل سان ڳالهائيندوسانس يا سنڌ ۾ وڃي وري گڏبوسانس. جيڪڏهن ويجهڙائيءَ ۾ سميلن ٿيڻو هجي يا بيو ڪو اهڙو موقعو هجي تہ گهرائي سگهنداسونس ڪين نہ ؟

هاڻي بڌ، منهنجي، ڪلا جي ۽ موهن جي سنڌ وڃڻ جي تياري پڪي سمجهہ. مونکي ۽ ڪلا کي تہ ٻن ٽن ڏينهن ۾ ويزا ملڻ جي اُميد آهي. سائينءَ سان گڏجڻ جي بہ لڪ چپ ۾ ڪوشش ڪنداسين. ڪم ڪار هجيئي تہ لکج يا فون ڪج.

- سيمينارن جون خبرون اَخبار ۾ پڙهندو آهيان. توهان وٽ تہ مؤج لڳي پيئي آهي.

سيني لاءِ يادگريون

تنهنجو،

موتي

---

لنڊن ٨-١١-١٩٨٤

پيارا ڪيرت،

اميد تہ گهر ۽ ٻاهر ڪٽنب ۽ دوستن سميت مزي ۾ هوندين. تنهنجو خط ڪافي عرصي کان پهتل آهي. ڪٽنگس مليون. تنهنجي ڪوشش هتي ڪافي ساراهائي ويئي آهي.

**سنڌ بلوچستان ائسوسيئشن** جي ٻي ميٽنگ ۾ ئي ڪيترا ٿڏا ٿي ويا. آگسٽ ۾ جا ميٽينگ ٿي، ان ۾ چيئرمن **رسول بخش بلوچ** پويان پير ڪري پٺي ويو، جنهن ڪري وڏيڪ توکي احوال نہ ڏيئي سگهيس. جنرل باڊيءَ جي ميٽنگ وري آڪٽوبر ۾ ٿي، جتي، ڊاڪٽر خالد لغاري جو جنرل سيڪريٽري هئو، ان کي چيئرمن چونڊيو ويو. نصراللهہ مگسي سيڪريٽري ٿيو. مان اِنفرميشن سيڪريٽري. باقي ٻيا ڪاميٽيءَ جا ميمبر ساڳيا رهيا.

سنڌ ۾ ٿيل گڏريل واقعن جي ڪري هڪ پريس ڪانفرنس ڪوٺائي ۽ انهن واقعن کي نِنديو ويو. پريس رليز اِتي جي Times ۽ Indian Express

۾ ڇپي هوندي. هتي بي.بي.سي.، اُن کي چڱي سٺي ڪوريج ڏني. ميٽنگ ٢٦ آڪٽوبر تي. اِتي جي اخبارن ۾ ٢-٣ ڏينهن کان پوءِ آئي هوندي. ٢٧ يا ٢٨ آڪٽوبر. پر اِن ميٽنگ ۾ به چيئرمن جي ٽڏائيءَ مان ڪجهه مزو نه آيو.

اَدل هڪ ڳالهه ته ٻڌاءِ. اَسين جو پاڻ کي هيٽرو جاڪوڙ ۾ وجهي پاڻ پٽوڙيون ٿا، ڪو ڪڙ تيل به نڪرندو يا "پرائي دهلُ، اَحمق نچي" واري ڳالهه ٿيندي. **سنڌ آزاد ٿيندي، ته ڇا اسان هندن جي جاءِ اُتي ڪٽي هوندي ؟** اسان کي ڇا پلئه پوندو ؟ مان ڪنهن فائدي جي ڳالهه نٿو ڪريان. هڪ سڪون ته ملندو من کي ته اسانجي سنڌ آزاد آهي. هتي جي سنڌين کي ڏسي ائين لڳندو آٿم جڻ اسين پاڻي وينا ولوڙيون. ڪجهه به هڙ حاصل ناهي ٿيڻو. مان سنڌي هندن جي ڳالهه نٿو ڪريان. سنڌي سنڌين جي ٿو ڳالهه ڪريان. تون وڏو راجنيتڪ آهين. تون ڇا ٿو سمجهين ؟ چاچي اِندرا به هلي ويئي. **راجيو جي باري ۾ ڪجهه ٻڌائي سگهين ته سٺو. هن جو پاڪستان ڏانهن ڪهڙو رخ آهي ؟ سندس گڏريل تقريرن مان ته ائين ٿو لڳي ته هو ڪجهه ڪري ڏيکاريندو.** هتي هڪ مخزن نڪتي آهي، اردوءَ ۾ بي نظير ڀُٽي جي مدد سان "عمل" هڪ ڪاپي موڪلي اٿس - **ظفر علي اُجڻ** کي موڪلڻ لاءِ ، ائين به چيو آٿائين ته هيءَ اُتي وري ڇپائي ساڳئي نموني اتان ڪڍي سگهي ته ڪڍي.

تنهنجي ڪتاب جون ڪاپيون هن کي پهچايون اٿم. هن سان فون تي ڪجهه واد وواد ٿي آهي. باقي روبرو ملاقات لاءِ پاڻ ٻڌائيندي. تنهنجو هن پاسي ڪڏهن ٿو اَچڻ ٿئي ؟

يارن کي سلام ڏج.

وڏيڪ سڪ

راجو

لنڊن ۱۱-۱۱-۱۹۸۴

پيارا ڀاءُ ڪيرت،

شال سدائين خوش هجو. تنهنجو خط مليو - همت وڌائڻ لاءِ ٿورائتو آهيان.

ڪتاب بابت چاولا کان پڇيم چيائين ته ڪپي ويو آهي. پر وڌيڪ ڪاپيون اچڻ واريون آهن- مهرباني ڪري يا ته پاڻ موڪل يا چاولا وٽ وڌيڪ اچن پيون ته ڪيس لکجانءِ ته مونکي ڏئي.

Communalism in Modern India , Vikas Publication جيئن، اڳي لکيو اٿم، جو ڇپايل آهي. اميد ته هن مهل تائين هٿ اچي ويو هوندو. ''New Age'' ۾ رويو ٿيل هو. مونکي خبر نه آهي ته مالي خيال کان تون ڪيتري قدر سولائي سان موڪلي سگهين ٿو. ڪتاب جي سخت گهرج اٿم. آئون بيڪار آهيان پر ان ڪتاب لاءِ پيسا ڪيئن به ڪري موڪلڻ لاءِ تيار آهيان. جنهن دڪان تي هجي انهن کان پڇو ته هوائي ٽپال رستي ''Book-Post'' پارسل گهڻو ڪائيندو، پائونڊن ۾ اندازو ڏئي ته آئون اوهانکي موڪلي ڏيان.

**ڏرماڻيءَ** جي گذارڻ جو ڏکه ٿيو. دهلي ۾ ڇو رهيل هو ؟ سندس گهر ته منهنجي خيال ۾ ڪلڪتي ۾ هوندو هو ۽ پٽس شايد ممبئي يا حيدرآباد ۾ هو.

چاولا کان ٻڌم ته ٿورو اڳه **هانگل** هتي آيل هو. توکي ياد هوندو ته ڪراچي ۾ هڪ درزي فرم ۾ ڪٽر هوندو هو ۽ پارٽيءَ ۾ به هو. مان بمبئي آيو هوس ته ساڻس ملاقات به ٿي هئي. هتي ڪيس نه ڏسڻ جو افسوس ٿيو. گڏجي ته چئجوس اِئين لڪ چوري لنگهي وڃڻ ڪو چڱو آهي ؟

تو شايد ٻڌو هو ته **پوهومل** گذاري ويو. اُنڪانسواءِ عبدالخالق آزاد، جو ڪجهه وقت پارٽي ۾ به آيو هو، گذاري ويو ۽ **غلام محمد لغاري** به مرحوم ٿي ويو.

ايڏانهن آئون جن ڏينهن ۾ آيو هوس پراڻن دوستن ۽ ساٿين کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي هيم. **گوپال سپاهيملاڻي (هاڻي G. P. Sippy)** سان ملڻ جي خواهش هئي پر دوستن ٻڌايو ته هو صفا بدلجي ويو آهي. دنيا جي ڏن ڪيس پراڻن ناتن کان پري ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪري

ڪوشش ئي ڪانہ ڪيم. ڪهڙي حال ۾ آهي ؟ ڪڏهن ڏنو اٿئي. هتي بڌم سوامي انگدديو، بلرام ۽ هيرانند ”هندستان“ وارا گذاري ويا. **گوبند مالهي ۽ پنجابي** ڪيئن آهن. جي ملن تہ سلام چئجون.

جن ڏينهن آئون ايڏانهن آيو هوس ان زماني ۾ اُتم هڪ روزاني اخبار ڪڍندو هو. اُتم جو هاڻي ڇا حال آهي ؟ ملي تہ اُنکي بہ سلام ڏجانءِ.

سنڌ ۾ ورهاڱي کان اڳہ پارٽي ۾ موتي نالي نوجوان هوندو هو.بعد ۾ڌو هوم تہ اتي مذهبي صوفي ٿي ويو آهي. تون سڃاڻندو هجينس تہ احوال ڏجانءِ. ٻيا ڪي غير سنڌي هوندا هئا جهڙوڪ شريڪانت. آئون سمجهان ٿو تہ ميسور پاسي جو هو. نوابشاه جو هڪ ڊاڪٽر هوندو هو نالو شايد گوبندرام يا ڪو ٻيو هوس.هاري ڪاميٽيءَ ۾ بہ هو. مطلب تہ ان زماني جي جن ماڻهن جي خبر هجي انهن جو احوال معلوم ڪرڻ سان خوشي ٿيندي.

آخر ۾ هيڪر وري بہ ڪتاب لاءِ عرض آهي،جو اُنجي سخت ضرورت آهي. **اُن ۾ دستاويز گڏ ڪيل ٻڌجن ٿا، جيڪي ٻڌائن ٿا تہ هندو مسلمانن ۾ جهيڙو ڪيئن انگريزن ڦهلايو.**

منهنجو پنهنجو خيال آهي ۱۸۵۷ ۾ هندن ۽ مسلمانن طرفان انگريزن جي گڏيل مقابلي کانپوءِ، هنن کي ٻنهي مذهبن جي ۽ ٻن مذهبن وارن کي سندن ڌرمن ۽ مذهبن جي بنياد تي ويڙهائڻ جي اَهميت خيال ۾ آئي. **ان ڪري پنهنجي عالمن ۽ رسرچن کي چڏيائون تہ هندستان جي تاريخ کي الٽ پلٽ ڪري ثابت ڪن تہ ڌرمن ۽ مذهبن جي فرق ڪري هميشہ هندو مسلمان ڌار قومن جي ريت ۾ رهيا آهن، جا ڳالهہ حقيقت، جي خلاف آهي.**

حقيقت اها آهي تہ ڌرمن جي جدا هوندي بہ هڪ ٻئي جي ڌرمي رسمن ۾ گڏ شريڪ ٿيندا هئا. **مسلمان حاڪمن جي نوڪرين ۽ فوج ۾ هندو تہ هندو حاڪمن وٽ فوج خواہ نوڪرين ۾ مسلمان هئا. خود شواجي وٽ فوجي عهدن‌تي مسلمان هئا ۽ اورنگزيب وٽ هندو !**

انگريز عالمن جي ڪوجنائن جي اثر هيٺ ۱۸۷۲ ۾ آريہ سماج ٺهي. پنجابي مسلمانن نئون ٽبي پيدا ڪيو، جنهن چيو تہ انگريزن سان وفاداري

مذهبي فرض آهي. هندن کي سنسڪرت ۽ مسلمانن کي عربي پڙهڻ جو شوق ڏيارائون - ڪيئي بيون ڳالهيون ڪيائون ۽ ساري تاريخ بدلائي پيش ڪيائون.

شايد هرڪو سمجهو انهن ڳالهين کان با خبر آهي پر ان هوندي، جي دستاويزي ثبوت هجن ته ڪارائتا ٿيندا. ان ۾ شڪ ڪونهي ته ڪي Liberal انگريز هندوستانين جي اِتحاد ۽ آزادي جا حمائتي هئا پر حڪمران طبقن جا Conservatives ان جي برعڪس وڙهائڻ جون ترڪيبون ڳولڻ ۾ هئا، ويندي پاڪستان ناهڻ تائين. جنهنجو خيال به ڪمبرج يونيورسٽي مان اٿاريو ويو هو. خير ڏيگهه ٿي وئي آهي. تنهنجو چڱو وقت ورتو اٿم. هاڻي پورو ٿو ڪريان. شال سنڌ جا سمورا ماڻهو سدائين سرها هجن.

تازو جن چئن جڻن کي موت جون سزائون ڏنيون ويون آهن سي ني ڪراچيءَ جا بلوچ ۽ هڪ سنڌي آهي.

اوهانجو

قادر بخش

---

ڊبئي ۲۷-۱۱-۱۹۸۴

پيارا ڪيرت،

اڄ صبوح جو اوهان سان مختصر ڳالهائڻ ٿيو. هن خط سان گڏ مان اوهان جي لاءِ ڳوٺ مان جو مواد ڪٺي آيو آهيان، اُهو موڪلي رهيو آهيان. اُنجي ڪٽ اوهان پاڻ ڪندا. هڪ خط ڊاڪٽر حميده ڏنو آهي جو ڪنهنجي نالي نيشنل هيرلڊ ۾ ڇپائڻ جو بندوبست ڪندا. هن خط لکڻ جو سلسلو اهڙي نموني رٿيو اٿم جو جيئن جو ڪجهه ٿيو آهي ۽ جيئن بحث ٿيا آهن، اُهي انهن ئي لفظن ۾، مختصر نموني ئي سهي، اوهان جي آڏو اَچن جو اوهان کي منهنجي چيد ۽ دوستن سان ڳالهه جو درميان، سندن خيالن جو پتو پوي ۽ پوءِ آخر هلي مان پنهنجو رايو ڏيندس. ۽ اڳتي پروگرام لاءِ ڪجهه خيال پيش ڪندس.

رسمي آجيان بعد اسان جو پهريون اڌ ڏينهن پوليس جي چڪر ۾ ويو. ٻئي ڏينهن ماني محمد غفور ميمڻ جي گهر کاڌيسين. محمد غفور ميمڻ موتيءَ جو ڪلاس جو دوست آهي. ٻئي دڙي جا آهن. اهو شخص

مليرِ ڊائجسٽ ڪيندو هو ۽ يُٽي صاحب جي دور ۾ ٢ مهنا جيل ڪاٽي آيو. تنهن بعد **پيرعلي محمدراشديءَ** جو خليفو ٿي ٣ سال پبلسٽي ڊاريڪٽر جي ڪُرسي ماٺيائين ۽ اسان جو خاص Escort ٿي پيو. هن شخص سان پنهنجي ڪاريہ بابت ڳالهائڻ واجبي نہ هو ۽ مان سمجهان ٿو تہ موتيءَ پڻ ڪيس ڪجهہ نہ ٻڌايو. ٻن ڏينهن جي سخت محنت بعد هن ڪان جند آزاد ڪرائي ويئي. ٻئي ڏينهن محمد غفور ميمڻ جي گهر ئي مانيءَ وقت 'برسات' اخبار جو ڪم ڪندڙ ايڊيٽر دستگير ڀُٽي آيو تنهن موتيءَ ۽ ڪلا جي آمد جي خبر ٻئي ڏينهن تي ''هلال پاڪستان'' ۾ پهرين صفحي تي ظاهر ڪرائي (خوشنصيبن مان بچي ويس) دستگير ڀُٽيءَ سان رسمي ۽ سنڌي ادب بابت ڳالهائڻ ڪانسواءِ ڳالهہ اڳتي نہ وڌي **(اهو سڀ اِنڪري لڪي رهيو آهيان جو اوهان کي اندازو لڳي تہ سرڪاري خابرن اسان کي اُتي پهچڻ شرط ڪيئن پنهنجي گهيري ۾ قيد ڪرڻ ۽ Probe ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي)**

شام جو وقت رکيل هو غلام مصطفيٰ شاهہ جيڪو ''سنڌ ڪوارٽرلي'' ڪيندو آهي. اُنجي گهر جي ائڊريس ظفرحسن کي هئي تنهنڪري غفور، ظفرحسن ۽ اسان سنڌس بنگلي تي پهتاسين. ظفرحسن مون ۾ ترت وشواس پيدا ڪيو. هو ڄامشورو يونورسٽيءَ ۾ Political Geography جو پروفيسر آهي. سيد آهي ۽ سماجي طور سُٺن حلقن سان ڳنڍيل آهي. **البت انتها پسند سنڌي قوم پرست آهي ان حد تائين جو ڪابہ غير سنڌي چيز برداشت ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. بهرحال منهنجي انتهاپسندي ۽ سندر اگناٽي جي جذباتي انتها پسنديءَ جو جوڙ ڪجي تہ اهو ظفرحسن جو ڪردار ٿي پوندو.** شاهہ غلام مصطفيٰ سان پڻ سطحي دعا سلام ٿي ۽ هُن اهو انجام ڪيو تہ هوم سيڪريٽريءَ سان گڏجي اسانکي ٻين شهرن جي ويزا وٺي ڏيندو. جيڪا ڳالهہ هو ڪري نہ سگهيو، ڇاڪاڻ جو اسانجا ڪاغذ اِسلام آباد موڪليا ويا جن جو جواب مهني کان اڳوات اچڻ جي اُميد ئي ڪونہ هئي (ائين اسان جو ڪراچيءَ ۾ ٻيو ڏينهن ختم ٿيو).

ٽئين ڏينهن ظفرحسن کي مون چيو حميده کهڙو سان ملاقات ڪرڻي آهي. اُتي پڻ غفور، سنڌس ڊرائيور، جو پڻ ڪو غيبي شخص هو، موتي مان ۽ ظفر هئاسين. رسمي چانهن ڪيڪ کائڻ بعد اُٿندي مون ڪيس چيو

مان اوهان سان اڪيلائيءَ ۾ ڳالهائڻ ٿو گهران، هن مونکي ساڳئي ڏينهن شام جو وقت ڏنو. ظفر مونکي اُتي ڇڏي هليو ويو. انڪل ڏيڍ ڪلاڪ ڪن ڳالهيون ٿيون. اِندرا گانڌيءَ جي موت سنڌي قومي مرڪزن ۾ ڪافي نراسائي پيدا ڪئي آهي. اُتي رواجي شخص تہ اُن انتظار ۾ هو تہ **جاڻ ماسي آئي ۽ اسان کي ضيا جي ظلم کان آزاد ڪرائيندي ۽ سنڌي قوم پرست اڳوان پڻ هندستان جي اَڻڇِتي رُخ ڪري ڪافي مايوس ۽ منجهيل هئا.** مون ڊاڪٽر حميده سان جڏهن اها ڳالهہ ڪئي تہ هاڻي سنڌ جي سوال کي هند سرڪار سنجيدگيءَ سان کنيو آهي ۽ سنڌ سيڪشن کي هوم منسٽريءَ ۽ ڪئبنيٽ سيڪريٽري جي سطح جو عملدار سنڀالي رهيو آهي تہ اها خبر سچي سنڌي قوم لاءِ چڱي سٺي خبر هئي. (اها ڄاڻ مونکي اڳتي هلي پيئي) هن سلسلي کي اڳتي وڌائيندي مون کيس چيو تہ هر سرڪار کي Information هٿ ڪرڻ جا پنهنجا طريقا ٿيندا آهن پر اسانجي ملڪ ۾ آخرين طور فيصلو راجنيتي سطح تي ٿيندو آهي، تنهنڪري هتان جي حالتن جو راجنيتي جائزو ملڻ ضروري آهي جو ڪو صحيح فيصلو ڪرڻ ۾ مدد ڪري. اهو راجنيتي Feedback هڪ مسلسل سلسلو هئڻ گهرجي ڇاڪاڻ جو ڪابہ سرڪار ڪيترا alternative تيار ڪندي رهندي آهي. هن مونکي چيو تہ هوءَ هڪ رپورٽ مونکي لکيت ۾ تيار ڪري ڏيندي. ڊاڪٽر حليم، جو پڻ اُتي ئي هو، هُن مون کان هن ڊيولپمينٽ جو سبب پڇيو. مون چيو تہ هر ڪنهن مُلڪ کي پنهنجي آزاديءَ لاءِ پاڻ لڙڻو پوندو آهي ۽ بي حقيقت اِها آهي تہ جيستائين سُپر پاور مان ڪو انٽريسٽ نہ وٺندو، ڪا ڳالهہ ڪونہ ٿيندي. افغانستان جي سوال کي ڪٽي اُتان پريشر گهٽائڻ ۽ پنجاب جي سوال جي سلسلي ۾ هتي ڪا هلچل پئدا ڪرڻ اهي هندستان جا Limited objectives ٿي سگهن ٿا. پر هند سرڪار جي ڪنهن بہ قسم جي ڪمٽمينٽ نہ آهي. منهنجي خيال ۾ اُنهن محدود objectives کي ڪٽي جيتري مدد ملي، اُن مان راجنيتي فائدو جيترو گهٽي ۾ گهٽو ٿي سگهي اهو ڪم هتان جي سنڌي قوم پرست ليڊرن جو آهي. جڏهن قوم پرستن جي تنظيم جو سوال آيو تہ اُن جو جواب ڊاڪٽر صاحبان ڏيئي نہ سگهي. جيائين تہ اهي تفصيل سائين جي.ايم وٽان ئي ملي سگهندا. مون ڊاڪٽر صاحبان کي اهو ذهن نشين

ڪرايو ته راڄنيتيءَ ۾ هرڪنهن سطح تي ليڊرشپ ۽ تنظيم هئڻ تمام ضروري آهي ۽ هن پاڻ قبول ڪيو ته اهو سڀ سنڌي قوم پرست محسوس ڪري رهيا آهن. هن سلسلي ۾ اهو فيصلو ٿيو ته سائين جي.ايم. سان جڏهن مان گڏجان ته ڊاڪٽر صاحبان پڻ اُتي موجود هُجي (هڪ ٻن ڏينهن بعد اها ملاقات ٿي جنهنجو احوال مان اڳتي هلي ڏيندس.)

سائين وٽ وڃڻ کان اڳ ڪراچيءَ ۾ ئي **بدر ابرو** سان ملاقات جو بندوبست ڪيو ويو. **(بدر جمال ابري جو فرزند آهي) هو ڪامريڊ چار سال جيل ۾ رهي چڪو آهي ۽ هاڻ ئي جيل مان ٻاهر نڪتو آهي.** هن سان اڪيلائيءَ ۾ انڪل ڪلاڪ کن ڳالهه ٻولهه ٿي. جيل ۾ هوندي جيڪي الڳه الڳه راڄنيتي بحث ٿيندا آهن ۽ اُنهن جا تفصيل ڪافي مختصر ۾ هن ڏنا. جنهن مان اها ڳالهه ظاهر هئي ته هاڻي پارٽي پڻ اُن راءِ جي آهي ته سنڌ ۾ سنڌي قوميت جي سوال کي نظرانداز ڪري اڳتي وڌي نٿو سگهجي. هن اهو انڄام ڪيو ته دوستن سان صلاح ڪري مونکي ڪا گڏيل رپورٽ ڏيندا ۽ هڪ زيرزمين اخبار جنهن ۾ ڪيتريون اجايون ڳالهيون هئڻ جي باوجود مواد ڪافي معلوماتي آهي جو سڄو پڙهڻ ۽ اُنتي ويچار ڪرڻ جو موقعو ڪونه مليو اٿم. **پر هميشه جيان ڪميونسٽ پارٽي اهم موقعي تي ڪابه لائين اختيار نه ڪري سگهندي آهي. ساڳيو حال سنڌ جي ڪامريڊن جو آهي. مون ائين محسوس ڪيو ته پارٽيءَ لاءِ منجهائيندڙ مسئلو مهاجرن جو آهي.** پر هاڻي اها ڳالهه سنڌي توڙي مهاجر محسوس ڪري رهيا آهن ته پنجابي جيڪي مُلڪ جو ٦٠ سيڪڙو آهن. اُهي ئي صرف پاڪستان جا والي آهن. پنجاب جا مزدور ۽ ڪسان يورپ جي مزدورن ۽ ڪسانن جيان ڪلاسيڪي طورتي سماجوادي انقلاب ۾ interested گهٽ آهن. سنڌي قومپرست پڻ اها ڳالهه محسوس ڪري رهيا آهن ته مُهاجرن کي عربي سمنڊ ۾ ڦٽو ته نه ڪبو. پر مُهاجرن کي پنهنجي فاتحانا نظريو ترڪ ڪرڻو پوندو. اُن حالت ۾ پنجاب خلاف يعنيِ پاڪستان خلاف گڏجي ڪم ڪري سگهجي ٿو. نه ته مون کي اهو انديشو آهي ته اڳتي هلي وري سنڌ جو ٻيهر ورهاڱو ٿيندو. هن ڳالهه تي کُلي طرح بحث ته نه، پر مان سمجهان ٿو ته هرڪو سنڌي قومپرست اها حالت محسوس ڪري رهيو آهي.

مون پليجي گروپ سان ڪنهن نموني رابطو رکڻ جي ڪوشش ڪئي.
سندس گهرواري زرينه بلوچ حيدرآباد ۾ آهي ۽ پروگرام اهڙي نموني رٿيو ويو پر جڏهن مان پهتس ته هوءَ ڪراچيءَ آيل هئي ۽ ڪراچيءَ ۾ سچو وقت اهڙن عناصرن سان گهيريل هئاسين جو مون ساڻس ۽ سندس معرفت ڪنهن ڪارڪن سان ملڻ جو خيال لاهي ڇڏيو.

سائين جي.ايم. وٽ وڃڻ کان اڳ حيدراباد ۾ مان جويي صاحب سان گڏيس. جويو صاحب بلڪل صاف نظريو رکندڙ، سالم دماغ، ديرينو ۽ دوارنديش آهي. پر عُمر سندس ساڻ ڪيترو وقت ڏيندي، اهو چوڻ مشڪل آهي. هُن Servants of Sind جنهن ۾ سڀ سنڌي قومپرست ليڊر آهن، پاران هڪ پروگرام ناهيو آهي Programme of Concensus جنهن جي ڪاپي موڪلي رهيو آهيان. سنڌ جي عوام ۽ سنڌ آزارن لاءِ سنڌ ۾ الڳ الڳ راجنيتي پارٽين ۽ گروپن ۾ سنڌ جي گهٽ ۾ گهٽ گُهرن تي خيالن ۾ هڪجهڙائي Concensus ۾ سنڌ کان ٻاهر پارٽين سان پڻ ساڳئي بنياد تي Concensus پئدا ڪرڻ ۽ سنڌ کي گڏيڻ لاءِ سنڌي قوم پرستن جي راجنيتي پارٽي هئڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته راجنيتي ۾ جيڪي سمجهوتا ٿيندا آهن اُهي اصولن سان گڏ اُن پنيان جيڪا راجنيتي ۽ Organisational طاقت هوندي آهي، اُن بنياد تي ٿيندا آهن. هو مون سان متفق راءِ ڏيو ۽ چيائين ته هاڻوڪي حالتن هيٺ مارشل لاءِ جي قاعدن موجب پرڳٽي جي ليول تي ڪابه جمائت ناهڻ غير قانوني آهي. البت هن نظام ۾ ڪابه راجنيتي پارٽي غير قانوني آهي، تنهن جي باوجود سنڌي قوم پرستن پاران ڪا پارٽي هجي جو اهو Concensus پيدا ڪري سگهي ۽ Organisation جي سخت ضرورت آهي.

اُن بعد مان وڃي سائينءَ سان گڏيس. ڪجهه وقت بعد ڊاڪٽر صاحبان پڻ اچي پهتي (اُتي مان ڪيئن پهتس اهي ڳالهيون روبرو ڪبيون) سائينءَ کي گهٽيون ئي شڪايتون آهن. سندس عمر ئي اهڙي آهي ڪيس ٻڌڻو پويٿو. ساڻس dialogue ممڪن ڪونهي. سندس ليڪچر ٻڌڻا آهن. سقرط وانگر شاگردن جو ميڙاڪو ڪري وينو ساڻن مٿو کپائي ۽ ائين سنڌ تي سر ڏيڻ وارا ديوانا پئدا ڪندو ٿو رهي. اهو سندس تمام وڏو Contribution آهي. جيتري قدر راجنيتيءَ جو سوال آهي، مُلڪن ۾ طاقت

جي Equation جو سوال آهي اِهو سندس Concern نہ آهي. هاڻي تازو هڪ ڪتاب لکيو اٿائين ”هاڻي پاڪستان ختم ٿيڻ ڪپي“. چيائين تہ اهو ڪتاب اسان ڇپايون جو اٽڪل ٩٠ ڊيمي صفا ٿيندو. پوءِ اهو ڪتاب اُتي ئي ڇپائڻ جو فيصلو ڪيو ويو. سائين تي صرف پاڪستان ختم ڪرڻ ۽ سنڌو ديش برپا ڪرڻ جي ڌُن سوار آهي. هن کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ ٿي اچي تہ جڏهن هن اهو اعلان ڪيو آهي تہ سنڌو ديش هندستان جو حصو ٿيڻ لاءِ تيار آهي تہ پوءِ هند سرڪار سنڌ کي آزاد ڇو نٿي ڪرائي ؟

اڳتي هلي مان هندستان سان سنڌ جي Special Relationship واري موضوع کي واضح ڪندس.) جيتري قدر تنظيم جو سوال آهي سائين ”جيئي سنڌ اِسٽوڊنٽ“ تي ئي گهڻو آسرو رکي ويٺو آهي. زالن جي الڳ تنظيم آهي. سرڪاري ملازم ڪلاريڪل ليول جا ۽ اُن کان هيٺ، سڀ سندس همدرد آهن ۽ آزاد سنڌو ديش چاهين ٿا. هن پنهنجيون گهرون اُهي ساڳيون ئي پيش ڪيون. هٿيار، ملٽري تعليم، پئسا ۽ پريس. جيتري قدر هٿيارن ۽ ملٽري سکيا جو واسطو آهي، سندس چوڻ آهي تہ جن جن شخصن بي.ايس.ايف ۽ ملٽري ليول تي رابطو قائم ڪيو هو ۽ ڪنهن وقت هند اختياري وارن جي چوڻ تي شروعاتي طور ٢٥٠ نالا ملٽري سکيا لاءِ فوٽن سميت ڏنا ويا هئا جيئن ٢٥ ڄڻن جون ١٠ batches تيار ٿي نڪرن. سندس شڪايت اها آهي تہ هندستان جي اَختياريءَ وارا ڪڏهن تمام اُتساهہ وچان ڪم ڪرڻ لاءِ چوندا آهن ۽ تمام سٺي نموني چاهہ وٺندا آهن پر اوچتو سندن اُتساهہ ختم ٿيو وڃي ۽ ائين هتي Cadres مايوس ٿين ۽ ليڊر پڻ منجهيل رهن تہ آخر هند سرڪار جو رويو ڪهڙو آهي ؟

مون کيس خاطري ڏياري تہ لوڪشاهي سرشتي ۾ decision آهستي ٿيندا آهن ۽ هِن ۾ ڪيترين ئي Agencies Involved آهن، تنهنڪري اهڙيون ڳالهيون اڻ-ٺر آهن ۽ قبول ڪرڻ کپن. بي ڳالهہ تہ راڄنيتي سطح تي هاڻي رابطو قائم ڪرڻ سان ڪنهن قسم جو Communication جو ماڌيم ناهڻو پوندو تہ هِن ڏس ۾ حالتون سڌرنديون. باقي رهي پئسي جي مدد جي ڳالهہ ۽ PROPAGANDA لاءِ پريس يا بيا واهڻ. اهي تمام Sensitive معاملا

هئڻ ڪري مان خاموش رهيس (هنن سوالن تي مان پنهنجو چيد اڳتي هلي ڏيندس). **سائينءَ چيو تہ آسانجا ٢٥٠ چوڪرا بلڪل بيصبريءَ وچان انتظار ڪري رهيا آهن ۽ اندرا گانڌيءَ جي مؤت کين مايوس ڪيو آهي تنهنڪري هن ڏس ۾ ڪو قدم جلد جلد کڻي سندس Cadres جو وشواس ۽ اُتساهہ قائم ڪرڻ ضروري آهي ۽ اهو ڪم جلد ٿيڻ کپي. هن پس منظر ۾ مون اوهانکي نياپو موڪليو هو.**

واپس ڊاڪٽر صاحبان سان ئي ڪراچيءَ پهتس.

ڊاڪٽر صاحبان پاڻ سان گڏ حبيب اللهہ ناريجو کي Escort ڪري وٺي آئي هئي. هتي ناريجو بابت ڪافي غلط فهميون مون ٻڌيون هيون، تنهنڪري جڏهن گاڏيءَ ۾ ٣ ڄڻا اڪيلا هئاسين تہ مون کيس Confront ڪيو تہ هتي اُفواهہ آهن تہ تون ڊبل ايجنٽ آهين، جنهن تي ھُن تہ جواب مختصر ڏنو. پر ڊاڪٽر صاحبان کيس Clear ڪيو ۽ مونکي وشواس ڏيارائين تہ هو سندس ئي وشواس جوڳو شخص آهي جيتوڻيڪ ٻيا دوست اهو قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن. ساڻي سوڀي گيانچنداڻيءَ تہ مون کي ساڳئي ڏينهن روانو ٿي وڃڻ جي صلاح ڏني. خير تحريڪ ۾ اهي ڳالهيون ٿينديون رهنديون آهن. هيءَ ڳالهہ اِنڪري لکي اٿم جو اوهانکي اُتان جي ماحول جو ڪجهہ اندازو ملي.

ٻئي ڏينهن صبح جو ٨ بجي سويو اچي هوٽل ۾ سهڙيو. کيس اڳہ فون ڪئي هيم تہ ڪراچيءَ کان ٻاهر نڪرڻ ممڪن نہ آهي، تنهنڪري هو لاڙڪاڻي مان پاڻ اچي پهتو. ساڻس ٨-١٠ ڪلاڪ سني ڪچهري ٿي. سنڌ جي ماحول بابت سندس خيال هن ريت آهن :

اڄ پاڪستان معنيٰ پنجاب. پنجاب، افغانستان ۽ بلوچستان کي Write off ڪري ڇڏيو آهي. جيئن شروعات کان وٺي اُنهن بنگالين کان جند آزاد ڪرائڻ پئي چاهي، ساڳئي طرح افغانستان ۽ بلوچستان سندن لاءِ مٿي جو سُور آهن. آخر هي حصو رشيا جي هٿ وڃڻو آهي، جو بلوچستان کي ڪافي سنو سمنڊ جو ڪنارو آهي ۽ روس هن طرح سمنڊ جي گرم پاڻيءَ جي بندرن تي اَکہ رکي وٺنو آهي جو روس جو راجنيتي ۽ ملٽري مقصد ٿي سگهي ٿو، **پر جيڪڏهن سنڌ آزاد ٿي تہ پنجاب Land Locked ٿي پوندو، تنهنڪري پنجاب سنڌ جي انچ انچ لاءِ لڙندو.** حالت اِها

آهي تہ ڀيٽي صاحب ڀاڻي کُ ٻهاني ملٽريءَ کي سنڌ جا ۽ سنڌ جي سيني ڳوٺن جا رستا ڏيکاري ڇڏيا آهن، تنهنڪري سنڌ کي آزاد ڪرائڻ لاءِ. وڏي قيمت ادا ڪرڻي پوندي ۽ اِهو مسئلو ايترو آسان نہ آهي. هرو ڀرو آزاد سنڌ جي نالي سنڌي نوجوانن کي مارائيندا.

هونئن تہ نور-الاهي (نالو مٽيل) ڪيترائي دفعا گڏيو ۽ سندس ماني پڻ کاڌيسين ۽ آخرين ڏينهن صبح جو ٨ ٻجي ڊرائيور ٿي وٺي ويو ۽ سندس موٽر ۾ سنڌ جي سوال کي کڻي جيڪو بحث ٿيو سو هِن ريت آهي ؛

سندس خيال موجب سنڌ جي آزاديءَ لاءِ صرف اُها ئي جماعت لڙي سگهندي، جيڪا سوويت يونين جي طرفدار هوندي ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ نہ ڪا ايتري طاقت آهي ۽ نہ وري ڪا ليڊرشپ! هن همراه جي خيال موجب، هت هرڪو ڪنهن نہ ڪنهن ملڪ جي جاسوسي ڪاتي يا ملڪ جو پروجيڪشن آهي. خير اِهو تہ ڪميونسٽ ڪم جي طريقي جو هڪ حصو آهي. هن اهو پڻ ذهن نشين ڪرايو تہ هو ايم.آر.ڊي. هلچل ۾ سينٽرل ڪاميٽيءَ جو مزدور ڪسان پارٽيءَ پاران ميمبر رهي چڪو آهي.

تنهن بعد هڪ سنڌي هندو جنهنکي اِها خبر پيئي تہ مان هِتي حالتون assess ڪري رهيو آهيان (جو مونکي ڊاڪٽر صاحبان جي گهر مانيءَ تي اڳہ گڏيو هو) خاص ڪهي مون وٽ آيو ۽ هوٽل ۾ اچي اڪيلائيءَ ۾ ڳالهائڻ جي خواهش ظاهر ڪيائين. هو همراه ڀٽي جي زماني ۾ هندن پاران ڊپٽي منسٽر وغيره هو. (هن جي وڏيڪ واقفيت موتيءَ ڪان وٺي لکي موڪليندس). هن چيو تہ اسان سنڌي هندو، پارسي، ڪرستان (يعني سڀ Minorties) پاڪستان جي وجود جي حق ۾ آهيون، ڇاڪاڻ تہ پاڪستان جي ٽٽڻ بعد ۽ ٽٽڻ جي سلسلي ۾ سنڌي هندن کي نقصان آهي. **جڏهن سنڌو ديش ٺهندو تہ اسان جي Security جو سوال پيدا ٿيندو. هاڻي پڻ هر ڪنهن هندوءَ کي هندستان جو ايجنٽ سمجهيو ٿو وڃي ۽ جيڪڏهن ڪجهہ ٿيو تہ موچڙا تيار رکيا آهن ۽ سنڌ آزاد ٿيڻ بعد مُهتان جا مسلمان آسان سان ڪيئن هلندا تنهن بابت apprehensions آهن.**

بذات خود اِها حقيقت تہ هو شخص مون سان گڏجڻ آيو ۽ پنهنجو رايو ڏنائين اُن مان ظاهر هو تہ اسانجي دوستن مان ڪنهن اِها ڳالهہ

ٿي آهي جو عوام ڀھريون ڀيرو محسوس ڪيو آهي تہ ھو پڻ راڄنيتي طور ھڪ طاقت رکي ٿو ۽ اڳئين راڄنيتيءَ جو تصور بدلجي چڪو آهي، جنهن Tradition وڏيرن، راڄنيتي اڳوانن کي منجهائي ڇڏيو آهي.

جيئن مٿي چئي چڪو آهيان تہ سنڌ ۾ ڊاڙيلن ڪيٽرن ئي مليٽري آفيسرن کي ختم ڪيو آهي، جنهنجي رد عمل ۾ ملٽريءَ ھڪ ظالماڻو واقعو ڪري ڏيکاريو. جنهن کي ٿوريءَ جو واقعو چيو ٿو وڃي، گذريل ١٧ آڪٽوبر تي شاگرد- اتڪل ١٢٠، ٻن بسين ۾ ڪنهن جلسي تي وڃي رهيا هئا. مليٽريءَ وارن کي خبر پيئي تہ ٿوري ريلوي ڪراسنگ ڀرسان Trenches کوٽي Sand Bags رکي Position وٺي ويهي رهيا. اِها ريلوي ڪراسنگ سَنَ جي ڀرسان ئي آهي ۽ آس-پاس ڪو بہ وڻ ھوٽو ڪونهي، جيئن ڪو لڪي سگهي. بسين پهچڻ تي شاگردن تي فايرنگ ڪئي ويئي. سرڪاري انگن اکرن موجب صرف ۴ شاگرد مئا ۽ ۴۲ زخمي ٿيا ۽ ٻيا جيل ۾ آهن، پر سائينءَ مئلن جو انگ ۴۲ ٻڌايو ۽ خاص ڪري هندو شاگردن کي آزاريو پيو وڃي. سرڪار ايتري پريشان ٿي آهي جو هِن واقعي بابت ڇهہ الڳ-الڳ مختلف بيان جاري ڪيا ويا آهن ۽ ھڪ جج پاران انڪوائري ويهاري ويئي آهي. ايم.آر.ڊي. جي هلچل بعد جيڪا ماٺائي اچي ويئي هئي هن واقعي وري عوام ۾ سرڪار خلاف نفرت پيدا ڪئي آهي. حقيقت ۾ اِهو گوريلا لڙائيءَ جو ھڪ قانون آهي تہ گوريلن کي سيکت ڏيڻ لاءِ مليٽري جيتري سختي ڪندي آهي، عوام اوترو ئي اختياريءَ وارن کان دور ٿيندو آهي ۽ نفرت ڪرڻ لڳندو آهي. **عوام انتقام جي باه ۾ پيو ٻري. ليدرشپ واڙي آهي ۽ اِها اُميد رکي ويٺي آهي تہ ڇاڻ هندستان حملو ڪيو ۽ اسان کي بند مان نجات ملندي.** وڏيرن جي ليڊرشپ ڪا پاڻ ۾ پختي هجي، اِها ڳالهہ پڻ نہ آهي. غلام مسطفيٰ شاهہ ۽ ڊاڪٽر صاحبہ ۽ ڪنهن حد تائين جويو صاحب جا پڻ ھڪ ٻئي سان ڀلاند سنوان نہ آهن. مون سان آهڙي ڪا ڪلي ڳالهہ نہ ڪيائون، پر ھڪ-آڌ جملي مان، مون اِهو اندازو لڳايو.

هِن صورت ۾ هاڻي سنڌ بابت اسانجو نوس پروگرام کهڙو ٿيڻ کپي جو مان هندستان جي Interest جي لحاظ کان، Short term ۽ Long term نقط نظر کان پيش ڪريان ٿو، جنهنکي بنياد بڻائي ڪو پروگرام رٿي

سگھجي ٿو.

جيتري قدر شارٽ ٽرم پروگرام جو سوال آهي، منهنجا خيال هِن ريت آهن : هڪ تہ سنڌي قوم پرستن کي راجنيتي جماعيت هئڻ لازمي آهي ۽ هِن سلسلي ۾ مکيہ سوال آهي ليڊر شپ جو. مارشل لا هيٺ اِهو تنظيمي ڪم صرف زير زمين ئي ٿي سگهي ٿو. هن سلسلي ۾ مون هر ڪنهن شخص سان جن جا نالا مون رپورٽ ۾ ڏنا آهن تي ڳالهيون ٻڌهہ چٽيون ڪيون :

(۱) راجنيتي پارٽيءَ جو هئڻ لازمي آهي ۽ چونڊن جي حالت ۾ هن پارٽيءَ کي تمام گهڻي گهڻائي ملڻ تمام لازمي آهي. اِهو سبق سنڌ کي بينگال جي مثال مان سکڻ کپي. جيڪڏهن مجيب کي ۹۸ سيڪڙو سيٽس نہ ملن هان تہ بينگال کي هندستان آزاد نہ ڪراي سگهي ها . (راجنيتي پارٽيءَ سان گڏ ليڊرشپ جو سوال ڳنڊيل آهي. ليڊر اَهڙو هئڻ گهرجي جنهنجي شخصيت جادوئي اثر واري هجي. سائين جي.ايم. جون عمر جي ڪري ۽ ٻين ڪيترين ڳالهين ڪري ڪيتريون **Limitations** آهن. تنهنڪري موجوده حالتن ۾ حميده کهڙو کي ئي ڪٺي هلڻو پوندي. پر سندس راجنيتيءَ جي بوجهہ جو اندازو اوهان سندس رپورٽ مان لڳائي سگهندا. سندن اِرد گرد ڪجهہ سچاڻ ۽ روشن دماغ ائڊوائزرس جي ٽولي تيار ڪرڻي پوندي. جي شخص سندس **Think-Tank** ٿي ڪم اچن ۽ ڪيس صحيح لائين تي هلائين. ظاهر آهي تہ اِهو سڀ مان ڪنهن سان بحث هيٺ نہ آڻي سگهيس) سنڌي قوم پرستن جي پارٽي جنهنجي تنظيم ڳوٺ جي ليول کان ملڪ جي ليول تائين هجي پوءِ هن پارٽيءَ کي بنياد ٻڌائي جوڀي صاحب واري **Concensus** پهرين سنڌ اندر ۽ پوءِ سنڌ کان ٻاهر قومي سطح تي ڪئي وڃي ۽ جنهنکي بنياد ٻڌائي پروگرام تيار ڪجي.

(۲) مون اِهو پڻ چٽو ڪيو تہ هر ڪنهن ملڪ کي پنهنجي لڙائي پاڻ لڙڻي پوندي آهي. اوهانجي پاران ٻيو ڪو ملڪ لڙائي ڇو لڙندو ؟ پر منهنجي خيال موجب اِهو ضروري آهي تہ افغانستان تان پريشر گهٽائڻ ۽ پنجاب جي سلسلي ۾ **Equation** قائم رکڻ لاءِ ضروري آهي جو محدود حد تائين هٿيارن ۽ ٽريننگ جي مدد ڪئي وڃي. اهڙا ڪي عناصر پيدا ڪيا وڃن، جي 'ڏاڪن' کي پڻ **Politicalise** ڪن ۽ ڪنهن **Co-ordination**

سان هڪ ڪمانڊ هيٺ ڪم آڻي ۽ راجنيتي پارٽيءَ جو مليٽري Wing تي ڪم اچن. اِئين هڪ Chain-re-action پئدا ٿيندو ۽ هڪ بئي مان طاقت حاصل ڪري سگهندا پر اِهو ضروري آهي تہ هر حالت ۾ برتري راجنيتي ليڊرشپ جي ٿيڻ کپي

(٣) **مالي امداد.** اِهو هڪ تمام Sensitive معاملو آهي، جو مان صرف شخصي طور ئي ڳالهائي سگهان ٿو ڇاڪاڻ جو مالي امداد ڪانسواءِ ڪابہ پارٽي ٺاهڻ ممڪن نہ آهي.

(٤) **پروگرام جي رٿا ۽ انجا تفصيل** پڻ شخصي طور خيالن جي ڏي-وٺ ذريعي تيار ڪري سگهبا. مون ڊاڪٽر صاحبان کي چيو تہ اهو ضروري آهي جو توهان اَهڙو ڪو شخص پئدا ڪريو جو پريس کي Cultivate ڪري، خاص ڪري رائٽر جي ۽ بي.بي.سي. جي خاطوءَ کي پنهنجي طرف ڪرڻ ضروري آهي، جا ڳالهہ هُن قبول ڪئي آهي. آسانکي وري هتي (هندستان) پڻ سنڌو ديش لابي ٺاهڻي پوندي، جنهن کي ٺاهڻ ۽ اُنجي همدردي حاصل ڪرڻ ڏکيو نہ ٿيڻ کپي. هن ڏس ۾ آل اِنڊيا ريڊيو جي پرڏيهي کاتي کي پڻ ڪم آڻي سگهجي ٿو.

اِهي تہ سڀ ٿيا Short Term پروگرام. پر Long Term پروگرام مان تہ نڪو رٿي سگهان، جيسين هند سرڪار جي Long Term جي پلاننگ جي خبر پوي. پر اُتي سنڌ جي آزاديءَ بعد هندستان سان Special Relationship Treaty جي ڳالهہ ٿي. اُن جا ڪهڙا Implications آهن، اُهي سرڪار ئي study ڪري سگهندي پر سنڌ جو عوام اهڙو ڪو بندوبست قبول ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندو، اهڙي فضا سائين جي.ايم. تيار ڪري رهيو آهي.

سنڌ جي هلچل کي بلوچستان جي هلچل سان ڳنڍڻ بابت ڪجهہ ڳالهہ ٻولهہ ٿي. بلوچستان کي ڪيترن ملڪن جي بارڊر آهي ۽ هر ڪو مُلڪ اُتي لابي ٺاهڻ لاءِ پئسا هاري رهيو آهي. اڳتي هلي اِهو انٽرراشٽريہ راجنيتيءَ جو ڪُرڪيٽر ٿيندو، اِهو مونکي انديشو آهي، تنهنڪري بلوچستان جي هلچل مان عارضي طور ڪو فائدو حاصل ڪري سگهجي تہ ٺيڪ آهي. باقي اڳتي هلي اهو ڳچيءَ ۾ ڳاٽ ٻڌبو، اَهڙو منهنجو اَنديشو آهي.

هي خط مون آفيس ۾ ڪم ڪندي لکيو آهي ممڪن آهي ڪٿي

سلسلو ٽٽل هجي. مان اُميد ڪيان ٿو ته هن خط سان جو مواد موڪلي رهيو آهيان، اُهو اوهانکي ڪارائتو ٿيندو. هن دوري جي سلسلي ۾ اوهانکي بئي ڪنهن به وڌيڪ جاچ جي يا ڇنڊڇاڻ جي ضرورت پوي ته اوهان خط لکندا ته جواب ساڳئي ڏينهن ڏيندس. پر ايترو چوندس ته جيڪڏهن سنڌ ۾ هلچل جو Tempo قائم رکڻو آهي ته ڪنهن قسم جو Continuous Process طريقو شروع ڪرڻو پوندو. اِهو ڪيئن ڪجي اِهو سڀ بحث بعد ئي ڇئي سگهبو. دهليءَ واري دوست کي چئو ته سرڪاري Red tape کي جيترو ڪٽي سگهي ۽ تڪڙا فيصلا ڪري سگهي اوترو بهتر.

پنهنجي سمجهه موجب ڊاڪٽر حميده کي ڪجهه ترت عمل ۾ آڻڻ لاءِ پروگرام رٿي ڏيئي آيو آهيان.

١) نوريءَ جي شاگردن جي سلسلي ۾ سڄي سنڌ ۾ شهيد ڏينهن ملهايو وڃي.

٢) نوريءَ واقعي کي کڻي مرڪزي سرڪار ۾ جيڪي سنڌي مجلس-شورا ۾ آهن يا مرڪزي سرڪار ۾ وزير آهن، تن جو سوشل بائڪاٽ ڪيو وڃي. ڪير به سندن دعوت قبول نه ڪري ۽ نه ڪير ڪين دعوت ڏئي. ائين منجهن Isolation جو احساس پئدا ڪيو وڃي.

مان سمجهان ٿو ڪافي لکي ويو آهيان. سڀ لکڻ ته ممڪن نه آهي. في الحال خط هتي ختم ٿو ڪريان.

اوهانجو

موهن

هڪ ٻي ڳالهه جيڪا ظاهر ٿي ته مليٽريءَ وارا Systematic Compaign هلائي رهيا آهن ته پوليس کاتي کي بدنام ڪجي. نوري واقعي ۾ شاگردن کان اهو لکائي ورتو ويو آهي ته پوليس وارن گوليبازي ڪئي ۽ هڪ ٽي-وي. جي ڪارڪن کان اِها خبر پيئي ته کين هدايتون آهن ته ناٽڪن ۽ چرچن ذريعي پوليس عملي کي جيترو ذليل ڪري سگهو، ڪريو. مون اها ڳالهه آهم سمجهي تنهنڪري خط ختم ٿيڻ بعد پڻ اِها هتي لکي اٿم.

موهن

دبئي ١٣-١٢-١٩٨٤

پيارا ڪيرت،

سنڌ مان تي آياسين. اوهان سڀني پاران سنڌ جي ڌرتيءَ کي سلام ڪيوسين. سنڌوءَ جو جل ۽ اروڙ جي مٽي کڻي آيا آهيون. مان بيان ڪري نٿو سگهان تہ اُتي اسان کي ڇا مليو ۽ ڇا نہ مليو. ڪلا ۽ مان سفرناما لکي رهيا آهيون. ڪلا جي ڪتاب جو عنوان گهڻو ڪري 'ماڻهو منهنجي ملڪ جا ....' ۽ منهنجي ڪتاب جو عنوان 'سرهاڻ جو سفر' ٿيندو. خير ! ...

موهن توکي الڳہ رپورٽ موڪلي آهي. مونکي پڪ آهي تہ سندس ڇيد درست هو. وڌيڪ اُن تي عمل توهان طرفان ٿيندو. هڪ ڳالهہ جا مونکي چوٽي آهي ۽ زوردار نموني چوٽي آهي سا اِها تہ اُتي دوستن کي ڏاڍو محروميءَ جو احساس آهي ۽ اسا کي Morale متاهون رکڻو آهي. ان لاءِ منهنجون بہ صلاحون آهن :

- سنڌ جي موجودهہ حالتن تي هڪ ڪتاب ڇپجي - سنڌيءَ ۽ انگريزيءَ ۾ ڪڍجي.
- ڪا مڙيئي هند ۾ اهڙي هلچل شروع ڪجي،جنهن کي سٺي Media Covrage ملي. خاص طور بي.بي. سي. تان.

تون اِنهن راين تي ويچار ڪج ۽ لکج. ها سوڀي سان گڏياسين. خاص ڪراچيءَ ڪهي آيو هو. هڪ سڄو ڏينهن گڏ هئاسين. گڏجي ماني کاڌيسين.

- سڀني لاءِ يادگيرون. سنڌ مان مليل پاڪر تو لاءِ.

تنهنجو

موتي

**Dubai (U.A.E.),**

**26-01-1985**

Dear Shri Kirat,

The Indian electorate in an unambigous manner has proved to the world their maturity in last three elections. The criteria of getting seats on the basis of pre-independence political career has almost reversed with young post-independence group taking over.

It is a matter of great satisfaction that first few weeks in power has proved that Mr. Rajiv Gandhi has been going in most matured manner even in the mess he has inherited.

However, it is sad that Sindhi Community has become almost ORPHAN in the national political field with the ruling party preferring to do without any Sindhi sitting among the law makers at Delhi, thus, negating the role and sacrifices made in the making of independent India and proving that Sindhi intellectuals and leaders are of least significance in the national stream.

Having attained substantial economic proficiency in several fields, today Sindhis are more vulnerable to natural jealousy and vindictiveness of other linguistic communities. Thus, growing importance of representation in the Parliament has reached a stage where we simply cannot do without it.

It is obvious that the scattered and stateless Sindhi Community cannot possibly send a representative to Delhi, elected on its own strength. And not many Sindhis have mustered professionalism in politics to get elected with the local support. In cases where this has happened, it has ended in miserable displeasure of local constitutents with the legislator hardly being in a position to do any justice to his constituency because of his sense of responsibility towards the community much more than the

area which sent him to Parliament. But could he escape that phenomenon? I don't think so.

Under these circumstances, I feel it will be necessary to advocate and get atleast two nominated seats for Sindhis in Lok Sabha as is done in case of Anglo-Indian community. Representation in the Lok Sabha is of utmost importance and we all have to realize that community may suffer a great deal without our spokesman in the law-making body. As it is almost impossible to contest and get elected in the national stream, the only way is to seek an amendement to the constituion arming the President to nominate atleast two persons of Sindhi community on the Lok Sabha.

We have great many number of dedicated leaders in the community who are in no way less than most of the legislators in the Lok Sabha. Let us stop infighting and have sense of responsibility towards nation and the community and work unitedly to achieve common goal. Success comes with discipline. Most of us have acquired success individually. Let us now achieve collectively. With discipline and unity. Now is the time to get the ball rolling. Let us approach this matter with a logical solution: "Someone is better than no-one." Our infights will lead us to "no-one".

I urge you, as a leader of the community to act immediately and do something to achieve the goal of representation of our community in absolutely selfless manner. If you are convinced, through Sindhi media as well as other sources, please generate more awakening regarding the need of representation. If community is not there, we are not there. I await your comments.

With best regards,

Yours sincerely,

**Ram Buxani.**

۱۹۸۵-۱-۲٦

پيارا ڪيرت،

اُميد تہ مزي ۾ هوندا،

اوهانجا ٻئي خط پهتل آهي، موتيءَ هٿان. اُنهن بابت جيڪا چُرپُر ٿي آهي اُهو مختصر ۾ احوال موڪليو اٿم، جيڪو دوست گذريل هفتي ڳوٺ ويٺو هو سو هاڻي ايندڙ هفتي ويندو. ڇاڪاڻ جو اهم ڪم ڪنهن هٿيڪي ۽ وشواس جوڳي ماڻهوءَ کي ئي سونپي سگهجي ٿو انڪري دير سهڻي پوندي. عابدهہ کي نياپو موڪليو ويو آهي. اُتان پڻ جيئن خبر پوندي اوهان کي اطلاح ڏنو ويندو. عابدهہ کي گهر ۾ ٽيليفون ڪونهي. سندس گهوٽ ريڊيو پاڪستان ۾ آهي، تنهنڪري ٻئي ڪنهن دوست جي معرفت نياپو موڪليو ويو آهي.

اوهان رپورٽ کي تيار ڪرڻ ۽ سوڌڻ ۾ ڪيتري محنت ڪئي هوندي اهو اندازو لڳائي سگهان ٿو. مون سان مصيبت اها آهي جو مان ذهني طور اجا تائين پاڻ کي سنڌ ۾ پيو پائيان. هتي سائين جي.ايم. جو جنم ڏينهن ملهائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي پر محفل سُٽي نہ متي، اُن لاءِ ڪيترن دوستن کي شخصي مجبوريون هيون. هتي جي ماحول ۾ اسانکي بہ تمام Cautious ٿي ٿو رهڻو پوي. هڪ تہ هِتان جون حالتون ڪنهن بہ قسم جي Activity برداشت نہ ٿيون ڪن ۽ ٻيو تہ پاڪستان سرڪار جا خابرو هت پڻ جام آهن ۽ اها پڻ حقيقت آهي تہ اسان هتي ويهي ڪري بہ ڇا ٿا سگهون جو هرو پرو ڪنهن قسم جي رسڪ کڻون ؟ هرو ابيچنداڻي هٿان بہ ڪئسٽ هڪ گذريل سال جلسي ۾ ڪيل تقريرن جي ۽ ٻي هڪ قوم پرست شاعر ساوڻ وچولاڻي جي ۵۲ آکريءَ جي موڪليون اٿم. اِهي ڪئسيٽون اوهان کي اُتان جي ماحول بابت ڪجهہ تاثر ڏينديون. ”جنگ“ ۾ خبر آئي آهي تہ سائين جي ايم.جي. جنم ڏينهن تي اٽڪل ۵ هزار کن شخص آيل هئا. اُتان جي ويڊيو ڪئسيٽ ايندي تہ اُها پڻ ڪنهن هٿان موڪلي ڏيندس.

هن سان گڏ ”جيئي سنڌ“ جي هڪ بليٽن موڪلي رهيو آهيان،

جيڪا اُتان زير زمين ڪم ڪندڙ ڪيندا آهن. هاڻي مان اهو سلسلو ان ڪري جاري ڪري رهيو آهيان تہ جيڪو raw material مونکي ملي رهيو آهي اُهو مان اوهان کي موڪليندو رهان جو اوهان اُتان جي حالت جو پڻ اندازو لڳائي سگهو ۽ وقت بہ وقت ڪا ڪم جي چيز اچي تہ اختياريءَ وارن تائين پهچائي سگهو. هن ۾ شڪ نہ آهي تہ انهن کي حاصلات هٿ ڪرڻ جا اسان کان بهتر طريقا هوندا پر اسان کي پنهنجي پاران پڻ ڪجهہ ڪرڻو آهي.

ڪالهہ هڪ دوست مانيءَ تي آيل هو سندس ننڍو پٽ اٽڪل ۵ سالن جو آهي. کانئس پڇيم تہ اڳتي هلي ڇا ٿيندين ؟ چيائين، **”مان وڏو ٿي سنڌي گوريلو ٿيندس ۽ پنجابيءَ کي ماريندس“. اهو صرف هن ڪري لکيو اٿم جو اوهان رواجي سنڌيءَ جي جذباتي حالت جو اندازو لڳائي سگهو.** ساڳئي طرح گذريل هفتي هڪ ٽئڪسي وارو گڏيو. اسان سنڌيءَ ۾ پئي ڳالهايو، چيائين **”توهان سنڌي آهيو ؟ سائين توهان تہ هليا ويا اسان کي جانورن جي حوالي ڪري ويا. اِندرا گانڌي تہ اسانکي آزاد ڪرائڻ جو پروگرام تيار ڪيو پر آمريڪا کيس مارائي ڇڏيو، هاڻي راجيو ڪجهہ نہ ڪندو ؟“** اها هڪ رواجي سنڌيءَ جي oversimphfied سمجهہ آهي، پر هن جي پٺيان جيڪو آزاديءَ هٿ ڪرڻ، پاڪستان مان جند آزاد ڪرائڻ جو جذبو آهي اُها هڪ وڏي حقيقت آهي ۽ اِها حقيقت آهي تہ جنهن قوم جي آزاديءَ جو جذبو اُٿيو اُن کي geopotitical حالتون گهڻو وقت روڪي نٿيون سگهن.

هن ايتري جذبي جي بر عڪس جيڪي ڪجهہ ليڊرشپ ڪري رهي آهي اُهو منجهائيندڙ آهي. سائينءَ جو پٽ، حميده جا بہ پائر چوندون لڙي رهيا آهن. حميده پاڻ اعلان ڪيو تہ مٿس زور بار آيو تہ هو بہ چوندون لڙندي. اِهي ڳالهيون منجهائيندڙ آهن. سو سڀ سر زمين تي آهن سندن strategy ڪهڙي بہ هجي پر اهڙين ڳالهين ڪري عوام تہ بدظن ٿئي ٿو.

موهن ڪلپنا کي ساهت اڪاڊميءَ جو گذريل سال جو انعام مليو

آهي. مون ڪيس تار ذريعي سندس اهو stand، تہ هر سرڪاري انعام کي ٺڪرائڻ کپي ياد ڏياريو. اهو ضروري آهي تہ اسانجي سچي Public life ۾ جيڪا Hypocracy ۽ بناوت آهي اُن جي خلاف جهاد ڪيو وڃي. ائين تہ ڪنهن بہ ڳالهہ کي Justifty ڪرڻ جا هزارين طريقا ڏيندا آهن، پر اهو صرف پاڻ پريائڻ ۽ ٻين کي بيوقوف بڻائڻ جي ڪوشش آهي. اسانجو intellectual تنهن حد تائين ۽ تيستائين Anti-establishment ۽ انقلابي آهي جيستائين Establishment اُن کي قبول نہ ڪيو آهي. موهن ڪلپنا جي تہ صرف ڳالهہ آهي. هن بيماريءَ کي گنڀيرتا سان نہ ڪنيو ويو ۽ ڪو تدارڪ نہ ڪيو ويو تہ هن ملڪ جو آئيندو تمام اونداهو ٿي ويندو. اسان کي Courage & Conviction بنهہ ڪونهي. ڪوبہ ڪنهن بہ قسم جي قرباني ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي. پر اهڙيءَ حالت ۾ نئون هندستان يا نئون سماج، جنهن جا اسان خواب ڏٺا هئا ڪيئن پئدا ٿيندو.

سنڌ ۾ ڪنهن دوست کي لکي موڪليو اٿم تہ عنايت شاهہ تي جيترو مواد ڇپيو آهي موڪل - ڇاڪاڻ جو مان ڪيس سنڌ جو پهرين هارين جي انقلاب "Peasant Revolution" جو باني ۽ Commune جو پهريون برپا ڪندڙ ٿو سمجهان. پڪ نہ اٿم پر سمجهان ٿو تہ Paris Commune کان اڳہ شاهہ عنايت انقلابي دور ۾ Commune برپا ڪيو هو. اهڙي انقلابي شخصيت کي صوفي ليبل لڳائڻ، ساٿس ڪيترو نہ ظلم ڪيو ويو آهي ؟ ساڳئي ڪار شاهہ بلاول سان ٿي آهي.

هاڻي ڪڏهن ٿا retire ڪريو ۽ ڪٿي ڪو آشرم برپا ڪريو ؟

اوهانجي احوال جو انتظار رهندو.

اوهانجو

موهن

# EXTRACTS FROM THE LETTER

My dear,

A couple of days back our friend Atta Mohammed returned from his village and has given his impressions about the present situation as under :-

1) In Sindh every section of people has taken for granted the breakup of pakistan. They are convinced that Pakistan will disintegrate today or tommorow. But of course, he is not able to explain the concrete basis for such a feeling.

2) "Jeeye Sindh Students Federation" is very active. Its members are prepared to die for the cause. Some of them have acquired guerilla training as well. What they lack is a definate political direction and organisational disciplene.

3) The feeling among the people in Sindh is growing that the government is behind the spate of dacoities, with a sinster objective to utilize such situation to despatch military forces in the rural areas to suppress the awakening among the poor masses who are growing restive day by day. The things have reached a frightening situation. The whole of Sindh seems virtually an occupied territory.

4) Atta Mohammed met our friend Zafar Hassan of the Sindh University, who expressed his mortal fear that, since Jam Shoro (Sindh University) has become a virtual **Sindhu Desh**, Where lackeys of the Zia regime cannot dare enter. In such case when the struggle for Sindhu Desh begins, University will be the target And department should be macro-filmed and transparencies taken out to preserve the invaluable heritage.

I feel the fears of the young man are genuine, but what can be done in this unfortunate situation ? We should give this thing a serious thought.

---

## A SECRET REPORT FROM A FRIEND IN SINDH ABOUT THE SITUATION IN SINDH DURING THE AUGUST 1983 STRUGGLE

We are greatful to National Herald for the editorial note on the Sindh situation, but would like to point out some basic misapprehensions and misperceptions in the understanding of the situation.

The moving force and the most significant factor in Sindh today is the nationalism. It is true that after Bhutto's death there was a wave of emotion for him and this rubbed off on his family as well, but even Bhutto's execution and the humilation he underwent helped to stregthen the nationalist cause as the common belief was that he had been killed because he was a Sindhi and such a fate could not have befallen on Punjabi prime minister. Since then the operation of the marital law regime, its barbarities, and the systematic exploitation of Sindh has convinced the people that the only solution for the problems is in gaining freedom from Pakistan. At this time there is an insurrection going on in Sindh which is being publicized as Dacoit Activities and a large military force is deployed to 'Pacify' Sindh 'Search and Destory' operations are being carried on and hundreds of villages have been burnt, people killed mostly innocent villagers, as dacoits and cattle and household goods looted. There is in fact an unreported war going on in Sindh.The Thori incident was in the nature of a reprisal for the killing of some military officers by 'dacoits' and the military saw fit to kill students in revenge. The cry on the lips of the people is **"Sindhu Desh."**

The current situation in Sindh is by any defination explosive. The process by which the entire population of the province has become not only politically conscious, aware of the injustices and the deprivations it has suffered and is suffering, but also convinced that they cannot expect a future for themselves within Pakistan. Its has been a long and difficult one, beginning as it did practically with the birth of Pakistan. The gradual process of disillusionment came to a head with the formation of **One Unit** in which the unholy intentions of the Punjab military and bureaucracy become clear. The final curtain was ripped open with the military "Coup" of **Ayub Khan** in October 1958.

The Martial Law regime brought the naked domination of the military and civil bureaucracy of the Punjab and

it became clear that their intention was to neutralise the Non-Punjab majority and to run the country in their own interests. This period marks the begining of the organized resistence in Sindh.On the political level the united front was formed against **"ONE UNIT"** in which senior political leaders as well as younger workers and intellectuals joined together and a popular movement was organised. Although the Marital Law banned all political activity the popular movement gained strength so that at the end of the Ayub regime the successding military ruler had no option but to prevent the mobilization of the people behind the anti **"ONE UNIT"** movement.

The elections of 1970-1971 and the subsequent denial of power to the elected majoriy, the military action in **East Pakistan** led to the creation of **Bangladesh**. In the post Bangladesh remanent of Pakistan the fate of the smaller provinces was clear as could be seen by political analysts even then. They had no security or remedy against the actions of the usurpers of power in Pakistan.

The civil and military bureaucracy acted with cynicism. After their humiliating and total defeat in Bangladesh they could not have been tolerated by the public hence they put in Z.A. Bhutto who had been a willing tool and co-conspirator, as the CNLA to rule the country in the interim period. Mr. Bhutto was accepted by the world as the head of a democratic government. Which was a misapprehension. Bhutto was a front man for the military. He revived the strength of the shattered army. He negotiated with India for the release of the 90,000 P.O.Ws. He gave the military time to recover from their humiliation. As soon as they were ready they got rid of Bhutto and came back again to rule the country openly.

The Sindhi nationalist had opposed the Bhutto regime precisely because it was a front for the real power in Pakistan i.e. the military. **Bhutto could not do anything substantial** for Sindh or deal with any of its geniune grievances. He destroyed the remnents of democracy in Pakistan by dismissing the NAP governments in Baluchistan, and NWFP and by taking military action in Baluchistan. In Sindh he did some cosmetic work by

giving unconfirmed jobs to his supporters and making a lot of publicity. At the same time he tried systematically to divide the people and to destory the nationality. During his regime the nationalists suffered severe setbacks.

But his execution gave renewed strength to the movement as overnight he became a Sindhi Martyr.

From July 1977 the nationalist struggle entered a new phase in Sindh. The simple public which had seen Pakistan being ruled by a Sindhi and who had listened to the emotional speeches of Bhutto were utterly disillusioned and shocked by his execution. They felt that a Punjabi ruler could never have been executed in this way. They said openly that in Pakistan Sindh could not expect justice and although there was no uprising at that time partly because of the precautions taken by the regime and partly because of the disorganisation and weakness of the P.P.P. leadership, the feelings of shock and disillusion went deep in the people.

The third martial law regime of Pakistan, unlike the previous two was a very visible military government. In Sindh the Army presence was everywhere. There were military offices and military courts at provincial, district and taluka levels. The military took upon itself not only the arbitrary system of 'Justice' of Summary Military Courts but also the duty of imposing Islam as they understood it, on the people of Sindh. Humilations were heaped upon the people of Sind for flimsy reasons for non fasting etc., They went into people's homes and broke their cooking pots and beat and humiliated the people. The brunt of their wrath fell on the student community particularly the nationalist students who formed the large majority of students, and who controlled the universties and colleges.

Students were arrested, imprisoned, flogged and tortured on the filmsiest of excuses. Writers and Intellectuals were harrased and a police or military state in its harshest sense was functioning in Sindh. Morever the military administration set up 'New Sindhi Students Organisations' recruited from Punjabi settlers and gave them money and arms to fight with the Nationlist Students. Numerous encounters took place particularly

in Liaquat Medical College where a sizeable number of Punjabi students had been given admission.

In 1981 the military occupied Sind University, put barbed wires round it and established a military court in the main library. In the period of a few years thousands of students were jailed and tortured which meant in effect that thousands of villages of Sindh were directly involved in the repression and became politically conscious and motivated.

**"Against this background MRD (Movement for Restoration of Democray) gave a call for a movement of passive resistance on 14th August, 1983. The result was that the towns and villages of Sindh boiled over after the years of simmering resentment and anger. The events 1983 saw a unique phenomenon of a rural people confronting the armed might of the state. Hundreds of people died in the struggle and Sind was forever on the world map as a factor to be reckoned with."**

In the post MRD period it became clear that the public of Sindh was extremely uneasy and bitter at the failure of the MRD leadership to guide them. The people did not understand the 4 points and were in fact struggling for their emancipation and for their rights. The MRD leaders brought them on the streets but could not carry the struggle to a successful conclusion. The public of Sindh was finally disenchanted with the idea of democracy within Pakistan.

The confrontation of the people with the military had also removed all fear of the military from the minds of the people and it could be foreseen that the consequences of this developement would be far reaching. Very quickly reports started coming in of 'Daciots' who were operating in the countryside and legends grew up about them reminscent ot Robinhood. Nadir Jiskani and Paroo Chandio became household names. Hundreds of dacoits sprang up throughout Sindh and the police proved helpless against them. The military government had either to admit its helplessness against them, In this matter or take stroger action. They deployed para military force (Frontier Constabulary) and inducted 'Hurs' into the 'Anti Dacoity Force'. The situation

became much worse because 'Hurs' and the para military, unable to find the actual dacoits raided villages burnt them and took away cattle and the belongings of the villagers. **These Search and Destroy operations were most widespread in Larkana, Dadu, Sukkur, Nawabashah, Hydrebad districts.** The government then deployed the military against the '**daciots**' but with not much success. In a number of spectacular operations '**daciots**' managed to kill para military and army personnel thus demoralizing the army in Sindh. On 7th October, 1984 in a dramatic incident near Dokri in Larkana district daciots ambushed the military and killed officers 1) Captain, 2) Lieutenants and two soldiers fairly near the airport on a much frequented road. Ten days later the military ambushed two student buses on their way from Jamshoro to Larkana at the Thori Railway Crossing and were ambushed and shot up. At least six students were killed and many injured. This incident was the third major incident in which students had been victimized by the authorities and was much the worst.

The two earlier major incidents were (1) at Mehran University in May 1983 when a large posse of police dispersed a peaceful procession of Students making legimate demands, their hostels surrounded and firing at the hostel carried on for over 4 housrs in which one student was killed and a large number wounded.

(2) The second incident was at "Sind Medical College hostel on 14th August, 1984 when Sindhi students were trapped and about 200 arrested and taken to thanas. Although a Sindhi boy was shot and killed in this incident, only Sindhi students were arrested and ten of them were charged with murder. Out of these 8 are still in prison under the charge of murder.

(3) The Thori incident is the third major incident and the most serious one. This has led to a wave of intense anger and protest throughout the province and there is an out cry against military high handedness. The people of Sindh have come up as one in the support of this cause.

A significant factor in these events is the military attitude to Hindus. In the M.R.D. movement it was commonly said in the Punjab press that Hindus were behind it. When the students

are interrogated they are asked if they are getting help and money from India. Hindus students are accused of being Indian agents and are being tortured and harassed to make them confess to these crimes. In the S.M.C. incident most of the students under the Murder charge are Hindu students. In the Mehran university incident innocent Hindu boys were given severe punishment for no crime at all. In the Thori incident again they are subjected to torture and are being asked to confess to charges of being agents. As result there is a feeling of insecurity and fear among the Hindus who feel that they have no chance of getting education for their children or a future for them. Punjabis are openly demanding that Hindus should not be taken into educational insitutions.

It is obvious that there is wide spread insurrection going on in Sindh The population is totally disaffected. They are looking here and there for salvation. **When Mrs. Gandhi was assasinated, from Islamabad to Karachi Sindhis were openly told 'your mother is dead' and old woman from Thatta said 'yes, but our brother is very much there' The situation is ripe for bursting and cannot predict what shape or form this explosion will take.**

I have not discussed the economic exploitation and the planned consipiracy to turn the Sindhi people into a minority in their own province but the people are well aware of it and also of the plan to destroy Sindhi language and culture, they however feel that even if today they get guarantees that their language and culture.... will be safeguarded and that they will get jobs and their landwill not be grabbed by outsiders, they will not be prepared to accept these guarantees because these are at the sweet will of the Punjabi rulers and there can be no genuine guarantees within Pakistan.

**دبئي، ١١-٢-١٩٨٥**

پياري ڀيڻ سويتا ۽ پيارا ڀاءُ ڪيرت،

ٻئي ڀل سدائين هڪ ٻئي جو سنيهه ۽ ساٿ ماڻيو.

منهنجو هڪ خط، سويتا جي خط جي جواب ۾ لکيل مليو هوندوَ. ٻه ٽي ڏينهن ٿيا ته ڪيرت، توهانجو خط مليو. توهانکي اَسانجي سنڌ بابت لکيل تاثرات موهيو، اِهو پڙهي اَسين بيحد خوش ٿياسين ۽ توهانجي خط وڏيڪ آماده ڪيو آهي لکڻ لاءِ. جيڪو مواد توهان وٽ آهي سو ته اَڃا اَڌوَڳبارو مس آهي.

توهين، موقعو مليوَ ته ٻه سنڌ نه وڃجو. ويندا ته ديوانا ٿي موٽندا. شُڪر ٿيڻي پوندوَ، اَسان وانگر نئين سِر. جيئن نه ٻار روئي روئي ساڻو ٿي پوندو آهي، پوءِ ماءُ جي ٿڃ مليس ته ڇڳِڙو وٺي سک جي ننڊ ڪندو آهي ... ڪجهه اَهڙي قسم جي ننڊ سنڌ ۾ ڇڻ ملي ۽ پوءِ اَچانڪ ٻار کي ڇڪي ڪري، ماءُ جي ڇڳِڙ زوريءَ ڇڏائي ڪٽي ڦٽو ڪيو ته ٻڌايو ته ڪيئن ڦٽڪي ڦٽڪي روئندو اُهو ٻار .....

اسين دل ئي دل ۾ ائين ڦٽڪي ڦٽڪي روئي رهيا آهيون. ان ڪري ڀاءُ، توهين نه وڃجو سنڌ.

سويتا پياري، فئبروريءَ جو مهنو ڇاڻ پورو ٿيو. مارچ ۾ تون رٽائر ڪندينءَ. تنهنجيءَ سالن جي محنت ۽ تپسيا جو ڦل پڪ توکي رٽائرڊ لائيف ۾ ملندو!

وري ٻئي دفعي.

**سڪ وچان، توهانجا،**

**ڪلا-موتي**

---

**دبئي، ١٩ مارچ، ١٩٨٥**

پيارا ڪيرت،

توهان سان ٽيليفون تي ڳالهائڻ بعد اوهانجو خط پهتل آهي. جواب بروقت نه ڏنم، اِهو سوچي ته توهان ڀل دهليءَ مان ٿي اچو ۽ ٻيو ته سنڌ مان پڻ ڪنهن اَحوال اچڻ جو انتظار هو. سنڌ مان ته ڪنهن قسم جو احوال ڪونه آيل آهي. لڳي ٿو تهساٿي پاڻ ۾ پيهي ڪو پيغام موڪليندا. هاڻي ته ٻنهي مُلڪن ۾ هُل هنگامو ٿريو آهي. سانهن-ستيءَ سان ڪجهه سوچي اَڳتي

وڏي سگهجي ٿو. وڏي تڪليف اها آهي جو اسان ’جهت پٽ‘ ڪميونيڪيشن جو ڪو سرشتو جوڙي نه سگهيا آهيون. منهنجو اِهو اشارو، اسان ۾ سنڌ وارن دوستن جي نسبت ۾ آهي. جيڪڏهن اڳتي ڪڏهن وڃڻ ٿيو ته هن ڏس ۾ ڪوشش ڪبي. هاڻي ته ارادو اِهو آهي ته جڏهن به بمبئي اچڻ ٿئي، ڪراچيءَ ۾ ٢٤ ڪلاڪ ئي سهين ٽرانزٽ ۾ ضرور رهڻو آهي، جو ائين هڪ اڌ دوست سان Contact رهي.

گذريل هفتي ايس. پي. مينگهاڻيءَ جي آمد ۾ ڪن دوستن جي گهر ۾ ماني هئي. اُتي رام بخشاڻي پڻ آيل هو، جنهن پنهنجي رٽ ۾ اوهانجي خط جي ڳالهه ڪئي. موتيءَ ڪيس اوهانجي خط جي ڪاپي ڏيڻ لاءِ چيو. مون مسٽر بخشاڻيءَ کي هڪ تفصيلوار خط لکيو آهي، جنهن جي ڪاپي موڪلي رهيو آهيان - اوهان پنهنجي رايي کان واقف ڪندا. منهنجو پيو مطلب اهو آهي ته هاڻي مسٽر بخشاڻي، گولاڻي ۽ ٻين اجاين عناصرن جي گهيرن ۾ آهي. هن کي ڪنهن نموني اهو ذهن نشين ڪرائڻو آهي ته جيڪڏهن هن کي ڪجهه ڪرڻو آهي ته اها اسانجي ئي گروپ آهي، جا ڪجهه سنجيدگيءَ سان سوچي سگهي ٿي ۽ ٺوس ڪم ڪرڻ لائق آهي. بخشاڻي ڪافي ذهين آهي، پئسي وارو آهي ۽ ڪافي Ambitious پڻ آهي. هن جي واڌو Plus Point اها آهي جو هو پرڏيهي آهي، تنهنڪري هتان جي پاڻاريدارن کي منجهانئس ڪو خطرو نه آهي، تنهنڪري هو Cementing force ٿي سگهي ٿو. مان چاهيندس ته جڏهن هوُ بمبئيءَ ۾ اچي ته توهان ساڻس گڏجڻ جي ڪوشش ڪريو. وري به مان ائين چاهيندس ته سڄي زندگي ٻين کي اڳيان ڪري پئي هليا آهيون، هاڻي توهان خود اڳتي وڌي اچو. هاڻي توهان جون جوابداريون ختم ٿيڻ تي آهن ۽ مان چاهيان ٿو ته توهان ڪڇ جي ڪنهن حصي کي آباد ڪريو. اُتي آشرم ٺاهي، جيڪي جوڙجڪي ڪم سوچيا اٿائون، اُنهن جي شروعات ڪجي ۽ سنڌ جي پرسان حال ڪري سنڌ کي پڻ ڪنهن قسم جي مدد ڪري سگهجي.

توهان کي ته خبر آهي، ته اِهو منهنجو ڪيترن سالن جو خواب آهي، پر زندگي ايتري ظالم نڪرندي، مون اهو ٿورو ئي سوچيو هو، جو پيٽ گذر ۾ ئي سڄي طاقت برباد ٿي ويندي؟

توهان شروعات ڪريو - چوندا ته توهان کي ’آشرم‘ لاءِ هڪ تفصيلي

رٿا تيار ڪري موڪليان. (مان هن پرديس ۾ رٿائن تيار ڪرڻ ۽ خوابن ڏسڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪري ٻه ڇا ٿو سگهان؟) جيڪڏهن ضرورت محسوس ڪندا، جڏهن چوندا، مان اچي شامل ٿيندس. زندگي اجائي وڃي رهي آهي، اهو احساس گهرو ٿيندو ٿو وڃي - خبر نه آهي باقي ڪيترا سال؟ ڪجهه ٻٽي نه ٻٽي، پنهنجي من جي سنتوش لاءِ ته ڪجهه ڪرڻ گهرجي نه. هاڻي ته منهنجي سوچ جي محور سنڌ بڻجي رهي آهي - جن سان ملڻ تي دل هڻي ۽ اُميد نه هئم ته ڪين گڏجي سگهندس، هاڻي ملي چڪو آهيان ۽ رنگه گهرو ٿي رهيو آهي.

سنڌ مان خبر اِها آهي ته سنڌ اَسيمبليءَ ۾ جيڪي شخص چوندجي آيل آهن، سي بنيادي طرح سنڌ سان ۽ سنڌ جي آزاد هئڻ جي هلچل سان همدردي رکندڙ آهن. مون چاچي محمد جعفر کي چيو آهي، جنهن سنڌ اَسيمبليءَ جي سيني ميمبرن جي لسٽ گهرائي ڏيڻ ۽ سندن لاڙن (attitudes) بابت اَحوال ڏيڻ جو اِنجام ڪيو آهي. اِهو دستاويز جيئن مليو، اوهان کي موڪليندس.

مون اَوهان کي اڳيئي خط ۾ لکيو هو ته توهان ڪوبه ڪتاب سنڌ بابت ڇپائيندا ته اوهان کي دبئيءَ جي سنڌي دوستن پاران هندستان جا هڪ هزار روپيا موڪليندس. سو اَوهان اِطلاع ڏيندا ته دوستن سان ڳالهه ڪجي.

اُميد ته سڀ دوست مزي ۾ هوندا. توهان جا ٻار ۽ سندن ٻار ۽ سوٽا مزي ۾ هوندا.

توهان هن طرف اچو ته مزو اچي وڃي.

توهانجو موهن.

---

دبئي، ٢٦-٣-١٩٨٥

پيارا ڪيرت،

اُميد ته مزي ۾ هوندا،

هن ڪان اڳه هڪ خط لکيو اٿم. اُميد ته پهتو هوندو. تنهن بعد ڇيٽي چند تي ٽيليفون تي ڳالهائڻ ٿيو. هيءُ خط اِئين واندڪائيءَ جي وندر جي حساب سان لکي رهيو آهيان. ڪالهه هتان جي اَخبار ۾ هڪ مضمون پڙهيو اٿم. مضمون جو سڏي نموني ته اَسان سان ڪوبه واسطو ڪونهي، پر اُن ۾ هڪ فقرو اَهڙو آهي جنهن مونکي ڪافي پريشان ڪيو آهي. حقيقت ۾ مضمون روس ۽ ڪيوبا جي ناتن بابت آهي ۽ اُن دوران

اِهو لکيل آهي تہ ڪئسٽرو ۽ چرنيڪو جا ناتا اِنڪري خراب ٿيا جو ڪئسٽرو چاهيو پئي تہ نڪارگئا ۾ روس آمريڪا خلاف سخت رُخ اَختيار ڪري ۽ نڪارگئا کي گهڻي مدد ڪري. پر روس جا پنهنجا حساب ڪتاب آهن. هو آمريڪا سان پنهنجي مُلڪ کان پري سڌي نموني مهاڏو اَٽڪائڻ نٿا چاهين پر هو پنهنجي مُلڪ جي پرسان ئي آمريڪا جي ڇاڙتي جي تنگہ توڙي آمريڪا جو اثر ختم ڪرڻ ٿا چاهين ۽ هن ڏس ۾ هو پاڪستان خلاف Unspecified قدم کڻڻ لاءِ تيار آهن. گورباشو، ضيا جي چِٽي ڪن مهت ڪئي آهي ۽ دب ڪيدي آهي تہ ”جيڪڏهن هو ترت نہ سُڌريو تہ کيس سڌو ڪيو ويندو.“ هاڻي هن خبر مونکي منجهائي ڇڏيو آهي. پاڪستان کي سڌو ڪرڻ لاءِ روس کي ڪهڙا Options آهن ۽ اُنهن ۾ سنڌ جي آزاديءَ جو سوال ڪهڙي نموني ٿو ڦبي؟

(۱) روس لاءِ سولو رستو تہ اِهو آهي جو اُتي روس پرست جنرل ملٽري ڪوُپ (COUP) ڪرائي ۽ اِئين مُلڪ کي آمريڪا جي چنبي مان آزاد ڪرائي. هن ۾ ڪيترائي مسئلا آهن، ڇاڪاڻ تہ آمريڪا جو، سڄي ملٽري مشنريءَ تي ۽ ملٽري جاسوسي کاتي ۽ وچولي آفيسر Cadre تي ڪافي اثر آهي. ملٽريءَ جو گهڻو حصو پنجاب مان آهي ۽ جنهن زميندار طبقي مان اُهو اچي ٿو اُن جي همدردي، طبقاتي لاڙي جي ڪري آمريڪا سان آهي. پنجاب ۾ جاگيرداري نظام جي ڪري ورڪنگ ڪلاس نہ جي برابر آهي.

(۲) راڄنيتي سطح تي ايم.آر.ڊي. جي مدد ڪري عوامي تحريڪ کي زور وٺائي ۽ ائين ضيا جو تختو اُلٽ ڪري. هن حالت ۾ پڻ سڄي آمريڪي طاقت ضيا جي هٿ ۾ آهي ۽ ويجهڙ ۾ شروع ڪيل راڄنيتي نانگيل ڦوسيل عوام جي من ۾ ڪافي مونجهاري پئدا ڪندي. ايم.آر.ڊي. وارا طاقت هٿ ڪري بہ وڃن تہ اڳتي هلي آمريڪا کي ڪيئن منهن ڏيندا؟ اِهو بہ ممڪن آهي تہ اڳتي آمريڪا کين استعمال ڪري؟

مٿين ٻنهي حالتن ۾ سنڌ جو الڳ ٿيڻ ۽ آزاد ٿيڻ ڏکيو ٿيندو. پر سنڌ ۾ قومي جذبو منهنجي مٿين ڇيد وانگر هوائي نہ آهي پر اُها هڪ وڏي حقيقت آهي. جنهن بہ مُلڪ ۾ قومي جذبو ايترو گهرو ۽ تکو آهي، اُتي جي ماڻهن کي گهڻو دٻائي رکڻ ممڪن نہ آهي.

روس لاءِ هڪ اهو پڻ رستو کليل آهي جو هو الڳہ الڳہ پرڳڻن جي آزادي پرست عناصرن جي مدد ڪن. پر اهو صرف ضيا جي مٿي جو سور

پيدا ڪرڻ لاءِ ڏيندو ۽ نہ ملڪ آزاد ڪرائڻ جي خيال ڪان. پر هن مان پڻ سنڌ کي فائدو ٿي سگهي ٿو. البت ڪجهہ محدود ئي سهين. اهو سڀ، جيتري قدر سنڌ جو سوال آهي، هندستان معرفت ٿي سگهي ٿو، جنهن ۾ توهانکي رول ادا ڪرڻو آهي. سو توهان ڪهڙو رول ادا ڪري رهيا آهيو؟

اُتان جويي صاحب جو ڪو نياپو نہ آيو آهي. خير اُتي ڪين مجبوري هوندي، پر بنيادي گهرجون تہ سائينءَ جون اُهيئي آهن :

**(۱) هٿيار، (۲) هٿياري سکيا، (۳) پئسو ۽ (۴) پرچار.**

جيئن مون اڳہ لکيو هو تہ وقت سنڌ سان نہ آهي، جيڪو بہ ڪرڻو آهي، جلد ۽ تمام جلد ڪرڻو آهي. اسان ڇا ڪري رهيا آهيون؟

مون کي اِها خبر آهي تہ هن سڄي ڳالهہ ۾ الڳہ الڳہ سطح تي ڪيترين ئي هيون پڻ agencies involved هونديون ۽ ضرور ڪجهہ ٿي رهيو هوندو، پر انهن اسان کي بي خبر رکيو ويو تہ اَسان ۽ جيڪي اَسان جا ساٿي مٿي آهن، ڪين چڱي طرح مدد نہ ڪري سگهنداسين. مان اهو بہ نٿو چاهيان تہ اَسان کي سڀ ٻڌايو وڃي ۽ اِهو ضروري پڻ نہ آهي، پر جيڪڏهن سنڌن رُخ جي صرف خبر پوي تہ سهوليت ڏيندي. اُتي تہ اسان جا ساٿي اِئين ٿا سمجهن تہ ڪيرت کي فون ڪري راجيو کي چوڻو آهي يا گورباشو کي چوڻو آهي، **”بابا سنڌ آزاد ڪرڻ جو خيال ڪيو آٿائون، هاڻي ڪڏهن ٿا آللہ توهان ڪيو؟“**

۽ ڪيرت فون ڪري موهن کي تاريخ ٻڌائيندو ۽ موهن اُها تاريخ ڪين ٻڌائيندو، واڌايون وري وينديون ۽ لبيڪ لبيڪ شروع ٿي ويندي. مونکي خبر آهي تہ اِئين ڪونہ ٿيندو پر نہ ڦوٽ نہ پوڏا! ادا اهو پڻ تہ ظلم آهي. ڪنهن نموني سنڌن مارل تہ قائم رکڻو آهي.

خط لکڻ شروع ڪيم واندڪائيءَ جي حساب سان پر هميشه جيان لکي ويس کي تمام گنڀير ڳالهيون. مون کي خبر نہ آهي تہ موهن ڪڏهن سڏرندو!

ڪلہ سدائين پڇندي آهي تہ سويتا رٽائر ڪيو؟ اُميد تہ سڀ ساٿي مزي ۾ هوندا. ٻار پڻ ٻارن سان مزي ۾ هوندا.

هن خط جو جواب ضرور ڏجو ۽ جلد از جلد ڏجو.

موهن.

دبئي، ۳۰ اپريل، ۱۹۸۵

پيارا ڪيرت،

اُميد تہ مزي ۾ هوندا.

ڪالهہ موتيءَ وٽ ويو هوس. وٽس اوهانجو ۲۵ تاريخ وارو خط آيل هو. اُهو پڙهيم ۽ رات اوهان سان ڳالهايم. اوهانکي منهنجو ۱۸ اپريل وارو خط نہ مليو آهي، جو اوهانجي ۱۲ تاريخ واري خط جي جواب ۾ هو. حقيقت ۾ خط جلد پهچندو، اهو سوچي هتان ڪو شخص اچي رهيو هو، اُن کي بمبئيءَ مان پوسٽ ڪرڻ لاءِ ڏنل هو. هتان جو اهو دستور آهي جو ڪير بہ نڪرندو آهي تہ ٽپالي ٿي نڪرندو آهي. لڳي ٿو تہ اُن همراهہ کي ايترا خط مليا آهن جو غصي ۾ اسانجو خط ڦاڙي ڦٽو ڪيو اٿائين. خط جي ڪاپي تہ مون ڪانہ رکي آهي، پر جيڪو ڪجهہ لکيو اٿم، مختصر ۾ هن ريت آهي :

۱۷ تاريخ شام جو چاچو گهر آيو هو. تمام شرمندو هو. چيائين تہ جنهن شخص کي خط ڏنو هئائين، سو ڪم ڪرڻ کانسواءِ واپس آيو آهي. هن همراهہ وٽ سبب گهڻيئي آهن - داستان گهٽ نہ آهن، قصو ڪوتاهہ، ڪم نہ ڪري آيو آهي. مون ڪيس ٽڪيٽ جي آڇ ڪئي ۽ وڃڻ لاءِ چيو، پر سندس خيال اِهو بينو تہ هو جوُن جي وچ ڌاري رمضان عيد جي موقعي تي هفتي لاءِ وڃي سگهي ٿو ۽ اُن بهاني سڀ ڪم ڪري ايندو. هن ڪان اڳہ ڪنهن کي موڪلڻ جي ضروُرت پيئي تہ مان پاڻ وڃي سگهندس، جيتوڻيڪ منهنجي خيال ۾ منهنجو وڃڻ، صرف هن ڪم لاءِ صلاح پريو نہ ٿيندو. پر توهان جيئن چوندا تيئن ڪبو.

توهان لکيو آهي تہ مٿي وارا 'جيئي سنڌ' وارن کي مدد ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهن ۽ سندن اُميدون پليجي جي گروپ ۾ آهن. هن سلسلي ۾ اها ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻي آهي تہ اها گروپ پاڪستان جي يڪ-مشتيءَ ۾ وشواس ٿي رکي ۽ چين ڏانهن مائل آهي. هن سڄي معاملي ۾ چين جو ڪهڙو رُخ رهندو، اهو وسارڻ نہ گهرجي. مان قبوُل ٿو ڪريان تہ 'جيئي سنڌ' هلچل صرف جذباتي سطح تي آهي ۽ سرفروش شاگردن جي ٻلبوتي تي منحصر آهي، تنهنڪري مون آزاد سنڌ ۾ وشواس رکندڙ عناصرن جي سياسي پارٽيءَ جو سُجهاءُ ڏنو هو ۽ Charisma جي خيال کان ڊاڪٽر حميده جي اردگرد پنهنجن

صلاحڪارن جو ٽولو ٺاهي اڳتي وڌڻ جي رٿ ڏني هئي. مان قبول ٿو ڪريان تہ مٿي وارن وٽ حاصلات هٿ ڪرڻ جا طريقا ۽ واهڻ گهڻا ۽ بهتر آهن، تنهنڪري هو فيصلو پڻ بهتر نموني ڪري سگهن ٿا، پر ڪي راجنيتي پيچيدگيون اسان سندن ڏيان تي آڻيون تہ بهتر ۽ اِهو طرف پڻ سندن ڏيان تي آڻڻ گهرجي. جيڪو رستو مون ڏسيو آهي، اُن ۾ محنت تمام گهڻي کپي ۽ صبر جي پڻ گهڻي ضرورت آهي، پر اهو سڄو مدار اُن تي آهي جو سندن Long Term ۽ Short Term مقصد ڪهڙا آهن.

مان دوست سوڀي جو چيد وساري نٿو سگهان تہ پنجابي پڻ پاڪستان ٽوڙڻ ٿا چاهين. بلوچستان ۽ فرنٽيئر اُنهن Write off ڪري ڇڏيا آهن، پر فيصلاڪُن جنگ سنڌ ۾ ٿي ٿيندي.

مٿيون آهي منهنجي ١٨ تاريخ واري خط جو ٿوري ۾ احوال.

اوهانجي ٢٥ تاريخ واري خط تي اچان، اُن ڪان اڳ هتي ڇا ٿيو آهي، اُنجو ڪجهہ احوال هن طرح آهي :

(١) ايم.آر.ڊي. ۽ پاڪستان پيپلس پارٽي مُمتاز علي ڀٽي جي ڪتاب ۽ رٿن تي کُلي طرح بحث ڪري پاڪستان جي آئين کي ١٩٤٠ جي ٺهراو جي بنياد تي نئين سر ڪانفيڊريشن ٺاهڻ جي ڳُهر ڪئي آهي (پوءِ وري خبر آئي تہ پيپلس پارٽي اَڃا تائين ٧٣ جي آئين تي زور پيئي ڏي.) خير، سياسي سطح تي اهو سڄو معاملو مُجيب جي ٦ پائنٽ پروگرام سان ٿو ملي ۽ حالتون اهڙيون بڻيون آهن جو پاڪستان اسان جي اَکين سامهون ٽُٽي سگهي ٿو.

(٢) ڪراچيءَ ۾ مُهاجرن ۽ پناڻن جي وچ ۾ جنگ. هن معاملي پڻ اسان جو ڏيان لهڻو. حقيقت ۾ افغانستان مان آمريڪا جي هشيءَ تي ضيا جا گود ورتل ڀائر سندس لاءِ ۽ سڄي پاڪستان لاءِ وڏي بيماري ثابت ٿيندا ۽ سندن هلت ڪري سماجي tension ۽ frustration وڌيڪ چٽي نموني ۽ تڪڙو پئدا ٿيندا ۽ اهو دباءُ پڻ پاڪستان کي ڪمزور ڪندو.

(٣) لنڊن ۾ سنڌ، بلوچستان ۽ پختون فرنٽ تيار ٿي آهي. جيڪڏهن هن فرنٽ چڱي طرح ڪم ڪيو تہ اها سلسلي جي هڪ نئين ۽ اهم ڪڙي ليکڻ گهرجي. (وري بہ هتي مان ساٿي سوڀي جو چيد وساري نٿو سگهان)

مطلب تہ آهستي آهستي قافلو وڌي رهيو آهي.

هتي دوستن جي دل آهي تہ ٢ جوُن، اَٽ ڏهہ دوست گڏجي

**راجا ڏاهيرسين** جو ڏينهن ملهايون. حقيقت ته اِها آهي، هتي ڪنهن به قسم جي سياسي ڪارروائي مُمڪن نه آهي. مقصد صرف سنڌ جي قوم پرست دوستن سان پاڻ ۾ گڏجڻ آهي ۽ کين ذهني طور تيار رکڻو آهي - هاڻي ته هو هتي درهام ڪمائڻ ۾ مشغوُل آهن. ڪي دوست سعوُدي عرب جي جِداح جهڙي شهر ۾ پڻ ڪا رنگت رچائي وينا آهن ته دوستن کي هتي پڻ ڪجهه رنگت آڻڻ جو خيال ٿيو آهي. هتي سياست کي ڪابه معنيٰ نه آهي ۽ مُمڪن نه آهي. پر دوستن جو خيال اهو پڻ آهي ته اوهان جهڙو شخص هتي هُجي ته اَوهانجي صرف خاموش موجودگي کين اُتساهه ڏيندي. توهان سوچي مون کي احوال جلد ڏيندا. هونئن ته اسان به چاهينداسين ته توهان اسان وٽ اچو.

هاڻي اچان توهان جي خط جي ڳالهه تي.

جيئن مٿي لکيو اٿم ته هتي ڪنهن به قسم جي سنسٽا ناهڻ غير قانوُني آهي، سو جويي صاحب کي هتي ڪو شخص، شخصي سطح تي ئي ڳهرائي سگهي ٿو. مون کي خبر نه آهي ته سندس پاسپورٽ ۾ سندس پيشو ڇا لکيل آهي، جيڪڏهن Business آهي ته ڪا تڪليف نه ٿيندي پر جيڪڏهن بيو ڪجهه آهي ته پوءِ ڪيس ڪنهنجو مائٽ ڏيڪاري ويزا تيار ڪرائڻي پوندي، پر اهي سڀ ڳالهيون اڳتي جون آهن. پهرين هوُ هتي اچڻ قبوُل ڪري، پاسپورٽ ڪڍائي ۽ تفصيل موڪلي. چاڪاڻ جو هو زندگيءَ ۾ پهريون دفعو ٻاهر نڪرندو، تنهنڪري هتي پاڪستان جو جاسوُسي ڪاتو پڻ سندس چوڪسي رکندو. پر اهو ڪاتو ته سندس ڪڍ ڪٿي به لڳو ويندو / رهندو، اُن جي ڪا چنتا نه ڪرڻ گهرجي، بشرطيڪ هوُ پاڻ اهو جوکم کڻڻ کان نه ڪيٻائي.

ٻيا ڪهڙا حال آهن - توهان اِتان جو ڪو نئون احوال ڏيو. اسانجا دوست ڇا پيا ڪن. اُتم-سُندري ڪيئن آهن؟ پوپٽي ڇا پيئي ڪري؟ موهن 'ڪلپنا' ڪلپنا جي محل ۾ اڃا گهڻو وقت سوُگهو رهندو؟ مالهي ٻن ٽن گُلن جي ٻوٽن جي اردگرد گهڻو وقت پنهنجو گلستان ناهيندو؟

توهان جا ٻار ۽ سندن جا ٻار اُميد ته مزي ۾ هوندا. سويتا کي ياد ڪندا رهندا آهيون.

حشو ڪيولراماڻيءَ جي ڪا خبر هجي ته لکي موڪليندا. مان ڪيس ڏاڍو ياد ڪندو آهيان.

اوهانجو،

موهن.

ڪراچي، ۳۰-۵-۱۹۸۵

قربائتا ڪيرت،

توهان جو پيار پريو پرزو پهتو ۽ اَحوال معلوُم ٿيو. يادگيريءَ لاءِ شڪريه. وڏا ۽ بزرگ آهيو، آءٌ ننڍو ۽ نيازمند. صرف خير جي دعا سان ياد ڪندا رهندا. والد سائينءَ جو علمي ۽ اَدبي، تاريخي ۽ تحقيقي، محققانہ معياري ۽ معلوُماتي ڪتاب ”تذڪره مشاهيرہ اَلسند“ جا سمورا جُلد سنڌي اَدبي بورڊ وارن شايع ڪرايا آهن. اَوهان مهرباني ڪري سنڌي اَدبي بورڊ، ڄام شورو، حيدرآباد مان سموُرو سيٽ گهرائي سگهو ٿا.

اَوهان جن بزرگن، عالمن، اَديبن، محققن، صحافين ۽ شاعرن جي متعلق پڇيو آهي، اُنهن جي باري ۾ صحيح ۽ صاف معلوُمات اَوهان ”سنڌالاجي“ جي ڊائريڪٽر ڏانهن خط لکي معلوُم ڪري سگهو ٿا، ڇو تہ اُنهن وٽ هن وقت ڪشمير کان ڪراچيءَ تائين سموُرن عالمن ۽ اَديبن جا سوانح حيات گڏ ٿيل آهن.

آءٌ پنهنجي والد سائينءَ جون تاريخون لکي موڪلي رهيو آهيان. مولانا صاحب جي ولادت ۲۷ رمضان المبارڪ سنہ ۱۳۱۱ هہ مطابق ۴ اَپريل ۱۸۸۴ع تي ٿي ۽ سندس وفات ۱۰ اَپريل ۱۹۵۰ع تي ٿي.

سائين، پنهنجي طباقت ۽ لياقت آهر مادر مهربان جي ٻاجهاريءَ ٻوليءَ جي خدمت ڪندو رهان ٿو. دعا ڪندا تہ اِنهيءَ علمي ۽ اَدبي نيڪ ۽ مُبارڪ ڪم ۾ ڏٺي ڪامياب ۽ فتحياب ڪري.

ٻيو سڀ شُڪر آهي. نياز ... بي انداز سڄي سنگت کي.

هن طرف ڪوبہ ڪم ڪار هجي تہ لکندا.

**توهانجو**

**(جونيئر) دين محمد وفائي.**

دبئي، ۲۱-۸-۱۹۸۵

پيارا ڪيرت، جيئي سنڌ.
اُميد تہ مزي ۾ هوندا،

موتي ۽ ڪلا جڏهن بمبئيءَ کان واپس آيا تہ خبر پيئي توهان جي طبيعت ٺيڪ ڪونہ هئي. ڇو ڀائي، ڇا ٿيو آهي؟ لڳي ٿو تہ ڪيترا سال سُني وئڪيشن ڪونہ ورتي اٿوَ. تنهنڪري جسم جي Renewal جي طاقت تي اَثر پيو آهي ۽ بيماري جلد حملو ڪري ٿي سگهي. توهان کي ڪجهہ وقت آرام جي ضرورت آهي.

مان هي خط سچوءَ جي پُٽ رويءَ هٿان موڪلي رهيو آهيان، جو گذريل ٻن هفتن کان اَسان وٽ دبئيءَ ۾ رهيل آهي.

سنڌ مان ڪا خاص خبرچار نہ آهي، ڇاڪاڻ جو Channels of Communications ڪم نٿا ڪن. تنهنڪري مون اِرادو ڪيو هو تہ مان هنن عيد جي موڪلن ۾ پاڻ ڪراچيءَ مان چڪر هڻي ايندس، پر لڳہ ڀڳہ ساڳئي وقت بي نظير پنهنجي پيءُ جي دفن لاءِ اُتي هوندي، سو دوستن اَهڙي ماحول ۾ مُنهنجو اُتي اڪيلي سر وڃڻ صلاح پريو نہ سمجهيو، جيتوڻيڪ وڃڻ ڪري مونکي مالي مُشڪلات کي ڪجهہ مُنهن ڏيڻو پوي ها. پر اِهي ڪم بہ تہ ڪرڻا آهن. اَخبارن ذريعي جيڪي خبرون اَچن ٿيون، اُهي سڀ هڪ طرف ٿيون اِشارا ڪن - ”سنڌ جي آزادي“ طرف. سڀ تاريخي طاقتون پاڪستان جي ٽُٽڻ لاءِ آهستي آهستي گڏ ٿي رهيون آهن، پوءِ ڀل سنڌ ۾ پاٽيءَ جو مسئلو هُجي يا شاهنواز ڀٽي جو سنڌ ۾ دفن ٿيڻ هجي.

سائين جي. ايم. هندستان جي اَخبار ’سنڌي‘ کي ڪو اِنٽرويوُ ڪُجهہ مهنا اَڳہ ڏنو هو، جو اَوهان پڙهيو هوُندو. پهرين تہ شروعات ۾ اُن جي آڙ ۾ جنرل ضيا بابت ڏنل بيان کي حوالي مان ڪڍي خوُب پبلسٽي ڏني ويئي ۽ سائينءَ جي credibility کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. جڏهن جنگہ ۾ سڄو اِنٽرويوُ ڇپيو (جنهن جي هڪ ڪاپي مان توهان کي موڪلي رهيو آهيان)، اُن بعد اَسيمبليءَ ۾ ڪيس سخت سزا ڏيڻ لاءِ ٺُهر ٿي رهي آهي ۽ پريس ڪيس لوئي رهي آهي ۽ ائين سائينءَ جي اِميج کي ختم ڪرڻ جي Campaign جاري

آهي. وري هن سان گڏ 'جنگ' جي هڪ ٻي ڪٽنگ موڪلي رهيو آهيان، جنهن ۾ 'سنڌو ديش' هلچل ۾ اندروني نفاق جي خبر آيل آهي. **عبدل واحد آريسر** ڪيترا سال تحريڪ جو چيئرمن تي رهيو هو. هاڻي حميده کي چيئرمن ڪيو ويو آهي. سو هر ڪنهن تحريڪ ۾ تفاوت ته ٿيندا رهندا آهن. لڳي ٿو ته آريسر 'ڪامريڊ' گروپ کي وڌيڪ ويجهو آهي ۽ سائين وقت جويي صاحب، جو پڻ ڪامريڊ گروپ کي ويجهو آهي، جا حميده سان ڏاتر ميل نٿا ڏسجن. ٻڌو اٿم ته ويجهڙ ۾ حميده لنڊن ويئي هئي ۽ اُتي هنن لبيا جي ڪرنل گدافيءَ سان مُلاقات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي.

مان هن سان گڏ ٻيون به ڪي ڪٽنگس موڪلي رهيو آهيان ۽ Cassette قومي گيتن جي ۽ هڪ عابده جي موڪلي رهيو آهيان.

منهنجي اِتي اچڻ جو اَٽڪل نومبر ۾ پروگرام آهي. سو گڏجي دهليءَ هلڻ مُمڪن ٿيندو؟ اَحوال ڏيندا. هتي منهنجي آفيس لڳ ڀڳ بند ٿي ويئي آهي. هاڻي صرف ٢ ڄڻا وڃي بچيا آهيون. خبر نه آهي ته اسان ٻه ڄڻا پڻ ڪيترو وقت هلنداسين. هن عمر ۾ جڏهن مان ذري گهٽ ٥٠ سالن کي ڏڪ هڻي رهيو آهيان، وري رستي تي اَچي نوڪريءَ لاءِ پٽڪڻ، ڪُجهه ذلت جو اَحساس ٿو پيدا ڪري. هن عمر ۾ ته ٻيا service تان رٽائر ڪرڻ جون تياريون ڪندا آهن. ذهني طور منهنجو حوصلو تمام پست ٿي پيو آهي. هن ذهني بُحران جي ڪري ڪيترو وقت چاهيندي به اوهانکي خط نه لکي سگهيو آهيان. زندگيءَ ۾ ڪيترا ڪم رهيل آهن، وقت هوندي پڻ ڪو ڪم ڪرڻ پُڄي نٿو ... هڪ عجيب دماغي Lethargy جو شڪار ٿي پيو آهيان. ڪابه ڳالهه Inspire ئي نٿي ڪري.

خير توهان هتي اچڻ جي پروگرام مان واقف ڪندا. موتي چوي ٿو ته ٻن ٽن مهنن بعد ايندا، پر اِهو ته ڪيترن سالن کان پيا ٻڌون. ٻار ۽ سويتا ڪيئن آهن. تفصيلي اَحوال ڏيندا.

سلام سيني دوستن لاءِ،

توهانجو

موهن.

دبئي، ٣ سپٽمبر، ١٩٨٥

پيارا ڪيرت،

اُميد تہ مزي ۾ هوندا.

تيون ڏينهن اوهان سان ڳالهائڻ ٿيو. مزو اچي ويو، پر هن ڳالهہ جو فڪر پڻ ٿيو تہ اجا ڪمزوري آٿو. حقيقت ۾ مان بيمار يا ڪمزور ڪيرت جو تصور ئي نٿو ڪري سگهان. خير، آخر عمر سان بہ هر ڪنهن کي نباهڻو پوي ٿو. هتي اسان سڀ مزي ۾ آهيون. حقيقت ۾ روپ بمبئي ١٥ ڏينهن لاءِ آيل هئي، پر توهان سان گڏجي نہ سگهي. بار تہ هتي مهنو ڪن هئا. مون هتان بمبئيءَ اچڻ جو پروگرام اٽڪل ١٥ نومبر طئہ ڪيو آهي ۽ ويچار اِهو آهي تہ پاڪستان ايئر لائينس ۾ اچڻ سان ڪراچيءَ مان ڪُجهہ وقت ٿيندو اَچان ۽ مان اُتي ڊسمبر جي شروعات تائين رهندس. تنهن دوران دهليءَ هلڻ جو پروگرام پڻ تيار ڪرڻ گهرجي.

مان هن سان گڏ بہ ڪٽنگس موڪلي رهيو آهيان. هڪ سائين جي. ايم. جو ڪراچيءَ ۾ اِنٽرويوُ ۽ ٻيو حميده کُهڙو جو سنڌ، پختون، بلوچستان فرنٽ جو باني ميمبر ٿيڻ ۽ سندس بيان بابت.

سائينءَ جي اِنٽرويوُ مان ظاهر آهي تہ سندس اڳيون ضد تہ ”مان صرف پاڪستان کي ختم ڪرڻ بابت ڳالهائيندس“ هاڻي بدليو آهي ۽ هو سيني پرانتن جي گول ميز ڪانفرنس لاءِ تيار آهي ۽ سندس اهو خيال تہ پاڪستان روُس ۽ هندستان جي دشمني ترڪ ڪري ئي وجوُد قائم رکي سگهي ٿو. سندس اڳئين پاڪستان کي ختم ڪرڻ جي ضد کان بهتر ۽ وڏيڪ ڪارائتو آهي. وري ڊاڪٽر حميده جو سنڌ،بلوچستان ۽ پختون فرنٽ ۾ ’جيئي سنڌ‘ تحريڪ جي چيئرمن جي حيثيت ۾ شامل ٿيڻ پڻ هڪ صحيح قدم آهي. حقيقت ۾ توهان کي ياد هوندو تہ اسان پاران سدائين ڪين اهو سمجهائڻ جي ڪوشش پئي رهي آهي تہ سيني ننڍين قومن کي هڪ محاذ تي اچڻ کپي. سو حالتون تيزيءَ سان اَسان جي مقصد طرف وڌي رهيون آهن. اهو جيڪڏهن tactical measure آهي تہ تمام سُني ڳالهہ آهي. حقيقت ۾ ڊاڪٽر حميده کي هلچل جو چيئرمن بڻائي ’جيئي سنڌ‘ هلچل کي صرف شاگردن جي هلچل مان وڏائي راجنيتي تحريڪ جو رنگہ ڏنو ويو آهي،

(جيڪڏهن مان پنهنجي ڀُٽي ٿيڙيان تـہ مون هن ڳالهہ تي تمام گهڻو زور ڏنو هو) - اها هڪ حقيقت آهي تـہ سنڌ جي سياست تي اڄا وڏيراشاهيءَ جو اثر گهڻو آهي ۽ حميده جنهن طبقي مان اچي ٿي، اُن طبقي جو هلچل سان گڏ هئڻ اجوڪي حالت ۾ تمام ضروري آهي ۽ هاڻي اُهو طبقو هن هلچل کي اهميت ڏيندو. في الحال حالتون منهنجي دل وٽان ڦيرو کائي رهيون آهن. تحريڪ ڪڏهن وڏا ٽپا ڏيئي اڳتي وڌندي آهي ۽ ڪڏهن سالن جا سال هڪ هنڌ بيهي ويندي آهي. منهنجو اُنومان اِهو آهي تـہ هاڻي ضيا پنهنجي لاءِ اهڙو چار وچايو آهي، جو هاڻي آرميءَ وارن لاءِ ڪيس هٿائڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو چارو ئي نـہ آهي. It is only matter of time. مارشل لا سولو ختم نـہ ٿيندو. ضيا جو سائين جي. ايم. وٽ اچڻ بي معنيٰ نـہ سمجهڻ کپي. جڏهن پنجاب مان ڪيس ڪنهن خطري جي گهنٽي ٻڌڻ آئي آهي، تڏهن سنڌ جي Support لاءِ ڪوشش پيو ڪري.

حقيقت ۾ ضيا ۽ جي. ايم. جي گڏجاڻيءَ کي ٻين پهلن کان پڻ ڏسي سگهجي ٿو. هو ڀٽي جي زور ٽوڙڻ لاءِ جي. ايم. کي استعمال ڪرڻ ٿو گهري، پر آخرين چيد ۾ تـہ بنيادي طور تي ”جيئي سنڌ“ هلچل پاڪستان جي نظريي جي بلڪل خلاف آهي، تنهنڪري پيپلس پارٽيءَ تي ”جيئي سنڌ“ وارن کي ترجيح ڏيڻ پاڪستان لاءِ ڇڻ آپگهات قبولڻ ٿيندو. ٻيو پهلو هن جو اِهو آهي تـہ جيڪڏهن پاڪستان اَندر سنڌ ۾ جيڪو مسئلو پئدا ٿيو آهي، اُن جو حل جي. ايم. جي جيئري ئي ڳولهڻ نيڪ ٿيندو. جي. ايم. بعد ڪو خاطرخواه ڳاهہ نـہ ٿي سگهي شايد.

ضيا لاءِ جي. ايم. سان گڏجڻ جا مقيان سڀ يا اُنهن مان ڪوبہ هڪ سبب ٿي سگهي ٿو.

اسان تـہ صرف پيا دماغ ولوڙيون. اسان جي سوچڻ سان ڪجهہ تـہ ٿيڻو ڪونهي، پر اِها اَجائي سوچڻ جي عادت جا پرائي اَتون سو اسان پڻ عادت کان مجبوُر آهيون.

جيئن مون مٿي لکيو آهي تـہ مان ڪراچيءَ مان ٿيندو بمبئي اچڻ جي ڪوشش ڪندس ۽ توهان دهليءَ جو پروگرام تيار ڪريو ۽ وري ڊسمبر ۾ دبئيءَ جو پروگرام رکو. جيڪڏهن توهان سنڌ مان

هتي ڊبئيءَ ۾ ڪنهن سان گڏجڻ گهرو ته اهو بندوبست پڻ ڪري سگهبو. اُن حالت ۾ توهان ڊبئيءَ جو ڊسمبر جو پروگرام پڪو تيار ڪريو ۽ توهان ڪنهن سان گڏجڻ گهرندا، ٻه ٽي نالا لکي موڪليو ته من هڪ ڪي گهرائي سگهجي، ڇاڪاڻ ته اهو ممڪن آهي ته توهان جنهن سان گڏجڻ چاهيندا هجو، تنهن وٽ پاسپورٽ ئي نه هجي يا ٻاهر نڪرڻ تي بندش هجيس يا هو ڪن مجبورين ڪري نڪري نه سگهي. هاڻي ته پاڪستان ۾ سڀ ٽپال Censor ٿيندي، تنهنڪري ڪيترين ڳالهيون خط ۾ لکي نه سگهبيون ۽ هتان زباني نياپا موڪليا ويندا. چاچو محمد جعفر گهٽو ڪري هتان نومبر جي شروعات ۾ نڪرندو ۽ هڪ ٻيو همراه عطا محمد هتان گهٽو ڪري آڪٽوبر ۾ نڪرندو.

توهانجو

موهن.

---

صوفيه، بلغاريه، ١٠ سپٽمبر، ١٩٨٥

سائين ڪيرت،

اُميد ته خوش هوندا،

اَسين ڪجهه سنڌي دوست هت پڙهندا آهيون. هڪ سڄڻ کان اَوهان جي اَئڊريس ملي ته هي خط ٻه لکي رهيا آهيون ۽ ان سان گڏ هيءَ ڪامريڊ جام ساقي جي جيل مان ڪيل تقرير ۽ پيغام جي مُڪمل لکت ٻه موڪلي رهيا آهيون. اُميد ته پسند پوندي.

سياست سان گڏوگڏ سنڌي اَدب سان ٻه لڳاءُ اَٿئون. ڪجهه سال اڳ ڏيهه ڇڏيو هيوسين ته اُتان جو اَدب ۽ سياست ٻئي زبردست جبر ۽ تشدُد جو شڪار هيون. سطحي طور تي لڳندو هو ته پڙ پينگه آهي. رسالن، ڪتابن ۽ اَدبي ڪچهرين جي اٺاٽ هئي. پر اَندران ئي اَندران مزاحمتي اَدب ڪَرَ مروڙي رهيو هيو. ٨٣ جي جدوجهد دوران ۽ اُن کانپوءِ ته خاص طرح سان سنڌي افساني ۽ شاعريءَ ۾ زبردست واڌارا ٿيا هئا پر سخت پابندين جي ڪري اِهي لکت ۾ سهيڙجي نه

سگهيا. پنهنجي وقت جي اِنتظار ۾ آهن. اِنهيءَ جهد-و-جهد دوران سنڌ ۾ ١٠٠٠ کان وڌيڪ ماڻهوَن شهيد ٿيا ۽ ١٥٠٠٠ کان وڌيڪ جيلن ۾ اُڇلايا ويا. اَوهين اُنهن تفصيلن کان واقف هوندءَ.

پيو تہ اَسان وٽ هتي سنڌي ڪتابن جي کوٽ آهي. ڏيهہ ڇڏڻ وقت مُشڪل حالتن جي ڪري صرف شاهہ سائينءَ جو رسالو ئي کڻي سگهيا آهيون. اَوهين، ڪي سگهي تہ ڪُجهہ رسالا ۽ نوان ڇپيل ڪتاب ۽ پنهنجا لکيل ڪتاب اَسان ڪي موڪليو تہ ٿوراڻا رهنداسين.

اُميد تہ پنهنجو حال اَحوال ضرور لکي موڪليندا.

اوهانجو

محمد رفيق.

---

دبئي، ٢٣-٩-١٩٨٥

پيارا ڪيرت،

اُميد تہ مزي ۾ هوندا.

هن کان اڳہ توهان کي هڪ خط لکيو اٿم. حقيقت ۾ اُهو خط گهڻ Stamps لڳڻ ڪري ڪيترن ڏينهن بعد مون وٽ واپس اچي پهتو ۽ پيون Stamps لڳائي ترت وري روانو ڪيم. اُميد تہ توهان کي پهتو هوندو. اُن خط ۾ اخبار جون ڪي ڪٽنگس هيون. اُن خط جي آخر ۾ مون اوهان کي پنهنجي پروگرام ۾ بدل سدل بابت لکيو آهي. شروع ۾ منهنجو اِتي نومبر ۾ اچڻ جو اِرادو هو، پر هن مهني جي آخر ۾ سندر هتي دبئي اچي رهيو آهي. ڪالهہ نيوُ يارڪ ۾ ساڻس فون تي ڳالهہ ٻولهہ ٿي آهي، پر سندس شرط اِهو آهي تہ مان ساڻس گڏجي هندستان اَچان. گڏجي اَچڻ تہ صلاح پريو نہ ٿيندو، پر مان هتان آڪٽوبر جي ١٠ تاريخ ڌاري نڪرڻ چاهيندس ۽ اُتان وري ١٥ تاريخ توهان سان گڏجي دهليءَ هلڻ چاهيندس، توهان مهرباني ڪري پروگرام اهڙي نموني ٺاهيندا. سندر ڳالهہ ڪئي تہ ٢٠ تاريخ جئپور ۾ ڪو سيمينار آهي. دهليءَ مان هلي جئپور ۾ اهو سيمينار attend ڪرڻ جو ويچار آهي. دهليءَ مان ١٧ يا ١٨ تاريخ جئپور هلڻ جو

ويچار آهي ۽ جئپور مان وري ٢٢ يا ٢٣ تاريخ نڪري، بمبئي پهچبو ۽ ٢٥ تاريخ دبئي روانو ٿبو. ٢٣/٢٤ بمبئيءَ ۾ ڪن دوستن سان رهاڻ ڪرڻ جو ويچار آهي. جڏهن Final ٿيو تہ سڀ تفصيل تيار ڪري توهان کي موڪليندس. في الحال دوستن جي صلاح سان ڪراچيءَ وڃڻ جو پروگرام ملتوي ڪيو اٿم، ڇاڪاڻ جو سنڌ ۾ مون جن سان گڏريل سال ڳالهيون ڪيون هيون، هوُ مون مان ڪنهن نئين Information يا سرڪار جي assessment بابت اُميد ڪندا ۽ دهليءَ مان ٿي اَچڻ ڪانسواءِ اُن کي ڪنهن قسم جي دلداري نہ ڏيئي سگهبي.

مينگهاڻي هتي ٢٧ تاريخ اَچي رهيو آهي ۽ سندس پروگرام ١٠ ۽ ١١ آڪٽوبر هتي آهي، تنهنڪري شايد پروگرام ۾ ٻن ڏينهن جو فرق پوي.

بمبئيءَ ۾ مان گوبند پنجابي، گني سامتاڻي، پوپٽي ۽ شيام جئسنگهاڻيءَ سان مُلاقات ڪرڻ چاهيندس. ٻين دوستن سان ٽيليفون تي رام ست ڪبي. مُمڪن ٿي سگهيو تہ راهيءَ سان پڻ گڏبس ۽ ڪلياڻ آڏواڻيءَ سان پڻ گڏجڻ جي ڪوشش ڪندس.

دهليءَ ۾ نارائڻ شيام، تيرٿ بسنت، هرو سدارنگاڻي ۽ توهان جي دوست سان گڏجڻ چاهيندس. ٻيو ٻڌو اٿم تہ مسٽر ٽڏاڻي، دهليءَ ۾ اِنجنير آهي، راجيو گانڌيءَ جي inner سرڪل جو شخص آهي - اُن سان پڻ مُلاقات ٿي سگهي تہ بهتر.

ڇاڪاڻ جو مان اُتي صرف ٻہ هفتا هوندس ۽ مُنهنجي گهر ۾ ٽيليفون وغيره جهڙي سهوليت ڪونہ آهي، تنهنڪري اهو سڀ ڪم رتائني ڍنگ سان ڪرڻو پوندو ۽ مان پنهنجو پروگرام تيار ڪري ايندس. اوهان گهٽ ۾ گهٽ دهليءَ ۾ تہ سات ڏيندا، اها پڪ اٿم ۽ ٻيو پڻ جتي وقت ڏيئي سگهندا، هلندا.

وڌيڪ ٻئي دفعي.

توهان جو

موهن.

صوفيہ (بلغاريہ)، ۱۹-۱۰-۱۹۸۵

ڪيرت سائين،
اُميد تہ ڀلا هوندؤ.

اَوهانجي خط جو اِنتظار رهيو، جو ملي ويو. اَوهانجي وڏي مهرباني. اُميد تہ آئينده بہ اِهي قرب ڏيندا رهندا. خط سان گڏ هي مواد اُماڻي رهيا آهيون، جو ٿوري وقت ۾، پنهنجي حيثيت آهر شايع ڪيو اٿئون. هنن ۾ ڇهہ پوسٽر آهن، جن ۾ هڪ اسانجي ''شاگرد تنظيم'' جي ليڊرن امداد چانڊيو، محمد خان سولنگي ۽ شير محمد منگريو جو بہ آهي، جي همراه سزا جو مواد پورو ڏيڻ جي باوجود قيد ۾ آهن. ''اسٽرگل'' ۽ ''نوجوان'' نالي بہ رسالا، وقت بہ وقت، يورپ ۽ آمريڪا ۾ پڙهندڙ پاڪستاني شاگردن لاءِ ڪيندا رهندا آهيون. تن جون بہ پنج ڪاپيون آٿو. ''نوجوان'' جي ٻن شمارن ۾، ڪامريڊ ساقيءَ جون ٻئي تقريرون (جي اَوهانکي مليون آهن) اُردوءَ ۾ ترجمو ڪري ڇاپيون آهن. اُنهن جي باري ۾ پنهنجا خيال ضرور موڪليندا.

اَسين بلغاريہ مان، هتان اوهانکي ڇا موڪلي سگهُون ٿا؟ ضرور لکي موڪلجو. هتي شهر ۾ بہ ڪتاب-گهر انگريزي ڪتابن جا آهن، پر اتي ڇڙو سويت يونين جا ڇپيل ڪتاب ملندا آهن. اَوهان جيڪڏهن موضوع لکي موڪليو تہ وقت بہ وقت هتي نوان ڇپيل ڪتاب جلد پهچندا آهن، تہ اَوهانکي اماڻي سگهجن.

ٻيو تہ سائين - آءٌ شڪارپور جو آهيان، ٻيا دوست سنڌ ۽ ملڪ جي مختلف حصن جا بہ آهن، پر اَسين 'هت جتي' پڙهي رهيا آهيون، جنهنڪري، خاص حالتن جي ڪري ۽ دوستن جي هدايت تحت ڪجهہ احتياط ڪري رهيا آهيون - ۽ ڪاهوڙين جا تہ ڪي نانوَ ئي نہ ڏيندا آهن - اَوهين پاڻ واقف آهيو.

خط سان گڏ هي لطيف سائينءَ جي درگاه جي تصوير بہ آٿو. آءٌ پاڻ سان کڻي آيو هوس. اُميد تہ پسند ايندي.

ٻارنهن سال کن اَڳہ مون اوهانجو ڪتاب 'ادب ۾ قدرن جو سوال' ۽ ٻيون ڪجهہ لکيتون پڙهيون هيون. تڏهن آءٌ ننڍو هوس. تنقيدي اَدب مون لاءِ مشڪل هو. البتہ ڪهاڻيون ۽ ناول شوق سان پڙهندو هوس. جي پنهنجي زبردست اثر ۽ منهنجي ڪچي دماغ

ڪري لڙهي وينديون هيون ۽ مختلف رجحانن ۾ تميز ڪري نہ سگهندو هوس. سو ڪتاب کي مان چڱيءَ طرح Grasp تہ نہ ڪري سگهيو هوس، پر ان مان مون پنهنجي لاءِ اهڙا دليل ضرور چونڊي ڪڍيا، جن خيالن جي جنگاڻ کي سمجهڻ ۽ پاسي وٺڻ ۾ مُنهنجي مدد ڪئي. هينئر هتي آءٌ فلسفي کي خاص مضمون جي طور تي پڙهي رهيو آهيان.

بيو تہ مختصر ئي سهين، پنهنجي باري ۾ ضرور لکندا. سنڌ ۾ اوهين ڪٿي رهندا هئا؟ وغيره.

ڪتاب اوهين ضرور موڪليندا، ٿورائتا رهنداسين.

**توهانجو**

**محمد رفيق.**

---

دبئي، ۹-۱۱-۱۹۸۵

پيارا ڪيرت،

اُميد تہ مزي ۾ هوندا.

هتي آئي هفتو کن ٿي ويو آهي ۽ هفتي بعد هيءُ خط لکي رهيو آهيان. اسان جي حالت اها آهي تہ دبئيءَ ۾ ذهني طور هندستان ۾ هوندا آهيون ۽ هندستان ۾ اچون تہ ذهني طور دبئيءَ ۾ هجون! آخر اِهي سڀ ذهني اُلجهنون پنهنجيون ئي پاليل آهن. هتي بمبئيءَ ۾ هوندي ڪلياڻ نہ وڃي سگهيس ۽ ڪلياڻ وارن دوستن سان گڏجي نہ سگهيس، تنهن لاءِ افسوس آهي. پر منهنجي هيءَ trip بہ تہ تمام مختصر هئي ۽ جئپور ۾ بہ ڪافي ڏينهن لڳي ويا، پر اُن جو ڪوبہ افسوس ڪونہ اٿم. جئپور ۾ رهندي مون هر گهڙيءَ کي ماڻيو پئي آهي. اڃا تائين هُتان جو نشو لٿو ئي نہ آهي. راهي ۽ گني کي ڪونہ گڏجي سگهيس، تنهن ڳالهہ جو پڻ ڏک اٿم. خير، جلد وري ايندڙ سال سيني دوستن سان مُلاقات ٿيندي، اهڙي اُميد اٿم.

هتان جي دوستن سان مون ڳالهہ ڪئي، جيڪا سوکڙي اوهان کي ڏني هئم، اُها پوپٽيءَ کي پهچائيندا، پل تہ هوءَ ڪم آهي. اُميد تہ شيام ۽ سريچند جلد ڪم کي لڳي ويندا. بهتر آهي تہ پوپٽيءَ سان

هڪ ميٽنگ وري ڪن. مان پوپٽيءَ کي لکان ٿو، اُميد آهي تہ ڪم جلد شروع ڪندا. هروُ سدارنگاڻيءَ جي ڪتاب لاءِ پئسن جي جڏهن ضرورت پيئي، پهچائيندا سين. هتي پڻ سيني ساٿين کي Confidence ۾ وٺي تنهن بعد لکي رهيو آهيان. جيڪڏهن منهنجي اها رٿا اڳتي وڌي تہ مان ائين سمجهندس تہ مُنهنجو هتي اچڻ سڦايو ٿيو.

گذريل هفتي هتي پرشوتم ساولاڻي آيل هو. ڳالهہ ڪيائين، سائينءَ موهن گيهاڻيءَ نالي .شخص خلاف وارنٽ جاري ڪرايو آهي، جو سندس ڪتاب ڪٽي ويو ۽ جتي پهچائٽو هوس، اُتي ڪونہ پهچايو آٿائين. مون ڪيس سربستي حقيقت کان واقف ڪيو ۽ عرض ڪيومانس تہ سائينءَ کي حقيقت ٻڌاءِ. سائينءَ کي اهو نياپو پڻ موڪليو آٿم تہ سندس ڪتاب ڇپايو ويندو. سو هاڻي اُوهان جلد ڪتاب ڇپائڻ جي تياري ڪريو. اَسان جيڪا جوابداري کنئي آهي، اُها نباهيندا سين.

ٿيون ڏينهن اَسانجو ساٿي عطا محمد ڀُٽ مان ٽي آيو آهي. ...دس تاثر هن ريت آهن -

(١) سنڌ ۾ ذهني طور هر ڪنهن طبقي پاڪستان جي ٽُٽڻ جي حقيقت قبول ڪئي آهي. هرڪو اِهو محسوس ڪري رهيو آهي تہ پاڪستان ٽُٽڻ گهرجي ۽ ڪين وشواس آهي تہ پاڪستان ٽُٽندو ۽ جلد ٽُٽندو. (جيتوڻيڪ هن feeling جي ڪنهن خاص سبب ۽ Concrete رُخ تي روشني وجهي نہ سگهيو.)

(٢) ”جيئي سنڌ“ اِسٽوڊنٽ فيڊريشن ڪافي سرگرم آهي ۽ سندن ميمبر شاگرد مرڻ مارڻ لاءِ تيار آهن. (سندس چوڻ موجب ڪن کي گوريلا ترتيب پڻ مليل آهي) پر ڪين راجنيتي رُخ ڪونہ آهي ۽ نہ ئي ڪو سخت تنظيمي ڪنٽرول ۽ Maturity پڻ ڪونهي.

(٣) ڪن جو خيال آهي تہ سرڪار پاڻ ڌاڙا هٽائي رهي آهي، جيئن ملٽريءَ کي سنڌ جي اندروني ڀُوڻن ۾ ڇاوڻي هٽي وهڻ جو موقعو ملي ۽ اِئين سنڌ جي ڪيترن ئي ڀُوڻن ۾ ملٽريءَ جون ڇاوڻيون آهن. جڻ تہ سڄي سنڌ Occupied Territory ٿي پيئي آهي.

(۴) عطا محمد سائينءَ سان گڏيو. سائينءَ جي ڳالهائڻ سان ڪيس اِئين لڳو ته سندس همدردي وري به **آرسير** سان آهي ۽ Rank & File سطح تي آريسر سنو ورڪر ۽ غريب هئڻ ڪري ڪافي پيارو آهي ۽ اثر رکي ٿو. سائينءَ جي چوڻ موجب هُن **حميده** کي صرف ۱۱ ڄڻن جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جو چيئرمن مقرر ڪيو آهي ۽ هوءَ پل راڄنيتي سطح تي جوڙ توڙ ڪري سگهي، ڪري ۽ هوائي جهازن ۾ گهمي!

(۵) عطا محمد اَسان جي دوست **ظفر حسن** سان پڻ گڏيو هو، جنهن دوست هڪ ڳالهه جي انتظاري ڏيکاري آهي. سندس چوڻ آهي ته ڄامشورو چڱ ته هاٽي ئي سنڌو ديش آهي، آرمي يا ٻئي ڪنهن کي يونيورسٽيءَ ۽ هاسٽل ۾ گهرڻ جي جُريت نٿي ٿئي، جيڪڏهن ۽ جڏهن کُلي طرح آزاد سنڌو ديش لاءِ لڙائي ٿيندي (جا سندس خيال ۾ اَڻ ٽر آهي) ته آرمي سنڌالاجيءَ تي ضرور بمبازي ڪندي ۽ اسان جو سچو ورثو ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي - تنهنڪري ضروري آهي ته سنڌالاجيءَ ۾ جيڪو سرمايو آهي، تنهنجو Duplicate Transperencies & macro-films ٻئي هنڌ موجود هجن.

ظفر حسن جو ڏپ سؤ في صدي نه ته ڪافي قدر صحيح ٿي سگهي ٿو. تنهن هوندي پڻ اونڌهه ٿي نه ويندي. اهو ته جنگ بازن جو صدين کان رواج پئي رهيو آهي ته ڪاهه وقت ڪتب خانا ۽ ڪلچرل سينٽر جلايا ويندا آهن ۽ لُٽيا ويندا آهن، تنهن هوندي پڻ چڱو سرمايو بچي ويندو آهي. وڏي ڳالهه اها آهي ته ايترن ڪتابن جون macro-films ۽ Transperencies جون ڪاپيون ڪير ڪڍارائي ۽ ايترو پئسو ڪٿان اچي ۽ اهو سڀ ڪٿي محفوظ ڪيو وڃي؟ بهرحال چاچو محمد جعفر ايندڙ مهني ڳوٺ وڃي رهيو آهي. ڪيس چيو اٿم ته سنڌالاجيءَ ۾ جيڪو Exhibition جو حصو آهي، اُن جي Video Tape ڪرائي اچي. اهو ظفر حسن جي ڏپ کي منهن ڏيڻ جو پهريون قدم ٿيندو.

هڪ ڳالهه مان هتي بلڪل چٽي ٿو ڪرڻ گهران - مان مالي مدد جو انجام صرف ايترو ڪندس جو منهنجا ساٿي تڪڙ ۾ ٽڪجي نه

پون. ڪنهن بہ رتا کي هلائڻ لاءِ مسلسل پئسي جي ضرورت ٿيندي آهي، تنهنڪري مان دوستن کي Over-stretch نٿو ڪرڻ گهران. في الحال جيڪي Commitments ڪيون آٿم، اُهي نباهي سگهجن تہ بہ گهڻو ٿيندو. ڇهن سنڌي هستين تي Video Cassettes هڪ سال ۾ تيار ٿين تہ لڪ ڪٽياسين.

هن ويڊيو Cassette جي رٿا ۾ اوهان ظاهري طور تہ شامل نہ آهيو، پر هر سنڌي Project ۾ اوهان جو Participation تہ رهندو ئي آهي، تنهنڪري پوپٽيءَ ۽ سندس ساٿين کي وقت بہ وقت اُتساهت ڪندا رهندا.

هتي توهان سان جن رٿائن بابت ڳالهايو هوم سي تمام rough نموني تيار ڪيون آٿم. ڇاڇو، ممتاز پُٽي سان خط-و-ڪتابت ۾ آهي. هن پڻ اهڙو اِشارو ڪيس ڪيو آهي. اُميد تہ هفتي ڪن ۾ ڪيس جواب اچي ويندو. سندس چوڻ آهي تہ لنڊن وارن جي پڻ هن رٿا ۾ Concurrence هوندي تہ اُن کي وڏيڪ وزن ملندو. بهر حال ڏياريءَ بعد اهو خط پڻ اوهان کي جلد ملندو، ڇاڪاڻ جو خط type ڪرائي توهان کي موڪلڻ ٿو گهران ۽ ڪنهن خاص دوست کي type لاءِ پڪڙڻو پوندو.

اُميد تہ سويتا ۽ ٻار مزي ۾ هوندا. هن دفعي تہ توهان جي ٻارن سان پڻ ملاقات نہ ٿي سگهي.

اڄ منهنجي عرب Boss مونکي گهرائي مونکي ٻي نوڪريءَ جي تلاش ڪرڻ لاءِ چيو آهي. هن وٽ ڪم صرف ڊسمبر تائين آهي. سو هاڻي يا ڪنهن ڌنڌي بابت سوچبو، يا نوڪريءَ جي تلاش ڪبي.

هتي ڌنڌي ۽ نوڪريءَ جون حالتون سُٺيون نہ آهن، پر ڪوشش تہ ڪرڻي آهي. ڏسجي اَڳتي ڇا ٿو ٿئي.

اوهان جو

موهن.

**Dubai, 17-12-1985**

My Dear Kirat,

Hope this will find you in the best of your health.

You must have known by this time that Saeen G.M. has sliped in his bathroom and has broken his hip bone. He was operated upon at Jinnah Medical College, Karachi. At this old age, such an accident normally means incapaciation. Let us hope for the best.

Situation at Sindh front continues to be the same. The literature I am getting from Sindh points to only one thing i.e. their resolve to free themselves from the clutches of '**Junta-Punjabi**' domination. At the same time, political organisation, required to bring about desired change and leadership, is woefully lacking.

Chacha Mohd. Jaffer is in correspondence with Mr. Mumtaz Butto. I have read his book on 'Confederation'. In my opinion, it resolutely clings to Pakistan Resolution and Pakistan Ideology to the extent of desperation. According to him the only way to save Pakistan as political entity is to opt for Confederation, where defence, foreign policy, communication etc. are to be handled by centre. But once the question is asked that what shall be the core of its foreign policy and the defence shall be sought against whom? The entire edifice, has so assidusuly tried to build crumbles and the hidden hand behind this movement is revealed. Let there be no mistake that the Pakistan Ideology has been rooted in Hindu Muslim majority-minority complex; thus a psychology of constant fear and hostality towards Hindu India is logical corollary of its reason de'tour. In this context comes the concept of Military parity with India which in its wake forces them to build up a Military structure of a size which is quite disproportionate for its size and means. This situation leads to their seeking foreign military aid. Therefore, they being part of **Western Alliance** is natural on foreign policy plan and at home front equipped with such excessive powers and under-developed nature of the country's military dictatorship is natural consequence. In my opinion

this is a sort of Pakistan Ideology gift wrapped in confederation glittering paper he seeks to uphold! All these gimmicks are designed to confuse the people and will serve no useful purpose; therefore the only solution to the suffering of Pakistani people is repudiation of Pakistan Ideology and break-up of Pakistan.

This brings us again to square one.

I am putting forth a plan for discussion at your end. I have already discussed the plan with my friends here and they expressed their support for it.

As discussed on so many occasions the question of providing strong and proper leadership to lead Sindhi masses is of crucial importance. It is quite obvious that sort of a thrust needs to be given to the Sindh politics. In view of our limitations to do something directly in this regard should we not try to do something from outside? I shall make myself more explicit. There are so many Sindhi speaking people of Sindh scattered throughout the world, who harbour Sindhi nationalist sentiments. Overseas Sindhis should be organised to influence movement at home. If you will recall that during freedom struggle India league in London played an important role in influencing congress politics. Thus we can in indirect manner influence the politics of Sindh to certain extent and give it a sort of impetus that is very much the need of the time. To my knowledge there are conscious Sindhi nationalists in UK, Germany, Kabul and even in Saudia. Such an organisation will serve mainly two purposes. Firstly it will impart a sense of solidarity and purposeful direction to the movement by clearing away many illusions which are sought to be fostered. It will, as stated earlier channelise the energies of overseas Sindhis to influence the political climate in Sindh leading to the chain reaction out of which something of consequence may emerge.

After the desirability of this move is accepted, it brings us to the question as to, who is to bell the cat? This entire plan calls for manpower and moneypower. As regards manpower I strongly feel that you are the person

who is eminently suited to organise overseas Sindhis. You have life time experience and besides your credentials for such a venture are unimpeachable. Your guidance and advise will be needed by all overseas Sindhis. Now it is time for you to leave every thing and take up historical challenge at this crucial juncture in the history of Sindh.

As regards financial aspect I would suggest you to speak to your friends and I am sure there will be no hesitation to financial help which, in the beginning, would not be very substantial. To begin with I suggest you proceed on probing tour setting up a sort of cells wherever you feel necessary. After probing tour you can call a meeting of the representatives from various places at some neutral country and create the loose organisation. I feel this work calls for extreme caution and deft handling, of which you are quite capable. Please discuss this matter with your friends there and let me know the outcome.

Another thing we should do simultaneously is to set up a "Ashram" near border in Kutch or Rajasthan as need be. This may be designed front as Sindhi cultural centre on the pattern of Shanti-Niketan, but at the crucial moment it should be capable of providing underground literature, across the border and also provide a sanctuary to our brave boys when right time comes. This also can be used to provide ideological education to cadre in Sindh. All this is to be planned in advance. I know it is not a small job. It calls for detailed working. Do you feel your friends would be interested in such a venture? I would be very much pleased to come over to join you and your friends for detailed discussions and working out a joint plan.

I am planning a visit to Bombay during a month of May, I hope by that time something concrete in the respect of above two suggestions would materialise. I am prepared to offer my services for any venture you may like me to undertake.

Yours,

With regards,

**Mohan**

دبئي، ١٧-١٢-١٩٨٥ع

پيارا ڪيرت،

اُميد تہ مزي ۾ هوندا.

اوهان جو ڪالا هتان موڪليل خط مليو آهي. حقيقت ۾ اوهان ڏانهن موڪلڻ لاءِ انگريزيءَ ۾ خط ٽن هفتن کان تيار هو ۽ مونکي صرف تڪليف هئي ٽائيپ ڪرائڻ جي، ڇاڪاڻ جو اها چيز هر ڪنهن کان تہ ٽائيپ نٿي ڪرائي سگهجي نہ. سو اوهان جي خط ملڻ بعد آشرم لاءِ هڪ تمام مختصر خاڪو موڪلي رهيو آهيان. ڳالهہ اِها آهي جو بنا جڳهہ ۽ resources جي تخميني جي، ڪوبہ تفصيلي خاڪو تيار ڪرڻ مشڪل آهي. هيءُ خاڪو صرف هڪ آئيڊيا آهي، جنهن ۾ اڳتي هلي تفصيل پري سگهبا. في اِلحال آئيڊيا پيش ڪرڻ جي لحاظ کان مان سمجهان ٿو تہ ڪم-چلائو آهي. جيڪڏهن اوهان پاڻ طرفان ڪُجهہ وڌائڻ چاهيو تہ پل وڌايو. هونئن Project رپورٽ تيار ڪرڻ لاءِ تہ سر زمين تي هئڻ ۽ سچي سروي رپورٽ وغيره هئڻ تمام لازمي آهي، جيڪڏهن ساڻين طرفان ڪو سنجيدي نموني جو Proposal ٺهجي تہ هاڻي مان بيڪار هئڻ ڪري ڪُجهہ وقت اِتي اچي سچو پراجيڪٽ تيار ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، پر هنن کي پنهنجا ئي گهٽا وسيلا ڏيندا آهن. انگريزيءَ ۾ جيڪو ڊرافٽ موڪليو اٿم، تنهن ۾ اسانجو جيڪو حقيقي مقصد آهي، اُهو نہ لکيو اٿم. اُهو صرف انگريزي خط ۾ ظاهر ڪيو اٿم. اوهان چاهيو تہ ڊرافٽ کي Revised ڪري حقيقي مطلب / مقصد لکندا.

چاچو محمد جعفر پاڻ ٢٧ تاريخ وڃي رهيو آهي. هو پڻ سوڀي سان ڳالهہ ٻولهہ ڪندو ۽ چاچو وري هتي ١ فيبروري واپس ايندو. چاچي هتان ظفر حسن ۽ سائينءَ لاءِ جئپور جي پروگرام جي ويڊيو ڪئسيٽ موڪلي رهيو آهيان ۽ اُتان سنڌالاجيءَ جي نماءُ واري حصي جي ڪئسيٽ ڪڍائي ايندو، جنهن جي ڪاپي پڻ اوهان کي ڪنهن جي هتان موڪلي ڏبي.

هن سان گڏ آريسر جو ڪتاب موڪلي رهيو آهيان. آريسر هاڻوڪي سنڌ سماج جا الڳ الڳ طبقا ڳڻائي پاڻ کي مارڪسوادي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هڪ مُلا کان وٺي مارڪسواد کي

سمجهڻ جي ڪوشش هڪ لنبي مسافري آهي، پر اڃا تائين سندس مارڪسواد بابت سمجهه وگياني طور تي ڪونہ ٿي آهي، تنهنڪري هو زالن، شاگردن ۽ ٻارن کي الڳ طبقا ڪري ٿو شمار ڪري ۽ پيش ڪري، جڏهن ڪ هو الڳ طبقا نہ پر گروپ آهن. سندس غير-سنڌي مزدورن ڏانهن رُخ ۽ سنڌي زميندارن ڏانهن رُخ مان ظاهر آهي تہ هو انتهاپسنديءَ ڏانهن گهلجي ويو آهي ۽ ساڳئي وقت الڳ الڳ طبقن جي طاقت جو تخمينو ۽ موجوده حالت ۾ Equations ۾ الڳ الڳ طبقن جي طاقت جي لحاظ کان بيهڪ جي جاچ جي عدم موجودگي آريسر جي لاءِ هڪ وڏي handicap آهي، جنهن مان کيس اُسرڻو پوندو. حقيقت ۾ مون چاهيو پئي تہ مان کيس خط لکان، پر پوءِ پاڻ کي روڪي ويٺو آهيان، اهو سوچي تہ مان هيءُ خط لکندي اسان جي Neutrality غير-جانبداريءَ کي ڌهرم نہ رسي، ڇاڪاڻ جو اها اسان جي غير جانبداري ئي آهي، جيڪا اسان کي اڳتي هلي ڪتب اچي سگهي ٿي.

عطا محمد وٽان زرينا بلوچ جي قومي گيتن ۽ لوڪ گيتن جي هڪ ڪئسيٽ ملي اٿم، جا اوهان کي هروءَ هتان موڪليندس. زرينا بلوچ اهو پروگرام حيدربخش جتوئي جي ورسيءَ جي موقعي تي ڏنو هو. هن ڪئسيٽ مان سندس بي باڪي صاف ظاهر آهي.

اوهان سنڌ لاءِ 'يونائيٽيڊ فرنٽ' جي دستاويز بابت ڳالهہ ڪئي آهي. پر يونائيٽيڊ فرنٽ لاءِ پهرين ۽ مکيہ ضرورت تہ اها آهي تہ سنڌين جي، سنڌ جي آزاديءَ جي مقصد برثواب ڪرڻ لاءِ، قوم پرستن جي ڪا جماعت هئڻ گهرجي. اُن جي عدم موجودگيءَ ۾ ڪير ڪنهن سان ڪهڙي مقصد لاءِ 'يونائيٽيڊ فرنٽ' ٺاهيندو؟ خير جويي صاحب جا اوهان زيروڪس ڪري ڪي ڪتاب موڪليندا تہ مٿان ڪا خبر پوي ۽ اُن بعد مان شايد ڪُجهہ لکي سگهان. هونئن تہ مون کي ڪابہ ڳالهہ سمجهہ ۾ نٿي اچي.

هاڻي اچان شخصي ڳالهہ تي. منهنجي آفيس وارن مونکي رهڻ لاءِ فليٽ ڏنو آهي، جنهن جي مسواڙ جوُن تائين ڏنل آهي ۽ مون کي ساڳئي هنڌ پارٽ ٽائيم پڻ ڏيٺو ڪيو اٿن، تنهنڪري ڏکيو شڪيو وقت گذري ويندو ۽ نوڪريءَ جي تلاش ڪريان پيو. هروڀروُ چنتا ڪرڻ جي ضرورت نہ آهي، جيتوڻيڪ حالتون ڏکيون آهن.

وڏيڪ ٻئي پيري.

اوهان جو،

موهن.

## سنڌ رائيٽرس گلڊ

پوسٽ باڪس نمبر ٢٨٤، حيدرآباد، سنڌ.

دهلي، ٢٣-٢-١٩٨٦ع

ڪيرت ڀاءُ!

جيئي سنڌ!

ڀارت ۾ اچي تو سان نہ ملڻ، ڳالهہ اهڙي ڏکي آهي جو ڪجهہ چئي نٿو سگهجي. اڪيلائيءَ ۾ اکين جا ڳوڙها شاهد آهن تہ توسان ۽ تنهنجي وسيلي ٻين يارن سان ملڻ لاءِ روح پيو رڙي .....

مان وري ايندس، ۽ پنهنجو سفر بمبئيءَ کان شروع ڪندس، جيئن سڀني سان ملي دل جون حسرتون پوريون ڪجن.

سنگت کي جيئي سنڌ!

تنهنجو،

همايون.

---

ڪراچي ايئرپورٽ، ٨-٧-١٩٨٦ع

اچ پڻ اکڙين، سڄڻ پنهنجا ساريا،
ڳلن تان ڳوڙهن جون بوندون بس نہ ڪن،
سندي سِڪَ پرين، لوڪ ڏٺي ناهہ لهي (شاهہ)

سائين ڪيرت ٻاٻاڻي صاحب!

ڪجهہ وقت اڳہ اوهان يا اوهان جهڙن سڄڻن سان ملاقاتون ٿيون هيون، جيڪي اڃا بہ ياد اٿم. ٻين سان وري اڄ ملاقاتون خطن ذريعي ٿينديون آهن. بهرحال، مان اوهان سڀني جو ٿورائتو آهيان، جيڪي ڀلايون ۽ ڀال ڪري ياد ڪندا رهيا آهن.

هڪ ڀيرو وري، مان اوهان سڀني ڏئل ۽ اڻ ڏٺل سڄڻن جو، سندن نيڪ نيتي، سڪ ۽ قرب لاءِ ٿورائتو آهيان، جيڪي قرب ڪري اِتان جا سنڌي ڪتاب / مخزن موڪلڻ جي تڪليف ڪندا رهيا آهن.

منهنجي ڏٽيءَ در وينتي آهي تہ شال رب اوهان سڀني کي سکيو ستابو رکي ۽ اوهان کي پنهنجي ٻاجهہ ۾ رکي.

ڪڏهن ڪڏهن ياد ڪندا ڪريو. مهرباني.

اوهانجو

محمد خان سيال

---

ڪراچي

جناب ٻاٻاڻي صاحب،

باغ بهار هجو.

احوال تہ توهان جي ڪنهن دوست ۴۰۰ روپيہ امانت طور توهان کي ڏيڻ لاءِ مونکي ڇيو هو، جيئن تہ ڪن مجبورين ڪري آءٌ بمبئي اچي نٿو سگهان، تنهنڪري مني آرڊر وسيلي توهان ڏي موڪليان پيو. اُميد تہ وصُول ڪرڻ کانپوءِ هيٺ ڏنل ائڊريس تي اطلاع ڏيندا. ٻيو احوال تہ ان ساڳئي دوست ڇيو آهي تہ دهليءَ وارن سان ملي راجستان ۽ گجرات ۾ پنهنجو ڪاروبار شروُع ڪريو. هو پاڻ آڪٽوبر جي ٻئي يا ٽئين هفتي ۾ توهان وٽ ايندو ۽ تقريبا ٽي مهينا اِتي گذاريندو. جيترو ٿي سگهي سنڌ جي دوستن جو نالو ظاهر ڪرڻ کانسواءِ پنهنجو ڪم جاري رکڻ جي وڌ ۾ وڌ ڪوشش ڪريو ۽ جيڪي مسئلا توهان جي ذهن ۾ هجن، اُنهن کي دوستن جي معرفت حل ڪريو. سنڌ ۾ جيڪي چڱا ماڻهو، پراڻا توڙي نوان، توهان جي ذهن ۾ هجن، تن جي باقاعدي لسٽ، ائڊريس سميت تيار ڪريو تہ جيئن سين سان رابطو رکي سگهجي.

پاڪستان ۾ حالتون ڪڏهن بہ نيڪ ٿيڻ واريون نہ آهن. اسان جي خيال مطابق ۱۹۹۰ع کان اڳ ئي وڏين تبديلين ۽ حالتن بگڙجڻ جو يقين آهي. اسان کي ان وقت تائين پوري طرح تيار رهڻ گهرجي تہ جيئن انهن حالتن جو رخ پنهنجي فائدي ۾ موڙي سگهون ۽ پنهنجو مقصد ماڻي سگهون. وڌيڪ اوهان پاڻ سمجهدار آهيو. توهان کي پنهنجو نالو محمد صديق ۽ ائڊريش واري دوست جو نالو مصطفيٰ لکڻو آهي.

زياده خير والسلام عليڪم.

فقط توهانجو،

موتي لال

۲۸-۸-۱۹۸٦ع

برادرم ڪيرت!

جيئي سنڌ!

اوهان سان ٿيل ڳالهين ۽ طئہ ٿيل معاملن جي آگاهي، سائين وڏي ۽ آريسر صاحب کي ڏنيسون. اُن بعد ٿرسي معرفت اوهان ڏانهن پنهنجي پاءُ خاڪي جويي (ابو جبران) جو ڪتاب، ''**قومي سوال جو نظرياتي جائزو**'' موڪلي چُڪو آهيان. اُميد تہ هن اوهان کي پوسٽ ڪري ڇڏيو هوندو، ۽ ضرور مليو هوندو! اوهان اُميد تہ قصي کي اڳتي ريڙهيو هوندو ۽ رابطو برقرار رکيو هوندو. نتيجن جي آگاهيءَ جو اِنتظار آهي.

ٿرسو اوهان سان روبرو مليو يا نہ؟ نئون رابطو اُن معرفت ئي رهندو. جيڪا بہ نئين معلومات هجي، اُنجي حاصلات لاءِ جلد آسانجو ماڻهو اوهان سان ملڻ ايندو - طئہ ٿيل 'اُهڃاڻ' سان! جيڪڏهن ڪا ايمرجنسي هجي تہ اُنجو اِطلاع ٿرسي معرفت 'ڊبيل لفظن' ۾ موڪليندا، اسان کي بروقت اِطلاع ٿي ويندو.

اوهان سان طئہ ٿيل ڳالهيون، ۽ اوهانجي حيثيت C.C. ۾ غور هيٺ آيون ۽ مُڪمل اِطمينان جو اظهار ڪيو ويو. اوهان پنهنجون جوابداريون سنڀاليندا، ۽ آسان پنهنجون!

وڏيڪ شڪر!

اوهانجو مختصر سات ۽ ڪچهريون وسرڻيون نہ آهن. حياتي آهي تہ پيهر ضرور ميلو ٿيندو!

**اوهانجا پنهنجا،**

**مشڪور.**

----

پيارا ڪيرت ٻاٻاڻي،

سدا خوش هجو شال!

توهانجو موڪليل خط مليو. مونکي ڏاڍي خوشي ٿي تہ آءٌ توهانکي ياد آهيان. مونکي اوهان هر ڏينهن ياد ايندا رهندا آهيو. اُن ڪان بہ اڳتي تہ اوهان منهنجي سوچڻ ۽ يادين جو حصو بڻجي ويا آهيو.

اوهان اتي هند ۾ ويهي سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي جاتيءَ جي بچاءَ ۽ واڌاري لاءِ جيڪا جاکوڙ ڪري رهيا آهيو، تنهن جاکوڙ اوهان جو قدر سنڌ ۽ هند جي سنڌين جي دلين ۾ هيڪاري وڌائي ڇڏيو آهي. شل قدرت اوهانکي وڏيڪ سگهہ ۽ سني صحت ڏئي تہ جيئن اوهان پنهنجي مقصد لاءِ وڌيڪ سرجوشيءَ سان ڪم ڪري سگهو.

هي دوست آ.ب. تمام ذهين نوجوان آهي ۽ پنهنجي سرڪل جو آهي. هن کي اتي جيستائين توهانجي رسائي هجي، اوستائين پنهنجي سرڪل جو سمجهي متعارف ڪرائيندا.

ٻيو تہ توهان جنهن ملاقات جو چيو آهي، ان لاءِ آءٌ ڪوشش ڪريان پيو. اُميد تہ مهيني ٻن کانپوءِ ڪانہ ڪا صورت ڪڍي وٺندس. وڌيڪ هي دوست توهانکي روبرو ٻڌائيندو.

موتي ۽ ڪلا کي ههڙا خوبصورت ڪتاب لکڻ لاءِ واڌايون ڏجو ۽ منهنجي طرفان ٿورو مٺڻ سان گڏ ”جيئي سنڌ“ چوندا.

سچي! موهن گيهاڻي ۽ پوپٽيءَ جون صورتون اڃان بہ ياد آهن. ڪين تمام گهڻا سلام.

نيازمند،

عبدل احمد ---

سوئپسڪات (يو.ايس.اي.)، ٢٥-٢-١٩٨٧ع

پريہ ڪيرت،

سڀ خيريت هوندي. سنڌي ائسوسيئيشن ڏانهن لکيل خط جي ڪاپي تو ڏانهن موڪليان ٿو. حال احوال ڏيندو ڪر تہ ڳالهيون ڪٿي پهتيون آهن. تنهنجو موڪليل ڪتابن جو پارسل اڃان تہ ڪونہ پهتو آهي. سيني عزيزن کان گهڻو پڇج.

خيريت سان،

نرنجن

..... ..... ..... ..... .....

خالد هشمائي، پريزيڊنٽ، سنڌي ائسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا (سانا) ڏانهن لکيل خط جي ڪاپي بہ پيش آهي:

سوئپسڪات (يو.ايس.اي.)، ٢٢-٢-١٩٨٧ع

ادل خالد،

ڪرشنا ۽ مان سنڌ ۽ هند جو چڪر هڻي، اڳئين آچر تي خيرن سان گهر پهتاسين. سيني هنڌ ڪيئي قربدار گڏيا ۽ خيالن جي ڏي وٺ ٿي. توسان حال احوال اورڻ لازمي جاتم.

حيدرآباد ۾ ڪيئي ليکڪ ۽ اخبارن جا محترم گڏيا. اڪثر سيني جو ائين رايو هيو تہ 'سانا' جي ششماهي اخبار - 'سنگت' کي، هر مهيني شايع ڪرڻ گهرجي. سنڌ ۾ حالتون ائين بڻيون آهن جو ذري گهٽ هر مخزن تي ڪجهہ مهينن بعد بندش وڌي پئي وڃي ۽ ڇپائيندڙ جي ڊپارٽ ضبطا ايڏو خرچ ڪوئي نٿو سهسائي سگهي. انهن حالتن هيٺ 'سنگت' وڏي ڪمي پوري ڪري رهي آهي. جيڪڏهن 'سنگت' ۾ سنڌ، هند ۽ دنيا ير ملڪن جا سنڌي ليکڪ پنهنجي لکڻي شايع ڪري سگهن تہ ٿوري ئي وقت ۾ 'سنگت' عالمي سنڌين لاءِ سُهڻو وسيلو بڻجي پوندي. ان باري ۾ مان الطاف ميمڻ کي عرض ڪندس تہ سنڌي ادب ۽ 'سنگت' جي صدقي ايڊيٽر ٿي

هلندو رهي. جنهن سهڻي نموني 'سنگت' هن منزل تي پهتي آهي، انکي اڃا به اوچائيءَ تي رسائڻ لاءِ سندس محبت ڀري محنت لاشڪ لازمي آهي. اُميد ته اسان سيڻي جو عرض اونائيندو. سنڌ، هند جي روزاني سنڌي اخبارن ۾ ليکڪن کي دعوت ڏني وڃي ته 'سنگت' ۾ لکڻيون شايع ڪري ته سگهن ته عمدو ڪم ٿيندو.

ٿنڊي آدم ۾ نهايت قرب ڀري مهمانوازيءَ بعد 'سنڌي اتهاسڪ ۽ ثقافت جماعت' آرنڀ ڪئي وئي. هيل تائين انهن دل وارن جي جفاڪشي 'سانگهڙ' ضلع تائين محدود هئي. مگر پوُري سنڌ جي قديمي امانتن جي جاچ سنڀال لاءِ اهڙي سنستا جي درڪار آهي، جنهن کي پوُري ڪرڻ لاءِ پهريون قدم کنيو اٿائون. شل سندن پورهيا ثاب پون.

دهليءَ ۾ پروفيسر ملڪاڻيءَ سان دلچسپ مُلاقات ٿي. انگريزيءَ ۾ سندس شايع ڪيل ڪتاب 'سنڌ اسٽوري' عمدو ڪتاب ڄاتو ويو آهي. ملڪاڻي صاحب خواهان آهي ته سندس هيءُ ڪتاب سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري سنڌ ۾ ڇپجي. 'سانا' جو ڪوئي ميمبر اهو ذمو کڻي ته ڏاڍو سٺو ٿيندو. ان باري ۾ ملڪاڻي صاحب، الطاف ميمڻ جي ڪيل نقطچيني ڏيان ۾ رکندي اٺين خيال ظاهر ڪيو ته جنهن باب تي اعتراض اُٿيو آهي، ترجمي ۾ اهو باب رد ڪرڻ لاءِ شايد تيار ٿيندو.

بمبئيءَ ۾ پروفيسر رام پنجواڻي ۽ ٻين ڪيترن سان نهايت ڪمائتي خيالن جي ڏي وٺ ٿي. هڪ شام ڀارتيه سنڌي سڀا جي عهديدارن ۽ ڪارڪنن، گڏن سان بندي جي آجيان ڪئي. 'سانا' طرفان سيڻي کي اهو پيغام پهچايم. 'سانا' سيڻي سنڌين سان نوان ناتا جوڙڻ لاءِ خواهان آهي. اهڙن خيالن سان اوهان به شامل راءِ هجو ته ڳالهه ٻولهه کي اڳيرو وڌائجي.

ان گڏجاڻيءَ ۾ ڪافي بحث مباحثو ٿيو. مونکي اٺين محسوُس ٿيو ته سنڌي سڀا جي عزيزن ۾ به اهڙو ئي احساس آهي - اها ڏي وٺ سنڌي زبان ۾ هلي! پروفيسر رام پنجواڻيءَ سان الڳ گڏجاڻيءَ ۾ ۽ ٻين ڪيترن به اهڙو ئي ويچار ظاهر ڪيو. هن خط سان گڏ انهن

گهٽگهرن جا پتا پڻ موڪليان ٿو. جلد بہ جلد تون پريزيڊنٽ جي حيثيت ۾ انهن سان لکپڙهہ ڪرين تہ بهتر ٿيندو. سنڌ جون ۽ سنڌي ٻوليءَ جون ضرورتون توکان ڳجهيون ڪونهن. وقت جي تقاضا آهي تہ دير نہ جُڳائي. سڀني جي دلين ۾ خواهش آهي تہ سنڌين جو عالمي ميڙ ٿيڻ گهرجي.

سنڌي سڀا ۽ ٻين صاحبن سان سنڌي عالمي ميڙ بابت ڪافي خيالن جي ڏي وٺ ٿي. ويچار ائين ٿيو تہ حالتن جي مدنظر پاڪستان يا هندستان ۾ اهڙو ميڙ اوکو ٿيندو. هوڏانهن لنڊن ۾ برطانوي سرڪار جو رَويو هندستانين ۽ پاڪستانين ڏانهن اُگرو آهي. شايد نيويارڪ ئي بهترين مرڪز چئجي. اهڙي ميڙ لاءِ تياريون مُڪمل ۽ تفصيلوار ڪرڻيون پونديون، جنهن ۾ سال ڏيڍ تہ لڳي ويندو. مطلب تہ سويل ١٩٨٨ع جي اونهاري ۾. ان باري ۾ مُنهنجي صلاح آهي تہ 'سانا' جي ايندڙ ساليانی اجلاس ۾ نيويارڪ جي سنڌي سڀا جي عيوضين کي شريڪ ٿيڻ لاءِ دعوت ڏني وڃي. جي توکي منظوُر هجي تہ انهن سان لکپڙهہ ڪر. اُنهن جا نالا، پتا، فون نمبر الڳ لکان ٿو.

جام شورو ۾ مهراڻ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر قريشيءَ سان مُلاقات ٿي. لڳي ٿو تہ مهراڻ يونيورسٽي شايد **'مٺن جي دڙي تي عالمي سيمينار'** ڪرائڻ لاءِ تيار آهي. اُنهن وٽان تصديقي خط جو اِنتظار آهي.

هر هنڌ، نئين پيڙهيءَ جي سنڌين کي سنڌي لکڻ پڙهڻ ڳالهائڻ ڪيئن سيکارجي، اهڙو سوال آهي. پروفيسر رام پنجواڻي ۽ منهنجو خيال آهي تہ ان وشيہ تي 'ويڊيو ڪئسيٽ' تيار ڪرڻ گهرجي. 'سانا' جا ڪي بردبار ميمبر اهڙو ڪئسيٽ تيار ڪرڻ جو ذمو کڻن تہ خوشيءَ جي ڳالهہ ٿيندي. مان پنهنجا خيال ۽ رٿا انهن کي ڏسي سگهان ٿو.

تُنهنجي پاسي اُميد تہ سڀ سُکہ هوندو.

خيريت سان،

نرنجن

**٦٦، فلپس آوينيو، يوُ.ايس.اي.، ١٢ جوُن، ١٩٨٧ع**

پريہ کيرت،

تنهنجو خط پهتو. جهوليلعل اخبار اجا تہ ڪونہ پهتي آهي. هڪجي تہ منهنجي پيڻ پارٽيءَ کي پرچو ڏج، جنهن جي معرفت هيءُ خط موڪلي رهيو آهيان.

سنڌي هوم لئنڊ جي سوال اُچرچ ۽ بي آرامي پيدا ڪئي. جڏهن سنڌي تحريڪ اُجا تہ ابتدائي جوش ۾ آهي، جيتوڻيڪ توهان پارن جون جفاڪشيون قابل ذڪر آهن. هندستان ۾ سنڌين جي ۽ سنڌ ۾ سنڌين جي ضروُرتن جي مدنظر توهان جي سنڌي هوم لئنڊ جي گُهر غير-ڪارائتي ۽ هاڃيڪار ثابت ٿيندي. گجرات، راجستان ۽ خود مرڪزي سرڪار اِنهيءَ گُهر کي شڪي نگاهن سان ڏسندا. اَهڙو مطالبو گجراتي ۽ راجستاني عوام کي برغلائي ڇڏيندو. سنڌي هيل تائين هر حال ۾ خوش رهيا پيا آهن ۽ پاڙيسرين سان سلوڪت ۾ آهن. اَهڙي گُهر شايد مهاراشٽرا ۾ بہ 'شو سينا' کي سنڌين خلاف وسيلو ڏئي ڇڏي. وڏي ڳالهہ تہ سنڌين جي ڏنڌي ڏاڙيءَ کي چوٽ لڳڻ جو امڪان آهي. خود سنڌي گروهن ۾ وراهجي ويندا. گُهر ڪرڻ سان تہ ڪجهہ نہ ملندو. جيڪي ڪپي سو وڻٽو پوندو ۽ وڻڻ لاءِ اجان تہ هندستان جي سنڌين ۾ نہ اهڙو جذبو آهي ۽ نہ شڪتي.

هن سمي گهڻي ۾ گهڻي گنجائش آهي سنڌ ۾ سنڌين جي همت افزائي ۽ پنيرائي ڪرڻ جي. سنڌ کي سيني سرحدي پرانتڪ سرڪارين ۽ مرڪزي سرڪار جي مدد گهرجي. جيڪي بہ ڪرڻو آهي تہ انهيءَ نقط نگاهہ کي نظر ۾ رکي، سنڌ ۾ سنڌين جي ڪهڙي مدد ڪري سگهجي ٿي ۽ اُها ڪيئن ڪجي؟ وڏو فرض آهي تہ سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت قائم رکوُن. هندستان ۾ ان جي پوئواري ڪيئن ڪجي؟

هوم لئنڊ چوڻ يا سڏائڻ سان سنڌين جي جيوت تي خاص اثر بہ نہ پوندو. نہ بيداري وڌندي، نہ سنگهٺن مضبوط ٿيندا. مشڪل کي سنڌي گانڌيڏام ڏي لڏي ايندا. جن کي اچڻو آهي، اُهي پنهنجي سوُڌ اُچي ٿا سگهن، ڪائي روڪ تہ ڪونہ اَٿن. اُتي جايون، زمينون خريد ٿا ڪري سگهن، ڪپين تہ نوڪريون ۽ ڏنڌا ڏاڙيون ڪري ٿا سگهن. ائين ايندا رهندا، ڪندا رهندا چپ چاپ تہ پنهنجي ليکي هوم لئنڊ نهي ويندي. باقي 'هوم لئنڊ' لفظ واپرائڻ سان مڪاني ماڻهن ۾ ڏهڪاءُ پيدا ٿيندو، جيڪو سنڌين ۽ خاص

سنڌ جي خلاف ويندو. ٿورو لکيو گهڻو سمجهجانءِ ۽ وڌيڪ ڇا چوان؟

توکي ۽ ٻين کي شايد ڄاڻ هوندي ته، مگر ڳالهه لکل ڪونهي. هن وقت اندازو آهي ته راجستان ۾ ڏيڍ لک کن سنڌي مسلمان آهن، سرحدي ايراضيءَ ۾. تو جيڪي ۴ لک سنڌي لکيا آهن، هيءُ انهن منجهه شامل هجن. اهي ڏيڍ لک مسلمان پير پاڳاري جا پوئلڳ آهن. سرڪار جي انهن تي ڪڙي نظر آهي ۽ هئڻ به گهرجي. گذريل ڏهن ٻارهن مهينن ۾ انهن وٽ پير پاڳاري طرفان جهجهو ناڻو ميسر ٿيو آهي ۽ ڪيترا هٿيار پڻ. ڪين پير وٽان هدايتون آهن ته راجستان ڪئنال جي الهندي ڪناري تي زمينون خريد ڪن. اِها هندستان خلاف سازش آهي ۽ فوجن جي راهه ۾ رڪاوٽون وجهڻ جي چال آهي. انهن حالتن اندر هوم لئنڊ جو سوال اٿارڻ به نقصانڪار ٿيندو.

توهان شايد آڪٽوبر ۾ سنڌي ٻولي سميلن رکيو آهي. مبارڪون هجنوَ. ضرور ڪامياب رهندو. ٻولي وسيلو آهي، هٿيار آهي. پروفيسر آلانا سنڌ جي لساني جاگرافيءَ ۾ دهرايو آهي ته ڪڇي ٻولي، سنڌيءَ جي شاخ آهي. سندس دعويٰ آهي ته ڪڇيءَ کي سنڌي لپيءَ ۾ لکڻ سان ڪيس سنڌيءَ ۾ سمائي سگهجي ٿو ۽ خود سنڌي ٻولي به مالامال ٿي ويندي. اهو سُهڻو طريقو آهي. سميلن اگر گانڌيڌام ۾ آهي ته توهان ڪڇين کي شرڪت جي دعوت ڏيئي ٿا سگهو. هندن توڙي مسلمان ڪڇين سان گڏجاڻي ڪيو ۽ انهن کي سميلن ۾ شامل ڪيو، انهن سان ناتا جوڙيو. اُهي اگر سنڌي لپيءَ کي اپنائن ته سنڌي زبان جو دائرو وڏي ويندو. هوم لئنڊ چوڻ جو به سوال نه اٿندو. ڪڇي بلڪل سنڌي زبان ٿي پوندي. پوءِ تحرڪ ٿيندو اسڪولن ۾ انهيءَ جي پڙهائيءَ جو. جيتري قدر مونکي ڄاڻ آهي ته هيل تائين ڪڇين گجراتي لپيءَ کي اپنائڻ کان انڪار ڪيو آهي. گجراتي لپيءَ ۾ سندن ڪڇي زبان جي اصليت مٽجي ويندي. سنڌي لپيءَ ۾ ڪڇي زبان قائم رهي ٿي سگهي. ڪڇي زبان کي به شايد سنڌي ٻوليءَ وانگر ۵۲ اکرن واري آئويتا جي درڪار آهي. هن وشيه تي سوچ ويچار ڪيو ۽ پلي هن ڳالهه کي وڌايو. ڪڇين جي مدبرن سان گڏجو.

هن خط سان گڏ بابا جي.ايم. سيد جي تازو ڇپايل ڪتاب جو مهاڳ موڪليان ٿو. ڪتاب شايد تو وٽ به پهتل هوندو. جي پهتل هجي ته منهنجو موڪلڻ غلط ٿيندو ۽ ان غلطيءَ کي معاف ڪجو. جي اڃا نه پهتل هجئي ته منهنجي خيال ۾ هن مهاڳ جو مضمون هندستان جي سيني سنڌين تائين

پهچڻ گهرجي. معاملو نهايت نازڪ ڪڙيءَ تي پهتو آهي. سنڌين جي يڪمشتي ۽ سنڌ جي امداد سڀ کان عظيم فرض آهي. سنڌ کي هندستان سرڪار جي سخت ضرورت آهي. ڪهڙي نموني، ڪيئن ۽ ڪڏهن اِهو اسان جي هٿ وس ڪونهي. اِن جو فيصلو پارٽ سرڪار ڪندي. اسان جو فرض آهي تہ سنڌين کي بيدار ڪيون، يڪمشت ڪيون ۽ وسيع محاذ ٺاهيون، جنهن ۾ سيني فرقن ۽ خيالن جا سنڌي گڏ ٿي سگهن. اُميد تہ تنهنجا دوست سنڌي هوم لئنڊ جي ويچار کي هن وقت پاسيرو رکندا.

هنن ڏينهين باسٽن ۾ 'هندستان جي نمائش' پئي هلي. اتي پارت جي هر بولي ۽ پرانت کي هڪ چنڇر آرتوار پنهنجي بولي، ڪلا، ڪلچر جو اظهار يا نمائش ڪرڻ لاءِ وقت ڏنو ويو آهي. سنڌين کي بہ. آگسٽ جي آخر ۾ سنڌيت کي اظهار ڪرڻ لاءِ وقت مليل آهي. اُتي بولي ۽ اِتهاس جو ذڪر ڪبو. اِن باري ۾ جيڪي مصالحو تيار ڪري رهيا آهيون، ان جو مسودو تيار ڪيل آهي، اِنهن پوسٽرن جي ڪاپي بہ هن خط ۾ شامل ڪئي اٿم، صرف توهان جي ڄاڻ لاءِ.

خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ سنڌي اَصليت تي مضمون اوهان سيني کي پسند پيو. هتان جي سنڌي ائسوسيئيشن بہ يڪراءِ اِن مضمون کي بحال ڪيو آهي ۽ ايندڙ ۴ جولاءِ تي ساليانيِ اِجلاس ۾ اَهڙو نهراءُ شامل ڪيل آهي. جيتوڻيڪ هندستان يا ٻين هنڌان اَچا ڪائي وراڻي آيل ڪونهي. اُميد آهي تہ هند، سنڌ ۽ سڄي سنسار جون سنڌي سنستائون اَوهان جهڙو رُخ اختيار ڪنديون. تورنٽيل ميڙ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ خرچ پکي جو ذڪر ڪيو آهي. 'ايئر اِنڊيا' اَهڙن ميڙن تي رعايتون پئي ڏئي ٿي. هند سرڪار ۽ ايئر اِنڊيا وٽان ڪلاڪارن ۽ ٻين اديبن کي شامل ٿيڻ لاءِ رعايتون ملڻ گهرجن. ڪلاڪارن کي تہ مُفت ۾ سفر ڪرڻ جي اِجازت ڏني اٿائون، ڇو نہ سنڌين کي بہ ملڻ گهرجي؟ دادا رام پنجواڻي گذاري ويو. مگر هن تہ اُنهيءَ وقت اَهڙي عالمي ميڙ ۾ شريڪ ٿيڻ تي اَنتها خوشي ڏيکاري هئي. اَهڙي ڪا شخصيت هئڙي ميڙ جي پُنيرائي ڪري تہ ضرور ڪجهہ ڪري سگهبو. ڏسجي پارتيہ سنڌو سڀا ۽ ٻيا ڪهڙو رُخ ٿا وٺن.

حال احوال ڏيندو رهج. هر حال ۾ خوش هوندين. سيني دوستن کان گهڻو پڇجانءِ.

خيريت سان،
نرنجن

**New Delhi, 21-07-1987**

## AUTHORITY

I, Gulam Murtaza Sayed, hereby voluntarily assign full authority and grant all rights to Mr. Kewal R. Malkani and Kirat C. Babani with regard to the editing, compilation, publication and distribution in India and abroad of my FOUR books mentioned hereinafter.

Further, I authorise them to negotiate and enter into agreement/s with any publisher/s for publication of the said books and settle terms and conditions regarding royality and other relevant matters on my behalf. They are also authorised to receive royalities, if any, and utilize the same for publication of my other works and utilize the monies so received, in furtherance and promotion of literature, as they deem fit.

Once again, I endorse the above statement and confirm it.

**The Names of the Books :**

1. A Nation in Chains - Sindhu Desh.
2. A case for Sindhu Desh
3. Sindhu-a-ji Sanjah (سنڌوء جي ساڃاهہ)
4. Pakistan Hane Tutan Ghurje (پاڪستان هاڻي ٽٽڻ گهرجي)

**Signed at Bombay on 23rd July, 1987**

**Sd/-**

**(GULAM MURTAZA SAYED)**

اِندور، ۵-۷-۱۹۸۷ع

پريه ڪيرت،

آلڪا ۾ تنهنجي آتم ڪٿا جو باب پڙهيم. من وڏيڪ جاڻڻ لاءِ اُتڪنٺ ٿيو.

مان سمجهان ٿو ورهاڱي کان اڳ جا ڪجهه ورهيه، جڏهن نئين سنڌ جنم وٺي رهي هئي، جڏهن هڪ اُميدن ڀريل وايو منڊل هو، جو سڀ پوءِ هڪ زلزلي ۾ ختم ٿي ويو، ان ۽ ورهاڱي بعد جا ڪجهه سال، جڏهن انسان نه پر جانور هئاسين، پنهنجي ئي ماضيءَ کان ڪٽيل، اهي حالتون، انهن تي ڪنهن به سنڌيءَ سلسليوار ۽ اونهو وچي نه لکيو آهي. تون جيڪڏهن پنهنجيءَ آتم ڪٿا ۾ اُنهن سالن تي وستار سان لکين، پوري سنڌي جاتيءَ جو چتر چٽين ته سيني سنڌين سان وڏو وڙ ٿيندو.

توهانجي ڪارگذارين جو احوال اخبارن ۾ پڙهندو رهندو آهيان، ۽ ڪجهه ماليهيءَ جي خطن ۾ ملندو آهي.

سنيهه مان،

ڪرشن کٽواڻي

---

٦٦، فلپس اوينيو، يوُ.ايس.اي.، ۲۲-۹-۱۹۸۷

پريه ڪيرت،

تنهنجو خط ۽ گوبند ماليهيءَ جو دعوت نامو پهتو. اچڻ کان لاچار آهيان. ان باري ۾ گوبند ماليهيءَ ڏانهن لکيل خط به شامل ڪيو اٿم. ان تائين پهچائڻ جي تڪليف معاف ڪجِ. هتان جي ميوزم آف سائنس ۾ ڪيل سنڌي ڏينهن تي جيڪي به پوسٽر ٺهيا هئا، تن جي ننڍي ڪاپي هن خط سان شامل ڪئي اٿم. ميوزم وارن وٽان پهتل خط جو نقل پڻ موڪليان ٿو. پلي ڇپائي سگهو ٿا.

سنڌي ڏينهن تي اسان ’هوجمالو‘ راڳ سان گڏ جُهمر جو ناچ ۽ ڏونڪن تي سنڌي ڇيڄ جو ناچ پڻ پيش ڪيا. ڇيڄ لاءِ موسيقي ’سنڌالاجي انسٽيٽيوٽ‘ جي سازن جي ڪئسيٽ مان ’ڪوهياري‘ ڌُن جو استعمال ڪيوسي. اداڪارن ۽ تماشبينن ٻنهي کي لطف آيو. سيني نوجوانن، زالن ۽ ٻارن کي سنڌي ناچن جي ڪائي ڄاڻ ڪونه هئي، مگر گهڻي اُتساهه سان ڀِهرو ورتائون ۽ سکي پيا. شامل ٿيندڙن ۾ سنڌي مُسلمان

نوجوان پڻ هئا.

١٩٨٨ع ۾ سوچيل ڪانفرنس جي باري ۾ واڌواڻيءَ جو خط آيل آهي. ان باري ۾ پروفيسر ملڪاڻيءَ ڏانهن لکيل منهنجي خط جي ڪاپي شامل ڪئي اٿم. سائين سيد جي دؤري بعد حالتن نئون موڙ ڪاڌو آهي. سرگرمين جو مرڪز هاڻي سنڌ ۽ هندستان آهن. توهان اسانکي ڏسيو ته هن طرف ڪهڙو پوڙو پارجي. انهيءَ باري ۾ سائين سيد ۽ تو لکيو ته رسول بخش پليجو پڻ آيل هئو. انهن پنهي جو ڪهڙو رايو آهي؟ انهن وشين تي تفصيلوار خط لکين ته آئيندي لاءِ جوڳو قدم کڻي سگهبو. پروفيسر ملڪاڻيءَ ڏانهن خط ۾ مون پنهنجي تازي لکيل انگريزي ناول جو ذڪر ڪيو آهي. تون به ڪنهن پبلشر کي سڃاڻين ته لکي موڪلج.

اوهانکي مُبارڪون هجن. اهم موقعي تي سميلن سڏايو اٿو. اُميد ته اڳي پوءِ هلي سوڀ پلئه پوندي.

خيريت سان،
نرنجن

---

٣-١٠-١٩٨٧ع

پيارا ڪيرت، شل جڳ جڳ جيئندو رهين!

تنهنجا موڪليل ڪتاب، اخبار جو پنو ۽ خط پهتا. سچ پڇين ته اُنهن شين پهچڻ سان مونکي جيڪا خوشي نصيب ٿي، سا ڪپل ديو ۽ عمران خان کي ڪرڪيٽ سيريز کٽڻ سان به نه ملي هوندي.

آءٌ پاڻ کي وڏو ڀاڳوان سمجهان ها، جيڪڏهن توهان جي ان فنڪشن ۾ شريڪ ٿي، توهان جي جذبن جي جوت ۾ پنهنجي سوچ جي ڪا چڻنگ ملائي سگهان ها. پر وقت، قانوُن ۽ حالتن جو جبرو راڪاس، منهنجي راهه ۾ رڪاوٽ بڻيو بيٺو آهي. آءٌ ۽ منهنجا دوست، انهيءَ راڪاس جي ڪنڌ تي، فڪر سيد جون تلوارون هڻي رهيا آهيون ۽ جڏهن به انکي ڪيرائڻ ۾ ڪامياب ٿياسين، تڏهن ملنداسين.

”ڪتيون ويون قيد ۾ گذري، چڱو چيٽن ۾ ملنداسين.“

هي منهنجا پيارا دوست اَچني ٿا. وڏيڪ احوال روبرو ڪندا.

تنهنجو نيازمند
عبدلواحد آريسر.

---

لنڪولن، (U.S.A.)، جنوري ١٩٨٨ع

سڪ مان ڪيرت ٻاٻاڻي،
اُميد تہ خوش هوندا.

وڏيءَ ڪوشش ڪانپوءِ توهان جي ايڊريس هٿ ڪئي اٿم. سنڌ مان اچڻ وقت حيدرآباد ڪونہ وڃي سگهيو هوس، تنهنڪري توهان ۽ ٻين ليکڪن جون ايڊريسيون هٿ ڪرڻ کان رهجي ويس. مون کي اوچتو ليٽر مليو ۽ مان ڇڻن ڏينهن اندر پنهنجا ڪاغذ پٽ نهرائي هتي پهچي ويس.

مان شڪارپور کان ١۴ ميل پرتي، سکر ۽ لاڙڪاڻي جي وچ تي رڪ اسٽيشن کان اڌ ميل هيٺ هڪ ڳوٺ جو آهيان. هن وقت اڌ ڪٽنب شڪارپور ۽ اڌ ڪراچيءَ ۾ آهي. مان ڪراچيءَ ۾ بيورو آف اسٽيٽسٽڪس ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر آهيان.

منهنجي افسانن جي مجموعي ”۽ سنڌو وهندو رهيو“ کي سنڌالاجيءَ طرفان ١٩٧۴ع جو انعام مليل آهي. ان کانپوءِ لکڻ ۾ وقفو اچي ويو. هاڻي ١٩٨٧ع ۾ منهنجا ٻہ ناول ”ڊنل اکين جا خواب“ ۽ ”ڌرتيءَ جي جنگ“ ڇپيا آهن. ان کان علاوه ١٩٨٦ع ۽ ١٩٨٧ع ۾ ٻہ ريسرچ ورڪ ”سنڌين جو مستقبل ڇا ٿيندو؟ (١٩٨٦)“، ”سنڌين ۾ بيروزگاري ڇو؟“ (١٩٨٧) ڇپجي چُڪا آهن. اِهي ڪتاب ”سيد شمشير“ جي نالي ۾ آهن، ڇو تہ سرڪاري نوڪر هئڻ ۽ سياسي وٽ پڪڙ سبب پنهنجو نالو ڏيڻ قطعي مناسب ڪونہ هو. اِهي مٿيان ڪتاب سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنج پيرا ڇپيا آهن، جن جو ڪل تعداد ٢۵ هزار ٿيندو، ڇو تہ انهن جي قيمت قومي مقصد تحت گهٽ رکي وئي آهي. مان سمجهان ٿو انهن جون ڪاپيون توهان تائين پهتيون هونديون. ڇو تہ دبئي يا ڪنهن ٻئي شهر ۾ جيڪو پرنسيپال آهي ان ڏانهن ١۵ يا ٢٠ موڪليون ويون هيون. ان کان علاوه اوهان ڏانهن بہ ڪنهن جي معرفت اُماڻيون هيم. بهرحال، جي نہ مليون آهن تہ پرواهہ ناهي، مان هتان ڪجهہ ڪاپيون اُماڻي ڏيندس. ان سان گڏ ڪجهہ ڪاپيون ناولن جون بہ اُماڻيندس. ان کان پهريون پڪ ٿئي تہ هي خط توهان جي هٿن ۾ پهچي ويو يا ڪونہ؟

مان هتي Economics ۾ ايم.ايس. ڪرڻ آيو آهيان. ان کان

اڳ ۾ مان Maths ۾ ايم.ايس.سي. آهيان. مٿين ٻن ناولن ۽ ريسرچ ورڪ کان علاوه هڪ ريسرچ ورڪ ''سنڌ جي آمدني، وسيلا ۽ استعمال'' ۱۹۸۸ع ۾ ڇپجي ويندو، جنهن ۾ اهي انگ اکر هوندا، جيڪي سنڌ جي آمدنيءَ ۽ وسيلن جي لٽجڻ ۽ پنجاب جي exploitation ظاهر ڪندا. ٻه ناول ''پنهنجي گهر ۾ اَجنبي'' ۽ ''ٽڪنبو'' ڇپجڻ وارا آهن. ''پنهنجي گهر ۾ اَجنبي'' ۾ سنڌ اندر ٿيندڙ پنجابي فوج جي ظلم ۽ پنهنجي سنڌي غدارن جو دردناڪ داستان آهي. ۱۹۴۷ع کان ۱۹۸٦ع تائين ٿيندڙ لٽ مار ۽ ڏاڍ جو سمورو قصو ناول جو پلاٽ آهي. ڪيترن پريس وارن ڇپڻ کان انڪار ڪيو هو. مان مئي ۱۹۸۸ع ۾ ٻن مهينن لاءِ واپس ويندس ته وري ڪوشش ڪندس ڇپائڻ جي.

ناول 'ٽڪنبو' ۾ وڏيري، پوليس ۽ ڏاڙيل جو سنڌي عوام کي لُٽڻ ڦرڻ جو قصو آهي. انهيءَ جون ڪاپيون ايندڙ جُون ۱۹۸۸ع ۾ توهان ڏانهن ڏياري موڪليندس. طارق اشرف کي لکيو اٿم ته هوُ اِهو ناول جوُن ۱۹۸۸ع تائين ڇاپي ڇڏي.

**اسان وٽ جيڪي حالتون آهن، انهن حالتن ۾ عشق ۽ محبت جا شعر ۽ ڪهاڻيون ڇپجڻ ختم ٿي ويون آهن. هن وقت ته وجوُد جي بقا جي جنگ تي هلي جيڪا اديب وڙهي رهيو آهي. باقي سياسي ليڊر ته ڪميناڻپ جي حد تائين ڪٽن کان پري آهن. هنن جو سنڌ سان اُهو واسطو آهي، جيڪو هلاڪو، چنگيز ۽ انگريزن جو هو (لٽڻ ڦرڻ ۽ هيسائڻ) خبر ناهي اسان ڪهڙيءَ بدقسمتيءَ ۾ اهڙا سياسي ليڊر پيدا ڪندا ٿا اچون. جيڪڏهن شاگردن ۽ اديبن ڪي ڪدي ڇڏجي ته پوءِ رڳو اونده وڃي رهندي.**

وڏيڪ احوال پوءِ ڪبا، جڏهن توهان کان موٽ ايندي ۽ ناول ٻه تڏهن ئي اُماڻي ڏيندس. پنهنجو ٽيليفون نمبر لکڻ نه وسارجو ۽ نه وري سنگت کي سلام ڏيڻ.

منهنجي لاءِ ڪا ڪار خدمت هجي ته حاضر رهندس.

**سڪ ۽ قرب مان، توهان جو،**

**(نالو مٽيل) سعيد عزيز.**

ڪراچي، ٢٧-۴-١٩٨٨ع

سائين دادا ڪيرت ٻاٻاڻي! جيئي سنڌ!

اُميد تہ خيريت سان هوندؤ. مان سڀ ڪان پهريائين توهان ڪان موڪلائڻ ڪان بغير اَچڻ جي معافي گهرو وٺان. در اَصل مان فون ڪئي هئي، پر توهان ملي ڪونہ سگهيا ۽ شايد 'ريشم پُرَن' مان توهان منهنجي تقرير ڪان ڪاوڙجي بغير موڪلائڻ جي هليا ويا هئا. مان ان جي بہ معافي گهرو وٺان. اُميد تہ معاف ڪندا.

هتي خيريت آهي. سائينءَ کي بہ هاڻي گهوٽ وٺي ويا آهن ۽ اتي پابند ڪيو اٿن. اُن ڪان علاوه اَجڪلهہ هتي هتان جي سيني سياسي ڌرين ۾ جيڪي سنڌ سان تعلق رکن ٿيون ۽ سنڌي آهن، تن ۾ اَتحاد جون ڳالهيون هلن پيون. 'سن' ۾ سائينءَ جي صدارت ۾ هڪ اِجلاس ۴ اَپريل تي ٿيو هو، جنهن ۾ رسول بخش پليجي، جام ساقي، ارباب کهاوڙ سميت، سيني سنڌي سياسي ڌرين شرڪت ڪئي هئي. اِن اِتحاد کي آخري شڪل ڏيڻ، اُن جو نالو رکڻ، بنيادي شرط ۽ طريقہ ڪار طئہ ڪرڻ ۽ ڍانچو ٺاهڻ لاءِ ٢٠ مئي تي هڪ اِجلاس 'سُن' ۾ ٿيندو، جنهن ۾ اُميد آهي تہ پيپلز پارٽيءَ سميت ٻيون رهيل ڌريون بہ شرڪت ڪنديون. اهو اِتحاد ١- ڪالا باغ ڊيم، ٢- فوجي ڇانوڻين ۽ ٣- سنڌ ۾ ڌارين جي آبادڪاري خلاف ۽ ۴- سياسي قيدين جي آزاديءَ لاءِ ٺهي رهيو آهي. دعا ڪندا تہ اهو اِتحاد ڪامياب ٿئي.

وڌيڪ مان توهانکي هڪ عرض ڪيو هو ڪانڊيڊام سميلن جي ويڊيو ڪئسيٽن جي، مهرباني ڪري ڪاپي ڪرائي ڪنهن جي هٿ موڪليندا. پئسا ڪئسيٽون کڻي اينڊز کي ڏيندس. هينئر اَسانجي مُڪمل ڪوشش آرگنائيزيشن ۽ مضبوطيءَ ڏانهن لڳل آهي. اَسانکي پڪ آهي تہ اَوهانجي دعائن سان اَسين پنهنجن نيڪ اِرادن ۾ سرها ٿينداسون. خط سان گڏ ڪجهہ ڪتاب بہ رجسٽرڊ پوسٽ ذريعي موڪليان ٿو. خط جو جواب ۽ ڪئسيٽون ضرورُ موڪليندا. اِنتظار رهندو. دادا گوبند مالهي، هري موٽواڻي، نند جويري ۽ ٻين دوستن ۽ سڄڻن کي 'جيئي سنڌ' چوندا. توهان بہ آصف بالادي، تاج جويي، آريسر ۽ غلام شاهہ ۽ منهنجي پاران 'جيئي سنڌ' قبوُل ڪندا. مهرباني.

**فقط اوهانجو نيازمند،**

**جاويد ميمڻ**

ڪراچي، ٣٠-٦-١٩٨٨ع

دادا ڪيرت ٻاٻاڻي! جيئي سنڌ!

اوهانجو خط مليو. پڙهي خوشي ٿي ۽ انتظار به ختم ٿيو. ڪيڏي نه ڏکيائي آهي اسان غلام ماڻهن لاءِ، جو هڪ ٻئي ڏي خط لکڻ ۾ به رڪاوٽون پيدا ٿيون. وقت ۽ حالتون به شايد اُنهن ماڻهن وانگر آهن، جيڪي هر چڙهندڙ سج جي پوڄا ڪندا آهن. اَوهانجو خط مليو ته مان اَوهانجي حڪم موُجب اَخبارون ڪٺيون ڪري لڳس ته جيئن اَوهان ڏانهن موڪلي سگهجن ۽ پوءِ جنهن ڏينهن سيئي اَخبارون سيريز ۾ ڪٺيون ٿيون ته اُن ڏينهن شام جو حيدرآباد جي هنگامن جي ڪري مونکي گهران گرفتار ڪري ويا. ايئن اَوهان ڏانهن خط لکڻ کان رهجي ويس. وري اُٿان آزاد ٿيس ته اَمن اَمان لاءِ لاڳيتا دورا، جلسا، جلوُس، ۽ وري پوليس جا ڇاپن مٿان ڇاپا، مٿو کنهڻ جي به فرصت نه پئي ملي. اڄ ٿوري واندڪائي ملي آهي ته هي خط اوهان ڏانهن لکان پيو. **’سنڌ قومي اتحاد‘** پنهنجي جدوجهد ۾ رڌل آهي. هن خط سان گڏ اتحاد ۽ حيدرآباد جي هنگامن جون اَخبارون موڪليان پيو، اُن سان گڏ ڪجهه ڪتاب به آهن. وڌيڪ خيريت آهي. توهان ايڏانهن جا اَحوال ڏيندا، ته دوست ڪيئن آهن. اڄ ڪلهه ايڏانهن وارن جو هتان بابت ڇا خيال آهي؟ دادا گوبند مالهي ۽ ٻين کي ’جيئي سنڌ‘ چوندا. مهرباني.

**سڪ مان اوهانجو،**

**جاويد ميمڻ**

---

**New Delhi, 6-9-1988**

Dear Friend :

Please excuse me for the delay in replying to your letter dated the 23rd August, 1988.

I have gone through the copy of your Memorandum which you want to send to the Prime Minister. My feeling is that since you have left the matter to me, you should not be in a hurry to sent it along. My meeting with the P.M. is likely to come off soon. I will certainly place your viewpoint before him. I have deliberately avoided to have any talks with the Congress General Secretaries. It is better to talk straightaway with the P.M. For, after all, it is he who has to take the final decision. So, please have some patience. With all good wishes,

**Yours sincerely,**

**Anand T. Hingorani**

---

بمبئي، ٨-١٢-١٩٨٨

شري چيلارام ڪياڻي.

پيارا ڀاءُ،

پريوار سوڌا آنند ۾ هوندا.

اوهان جو سڪ ڀريو ڪارڊ مليو. ٿورائتو آهيان. خوشي ٿي، اوهين واپس گانڌيڌام پنهنجي 'وطن' ۾ موٽيا آهيو. اوهان جي نئين پتي کي دفتر ۾ داخل ڪيو اٿئون.

انشا الله! جڏهين گانڌيڌام اچڻ ٿيو ته اوهان جي صحبت جو مزو وٺبو ۽ ڪچهريون ڪبيون.

گهر وارن کي پيار چوندا.

قرب مان،

ڪيرت ٻاٻاڻي.

---

(ڪاپي ڪيرت ٻاٻاڻيءَ ڏانهن) لکنؤ، ٢٢-٤-١٩٩٠ع

جيئي سنڌ!

پيارا هم وطن قمريتي ۽ ٻيا وطن پرست دوستو، سدا سلامت هجو شال. اوهانجو لفافو گهٽي اِنتظار کانپوءِ ڪنهن ٻئي جي اڊريس تي لکيل پهتو. پڙهي بيحد خوشي ٿي.

جواب ڏيڻ ۾ دير ٿي، تنهن لاءِ معاف ڪندا. حقيقت ۾ لکنؤ سٽي مئگزين ۾ شايع ٿيل اوهانجو اِنٽرويوُ ڪهڙي انڪ ۾ آهي، اِها ڄاڻ نه هئڻ ڪري، اُن جي ڳولها ۾ گهڻو وقت لڳي ويو. هاڻي هن چنيءَ سان گڏ ڄاڳرڻ هندي اخبار ۽ سٽي انگريزي مئگزين جون به ڪٽنگس موڪلي رهيو آهيان.

اسانکي اَمڙ سنڌ ۽ سندس گود ۾ رهندڙ سنڌي سپوٽن جي هاڻوڪي حالت تي سچ پچ افسوس آهي ۽ اسانجون دليون جنسي روئن ٿيون. اسان پنهنجي ڪائرتا تي پشيمان آهيون جو اسان پنهنجي اَمڙ کي مڪڙن جي مُنهن ۾ ڇڏي جلا وطن ٿي هتي ڀڄي آياسين. اسان کي هر حالت ۾ ورهاڱي کانپوءِ به اُتي ئي رهڻ کپندو

هو. ڳهت ۾ ڳهت اُوهان سان گڏ سرزمين سنڌ تي اَمڙ جي صدقي شهيد ٿيڻ جو شرف تہ حاصل ٿئي ها. پر ماضيءَ جي مُثل صوُرت تي روئڻ سان تہ اَسان اَفسوسناڪ زمان حال کي، آشا واري مستقبل ۾ بدلي نہ سگهنداسين. سو ئي اسان سيني کي گڏجي ڏڍي سيني سوچڻو آهي تہ اڳتي ڇا ڪجي. هن ڇنيءَ ۾ مان پنهنجي دل کولي اُوهانجي اَڳيان رکان ٿو. ٿي سگهي ٿو تہ مُنهنجا ويچار اُوهان سان سؤ في صدي ميل نہ بہ کائيندا هجن، پر موُنکي مهرباني ڪري غلط نہ سمجهندا ۽ اُنهن تي کُلي دل سان پنهنجا ويچار لکي موڪليندا.

هن وقت هڙراڏو سرحد (جنهن کي مان ''هندستاني برلن وال'' سڏيان ٿو) جي هُن پار سنڌ ۾ رهندڙ سنڌي، جنسي غلاميءَ جي زندگي گهاري رهيا آهن ۽ اُنهن تي ٿيندڙ ظلم ۽ ستم جي اِنتها پار تي ڇُڪي آهي. **''هندستاني برلن وال''** جي هِن پر رهندڙ سنڌي ۴۳ سالن کانپوءِ بہ جلا وطنين وانگر خانا بدوش زندگي گهاري رهيا آهن ۽ اُنهن جون پاڙون اَڃا تائين هتان جي سرزمين ۾ پختيون نہ ٿي سگهيون آهن. جوڙجڪ ۾ سيني باشندن جي برابريءَ جا فقرا لکيل هئڻ جي باوجوُد اَسان هتي ٻئي نمبر جا سٽيزن آهيون. اَسانجي حالت بلڪل اَهڙي آهي جهڙي آمريڪا ۾ رهندڙ غير اَمريڪن ماڻهن جي، جن وٽ اَڪيچار پئسو آهي، پر تڏهن بہ سندن دليون خالي خالي آهن. اُوهان اِتي گولين جو شڪار ٿي موت جو اِنتظار ٿا ڪريو تہ اَسان هتي پنهنجي سڃاڻپ وڃائڻ واري سلو پائزن (Slow Poison) سان ختم ٿي رهيا آهيون. سنڌين ۽ سنڌيت جو خاتمو هاڻوڪي حالتن ۾ ''هندستاني برلن وال'' جي ٻنهي طرفن اَٽل آهي. تنهنڪري اَسانکي هر قيمت تي اُنهن حالتن کي بدلڻو آهي. اَمڙ سنڌ جي ٽيج 'هندستاني برلن وال' جي ٻنهي طرف رهندڙ سنڌين کي للڪاري ٿي تہ اَسان حالتن کي بدلڻ لاءِ ڪجهہ ڪريون.

هن وقت اُوهان اِتي آزاد سنڌوُ ديش جي مقصد کي خيال ۾ رکي شدت واري گوريلا لڙائي لڙي رهيا آهيو. اَهڙيءَ طرح هتي واري پنجاب ۾ سک آزاد خالصتان جي مقصد لاءِ خونريزيءَ ۾ لڳا پيا آهن، پر ٻنهي کي فتح حاصل نٿي ٿئي، ڇو جو عوام جو هڪ وڏو حصو

آهڙين ڪارگذارين کي نفرت جي نظر سان ڏسي ٿو. پر جي ٻنهي کي ڪاميابي ملي به وڃي تڏهن به مول مسئلو حل نه ٿيندو. آزاد **بنگلاديش** جو مثال اسانجي سامهون آهي. ذرا سوچيون ته هاڻوڪين حالتن جي پيدائش ڪڏهن ۽ ڪيئن ٿي.

سيني کي خبر آهي ته اِنهن حالتن جي پيدائش جو ڪارڻ هو 'ٽو نيشن ٿيوريءَ' جنهن جي آڌار تي ملڪ جو ورهاڱو ٿيو. اسانجي سنڌ، ڌرم جي-آڌار تي ٻن قومن ۽ ٻن مُلڪن جي ٿيوريءَ کي ڪڏهن به قبول نه ڪيو آهي. جيئن اسانجي محبوب اڳوان سائين جي. ايم. سيد 'سنڌ جي ساڃاهه' ۽ ٻين ڪتابن ۾ لکيو آهي. هن صاحب اُنهن حالتن ۽ مجبورين جو ذڪر ڪيو آهي، جن جي تحت هن صاحب کي مُسلم ليگ ۾ شامل ٿيڻو پيو ۽ پاڪستان ريزوليوشن سنڌ اسيمبليءَ ۾ پيش ڪرڻو پيو. ١٩٣٥ع کان ١٩٤٧ع جي وچ واري داغي عرصي کي ڇڏي، اسانجي سنڌ هميشه هميشه صوفي ۽ سيڪيولر رهي آهي. اُن ڪاري عرصي ۾ پڻ، زهريلي هٿرادو فضائن جي باوجود ڪن ٿورن سياستدانن کي ڇڏي سنڌي عوام جي گهڻائي فرقيپرستن جي حمايتي نه هئي. اسانجو قومي گرنٿ، **شاهه جو رسالو** اِن سچ جو سڀ کان وڏي ۾ وڏو شاهد آهي. ساڳي طرح بلوچستان ۽ سرحد به "ٽو نيشن ٿيوريءَ" جي حمايت ۾ نه هئا. رڳو پنجابي، بنگالي ۽ عليڳڙهه جا پڙهيل، مهاجر اُنجي حمايت ۾ هئا. پر بنگلاديش جي ٺهڻ کانپوءِ اُتان جي فرقيپرستن جي ٽِڪِپ گهٽ ٿي وئي آهي. "هندستاني برلن وال" جي هن پر به فرقيپرست هئا ۽ ورهاڱي کانپوءِ بدلي جي ڀاونا جي ڪري اُنهن جي ٽِڪِپ ۾ اِضافو ٿيو هو. پر تڏهن به ڪُل ملائي ڪري 'هندستاني برلن وال' جي ٻنهي طرف رهندڙ عوام جي گهڻائي اڃا به سيڪيولر آهي. فرقيپرست اڃان به ٿورائيءَ ۾ آهن.

تنهنڪري مُنهنجو شخصي خيال اِهو آهي ته اسانکي تشدد جو طريقو ترڪ ڪري، هندستاني برلن وال کي ڀڃڻ لاءِ عام رايو پيدا ڪرڻ گهرجي ۽ ڀرپور پرچار ڪري سيڪيولر طبقي کي زور وٺائڻ گهرجي. جيڪڏهن ان تحريڪ جي رفتار تيز رهي ته اُهو ڏينهن پري ڪونه رهندو جڏهن هٿرادو سرحد جي ٻنهي طرف رهندڙ ڀائر پاسپورٽ

۽ ويزا جي پابندين جي ڇڪتڙي ڪري پوليس ۽ ملٽريءَ جي گولين جي پرواهہ نہ ڪري هڪ ٻئي سان ڀاڪر پائي ملندا.

مونکي ياد آهي تہ اَوهان سان جڏهن راجستان سنڌ بارڊر جي کوکراپار مناباٺو ريلوي لائين کولڻ جي باري ۾ ڳالهہ ٻولهہ ٿي هئي، تڏهن اَوهان اُن جي مخالفت ڪئي هئي. اَوهان جو چوڻ هو تہ اِن لائين جي کلڻ سان ٻهاري مهاجر ۽ ٻيا مهاجر وڏيڪ تعداد ۾ سنڌ ۾ ايندا ۽ هم وطنين لاءِ مُصيبت ثابت ٿيندا. اَوهان جي ڳالهہ هاڻوڪين حالتن ۾ صحي آهي. پر جڏهن هتراڏو سرحد کي هٽائڻ جو اَهنسڪ تحريڪ زور وٺندو ۽ ٻنهي سرڪارين کي عوام جي زور تي مجبوُر ٿي پاسپورٽ ۽ ويزا جون پابنديون هٽائڻيون پونديون تڏهن سنڌ جا مهاجر هتي رهندڙ پنهنجن مٽن مائٽن سان ملڻ وڏي تعداد ۾ ايندا ۽ ڪيترا تہ موقعو وٺي هتي ئي سيٽل ٿي ويندا. اهڙيءَ طرح هتي رهندڙ سنڌي پڻ پنهنجي اَمڙ جي درشن ۽ سندس گود جي آرام لاءِ گهڻي تعداد ۾ ايڏانهن ايندا. عوام جي زور تي گهڻي وقت تائين ٻئي سرڪاريون مخالفت نہ ڪري سگهنديون ۽ جرمن يونيفڪيشن وانگر اِنڊين يونيفڪيشن بہ مُمڪن ٿي سگهندو. مان سمجهان ٿو، اُن اُديش جي حاصلات ڪانپوءِ سرزمين سنڌ تي اَڳي وانگر سنڌين جي گهڻائي ٿي ويندي. مهاجر موٽي پنهنجي پرانتن ۾ رڙهندا ۽ تائينڪا ٿيندا ويندا. اَهڙيءَ طرح اَسانجي اَمڙ بہ وري آزاديءَ جو سُک ماڻي سگهندي ۽ هن طرف وارا سنڌي پڻ جلاوطنيءَ جي سزا کان نجات پائيندا.

اَوهان مٽين تجويز تي گهربل غؤر ڪري، جواب لکندا. اَوهان جا پيار ڀريا سلام پنڪج، پريم ۽ سيهڙ واري سيٺ آسودارام کياٽيءَ کي پهچايا ويا.

اَحوال جلد ڏيندا.

ٻيو شُکر.

اوهانجو،

گيان هيمناٽي

آمريڪا، ٢٢ آگسٽ، ١٩٩٠

اَدا ڪيرت،

تنهنجو خط پهتو. هن وقت هيڏي آمريڪا ۾ اَچڻ لايدائڪ ڪونہ ٿيندو. هئي سال 'سانا' جي ساليانِي ميڙ ۾ شرڪت ڪرڻ سُهڻو ٿيندو. سنڌ جي حالتن جي تہ مُڪمل ڄاڻ هوندوَ. هتي 'سانا' جو ساليانو ميڙ جولاءِ ۾ ٿيو. اُتي پاس ڪيل ٺهرائن جي لسٽ موڪليانءِ ٿو. ساڳي وقت سنڌ ۾ سرڪار پاران گهرايل 'اَمن ڪانفرنس' ۾ ڏاڄ جويي جي تقرير جا ڪجھ حصا ۽ 'سنڌي اَدبي سنگت' طرفان پيش ڪيل گهرجوُن موڪليان ٿو. سنڌ نهايت اَڻانگي دؤر مان گذري رهي آهي ۽ حڪمرانن جون سازشون قائم آهن. مُنهنجي خيال ۾ هندستان سرڪار ۽ هندستان جي سنڌين تي تمام وڏي ذميداري آهي. سنڌ نجات پائيندي جي سنڌي هندو ۽ هندستان سرڪار صحيح قدم کڻندي. ٿورو لکيو گهڻو سمجهجانءِ. هتي جي سنڌي مُسلمانن ۾ هاڻوڪي حالتن ڪجھ مونجهارو پئدا ڪيو آهي. اکين تي آيل پردا جهٽ ڪِرڻ وارا آهن. اِها ڪوشش جاري آهي.

مان وري بہ عرض ڪندس تہ اُتي وسيع ڪاميٽي جوڙيو، جنهن ۾ سنڌي هندوُ تنظيم ڪري سنڌ جي زباني، جذباتي اِمداد لاءِ جفاڪشي ڪري سگهن. مان اهڙو خط لال ڪشن آڏواڻيءَ ڏي بہ لکيو آهي.

قابل غور آهي تہ ٢٦ آگسٽ تي بي نظير ڀٽي کي تڏهن خارج ڪيائون، جڏهن ڪ سنڌ ۾ سنڌ صوبائي سرڪار، سنڌي پوليس ۽ عوام هڪ طرف متحد ٿيا هئا تہ ٻي طرف فوجي ۽ ايم.ڪيوُ.ايم. جا خوني دستا وغيره. حڪمرانن هاڻي سنڌ کي ٽوڙڻ جي ۽ اهڙي متحدگيءَ کي پيڇڻ جي سازش رچي آهي. جيئن چوڻ آهي تہ ميرن کي گهر مان لڳي، تيئن سنڌ سان هاڻي حال ٿيو آهي. ان اڻانگي دؤر ۾ سنڌ کي دنيا ڀر جي سنڌين جي سهڪار جي درڪار آهي.

وڏيڪ حال اَحوال ڏج. سيني همراهن کي سلام!

خيريت سان،

نرنجن.

# حيدرآباد ۾ اَمن ڪانفرنس ۾ ڪيل تقرير
# اَمن ڪيئن ۽ ڪڏهن ٿيندو

- تاج جويو

اجوڪي هن ’اَمن ڪانفرنس‘ ۾ ارباب اختيار ۽ مخالف سياسي قوتن سان گڏ سنڌي اَديبن ۽ دانشورن جي واحد نمائنده ادبي تنظيم ’سنڌي ادبي سنگت‘ بہ شريڪ آهي ۽ آئون سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري جنرل جي حيثيت ۾ ۽ سنگت جو مرڪزي خزانچي محترم نياز پنهور، پنهنجي تنظيم جي هتي نمائندگي ڪري رهيا آهيون، جن کي سنگت جي مرڪزي باڊيءَ جي منظوري حاصل آهي.

حاضر دوستو! اديب ۽ دانشور قومن جا حساس فرد ۽ امن جا پيامبر هوندا آهن، جيڪي ڌرتيءَ جي گولي تي هميشهہ انساني عظمت ۽ وقار جي بلنديءَ، امن ۽ اتحاد جي قيام ۽ تشدد، اونداهي ۽ جبر جي قوتن جي خلاف قلم جو علم بلند ڪندا آيا آهن، اُنهن جي آڏو رنگ ۽ نسل جي مت ڀيد کان مٿي قومي ۽ انساني مفادن ۽ قدرن کي اهميت هوندي آهي. اديب هميشهہ قومي ڌاڙي، فاشزم، دهشتگردي ۽ انساني قدرن جي پائماليءَ خلاف جنگ ڪئي آهي. سنڌي ادبي سنگت سنڌ، سنڌ جي باضمير ۽ روشن ذهن انساني قدرن جي محافظ، ترقي پسند ۽ سيڪيولر سوچ وارن اديبن جو گڏيل پليٽ-فارم آهي، جنهن پنهنجي قيام کان وٺي جتي سنڌ ۽ سنڌي قوم خلاف ٿيندڙ سازشن ۽ قومي قرمار خلاف جدوجهد ڪئي آهي، اتي دنيا جي ڪنهن بہ حصي ۾ ٿيندڙ نسلي ۽ فرقيوار تشدد ۽ قومي غلاميءَ خلاف آواز پڻ اُٿاريو آهي. اسان تنگ نظر، محدود خيال ۽ متعصب نہ رهيا آهيون، ان ڪري ئي اڄ امن جي بحاليءَ واري سڏ تي هن ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

دوستو!

اڄ سنڌ جي صورتحال ڇا آهي؟ سنڌ اڄ قومي جبر، نسلي ۽ قبائلي ڇڪتاڻ، رياستي ادارن جي تشدد ۽ شهري دهشتگرديءَ جي آگ جي شعلن ۾ وڪوڙيل آهي. صدين کان اَمن، محبت، اتحاد ۽

انسانيت جو درس ڏيندڙ هيءَ ڌرتي اڄ، دونهي ۽ بارود جي بدبوءِ ۾ گهيرجي چڪي آهي. ڇا اها صورتحال هڪ ڏينهن جي پيداوار آهي؟ ڇا هيءَ لاوو ڪو هڪ ڏينهن جو پڪل آهي؟ نه هرگز نه، ان جي پٺيان وسيع سياسي ۽ اقتصادي محرڪات ۽ سامراجي مفاد موجود آهن. بقول ڪنهن اردو شاعر جي :

'وقت ڪرتا هي پرورش برسون،

حادثہ ايڪ دم نهين هوتا.'

هن سڄيءَ صورتحال کي سمجهڻ لاءِ اسان کي ١٩٤٧ ڌانهن موٽڻو پوندو، جڏهن ننڍي کنڊ جو ورهاڱو ٿيو هو، جڏهن سنڌ جي مڊل ڪلاس آباديءَ جو هڪ وڏو حصو فرقيواريت جو شڪار بڻجي جلاوطن ٿي ويو هو ۽ جڏهن بنا ڪنهن معاهدي جي سنڌ ڌانهن پارٽي مسلمانن جي لڏپلاڻ ٿي هئي.

دوستو! - برطانوي سامراج پنهنجي سامراجي حڪمت-عملي هيٺ ورهاڱي ۽ لڏپلاڻ ذريعي صورتحال کي اهو رخ ڏنو جو پارٽ مان تاريخي حادثي هيٺ آيلن جي اڪثريت کي نه پنجاب، نه بلوچستان ۽ نه سرحد پناهه ڏني. **پنجاب ته صرف هم زبان پنجابي پناهگيرن کي قبول ڪيو ۽ ٻين کي 'پاڪستان آگي هئہ' چئي سنڌ جي حدن ۾ ڌڪي ڇڏيو.** سنڌ انساني ۽ اسلامي جذبي هيٺ ٻئي ٻانهون کولي، لُٽجي ۽ ڦرجي ۽ آبرو ريزي ڪرائي آيلن جي آجيان ڪئي ۽ کين امن ۽ اَجها مهيا ڪيا. پر پنجاب جي مستقل مفاد ۽ هندستان مان آيل ڪن چالاڪ سياستدانن ۽ بيوروڪريٽن هڪ منظم پلاننگ سان ان سموري آباديءَ کي سنڌ جي ڳوٺن ۽ ننڍن شهرن ۾ آباد ڪرائڻ بدران سنڌ جي وڏن شهرن ۾ آباد ڪرائي، سنڌي هندن جي ڇڏيل زمينن، گهرن، اسڪولن، دڪانن، ڪارخانن وينڊي مسائن ۽ ٺڪاڻن تي قابض ڪرايو. پر باوجود ان جي ١٩٥١ تائين سنڌ ۾ ڌارين آبادي ڪانه هئي، ١٩٥٧ تائين ٥ سيڪڙو هئي. پر پنجابي پناهگير مستقل-مفاد ١٩٥٤ ۾ هڪ سازش رٿي. ١٩٥٥ ۾ ون يونٽ قائم ڪرائي، سنڌ جي وجود ۽ نالي کي ختم ڪرايو. ۽ پوءِ فوجي ٽوڙي فوجي آپيشاهيءَ واري **"ڊيموڪلس جي تلوار"** هيٺ ڪم ڪندڙ عوامي حڪومتن سنڌ ۾ پنجاب، ٻين صوبن ۽ مُلڪن کان ٻاهرين

ماڻهن کي سنڌ ۾ وسيع رقابنديءَ سان آباد ڪرڻ شروع ڪيو ۽ اردو نظريہ دانن جي سرپرستيءَ هيٺ سنڌ جي نوڪرين، واپار، صنعت ۽ زمين تي قبضو ڪيو ويو. ڪراچيءَ ۾ موجود ٥٠٠ سنڌي ميڊيم اسڪول راتو رات اردو اسڪولن ۾ بدلجي ويا. سمورين صنعتن تي پنجابي پناهگير قابض ٿي ويا. هزارين ايڪڙ زرعي زمينون فوجين، غير حاضر آبادگارن ۽ پنجابي آفيسرن کي ڏنيون ويون ۽ سنڌ جي آدمشماريءَ جو توازن ان حد تائين بگاڙيو ويو جو ١٩٨١ جي آدمشماريءَ موجب سنڌي ٥٢ سيڪڙو ۽ غير سنڌي ٤٨ سيڪڙو ٿي چڪا آهن ۽ منظم پلاننگ آهي تہ ايندڙ ڪجهہ سالن ۾ سنڌين کي مڪمل اقليت ۾ تبديل ڪيو وڃي. سنڌي ٻوليءَ جي سرڪاري حيثيت ختم ڪري ان جي جاءِ تي اردوءَ کي نہ رڳو قومي زبان بڻايو ويو آهي، پر ڪورٽ ڪچهري ۽ دفتر جي زبان بہ بڻايو ويو آهي. اهڙيءَ طرح اڳتي نہ رڳو قومي زبان ١٩٧٣ جي آئين هيٺ اردو آباديءَ کي سنڌي سکڻ کان ١٢ سالن تائين مبرقرار ڏنو ويو، جڏهن ڪ سنڌي شاگردن کي ڇهين پرائمري کان اردو لازمي سکڻ قرار ڏني وئي. ان نموني شهرن ۾ رهندڙ سنڌ ۾ مستقل آباد اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ کي سنڌي سکڻ ۽ سنڌي قوم جو حصو بڻجڻ کان روڪيو ويو. ١٩٨٩ ۾ حيدرآباد جي چيف مارشل لا ائڊمنسٽريٽر ٽڪا خان سنڌ يونيورسٽيءَ مان سنڌي نہ ڄاڻندڙ شاگردن لاءِ لازمي سنڌي پيپر ۽ سنڌي فائينل کي ختم ڪرائي ڇڏيو. اهڙي طرح ١٩٧٢ ۾ ٻوليءَ وارا فساد ڪرائي ٻهريون ڀيرو شهرن ۾ رهندڙ سنڌين جو قتلام ڪرايو ويو ۽ سنڌ جي علم و دانش جي مرڪز **سنڌالاجي** ۽ حيدرآباد ۾ محترم مرحوم محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي 'انسان' پريس کي باهہ ڏئي ساڙيو ويو. ان بعد ضيا جي مارشل لائي دور ۾ رهي کهي ڪسر بہ پوري ڪئي وئي ۽ سنڌي طور مڪمل غلام بڻجي وياسون. ڌارين کي پناهون ڏيندڙ سنڌي انصار پناهہ وٺندڙ مهاجرن جي نظر ۾ ڪافر ۽ ڀارت جا ايجنٽ بڻجي وياسون. ١٩٧٣ جي ايم-آر-ڊي. تحريڪ دوران ننگي فوجي تشدد خلاف جڏهن سنڌ جي ڀهراڙين مزاحمت ڪئي تہ هزارين بيگناهہ ڳوٺاڻا ماريا ويا. لاڪاٽ، احمد برهماڻي ۽ طيب هيم جهڙا ڳوٺ اجاڙيا ويا، ٽوڙي ڦاٽڪ جهڙا واقعا ڪرايا ويا. پر ان پوري عرصي ۾ سنڌ جي

هجن، آزاد ڪيا ويندا.

(٧) سنڌ ۾ امن ان وقت قائم ٿي سگهي ٿو جڏهن سنڌ اندر مارشل لا پرورده فاسسٽ جماعتن جي سرگرمين کي ٻنجو ڏنو ويندو.

(٨) جڏهن سنڌ جي واحد سرڪاري ۽ قومي ٻولي سنڌي بڻائي ويندي.

(٩) جڏهن سنڌ ۾ سنڌي ڳوٺاڻن کي ڌاڙيلن کان تحفظ مهيا ڪيو ويندو ۽ ڳوٺاڻن کي هٿيارن جا لائسنس ڏئي ڌاڙيلن جي مقابلي لاءِ تيار ڪيو ويندو.

(١٠) سنڌ ۾ امن ان وقت قائم ٿي سگهي ٿو جڏهن حڪومت پنهنجي صفن ۾ موجود ڪارين رڍن ۽ مارشل لا ۾ ايم.ڪيو.ايم. جي همدرد فردن تي نظر رکندي.

(١١) سنڌ ۾ امن ان وقت قائم ٿي سگهي ٿو، جڏهن سمورن بي گهر شهري سنڌي ماڻهن کي پنهنجن گهرن ۾ آباد ڪيو ويندو ۽ کين تحفظ مهيا ڪيو ويندو.

(١٢) جڏهن شهرن ۾ سنڌي، اردو ڀاڙن جي ورهاست وارو عمل بند ڪيو ويندو.

(١٣) جڏهن پنجاب جي فوجين ۽ غير حاضر زميندارن کان زمينون کسي، سنڌ جي هارين کي ڏنيون ينديون.

(١٤) سنڌ ۾ امن تڏهن قائم ٿيندو، جڏهن نوڪرين مان ٻين صوبن جي ماڻهن جي هڪ هٽي ختم ڪئي ويندي ۽ مزدوريءَ جي اِرادي سان ايندڙن ڌارين لاءِ **ورڪ پرمٽ** سرشتو قائم ڪيو ويندو.

(١٥) جڏهن اردو ڳالهائيندڙ دانشور سنڌي دانشورن وانگر دهشت گردي خلاف اُٿي کڙا ٿيندا ۽ بنا ڊپ جي **ايم مهڪري ۽ زاهده حنا** وانگر حقيقتن کي تسليم ڪندا.

(١٦) جڏهن حڪومت پنهنجن غلطين جو اعتراف ڪندي، اقربا پروريءَ واري روش ڇڏيندي.

(۱۷) جڏهن سنڌ مان فوج، ايف.سي. ۽ رينجرس کي ڪڏي پوليس کي با اختيار بڻايو ويندو ۽ انهن تي عوامي چوڪسيءَ جو نظام قائم ڪيو ويندو.

(۱۸) جڏهن پڪو قلعو خالي ڪرائي آثار قديمه جي حوالي ڪيو ويندو. هن وقت رهندڙن کي سرڪاري طور رهائش مهيا ڪئي ويندي.

(۱۹) **قاسم آباد**، مارئي ٽائون ۽ سوين ڪئمپن ۾ پناهگير بڻيل هزارين سنڌين کي اجها واپس ڪيا ويندا. مستقل جي گهر بڻيل ماڻهن کي سرڪاري خرچ تي گهر ٺهرائي ڏنا ويندا ۽ سنڌن جاني ۽ مالي نقصان جو ازالو ڪيو ويندو.

(۲۰) سنڌ ۾ امن تڏهن قائم ٿيندو، جڏهن غير قانوني اسلحي جي روڪٿام ڪئي ويندي.

(۲۱) سنڌ ۾ امن تڏهن قائم ٿيندو، جڏهن دهشتگرديءَ جي واقعات لاءِ غير-جانبدار ڪميشن سپريم ۽ هاءِ ڪورٽ جي ججن تي مشتمل بي ريا تحقيقات ڪرائي ويندي.

---

## ”چنگاري“ ماهوار

**ڪوئلن، (ويسٽ جرمني)، ۱۲-۹-۱۹۹۰**

مانوارا *آدا* ڪيرت، شل جئين ۽ سوين ماڻين!

توهانجو خط اڄ مليو. جواب حاضر *آهي*. مان ڪجهہ وقت دبئي ۽ سعودي عرب ويل هئس. سنڌ جي صورتحال تي توهانجو خط پڙهي محسوس ٿيو تہ هن درد ۽ پيڙا ۾ مان *اَڪيلو* ناهيان، سنڌ تي گذريل چند مهينن ۾ جيڪي ظلم ٿيا، *اُنهن* راتين جي ننڊ حرام ڪري طبيعت ۾ بيچيني پيدا ڪئي. پر جلاوطني ۾ سواءِ رڙڻ ۽ دانهون ڪرڻ جي ٻيو ڇا ٿو ڪري سگهجي؟

توهان جو خط پڙهي لڳو:

## اَجا رُڄ مان رڙ اچي ٿي،
## متان اٿن سمجھين مُئا مور سارا.

مون هتان کان يورپ جي ڪجھہ سنڌي دوستن سان رابطو ڪيو آهي. آمريڪا ۾ بہ سنا دوست آهن. اَسان سنڌين جو مسئلو اهو رهيو آهي تہ سُست آهيون. وقت تيزيءَ سان گذري رهيو آهي. اَسانجو قومي وجُود خطري ۾ آهي. اَسان اَڃا بہ ڪنهن گهري ننڊ ۾ آهيون. اَسانجو مسئلو وڏو اِهو بہ آهي تہ سنڌ ۾ ليڊرشپ موقع پرستي ۽ وڙهڻ ۾ مشغوُل آهي. دشمن متحد آهي ۽ اَسان اَڃا گروهن ۾ ورهايل آهيون. اَسانکي يورپ ۽ سنڌ کان ٻاهر صرف ۽ صرف سنڌيت جي بنياد تي هڪ مضبوط ۽ فعال محاذ ٺاهڻو پوندو، جنهن ۾ سڀني کي گروپن جي فرق کان مٿاڇرو ٿي هلڻو پوندو. مسئلو سنڌ ۽ سنڌين جي زندگي ۽ موت جو آهي. اَڄوڪي عالمي حالتن ۾ پاڪستان جو ٽُٽڻ شايد ممڪن ناهي. شايد هندستان جي ليڊرشپ جو مفاد بہ اِنهي مُلڪ پاڪستان جي وجود سان آهي. اِنهن مفادن جي جنگ ۾ اَسان سنڌي پيڙهجي رهيا آهيون. اَڄ سنڌ ٩٩ سيڪڙو پاڪستان مان جان ڇڏائڻ لاءِ آتي آهي، پر اِن لاءِ تنظيم، رابطو ۽ تياري ڪونهي. سنڌين کي وقتي ظلمن کان نجات ڏيارڻ لاءِ پاڪستان اَندر اِتحادي بہ ڳولهڻا آهن جو ٻيو ڪو چارو ڪونهي.

توهان ڪو پروگرام ٺاهيو جو سنڌ کان ٻاهر ڪو سرگرم محاذ ٺاهجي، جيڪو سنڌي ماڻهن جو ڪيس دنيا تائين پهچائي. اَسان جان ۽ مال جي هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون.

مان ايندڙ هفتي لنڊن وڃي رهيو آهيان. اُتي ڪجھہ دوستن سان مشورو ڪندس. توهان پروگرام ٺاهي آڪٽوبر ۾ اَچي سگهو تہ بهتر ٿيندو.

سڀني ديس جي پيارن کي پيار، سلام ۽ تمستي!

**توهانجو،**

**شير محمد سرفراز**

## RAISINGHANEY & CO.

### Solicitors

**Middle Sex - UB24AH (UK),**
**20th September, 1990**

Dear Mr. Babani,

So that your mail do not remain unattended I am writing you on behalf of Dr. Halepota who is gone to Pakistan in connection with making arrangements for the forthcoming CONFERENCE of WORLD SINDHI CONGRESS. I am unable to comment as regards to Visa Arrangements for Overseas Sindhis who wish to attend the proposed Conference. Dr. Halepota is expected to return to this country on the 10th October, next. I would then place your letter before him.

As far as news media clipping is concerned I am forwarding copies to all the interested parties in this Country.

Incidentally, I may add to say that I have given a solemn promise to "World Sindhi Congress" that I would liaise with Sindhis living inside as well as outside Sindh and such legal Advice as is required of me for Charitable purposes in Sindh.

I am enclosing a copy of long letter of Mr. Tolani of Tando Allahyar, Sindh, Pakistan, which arrived in my office today. I have developed fascination for reading the Cultural Social and Economic History of Sindh and Baluchistan. **It is my opinion that Sindh has not seen a domestic (Indigenous Rule) in its own province since 712 after the conquest of Mohammed Bin Kassim, yet it has remained culturally and Linguistically intact** but it is being systematically destroyed culturally and linguistically now. And we say "SAVE SINDH".

Jai Hind.

Yours sincerely,

**G.H. Raisinghaney.**
**LL.M.**

دبئي، ۱۰-۱۲-۱۹۹۰

پيارا ڪيرت،

اُميد تہ مزي ۾ هوندا!

اوهانجو خط ڪالهہ مليو آهي. بر وقت گورڌن شرما ’گهايل‘ ڪان پُڇا ڪيم. هن چيو تہ مون رپورٽ موڪلي ڏني آهي. جيڪڏهن سندس رپورٽ هيٺ مٿي ٿي ويئي آهي (يا ڪرائي ويئي آهي!) تہ اوهان ئي رپورٽ لکندا تہ مهرباني ٿيندي. دبئيءَ ۾ ڪي عناصر اَهڙا آهن، جن جي هندستان ۽ هندواسيءَ ۾ هلندي آهي. ’سدائين گڏ سنڌي‘ جو نالو ڏسڻ نٿا چاهين. اهڙيون ڳالهيون هر ڪنهن هنڌ ٿينديون آهن ۽ اوهان کي تہ خبر آهي شروعات ڪان وٺي اسانجي هلچل جو ’ڪمزور‘ پهلو پبلسٽي پئي رهيو آهي ۽ مان قبوُل ڪريان ٿو تہ اسان جي پبلسٽيءَ جو پهلوُ تمام ڪمزور آهي. حقيقت ۾ سڄو ڪم ٻن اَدائي جڻن کي ڪرڻو پوي ٿو. اُهو پڻ نوڪريون ڪرڻ بعد پنهنجي Spare وقت ۾. اُن مان بہ منهنجي مجبوري اها آهي جو مان ڪليل نموني ڪٿي اچي وڃي نٿو سگهان ۽ هروبرو پاڪستاني اختياريءَ وارن کي هٿان جي سنسٽا کي لوڙڻ لاءِ هٿيار ميسر ڪري ڏيان. هونئن لوڙڻ وارا تہ گهڻو ئي ڪجهہ ڪري رهيا آهن، پر ”اُڪرين ۾ سر وجهڻ وارا مهرين پر نہ ڊڄندا آهن“، ڏسڻو آهي تہ ڪيترو وقت!

حقيقت ۾ هن ڪان اڳواٽ ئي مان اوهان کي خط لکڻ وارو هوس. پر پارٽي ٿي وڃڻ بعد گهر جا باسڻ ڌوئڻا پوندا آهن. فنڪشن ختم ڪرڻ بعد سيني کي واپس اُماڻڻ ۽ ٻين ڪن ڳالهين جي پوئواري ڪرڻ ۾ مشغوُل هوس. (ڪيترا نہ رُڻل پرچائڻا پوندا آهن)

جويي صاحب سان ڪافي خلاصي ۽ سنجيدگيءَ سان ڳالهہ ٻولهہ ٿي. پهرين مان سندس چيد جو ذڪر ڪندس. مون ڪيس پنهنجي Position ڪان واقف ڪيو (idealogical) تہ هن سنجيدگيءَ سان ٻڌو ۽ ڪنهن حد تائين متفق ٿياسين.

سندس خيال ۾ سنڌ ۾ قوم پرست عناصرن جا اَلڳ گروهہ ٺهڻ جو سبب اهو آهي جو قوم پرستن ۾ ڪوبہ Mass ليڊر نہ آهي. جيڪڏهن ڪنهن کي بہ عوام جي اڪثريت جي پٺڀرائي هجي تہ هوند سڀ گروهہ مجبورن يڪمشت ٿي سنڌس پٺيان هلي سگهن ٿا. گروهن جي نام نهاد

ليڊرن ۾ بنيادي اُصولن جو تڪر نہ پر شخصيت جو تڪر آهي ۽ چاڪاڻ جو ليڊرشپ مڊل ڪلاس ۽ وڏيري ڪلاس جي هٿ ۾ آهي، تہ سندن فيصلا پڻ شخصي ڪمزورين ۽ شخصي پسندين ۽ ناپسندين جي بنياد تي ٿيندا آهن، جن کي نظرياتي رنگ ڏنو ويندو آهي.

سندس چوڻ موجب سائين جي.ايم. ۽ 'جيئي سنڌ' هلچل سنڌي قوم پرستيءَ جي هڪ هٽيءَ جي دعويٰ جي آڌار تي، ٻين سنڌ پرست عناصرن کي گڏ ڪرڻ بجاءِ ڏاهي رهيا آهن ۽ ايئن disruption پيدا ڪري رهيا آهن. اڳتي سوال ڪرڻ تي خبر پيئي تہ هو قادر مگسي جي گروپ کي وڌيڪ سنجيدهہ ٿو سمجهي. سندس خيال موجب سائين جي.ايم. جا بيان سنڌي قوم پرستن کي مدد ڪرڻ بجاءِ کين منجهائي ۽ گمراهہ ڪري رهيا آهن. سائين جي.ايم. جو سنڌو ديش جو نعرو بنا ڪنهن بنيادي محنت ڪرڻ جي عدم موجودگيءَ ۾ نقصان ڪار ثابت ٿيو آهي. گراس روٽ ليول تي ڪم بہ ٿيل نہ آهي.

وڌيڪ ڳالهيون ڪندي اهو ظاهر ٿيو تہ هو سنڌ جي سوال جو حل پاڪستان جي frame work ۾ ئي ڳولهڻ جي فائدي ۾ آهي ۽ ممتاز ڀٽي جي ڪانفيڊريشن واري نظريي کي وڌيڪ ويجهو آهي. جويو صاحب فيبروريءَ ۾ هندستان جو دورو ڪرڻ لاءِ اچڻ چاهي ٿو. اوهان اها ڪوشش ڪريو تہ کيس ويزا ملڻ ۾ تڪليف نہ ٿئي.

مون پنهنجو رايو هن ريت پيش ڪيو :

(ا) پاڪستان جو بنياد هندو اِنڊيا جي fear Complex تي ٻڌل آهي، تنهنڪري پاڪستان هندستان جي ڀيٽ ۾ ملٽري Parity حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي. پاڪستن جي وجود جو سمورو منطق تڏهن مُمڪن آهي جڏهن هو سدائين هندستان جي خطري جو ''هائو'' ٻڌيندو رهي. اُن جو نتيجو اِهو آهي تہ پاڪستان ايتري ملٽري رکي ٿو جو سندس Size ۽ Resources کان وڌيڪ آهي. اِها bloated ملٽري سدائين اقتدار حاصل ڪرڻ جي چڪر ۾ رهندي آهي. انٽرنئشنل سطح تي پاڪستان جو نفي ڪردار پڻ عالم آشڪار تہ آهي پر اُهو پڻ هن Posture جو نتيجو آهي - پاڪستان ۾ ملٽريءَ کي اقتدار حاصل ڪرڻ لاءِ سدائين Temptation رهندو ۽ ايئن ملٽري ڊڪٽيٽرشپ جو بہ سدائين خطرو رهندو. معنيٰ پاڪستان جو Character، anti-democratic رهندو.

(٢) پاڪستان جي آدمشماري، ٻولي ۽ پرڳڻن جي لحاظ کان imbalanced آهي. حقيقت ۾ پنجاب، پاڪستان ۽ ملٽري، ٽيئي پرڳڻن جي لحاظ کان interchangeable Terms آهن - پاڪستان ۾ جيڪڏهن 'سچي لوڪشاهي' آئي تہ بہ پرڳڻن جي حالت ڪالونيءَ جهڙي رهندي.

(٣) موجوده انٽرراشٽريہ حالتن ۾ جڏهن اڳيون Geopolitical equation ٽُٽي چُڪو آهي، جيڪو اڳي سُپرپاورس جي ڪري BiPolar هو، هاڻي Flux ۾ آهي. روس ۽ ٻين ڪيترن هنڌن تي Ethnic Struggles اُڀري رهيا آهن. هن Flux جو فائدو 'سنڌ' ۽ ٻيا پاڪستان جا پرڳڻا ڪهڙي نموني ڏا وٺي سگهن؟

اهو ضروري آهي تہ مٿين حقيقتن کي خيال ۾ رکي سنڌ جا دانشور پاڻ ۾ ويهي ڪو minimum پروگرام تيار ڪن ۽ عمل جي شروعات ڪن. هن لاءِ اهو ضروري آهي تہ سنڌ جي اندر سيئي قوم-پرست عناصر هڪ هنڌ گڏ ٿين ۽ تنهن لاءِ پاڪستان کان ٻاهر ڪٿي (لنڊن ۾) سنجيده قوم پرست دانشورن جي 'رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس' گهرائي وڃي.

گرائونڊ ورڪ ڪرڻ لاءِ جويي صاحب قبوليو. پهرين شخصي طور ڪن دانشورن سان تہ ڳالهہ ڪبي ۽ رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس جي idea ۽ بنيادي سوالن کي identify ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي ۽ آهستي آهستي قوم پرست دانشورن ۾ بحث جو دائرو وڌائبو، جنهن بعد رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس گهرائڻ جو فيصلو ڪبو ۽ پوءِ اَلگہ اَلگہ دستاويز اچن.

مون کيس ذهن نشين ڪرايو تہ جنهن حالت ۾ اسان کي سنڌ جي سياست ۾ صرف ذهني دلچسپي رهندي ۽ ground level سياسي رقابتن کان دور آهيون تہ اسان moderator جو رول اَدا ڪري سگهنداسين. هاڻي ڏسجي چا ٿو ٿئي؟

ٽي چار ڏينهن اَڳہ لنڊن مان ڊاڪٽر افضل آيل هو. اوهان جي لنڊن دوري جي ڳالهہ ڪيائين. اوهان کيس گڏجي نہ سگهيا، پر هن اوهان جي اچڻ بعد جنهن ڳالهہ جو ذڪر ڪيو سا اِها آهي: هونئن سنڌي هندو، پاڪستاني سنڌين کي پرسان اچڻ نہ ڏيندا هئا، پر هاڻي ريلواٽيءَ جي رويي ۾ ڪافي فرق آيو آهي ۽ سنڌ جي سنڌين سان همدردي ڪري ٿو - ڊاڪٽر هاليپوٽو شايد Save Sind ڪانفرنس بعد واپس دبئيءَ مان ٿيندو لنڊن ويندو تہ مون سان مُلاقات ڪندو ويندو. اوهان ڊاڪٽر هاليپوٽو سان

گڏيا هئا، مان اوهان جي تاثر کان واقف ٿيڻ چاهيندس.

اَوهان جي لنڊن جي دوري جي رپورٽ جو انتظار اَٿم.

ڊاڪٽر افضل جي چوڻ موجب لنڊن ۾ سنڌ جي سنڌين جون پڻ هڪ کان وڌيڪ سنسٿائون آهن. هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته جيڪڏهن لنڊن ۾ رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس ٿئي ٿي ته organize ڪير ڪندو؟ ۽ بيا پڻ ڪيترا پهلوُ آهن، جن بابت اسان کي اڳوات ئي تيار رهڻو پوندو - جڏهن جويو صاحب بمبئي اچي ته اوهان پڻ ڪيس هن ڏس ۾ Push ڪندا ته بهتر.

اوهان کي لنڊن مان مواد نه مليو آهي ۽ مون کي سنڌ مان مواد نه مليو آهي. اسان جو ساٿي عطامحمد هن ڳالهه کي ڪٽي گهڻو پريشان آهي. سنڌس لاءِ ڪراچيءَ ويجهڙ ۾ وڃڻ ٺيڪ نه ٿيندو. ڪوشش ڪري رهيا آهيون - اوهان جو مئٽر ملي ته up-to-date دستاويز تيار ڪريون ۽ اُن بعد لنڊن ڪانفرنس لاءِ پڻ ڪو گڏيل دستاويز تيار ڪرڻ گهرجي. (مان پاڻيءَ کان اڳ ته ڪپڙا نه لاهي رهيو آهيان!) رواجي طور ته اسان دير سان جاڳندا آهيون.

ڪراچيءَ ۾ ڪوٺايل 'سنڌ بچايو' ڪانفرنس جي شروعات جون رپورٽون مايوس ڪندڙ آهن. 'جوَ ڊيري، گڏهه رکپال' واري ڳالهه آهي - ڪانفرنس جو مهورت سنڌ جي گورنر هارون کان ڪرايو ويو ۽ ڊاڪٽر هاليپوٽو پنهنجي روپرٽ ۾ لنڊن ۾ ويهي ڪهڙا تير هلايا اٿائين، اُهو سچو ڪُلي عام ذڪر ڪيو. (پُٺي ٺپ جي چاهنا ڪنهن کي ڪٽي ٿي وٺ ڪري). وڌيڪ خبرون اچان ڪونه پهتيون اَٿم.

منهنجي صحت ڪُجهه مايوس ڪندڙ ٿي پيئي آهي. دوائن ۽ ڊاڪٽرن جي ڪوشش باوجود بلڊ پريشر ڪنٽرول نٿو ٿئي. هڪ مهنو ٿيو آهي. بنا ڪم ڪرڻ جي هرويرو ٿڪاوٽ محسوُس پيو ڪريان. خير! اهي سرير جا ڏنڊ ڏيڻا آهن، مُنهن پيو ڏيوا!

اُميد ته سويتا، اوهان جا ٻار، نُهر ۽ سنڌن ٻار سڀ مزي ۾ هوندا!

سلام، منهنجا سيني ساٿين لاءِ.

اوهانجو،

موهن.

## U.T. Thakur

M.A.; LL.B; Ph.D.

اُديپور ۱۲-۱۰-۱۹۹۱

پياءُ کيرت،

عرض تہ اَوهان جو شخصي خط مليو - ڏسمبر سميلن تي اچڻ لاءِ لکيو، سوئي عمر جي لحاظ کون مُمکن کونہ آهي. جيٽليءَ کي سندس لکڻ تي نومبر ۾ آديپور سيمينار تي اچڻ برابر قبوُل کيو هوم، پر هاڻي اُتي بہ وڃڻ کونہ ٿيندو. مان پنهنجا ڪجهہ ويچار شامل (representation) ۾ ڏنا آهن، جنهن جي اوهان کي ڪاپي موڪلي رهيو آهيان. راڄنيتي سنگهنن ئي منهنجي ويچار ۾ سڀ ڳالهہ جو علاج آهي. هڪ ڳالهہ جا مونکي اخبارن ۾ پسند ڪانہ آئي تہ جيڪڏهن هندو سنڌ مان وري لڏن تہ اُنهن کي پارت ۾ آزاد ڇڏجي تہ ڪٿي بہ وڃن - اهو برابر آهي تہ سنڌ جي آزاديءَ جي هلچل جي لحاظ کان سندن سنڌ مان لڏڻ نيڪ نہ ٿيندو پر جيڪڏهن اتهاس وري بہ ائين چاهي تہ اُنهن کي راجستان ۽ گجرات جي سرحدي ضلعن ۾ وسايو وڃي. گهڻا هندوُ تہ اڄ بہ ٿرپارڪر ضلع ۾ رهن ٿا ۽ جيڪڏهن بارڊر لتاڙي هِنَ پار ايندا تہ **اوڀر سنڌ** خود بخود ٺهي ويندي. ۱۹۴۷ ۾ تہ وڪاس يوجنائون کونہ هيون، پر هاڻي اِنهن يوجنائن هيٺ وسائڻ لاءِ زور ڏيڻ گهرجي.

انهيءَ راءِ سان مان بلڪل شامل راءِ آهيان تہ عورتن جو سنگهنن بلڪل ضروري آهي ڇو تہ هاڻ سماج فقط سنڌو سنسڪرتيءَ جي آڌار تي زنده رهي سگهي ٿي. ٻولي تہ اوهان ڪيترا بہ وڪاس بورڊ ولو تہ رهڻ واري ڪانہ آهي - اتهاس ٻي ڳالهہ آهي - دکہ جي ڳالهہ آهي تہ هيل تائين جيڪو ساهت نڪتو آهي، اهو ٻيو ڪجهہ بہ ٿي سگهي ٿو پر سنڌي سنسڪرتي کونہ آهي يا ان جي خلاف آهي.

ٻي ڳالهہ جيڪا لکڻ چاهيان ٿو تہ ڪنهن بہ نئين آرگنائيزيشن جي ideology سنڌيءَ جي گهر پهچڻ گهرجي. هندي، اَنگريزي ۽ پرانتڪ ٻولين ۾ پرچار ضروري آهي. اُڏيپور جو حال تہ اهو آهي تہ جيڪڏهن ڪوبہ ٻليڻن هنديءَ ۾ هوندو تہ هرڪو پڙهندو پر جي سنڌيءَ ۾ هوندو تہ ڪوبہ سنڌي کونہ پڙهندو.

ٿي سگهي ٿو تہ منهنجا کي ويچار اوهانکي پسند نہ بہ هجن، پر اُميد رکان ٿو تہ ڦرندڙ حالتن کي ڏيان ۾ رکي ڪو لاڀدايڪ مارگہ ولندا - منهنجا ۸۲ ورهيہ عمر جا پورا ٿيا آهن ۽ مان اچڻ کان مجبور آهيان - ان لاءِ معاف ڪندا.

شيوا ۾
اُتم.

سر-مانوءَ آشرم، ٻوڌگيا (بهار)،
١٨-١١-١٩٩١

پيارا ڀاءُ شري ڪيرت شل خوش هجو!

توهان جي تار ۽ چٺي ملي. تار جو جواب ڏنو اٿم. اُميد تہ وقت سر ملي هوندي. توهان جي وڏي مهرباني جو اندور سميلن جي ڪوٺ ڏني اٿو. اول خير، مون سميلن ۾ ٽي ڏينهن اچي حاضر ٿيڻ جو ويچار ڪيو آهي.

باقي مهورت جي ڳالهہ. مان سمجهان ٿو تہ مهورت لاءِ ڪنهن ٻئي کي چونڊيو تہ سميلن جي خيال کان نيڪ ٿيندو. مان تہ نہ ودوان آهيان، نہ ڪلاڪار آهيان. نہ تقرير، تحرير ڪرڻ ڄاڻان. مان هڪ رواجي شيواڌاري آهيان.

توهان کي منهنجي چاهہ ڪانهي. مان بہ ڀيريون دفعو سميلن ۾ ڀرو ونڻ ٿو اچان. مون کي ڪجهہ سکڻ جو موقعو ڏيو تہ بهتر.

جمنالعل بجاج اوارڊ ڊسمبر ۾ ملڻو آهي، پرڌان منتريءَ جي هٿان ملڻو آهي. تاريخ پرڌان منتري ظاهر ڪندو.

انڪري مهورت لاءِ ڪنهن ٻئي سڄڻ کي چونڊيو تہ نيڪ ٿيندو. وري ويچار ڪندا. باقي توهان جو جيڪو حڪم هوندو، عمل ڪندس.

مان ٢٠ ڊسمبر اِندور پهچندس. اسان جو آشرم اندور ۾ آهي. آشرم جو نالو آهي 'وسرجن آشرم'. مان ٢٠ ڊسمبر اتي پهچندس. ٢١ ڊسمبر سميلن ۾ اچي حاضر ٿيندس.

اُميد تہ مزي ۾ هوندا.

سميلن ۾ جي ٿي سگهي تہ مون کي وقت ڏيندا تہ گذريل ٤٠ سالن ۾ بهار ۾ مون ڇا ڪيو آهي، اهو پائرن کي ٻڌائڻ چاهيندس.

مان جيڪر چاهيان تہ توهان پارت جي آزاديءَ کان پوءِ اَڏڻ ۾ سنڌين ڇا ڇا ڪيو آهي، اهو احوال ڇپايو تہ پارتواسين کي خبر پوي تہ سنڌين پارت کي اَڏڻ ۾ چڱو خاصو ڀرو ورتو آهي.

شيوا ۾
دوارڪو سندراڻي

سنڌي ائسوسئيشن آف نارٿ آمريڪا (سانا)، ٢١-١١-١٩٩١

مٺا سائين ارون -

جيئي سنڌ ۽ جيئي سنڌي.

ڊاڪٽر نرنجن دوداڻي صاحب مون ڏانهن اوهانجا ٻه Sindh Rises موڪليا آهن، پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي آهي.

آءٌ پنهنجو **سنڌ مانيٽر** اوهان ڏانهن موڪلي رهيو آهيان. پنهنجي خيالات کان ضرور واقف ڪندا.

سنڌ اسانجي ماءُ آهي. ان ناتي سان اسين سڀ سنڌي ڀائر آهيون. پوءِ دنيا جي ڪنهن به ڪُنڊ ۾ ڇونه هجون.

اچو ته نئين سنڌ جي تعمير لاءِ گڏ ڪم ڪريون. آزادي اِنسانن جو پيدائشي حق آهي. امن ۽ انصاف انسانيت جا مهراج - اچو ته گڏجي سنڌ ۽ سڄي انسان ذات جي ڀائيچاري ۽ اَمن لاءِ هٿ هٿ ۾ ملائي هلون.

سڀني ساٿين کي جيئي سنڌ چوندا.

اوهانجو،

اقبال ترين

(Sr. Vice President)

---

**Bodhgaya (Bihar), 25-11-1991**

Dear Shri Kirat Babani,

Thank you for your letter dated 19th November'91. I hope you have received my letter. There is no necessity of reception programme at the station. Please don't treat me as a special person. Really I am not a leader. I am an ordinary field worker. I don't like to give speeches. I would like a dialogue.

I shall reach the conference place in time.

As per your instructions, I am sending herewith my photo, Bio-data.

With Kind regards,

Yours sincerely,

**Dwarko Sundrani.**

---

دادو، ۹-۱-۱۹۹۲

مانوارا سائين، ڪيرت باباڻي صاحب،
اُميد تہ خوش باش هوندا.

مونکي، اوهان پاران موڪليل ماهوار Sindh Rises جا ماهہ آڪٽوبر، نومبر ۽ ڊسمبر ۱۹۹۱ع جا پرچا ٽپال ذريعي پهتا آهن - يادگيريءَ لاءِ وڏي وڏي مهرباني.

اوهان سنڌ جي ڌرتيءَ کان پري رهي سنڌ جي لاءِ جيڪا جاکوڙ ڪري رهيا آهيو، تنهن مان صاف ظاهر آهي، تہ اوهان فقط جسماني طور ئي اسان کان جدا آهيو، پر ذهني طور تي، روحاني طور تي ۽ عملي طور تي اسان سان گڏ آهيو. سنڌ جي تاريخ ۽ سنڌي ماڻهو اوهان کي ڪڏهن بہ وسارڻ جي سگهہ ساري نٿا سگهن. اوهان ۽ اوهان جهڙا اهي ٻيا سمورا اديب ۽ ماڻهو، جيڪي هند ۾ ويهي، سنڌ جي سينڌ ۾ سنڌور پريندا رهن ٿا ۽ ان جي ميري نہ ٿيڻ لاءِ دعاگو آهن، سي سچ تہ جيجل جي ٿڃ ملهائي رهيا آهن.

اُميد تہ آئينده بہ اوهانجو رابطو رهندو.

منهنجي لاءِ ڪو ڪم ڪار هجي تہ حڪم ڪندا.

اوهانجو،
عادل سخيراڻي

---

جامشورو (سنڌ)، ۱۵-۱-۱۹۹۲

دادا، حق موجود.

اُميد اَٿم تہ اوهان پنهنجي جوان جذبن ۽ باراڻي مرڪ سان ٺيڪ ٺاڪ ۽ خوش هوندا.

سڀ ڪجهہ لکڻ کان اول معافي تہ خط تمام دير سان لکي رهيو آهيان. اُميد اَٿم تہ پنهنجو ننڍڙو سمجهي معاف ڪندا.

دادا، ڪڏهن بہ ائين نہ سمجهجو تہ آءٌ اوهان کي وساري چڪو آهيان. خط ۾ دير مدار تي سگهي ٿي چاکاڻ تہ پروفيشنل اسٽڊي آهي ۽ تمام سخت آهي. ٻيو تہ خاص ڪري مون جهڙي ماڻهوءَ لاءِ ڏکي آهي. خير ڪيئن بہ آهي، محنت جاري آهي ۽ هن ئي فيلڊ ۾ پنهنجن لاءِ ڪجهہ ڪرڻو اَٿم.

---

دادا پوري اِنديا ۾ جيترو اوهانجي شخصيت متاثر ڪيو ايترو ٻئي ڪنهن جي شخصيت اوهانجي پيٽ ۾ اکين آڏو ئي نہ اچي سگهي. محسوس پئي ٿيم تہ اوهانجي ماٿي ريکائن ۾ ۽ سنجيدگيءَ ۾ سنڌ جي ماضيءَ جو اِتهاس سانديل آهي ۽ هڪ جستجوءَ جي لهر بہ موجود آهي. اوهانجي ڪاوش جو ڪاغذ پهتو. دوستن کي بہ پڙهايم ۽ پاڻ بہ پڙهيم، اُميد اٿم تہ اَڳتي بہ ياد رکندا. دادا، جي ڪو فيڪس جو نمبر هجي ها تہ ڏاڍو سُٺو ٿئي پئي ۽ ان تي جلدي پنهنجي مُلاقات ٿي سگهي ٿي.

دادا، اَڄڪلهہ اسانجي گهر ۾ ڪجهہ تبديليون اچي رهيون آهن. ڊاڪٽر گهر ڇڏي رهيو آهي. هن جو ڇوڪرو آهي تہ سائين وڏو هاڻ ڪم جو نہ رهيو آهي. سائين وڏي سنڌ وڏي جي دعوت ڪري گهر ياتين جي جذبن کي ٺيس رسائي آهي ۽ هو هاڻ اسان کان بلڪل الڳ ٿي ويو آهي ۽ سالگرهہ ۾ بہ شريڪ نہ ٿيندو. اسين اڃا مطمئن آهيون ۽ گهر ۾ رهون ٿا ۽ وڏن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون.

دادا، بيو اوهان حال احوال ڏيو، ڪيئن حال آهن - دل تہ ڏاڍو چاهيو هئو تہ اوهان سان وڌيون ڪچهريون ڪندس، پر الائي ڇو ايترو وقت ڪونہ مليو. آخر ۾ بہ تہ جلدي ۾ هليا آياسين. اصل ۾ ٽيليفون آيو هئو تہ پهرين ڊسمبر تائين ڪيئن بہ ڪري پهچي وڃو، انڪري بہ موٽڻو پيو ۽ خاص ڪري حميده جو موٽڻ ضروري هئو. زندگي آهي تہ وري مُلاقات ڪبي ۽ اُميد اٿم تہ خط جي مُلاقات ڪندا ۽ خط جي طريقي کان بہ آگاهہ ڪندا. جي خط سُٺو لڳي تہ آءٌ اهڙا خط، پر اڃا بہ وڌيڪ سنا خط هميشه لکندو رهندس. جي اوهان فئڪس نمبر ڏيو تہ پوءِ خط وڌيڪ وڏو ۽ جلدي جلدي موڪلي سگهون ٿا. ادا آصف طرفان سيني سان خطن ذريعي طعلق رکڻ جو ذمو بہ مون تي آهي، انڪري بہ خط جي ڏي وٺ ضروري آهي. ڇگو، سدائين گڏ. جواب ضرور ڏيندا.

توهانجو،
انعام پٽي.

حسين آباد (گدو)، حيدرآباد، ٢١-١-١٩٩٢

پيارا ڪيرت!

جيئي سنڌ.

اوهان جي سوکڙي 'سنڌ رائيزس' ملندي رهي ٿي. لک قرب. نهايت ٿورائتو آهيان. وڏيڪ جڏهن روبرو آيس ته ٿورا مڃيندس. مهرباني ڪري منهنجي نئين ائڊريس نوٽ ڪندا. اڳتي انهيءَ تي ئي مهرباني ڪندا رهندا. سنگت کي سلام.

نيازمند

نياز همايوني

---

ڪيرت ٻاٻاڻي

بمبئي، ١١-٢-١٩٩٢

پيارا ديال، (جهوليلال - هفتيوار)

مزي ۾ هوندين، پريوار سوڌو.

مان جئپور ۽ اجمير جي سٺن ڏينهن جي دؤري ڪانپوءِ ڪالهه واپس آيس. ٻنهي هنڌن تي مکيه ڪارڪنن ۽ دوستن جا ميڙ ڪوٺائڻ لاءِ اڳواٽ دوستن کي لکيو هوم. ٻنهين هنڌن تي انڪل سؤ کن اهڙا سلجهيل متر حاضر رهيا، جن سان ڪافي گهري خيالن جي ڏي وٺ ٿي. جيڪا ڳالهه بلڪل چٽي تي نظر آئي، سا اِها ته مترن ۽ ڀين سڄڻن ۾ ايتري ته سڄاڳي ۽ اُمنگ آهي جو ڳالهه ڪرڻ جي نه آهي. هر هنڌ اِها ئي طلب آهي ته اسان کي 'اڳوان' ڏيو. لاشڪ اسان جا دوست رهبري ۽ اڳواڻي ڪرڻ ۾ اسمرٿ ئي رهيا آهن. ڪارڻ گهڻيئي آهن. پر حال جي حالت ڏکوئيندڙ آهي.

ڊاڪٽر نکر سان خط-ڪتابت هلي پيئي. منهنجي غير حاضريءَ ۾ به سندس ٻه ڪارڊ آيل آهن. موٽي طور سندس هيءَ ويچار آهن :

(١) راڄنيتيءَ ۾ شعوري دوستن جو ميڙ جلدي گهرايو وڃي. (٢) راڄنيتي پارٽيءَ جو جوڙجڪ / مقصد وغيره ميڙ کان اڳ ۾ تيار ڪري وٺجن. (٣) صرف ڏهه پندرهن دوست شامل ڪجن. پر مون کيس لکيو آهي ته (١) ميڙ گهرائڻ ۾ تڪڙ نه ڪجي. اپريل جي

شروعات يا وچ ڏاري ڪجي جو مارچ جي پڇاڙي ۽ اپريل جي شروع ۾ چيٽي چنڊ جي ميلن ۾ سڀ ڪم ڪندڙ مشغول رهندا. (۲) جوڙجڪ / مقصد وغيره پڻ سيني مترن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ ڪانپوءِ تيار ڪجي؛ پر خاڪو تيار ڪري هلجي. (۳) گهٽ ۾ گهٽ ۴۰ کان ۵۰ شعوري دوستن کي نوتو موڪلجي، پوءِ پر ۲۰ کان ۲۵ اچن، پر پوءِ جي ميار نہ رهندي تہ ڪين نوتو بہ نہ موڪليو ويو.

شري نڪر گانڌيڏام سيمينار تي وڃي رهيو آهي. چيو اڱائين تہ مان بہ اتي پهچان، جا ڳالهہ مُمڪن ڪونهي. ٻاهر نڪرڻ ڏکيو بہ آهي ۽ ڪي ضروري ڪم بہ رهيا پيا آهن ۽ نڪو ڪا مون وٽ دعوت بہ پهتل آهي، جيتوڻيڪ گورڌن چوڌريءَ کي بہ موڪلي وئي آهي. خير، اهڙي بي ڊنگي چال اڄڪلهہ هر سنستا جي سرڪردن ۾ وڌي رهي آهي.

هاڻي هڪ خاص ڳالهہ -

تازو وري جهوليلال ۾ واد وواد ڏسي دک ٿيو اٿم. اَدا، جهوليلال اهڙين اڻوڻندڙ ڳالهين لاءِ نہ آهي. مان مڃان ٿو تہ رد-عمل سياويڪ آهي، پر بهترين ڳالهہ اِها آهي تہ اهڙين واحيات، ڳالهين کي نظر انداز ڪجي. مون تہ هميشهہ ائين ڪيو آهي ۽ سيني جا منهن بند ٿي ويا آهن. پٿر تي پٿر هڻڻ مان هميشهہ واد وواد اُگرو رخ وٺندي، جنهن جو نتيجو خراب ٿي نڪرندو. نہ صرف شخصي سطح تي منهن ميرو ٿو ٿئي، بلڪ ساهتڪ ڪيتر ۾ خواري ٿئي ٿي ۽ ماڻهن ۾ اسان (ساهتڪارن / ڪلاڪارن) لاءِ تمام بڇڙو اثر ٿو ٿئي ۽ شخصيت تي داغ ٿو لڳي. اهڙي قسم جي واد وواد مان اول ۽ آخرين نقصان آهي. اسين جيڪي هلچل ۾ هاڻي بزرگيءَ واري درجي تي پهتا آهيون، تن کي تہ گنڀير جوابداريءَ جو احساس هئڻ گهرجي ۽ ڪنهن بہ صورت ۾ فضا کي خراب نہ ڪرڻ گهرجي. منهنجي نيڙي ٻڌي تہ ائين ٿي چوي .... وڌيڪ اوهين سوچيو.

ٻي ڳالهہ تہ اَڄ جي حالتن ۾ جڏهين هلچل تمام ڍلي / ڪمزور آهي، ڪم ڪندڙ يا تہ ٿڪجي پيا آهن يا وڃي گهر آرامي ٿيا آهن، تڏهين باقي رهيلن ۾ ضد پيدا ڪرڻ يا نفرت وڌائڻ يا هرويرو واد وواد پيدا ڪرڻ مان هلچل کي ڪوبہ لاڀ نہ ملڻو آهي. وڌيڪ

ڪمزور ڪرڻو آهي. مان ان راءِ جو آهيان تہ ڪيترائي ساهتڪار متر آهن، جن کي اسين پنهنجي طرف آڻي سگهون ٿا، رڳو ٿوري دوستاڻي ۽ مٺ محبت واري approach کپي. توکي عجب لڳندو تہ هن دفعي هري موٽواڻيءَ سميلن وقت اسان کي ايتري مدد ڪئي، جو ڇا ڇئجي؟ سووينئر جو ڳچ حصو هو وٺي اُلهاس نگر مان ڇپارائي ڪٺي آيو. پورو هفتو صبوح شام اُلهاس نگر جا چڪر لڳايائين. اگر هو مددگار نہ ٿئي ها تہ ڏاڍي تڪليف ٿئي ها، جو عين وقت جسونت ڪمار گوهي ڏيئي گم ٿي ويو. اسان وٽ ڪم ڪندڙ آهن ئي ڪٿي؟ جن تي ٿورو گهڻو اُتساهہ آهي، تن کي بہ پاسيرو ڪري ڇڏيون. مان اڪيلي سر تہ سڀ نہ ڪري سگهندس. چوڌاري نهار تہ سچا، ڪم ڪندڙ آهن ئي ڪٿي!

ادا، اگر اسين شخصي سطح تي ضد کي پاسيرو رکي سگهون تہ اسان جي ڏاڍي سوڀ ٿيندي. تون خود چوندو آهين تہ متڀيد ڀل هجن، پر منڀيد نہ هجن. مان دوستيءَ تي توکي اَپيل ٿو ڪريان تہ تون واد وواد کي مهرباني ڪري بند ڪري ڇڏ. ويچارن جا متڀيد هجن تہ اکين تي. پوپٽي خود اُگرا واد وواد پيدا ڪري، هاڻي سرخرو ٿيڻ لاءِ پربوڌ ڏيئي رهي آهي. سندس ايامڪاريءَ تي جيڪي گل ڦٽا آهن، تن کان تون ضرور واقف هوندين. هوءَ بہ هاڻي ڏاڍي حرفت سان ڪيلي رهي آهي. خير اسان کي هن جي ڪارگذارين سان ڪو مطلب ڪونهي. پر اسين سندس جار کان بہ بچيا رهون ۽ واد وواد کي ڪنهن بہ حالت تي جاءِ نہ ڏيون.

مون هتي هري موٽواڻيءَ کي پاڻ وٽ گهرائي ڪيس ذهن نشين ڪرايو آهي تہ اهڙي غير رواجي واد وواد مان پش پيش نقصان آهي. مون انجام ورتومانس تہ هن ڪانپوءِ هو ڪنهن بہ حالت تي اهڙي ڪابہ اَڍنگي ڳالهہ نہ لکندو. مون کي وشواس آهي تہ هو مون سان ڪيل اقرار تي قائم رهندو. هاڻي منهنجي توکي اپيل آهي تہ هن ڪانپوءِ ڪابہ شخصي واد وواد جهوليلال تي اچڻ نہ ڏج، جي سنو سمجهين تہ اهڙي پڌرائي ڪري ڇڏ.

آخرين ڳالهہ - اديب نڪو سڀ دشمن آهن ۽ نڪو سڀ خراب.

ڪن ڌورن نجسن کي ڇڏي، باقي ٻين سان ڪنهن نه ڪنهن سطح تي ڪم ڪري سگهجي ٿو ۽ ڪم وٺي سگهجي ٿو، بشرطيڪ دل کي ڪشادو رکون ۽ ذهن مان به ڪي پيڊ ۽ غلط فهميون ڪڍي وڃون. تو خود احمدآباد ۾ اهڙي کلي ۽ ڪشادي دل سان سيني اديبن کي وقت به وقت ميڙي سوڀ حاصل ڪئي آهي، جنهن تي تون خود فخر وٺندو آهين ۽ اڄ جي حالات ۾ اهو ئي سمجهه ۽ سياڻپ ڀريو عملي رستو آهي، اگر اسين پنهنجن اُديشن سان وفادار آهيون ۽ نه پنهنجي اهم سان. پر اَدا اِها ڳالهه اُتم سان نه آهي. اُتم لاءِ پنهنجو اَهم وڏي شيءِ آهي. تون ڀل ڪيس اسان سيني ۾ اُتم سڏي، سندس اَهم کي خوش ڪرين پر سچ ۽ حقيقت کي نظر انداز نه ڪجي. اُهو صحيح نه ٿيندو. هن لاءِ گنو به دشمن ته شيام به دشمن، لکمي به دشمن ته گورڌن به دشمن آهي. راهي به دشمن ته ڪرشن کٽواڻي به دشمن، هري به دشمن ته وشنو به دشمن وغيره. ڪڏهين ته مالهي، موتي ۽ ڪيرت به دشمن هئا. اَسين هنن سيني سان گڏجي ڪم ڪري سگهون ٿا، ڪري رهيا آهيون. اهڙي سوچ ويچار نهايت خطرناڪ آهي. پوءِ ته تحريڪ ۾ ڪوئي ڪونه بچندو. اسين ٻه چار پيا نچنداسون.

هاڻي هن حالت ۾ تو تي وڏي جوابداري آهي. تو اڳوات ئي اڌ سوڀ حاصل ڪئي آهي، جو ڪنهن حد تائين اُتم جي رخ ۾ ڦيرو آندو آهي. گهٽ ۾ گهٽ دوستن خلاف حملا ڪرڻ کان ته باز آيو آهي. هاڻي رهيل اڌ ڪم به توکي پورو ڪرڻو آهي. سندس رخ کي ٽوٽل ڦيرائڻو اٿئي. سندس ذهن ۾ ويٺل ماضيءَ جا ضد، نفرتون ۽ غلط فهميون ڪڍي سندس ڪايا ڪلپ ڪرڻي آهي ته هو پنهنجي من مان اِهي غير صحتمند ڌارائون ڪڍي، سچ پچ اُتم بڻجي. جنهن اعليٰ فلسفي يا آدرشواد جا اسين پاڻ کي مُريد ٿا سڏايون، تنهن ۾ ڇا مٽين ڳالهين کي ڪا جاءِ آهي؟ انسانيت جي اعليٰ آدرش ۾ ڇا نفرت جو واسو آهي؟ تون جئن خود چوندو آهين، متڀيد هجن، منڀيد نه هجن. وڏيڪ تون مالڪ آهين.

قرب مان

ڪيرت ٻاٻاڻي.

دبئي، ۲-۷-۱۹۹۲

پيارا ڪيرت،

اُميد تہ مزي ۾ هوندا.

تنهن ڏينهن ٽيليفون تي ڳالهائڻ ٿيو، تمام مختصر.

جرمنيءَ وارو دوست گذريل هفتي آيو هو. شاديءَ بعد هاڻي ڪيس ٽُٽ جائو آهي. هاڻي پنهنجو ڌنڌو شروع ڪيو اٿائين، تنهنڪري جرمنيءَ سائوديا (جدا) ۾ آفيس رکي اٿائين. سالن سان گڏ دبئيءَ ۾ ڪم شروع ڪرڻ جي ڪوشش ۾ آهي. لنڊن ۾ ڪا پريس ڪانفرنس ڪئي هئائين، مونکي ڪٽنگ فئڪس ڪندو تہ اوهان کي موڪليندس.

اسان سدائين واقعن ۾ گهٽنائن جي ٿي وڃڻ بعد پئي پهتا آهيون. هاڻي اسان کي ڪنهن نموني واقعن کي متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. سنڌ ۾ آرميءَ جو اچڻ پاڪستان جي اندروني ڪنهن وڏي گهوٽالي جو اُهڃاڻ آهي ۾ هاڻي مهاجرن تي 'موچڙن' ڪري ڪڇيون هڻي خوش نہ ٿيڻ گهرجي. اها خوشي Short lived ٿيندي. تاريخ گواهہ آهي تہ جتي آرمي ويئي آهي، اُتي شروعاتي امن جي ڏيکاءَ بعد ڪيترو نہ ظلم ڪيو ويو آهي. سو سنڌ لاءِ ايندڙ وقت ڪافي ظلم ۾ آزمائش جو آهي، جنهن لاءِ هاڻي کان ئي عوام کي خبردار ڪرڻ ضروري آهي. ''مهاجر قومي محاذ'' سان منهنجي خيال ۾ بي ريائيءَ جي Credibility پيدا ڪرڻ لاءِ Shadow Boxing آهي ۾ ٻيو وڌيڪ ڪجهہ نہ.

اسان کي دنيا جي مکيہ اخبارن ۾ اشتهار ڏيئي پريس ڪانفرنسون ڪري، پاڪ آرميءَ بنگلاديش ۾ ڪيترن ابوجهن جو خون وهايو (انگہ اکر ڏيئي) ڪيترن زالن جي بي حرمتي ڪئي، ڪيترا حرامي ٻار پيدا ٿيا، اهي سڀ حقيقتون انگن اکرن سان ڏيئي اپيل ڪجي تہ سنڌ ۾ ائين ٿيڻ نہ ڏيو. پل تہ انترارشٽريہ سطح تي ايندڙ خطري کان آگاهہ ڪرڻ جو ڪم شروع ڪرڻ کپي. هاڻي اوهان جا Contacts هر هنڌ آهن. اوهان اهو ڪم ڪري سگهو ٿا، بهتر اهو ئي آهي. باقي ظلم بعد واڪو واڪا ڪرڻ مان ڪوبہ فائدو ڪونہ ٿيندو. اسان کي آرميءَ جو Move Pre-empt ڪرڻ کپي. اوهان پنهنجي راءِ کان واقف ڪندا.

گهڻن سالن بعد مون هڪ ايڪانڪي لکي آهي. مالهيءَ جي 'مرڪ' ۾ ڇپي آهي. اوهان جي رائي جو انتظار آهي. نانڪ، موهن جي دڙي

جي وقت جي پس منظر ۾ لکيو ويو آهي، جنهن لاءِ ڪافي ريسرچ ڪرڻي پيئي. اُن وقت نالا ٻن ماترائن جا هوندا هئا. مصر ۾ ٻين هنڌن ائين هئو. اُن وقت جي انساني دماغ تي Super natural ۾ ديون ديوتائن جو غلبو هوندو هئو، جو سندن روز مره جي ٻوليءَ ۾ ظاهر هوندو.

ٻيو سڀ خير!

اوهانجو،

موهن

---

## سنڌي اَدبي سنگت (رجسٽرڊ)

واري تڙ سکر، ١٧-٧-١٩٩٢

مانوارا سائين، ڪيرت ٻاٻاڻي صاحب،

حق موجود. اسلام عليڪم،

سنڌي ادبي سنگت سان اوهان جو گهرو لاڳاپو ۽ سنبنڌ رهيو آهي. ڪيترائي اهم ادبي پروگرام اوهان پاڻ ترتيب ڏنا ۽ اُنهن ۾ عملي طرح حصو پڻ ورتو. سنگت جي پليٽ فارم تان ٿيل علمي ادبي سرگرمين سان گڏ، مختلف مظاهرن جا اوهان اکين ڏٺا شاهد آهيو. اسان ”سنڌي ادبي سنگت“ جي قيام کان وٺي هيل تائين جي سرگرمين جو هڪ دستاويز شايع ڪرائڻ چاهيون ٿا. انهيءَ سلسلي ۾ اوهان کي نهايت ادب سان التجا ٿا ڪريون ته اوهان سنڌي ادبي سنگت جي حوالي سان پنهنجون يادگيريون قلمبند ڪري اسان ڏانهن اُماڻيندا ته جيئن اسان هڪ دؤر جي علمي ادبي تاريخ کي هڪ هنڌ محفوظ ڪري سگهون. اِن سلسلي ۾ جيڪڏهن اوهان وٽ ڇپيل مواد هجي ته عنايت ڪندا. اُميد ته اسانجو عرض قبولي، انهيءَ قومي ڪم ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿي ٿورائتو ڪندا.

نيڪ تمنائن سان،

جواب جي اوسيئڙي ۾.

سدائين خوش هجو شال!

اُميد ته عرض اگهامبو ۽ تڪڙي موٽ ملندي.

آدل سومرو،

سيڪريٽري جنرل.

کوئٽيا، بلوچستان، ٢١-٨-١٩٩٢

محترم سائين،

اُميد تہ خوش بهار هوندا.

اوهان جي طرفان اخبار پئي ملندي آهي. منهنجي بدلي ڪراچيءَ مان ڪوئٽيا تي آهي. ڪيترن ڏينهن کان پئي سوچيم تہ توهان کي ان کان آگاهہ ڪريان. هتي آغا سليم بہ آهي. جيڪو بہ گهٽو ڪري موڪل تي هوندو آهي.

اوهان جا وڏا قرب ۽ احسان آهن جو اوهان اسان کي ياد ڪيو ٿا.

اوهانجو، سنڌين جو داس،

بيدل مسرور

---

**Dr. & Mrs. G.M. Bhurgri**

**Antrim, 19-10-1992**

Dear Kirat,

Enclosed is "Pakistan Should Break Up".

Not being a writer, I am not sure if it is present in its form. If you wish you may change it. I am sorry for the delay but I was waiting for reply from Sindh people like **Joyo** who wanted a softer headline, & I have not put in any effort. I personally think it is appropriate title. My position always has been that creation of Pakistan was a historical mistake and hould be undone. You asked me for bio-data and photo. Enclosed is recent photo. I was born in 1941 in Sindh. Graduated from LMC University of Sindh and now am working in Antrim N.I. as Principal GP for Past 20 years.

In 1960s, I was the first student leader to confront the Government of Ayoob and Marshall Law. This ultimately led to break up of ONE UNIT and fall of **Ayoob**.

Recently I am the founder chairperson of **World Sindhi Congress**, working for cause of Sindh.

I am privilaged to know you.

**Yours sincerely,**

**G.M. Bhurgri**

**RAM JETHMALANI**
*Sr. Advocate,*
*Supreme Court of India*
**New Delhi, 18-11-1992**

My dear Kirat,

You are an old friend and comrade. So you will pardon me of addressing you by your first name. I am glad to have a letter from you even though you have written in the capacity of the President of the Sabha.

It is a matter of great satisfaction that by your personal exertion as well as through the activities of the Sabha, You are struggling to preserve and perpetuate the Sindhi culture, extinction of which will be a sad loss. The multi-cultural bouquet of India will be the poorer for a prominent and ugly vacant space, if the Sindhi culture loses its distinctiveness and flavour.

I must congratulate you and the Sabha for taking interest in the welfare of our folk artists. They constitute the core of our culture.

Kindly keep up the good work. You have not invited me to the festival and have chosen to ask only for a message of good wishes. So here it is.

With warm personal regards,

**Yours sincerely,**
**Ram Jethmalani**

دبئي، ۲۹-۵-۱۹۹۳

پيارا ڪيرت، اُميد تہ مزي ۾ هوندا.

مونکي خبر آهي تہ هن خط جو پڻ اڳين خطن جيان جواب دفتر داخل ٿيندو ۽ مونکي ڪونہ پهچندو. مان پڻ مجبور آهيان ۽ عادت کان مجبور. چٺ چماهي خط لکڻ کانسواءِ رهي نہ سگهان.

’سنڌ رائيزس‘ ۽ ’سنڌ سجاڳ‘ باقاعدي ملنديون آهن. البت ڪن دوستن جو چوڻ آهي تہ سنڌ ۾ پڻ هڪ اخبار ’سنڌ سجاڳ‘ نالي آهي ۽ سنڌس ساکہ وٽندڙ نتي لڳي - هن حقيقت طرف خيال ڏيندا.

پڳتن جي ڪئسيٽ ملي. واڏايون هجنوَ! مزو اچي ويو. پر چاهيان ٿو تہ سڄي ڪاروائيءَ جي ڪئسيٽ هجي تہ مزو. اُميد تہ اوهان سنڀالي رکي هوندي. اڳتي هلي اهو تاريخي دستاويز جو ڪم ڏيندي. ننڍي ٿهيءَ وارا بہ ڪي پڳت آهن يا نہ؟ جيڪڏهن آهن تہ سنڌن کا Competition رکو. هتان ڪن کي پئسي جي مدد ڪرڻ لاءِ آماده ڪري سگهجي ٿو. جيتوڻيڪ هن ڳالهہ ۾ مان تمام جڏو آهيان، تنهن هوندي پڻ ڪوشش ڪندس.

مان ٽن سالن بعد جولاءِ ۾ بمبئيءَ ايندس. اُميد تہ ڀرپور ڪچهريون ٿينديون.

اُميد تہ اوها جا ٻار پنهنجن ڪٽنبن سميت خوش هوندا. قرب سويتا لاءِ. سلام سيني ساٿين لاءِ.

اوهانجو،

موهن

---

دبئي، ۱-٦-۱۹۹۳

سدا سلامت خوش هجو، ياءُ ڪيرت.

اوهانجي قرب سان موڪليل ويڊيو ڪئسيٽ ’نچ ناچوئڙا‘ ملي. ڏٺي ۽ ڏاڍو آنند آيو. ڪئسيٽ جو مُدو پڳتن جي عدد جي ڀيٽ ۾ ننڍو لڳو، پر شايد اِهو ئي بهتر آهي ڇو جو اجڪلهہ جي ننڍيءَ ٿهيءَ کي هڪ ئي وقت وڏو ٻوز ڏيڻ شايد ٺيڪ نہ ٿئي.

مونکي ناز آهي، اوهان جهڙين هستين تي، جيڪي سنڌي ٻولي، سنڌي سڀيتا ۽ سنڌيت کي زنده رکڻ لاءِ ڪافي ڪجهہ ڪري رهيا آهيو. اهڙي ڪنهن بہ ڪارج لاءِ، جو سنڌيت لاءِ هجي، مان حاضر آهيان.

قرب مان اوهانجو،

ناري ساولاڻي

**ڪيرت ٻاٻاڻي**
**بمبئي، ٢٧-١٠-١٩٩٣**

پيارا ڀاءُ ڪيٿاڻي،
اُميد تہ پريوار سودا آنند ۾ هوندا.

اَفسوس، هن ڪان اڳ مان اوهان کي خط لکي نہ سگهيو آهيان. در اصل جئن اسين ڪانڊيڊام مان واپس آياسون تہ اسان کي هانگ ڪانگ جو سڏ ٿيو. اُتي بہ سنڌيت جو ڏينهن ملهايو هوائون. مون کي خاص مهمان طور ڪوٺ موڪليائون. ٻاهر پڻ سنڌيت جي ڏاڍي لهر ڦهليل آهي. پروگرام ڪافي ڪامياب ويو. تازو موٽيا آهيون.

سويتا ۽ مون کي اوهان سيني گهر جي ڀاتين جو ڏنل پيار ۽ سنيه نٿو وسري. اِها هڪ اهڙي پياري ياد رهندي، جيڪا هميشه تازي سڳنڌي رهندي.

اوهان کي خاص پرچو موڪليو هوم. ضرور مليو هوندوَ. رامناڻيءَ جي ڪڪي (ميرا ٻائي) لاءِ ڪيتريون سنڌي ڪئسيٽون هٿ ڪري رکيون اَٿئون. ڪو هٿيڪو شخص ان طرف آيو تہ موڪليندا سون.

اوهين اسان ٻنهي طرفان پنهنجي شريمتي، پٽن،، نُهرن ۽ نندڙن ٻارن کي جهجهو پيار ڏيندا ۽ گهڻو پڇندا. ڪڏهين بمبئيءَ جو پروگرام ٺاهيو تہ خوشي ٿيندي.

سيني لاءِ سويتا ۽ منهنجي طرفان هڪ دفعو وري بہ جهجهو پيار.

**سويتا ۽ ڪيرت.**

---

## يوُنيڪ فورم آف سنڌي رائيٽرس

**حيدرآباد-سنڌ، ١٢-٨-١٩٩٤**

شريمان دادا ڪيرت،

ٻنهي پرچن (سنڌ رائيزز ۽ سڄاڳ سنڌ) کي ڏسڻ جو موقعو مليو، جو تقريبا پابنديءَ سان ملي ٿا وڃن. **جامشوري** طرف ٽپال جو وڏو آزار آهي، انڪري آفيس ائڊريس تي جاري رکڻ مناسب ڪونہ آهي. مهرباني ڪري هي مٿيون پتو ڪتب آڻيندا. (خط پٽ بہ انهيءَ

ائبريس تي معروف رهندو.)

دادا ڪلياڻ (آڏواڻيءَ) تي توهان جو مضمون مون کي گهڻو وڻيو، سو اتان ڪٽي پنهنجي پرچي ۾ وڌو اٿم. هفتي سوا ۾ پڌري ٿيڻ تي ان جي ڪاپي توهان کي رجسٽرڊ بوڪ پوسٽ، سرفيز، اُماڻيندس.

آءٌ چاهيان ٿو تہ رسالو توهان کي پابنديءَ سان اُماڻيان. سو، ڪنهن ٻئي دوست جي ائبريس مون کي ڏيو تہ جيئن ان وٽان توهان کي هٿيڪو ملي سگهي.

'ساهتيہ ڪلا درسني' جي سهيڙيندڙ کي چوندا تہ ان جي ڪاپي مون کي موڪلي ڏئي تہ وڏي مهرباني. اهو نهايت ڪارائتو آهي، حوالي وغيرہ لاءِ.

قربن مان،

نفيس احمد شيخ

- آمريڪا موٽي ويندڙ ڪو دوست، لاس ائنجلس مان هي خط توهان کي اُماڻيندو.

---

## SINDH NATIONAL CONGRESS

Chairman : ***Dr. G.M. Bhurgri***

**N. Ireland, 24-3-1995**

Dear Kirat,

I enclose few letters I have written which are self-explainatory. My letter to **Dr. Qadir Magsi** has been accepted as a policy document by nationalists, as philosophy and direction.

Sadly, G.M. Syed is seriously ill and is not expected to live long. I have sent message that his call for "**Sindhu Desh**" will remain alive and we will pursue this cause vigoriously.

Sincerely yours,

**G.M. Bhurgri**

**New Delhi, 31-5-1995**

Dear Shri Babani,

Thanks very much for your kind letter of May 22.

I enclose a copy of a note which I prepared recently for the observance of the day when Allah Baksh was murdered in 1943 (May 14). I hope you will find this of interest.

I will certainly contact Mr. Panjwani as suggested by you.

I am interested in the issues of "Sindh Rises". I shall be grateful if you could put me on your mailing list and also send me copies of the back numbers and future issues in which G.M. Syed's book has been serialised.

With respects and kind regards,

Yours sincerely,

**Anil Nauriya**

Advocate, Supreme Court

---

**دبئي، ١٩٩٥-٥-١٥**

پيارا ڪيرت،

مهاراشٽر راڄيہ سنڌي ساهتيہ اڪاڊميءَ طرفان هن سال جي انعام تي، اسان طرفان واڌايون. جولاءِ-آگسٽ ۾ اِتي اچي اِهو موقعو ملهائينداسين.

اوهان آديپور هلڻ جو ڇا سوچيو؟ دهليءَ ۾ رام پنجواڻيءَ کي بہ لکيو اٿم تہ اسان سان هلي.

هفتو کن اڳ ڪامريڊ مير محمد ٽالپر (منٺار سنڌي) جو هڪ ڪتاب پئي پڙهيم - 'مُنهن موچارا - مُنهن ڪارا' - همراهہ گهڻن جون پڳون لاهي ڇڏيون آهن. تُنهنجو ذڪر بہ اُن ۾ آهي ۽ يار گلاب جو فوٽو بہ اُن ۾ آهي. پڙهيم تہ توهان کي ياد ڪيم. پاڻ وارا ڪامريڊ بہ پيا ڪنهن نہ ڪنهن نموني پاڻ کي ياد ڪن (جيئن جوڳيئڙا من کو پيرو ڪن!)

'هندستان' پيا پڙهندا آهيون. هاڻي تہ سنڌو سينا بہ ٺاهي اٿن! ماڻهو اُهي ئي جيڪي ڪانگريسي وزيرن جي چاپلوسي پيا ڪندا هئا.

**بمبئيءَ ۾ تہ لَٺ لڳي پيئي آهي. هڪ هڪ ڇٽو پنڃن پنڃن سنسٿائن جو پريزيڊنٽ ۽ سنسٿائون بہ سڀ انٽرنيشنل!**

اسين مزي ۾ آهيون. سويتا مزي ۾ هوندي. اسان سڀني وٽان يادگيريون.

توهانجا،

ڪلا ۽ موتي.

---

دبئي، ٢٨-٦-١٩٩٥

پيارا ياءُ ڪيرت ۽ سويتا ڊارلنگ،

توهان جو ١٨-٦-١٩٩٥ جو لکيل خط مليو آهي. هي جواب پهرين ته مليوَ يا اَسين ته اَچي، پهرين ملون سا ته خدا کي خبر. پهرين ڳالهه ته ڪيرت 'معافي طلب' لفظ واپس وٺو. توهين ۽ اَسان کان معافي وٺو! اَسان جو قد هر خيال کان توهان کان ننڍو آهي.

ها، اَسان کي موهن ڳالهه ڪئي هئي ته ٻيءُ اَک جو آپريشن ڪرايو، اَتوَ. اُميد ته هاڻي اُن اَک جي چشمي جو نمبر به مليو هوندوَ ۽ بلڪل ٺيڪ هوندا.

'سويتا ڏنڊو ڪٽي ويني آهي'، اِها سِٽ پڙهي ڏاڍو مزو آيو.

پاڻ کي خشڪ ڪامريڊ ته سڏيو؟ ڪيرت، توهان کي شايد خبر ڪانهي ته جيئن آهيو، جهڙا آهيو، اَسان کي بيحد پيارا آهيو. حقيقت ۾ 'پيارا' لفظ به ٿُز ناهي. توهين اَسان جو 'آدرش' رهيا آهيو. پاڻ کان مٽيرو سمجهو اَٿئون توهان کي هميشهه! ۽ توهانجي حاضريءَ ۾ اَسان کي Sense of Security محسوُس ٿيندو آهي - توهان کي جنم دن جون مُبارڪون - تارون وغيره موڪلڻ جون مياروں آهن ئي ڪين. اَسان توهان کي اِنهن ڳالهين کان دور ۽ نرالو ڏٺو آهي.

اَسين به جنم دن هڪ ٻئي کي I Love You چئي ملهائيندا آهيون. ٻيو ڪجهه به ڪين ڪريون. اُهو به مون (ڪلا) کي ياد هوندو آهي سويتا وانگر. موتيءَ کي اَڪثر ياد ڪين پوي.

''۽ سويتا اَهڙن موقعن تي ٿوريءَ دير لاءِ رُسي ويندي آهي.''

(توهان جي لکڻ موجب) سويتا جي رُسڻ جي ڳالهه ڏاڍي romantic لڳي.

سرير پڇڻ لڳو اَتو منهنجا ياءُ ته اَسان جي اِلتجا - توهين به هاڻي سرير کي پُڇو. ۽ سويتا کي جيتري ڪمپني ڏيئي سگهو ايتري ٿوري آهي. هاڻي آهيون ڪي چند سال باقي. ٻيو جنم اَلائي آهي، اَلائي نه.

Let us Love and Live fully

آديپور واريءَ صحبت جي اِنتظار ۾ - سويتا تو لاءِ پاڪر.

توهانجا ديس وديس ۾ رهندڙ سڀ ٻچا خوش هوندا، هنن لاءِ پيار.

توهانجا،

ڪلا موتي.

دبئي، ١٩-١٠-١٩٩٥

پيارا ڪيرت - سويتا،

اُميد تہ منهنجو اڳيون خط پهتو هوندو.

هيرو چاولا بہ وڃي ساسين سُڪالو ٿيو. اسان جا ڏئل واٺئل مهانڊا هڪ هڪ ٿي وڃن پيا گم ٿيندا. پنهنجو وارو بہ اچڻو آهي. خبر ناهي تہ ڪڏهن!

منهنجي جاءِ تي جيڪو سڄڻ مون چونڊيو هو، سو اچي ويو آهي. منهنجو عهدو هاڻي ريڪٽر جو ڪيو اَٿن ۽ مئنيجمينٽ جو ويچار آهي تہ مان اجا ڪجهہ وقت رهان. ڪڏهن خيال ايندو آهي تہ هاڻي گهڻو ٿيو. فرصت ملي تہ جيڪي اَندر ۾ آهي، اُن جو اِظهار ڪرڻ جو وجهہ ملي. بيءَ حالت ۾ هتي ڪم آهي ۽ ڪنهن تخليقي عمل لاءِ وقت نٿو ملي. توهين صلاح ڏيو تہ ڇا ڪريان؟

ڪلا عادتاً هر روز ڪجهہ نہ ڪجهہ لکندي آهي. رڌڻ پچائڻ سان گڏ اِها مشغولي ڪيس سُٺي ٿي لڳي. (اسانجي ڪامريڊ کي 'موتي پرڪاش جي جوءِ' جو اِهو ڪم نٿو آئڙي. شل ڪا سُمت اچيس باقي هاڻي پڪي ڪُنيءَ ڪنا ڪين پوندا.)

سويتا، تو اکين جو آپريشن ڪرايو هوندو ۽ هاڻي بلڪل ٺيڪ هوندينءَ. اسين هر شام جو ٨ بجي گلاس کڻون. ڪلاڪ ٻہ اِن پڳتيءَ سان گڏوگڏ يارن کي ياد بہ ڪريون. ڪڏهن ڪڏهن دنياداريءَ جون ڳالهيون بہ ڪريون. گذريل وقت تي نظر ورائيندا آهيون تہ لڳندو آهي تہ مشڪلاتن ۽ مسئلن هوندي بہ وقت سُٺو گذريو آهي. منهنجي ماءُ ورهاڱي بعد جڏهن ڪڪ ٿيندي هئي تہ شڪايت ڪندي هئي. منهنجو پيءُ ڪيس دريءَ وٽ وٺي ويهاريندو هو ۽ چوندو هوس تہ ٻاهر نهار تہ جيڪي ڦٽن جهوپڙيءَ ۾ رهيا پيا آهن سي ڪيئن ٿا گذارين. اِهي سبق سڪيل آهن، تنهن ڪري زندگيءَ جو حظ ورتو اَٿئون. مونکي ياد آهي تہ ڪيرت ڪهڙيءَ حالت ۾ ڀارت ۾ آيو هو ۽ اوهين ڪيئن باندرا ۾ رهيا پيا هئا. جاتيءَ جي شيوا ڪندي، هٿ-پٽ ڪندي بہ اوهانجو ڪٽنبي جيون خوشگوار رهيو آهي. مون اوهان کي ڪڏهن نراس نہ ڏٺو آهي. 'سڀ سٺائي ٿيندي' اِهي اوهانجا لفظ هميشهہ اَسانکي اُتساهہ ڏيندا آهن. هاڻي ٻيءَ وئڪيشن ۾ آديپور هلو تہ اٺ ڏهہ ڏينهن هڪ ٻئي سان روح رُچنديون ڪريون. وقت ڪونہ بيهندو. هلندي هلندي قطار مان نڪري ويندا سين.

بس .... دل ڏاڍي پرچي آئي آهي، تنهن ڪري خط بند ڪريان ٿو.

''وري قلب مان ڪوڪ ٿي ڪوڪ نڪتي،
ڏنيون اُڀ ۾ مون ڪونجڙين جون قطارون.''

توهانجا،

موتي ۽ ڪلا.

# ساڌوُ واسواڻي مِشن

پُڻي، ۱۱-۱۱-۱۹۹۵

منا متر ڪيرت ۽ سويتا،

توهان جو ڏياريءَ جون مُبارڪن جو سُهڻو سنيهو پڙهي دل بهار بهار ٿي. ’شل ڏياري اوهان سيني لاءِ خوشيءَ ۽ سوڀ جا جهول ڀري آڻي.‘ پڙهي ڪيڏو نه آنند آئي ٿي ۽ اسان کي پروڙ پوي ٿي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيڏي نه سُگنڌ ۽ سنگيت سمايل آهي

اَوهان جو پيار ۽ مُحبت مون لاءِ اَمُلهه خزانو آهي. اِن کي دل جي دٻليءَ ۾ سانڍي رکيو اَٿم. شل سنڌي ۽ سنڌي ٻولي زنده رهي ۽ دنيا جي رهبري ڪري.

سنيهه مان،
اَتو ريلواڻي
(سيڪريٽري، ساڌوُ واسواڻي مشن)

---

پوپال، ۲۹-۱۲-۱۹۹۵

آدرڻيه دادا،
سدا باغ بهار!

هر سال وانگر وري جنوريءَ جو مهينو توهان جي جنم ڏينهن جون خوشيون کڻي آيو آهي. شل ايشور وڏي آورجا بخشيوَ جو سنڌي ٻولي، ساهت-ڪلا ۽ سنسڪرتيءَ جي اُٿان وڌيڪ ۽ وڌيڪ شيوا ڪندا رهو.

هن سال ڊسمبر جي ٻئين هفتي کان لڳاتار ٽيليويزن تي اِها خبر ٻڌڻ لاءِ وياڪُل هئس تہ ساهت اڪادميءَ جو سنڌيءَ لاءِ اَعزاز شري ڪيرت ٻاٻاڻيءَ کي مليو ..... پر نہ هن دفعي اسين سڀ سنڌي ساهت جا اديب ۽ پاڻڪ هڪوار وري ننگا ٿي بيناسين.

اَهڙين حالتن مان گذرندي ڪڏهن ڪڏهن دل کي لڳندو آهي تہ اَسين ڇو ٿا لکون ۽ ڪنهن جي لاءِ ٿا لکون. پر مون محسوس ڪيو آهي تہ وقت گذرڻ بعد اَهڙيون حالتن مان گذرڻ بعد وري جيڪو ساهت سرججي نڪرندو آهي اُهو بيمثال هوندو آهي.

اول خئر، توهان جي قلمر جي نوڪ تي بہ سال ١٩٩٦ ۾ اهڙو ئي ڪجهہ ساهت سرجڻي نڪرندو جو سڀ فخر سان چوندا تہ هيءُ آهي اسانجو عظيم ترين ساهتڪار شري ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ هيءُ آهي سندس عظيم ترين شاهڪار.

هڪوار دل جي گهراين مان سرحد جي هِن پار ۽ سرحد جي هِن پار ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وسيل ڪروڙين سنڌين جون اڻ ڳڻيون مُبارڪون!

نيازن مان،
جهمون چڳاڻي.

---

دبئي، ٥-٣-١٩٩٦

پياري سويتا ۽ ڪيرت،

توهان جو خط مليو آهي. اَڳي بہ مليو هو، پر توهين نڪري ويا هوندا، اِهو سوچي وراڻيوسين ڪين. سونوءَ جو سپنو ساڪار ٿيو، هن هٽي هنڌ ڪيو، پرڏيهہ ۾ settle ڪيائين ۽ اَهڙي اوج تي پهتو آهي جو توهان کي اُتي گهرايائين ۽ اُتي جي زندگيءَ جو ڀرپور لطف ورتوَ. پرماتما کان هيو ڇا گُهرجي.

You deserved this trip.

شل ڏڻي اَڃا وڌيڪ دنيوي توڻي اَندر جون خوشيون ڏيندو توهان کي.

اَسان موهن گيهاڻيءَ کي خط اُن مهل ئي ڀاڙهيو، جنهن مهل مليو، اِسڪول ۾ ئي!

سويتا ڊارلنگ، مون توکي ٢٣ ڊسمبر تي فون ڪيو هو، پر نہ مليو. مٿان سمجهين تہ ڪلا سال ٩٥ ۾ جنمر ڏن تي توکي ياد نہ ڪيو. فون نہ مليو پوءِ بہ دل ئي دل ۾ پرارٿنا ڪيمر تو لاءِ. توکي پيار ڪيمر. دل جون تارون تہ فون جي تارن کان وڌيڪ direct آهن. تنهنجي اَک ڪيئن آهي؟ اُميد تہ نئون چشمو سهوليت ڀريو لڳندو هوندءِ. ٻيءَ طرح صحت ڪيئن اَٿئي؟ بمبئيءَ وارا ٻار ننڍا وڏا ڊوڙندا آيا هوندا توهان کي ملڻ! تون هُتي سِيني جي سلامتيءَ لاءِ جپ صاحب پڙهندي هئينءَ. يار، تنهنجون اِهي ڳالهيون موهين ٿيون. سونوءَ کان meditation ڪرڻ جو ٽيڪنڪ سِکي آئي آهين؟ تو ٻڌايو هو تہ هو

پاڻ ڪندو آهي. پنهنجي breathing تي پورو ڌيان ڏجي .... منهنجو من ايڪاگر نہ ٿو ٿئي. ڪوشش ڪندي آهيان.

ڪيرت، توهين آتم ڪٿا لکي آيا، اِن لاءِ مُبارڪون. وڏو وڏو ڪم ڪري آيا. اِن خيال کان بہ سفر سڄايو ٿيو. هاڻي باقي محنت لاءِ بہ وقت ڪڍو. ڇپايو تہ پڙهون. سخت اِنتظار آهي.

نائيجيريا بابت توهان جيڪو مختصر نقشو خط ۾ چٽيو آهي، تنهن دل کي ڏوڏيو. اُتي جون دل دهڪائيندڙ خبرون اَخبارن ۾ بہ پڙهون پيا. اِنسان جو هي جهان - شان سان جيئڻ جو حق حاصل ڪرڻ جو جهان، شايد نہ ختم ٿيندڙ سلسلو آهي. ويهين صديءَ جي سائنس جي سموريءَ ترقيءَ تي ليپو پئجي ٿو وڃي، جڏهن ٻڌجي ٿو دنيا جي ڪيترن ئي ڪُنڊن ۾ اِنسان هن طرح لتاڙجي رهيو آهي.

وقت ٿورو آهي هاڻي اِهو اَحساس وڌندو ٿو وڃي. هن دفعي اَسين اَچون تہ هڪ بہ ڏينهن پاڻ ۾ گڏجي ڪٿي هلي رهون، پوءِ چاهي لوناولا، پونو يا آديپور. ائين شام جو اَچي هڪبئي وٽ ماني کائي جدا ٿا ٿيون، اِن مان دل نٿي ڌاپي. پڳوان جينواڻيءَ بابت موتي توهان کي اَلڳ خط ۾ لکي ٿو.

سوي تو لاءِ پاڪر.

گهڻيءَ سڪ مان،

ڪلا - موتي.

---

اِندور، ١٥-٣-١٩٩٦

پريہ ڪيرت،

الائي ڇو ڪن ڏينهن کان تنهنجي ياد اچي رهي آهي.

بس، اهو ٻڌائڻ لاءِ ئي هي بہ سٽون لکيون اَٿم.

سنيہ،

ڪرشن کٽواڻي.

---

دبئي، ۲۳-۳-۱۹۹٦

پيارا ڪيرت - سويتا، اُميد تہ مزي ۾ هوندا.

اسين واپس پهچي وياسين. اوهان سان مُلاقات ٿي نہ سگهي. هن سال جولاءِ ۾ ايندا سين. بمبئيءَ ۾ بہ رهندا سين ۽ آديپور بہ ويندا سين، ڇو جو ’ملير‘ جي جهوپڙي هاڻي تيار آهي. اوهين بہ بئي تياري ڪريو تہ هفتو ڏه ڏينهن آدپور ۾ پڪنڪ ڪري اچون. وقت ۽ عمر وري متان موقعو نہ ڏين. توهين ئي آهيو، جن سان دل جي تار ڳنڍيل آهي. اُتي وقت ملندو. گذريل ڏينهن ياد ڪندا سين.

۱۵ مي ۱۹۹٦ع تي مان بہ پنجهٺ ۾ پير پائيندس. منهنجي نوڪريءَ جي واڌ بہ تڏهن ختم ٿيندي. سال ڏيڍ ۾ بار بہ ٿانئيڪا ٿيندا تہ مُڪتي ملندي. (ملندي بہ يا نہ؟ ڪيئن چئجي!)

اسان جي جواني ڪشمڪش ۾ ويئي. ٿوري ٺهر ملي تہ ڏنوسين تہ وقت جي ويرَ وڃيندي ٿي آئي. ٿاڦوڙا هڻي ڪناري تائين پهتائين تہ ڏٺوسين سڄ ٻڏي رهيو آهي. هاڻي لهندڙ سڄ جي ڳاڙهاڻ ۾ دل ٿي آهي تہ جن سان روُح جو رشتو آهي، تن سان ڪي روُح رچنديون ڪجن. تنهنڪري آديپور جي پروگرام لاءِ اوهان وٽان ’نہ‘ نہ ٻڌندا سين. ٽرين ۾ هلندا سين ۽ ٽرين ۾ موٽندا سين. (ائين جيئن سميلن تي هلندا هئاسين.)

اُميد تہ توهان وٽان جواب ايندو.

يادگيريون.

اوهانجا،
موتي ۽ ڪلا.

ق.ت: سيا ڪلا کي اِنعام ڏئي، اِهو وڏو اعجاز آهي. پر سندس اچڻ مُشڪل آهي. سيا لاءِ اسان وٽان شڪرگذاري آهي.

J. K. BALANI
IPS (Retd.)
جوڌپور، ٢٣-٣-١٩٩٦

پريہ ڪيرت سپريم نمستي!

پيارن مان وينتي تہ ٩ مارچ تي توسان فون تي ڳالهائڻ ٿيو.. وشواس نہ پيو اچي. ٥٠ سالن جي لمبي عرصي ڪانپوءِ بہ ائين محسوس ٿيو تہ ڄڻ ڪلهہ جي ڳالهہ آهي. اها بہ حقيقت آهي تہ اسڪول ۽ ڪاليج جون يادون اڄ بہ تازيون آهن، پر تازيون يادون وسري ٿيون وڃن.

تنهنجا سڪ سان موڪليل (سنڌ سڄاڳ ۽ سنڌ رائيز) پرچا پهتا. ڪافي مصالح پريل آهي، انگريزيءَ ۽ سنڌيءَ ۾. مونکي ڄاڻ ڪونہ هئي تہ پاڻ وٽ انهيءَ نموني جو ڪجهہ ڇپجي رهيو آهي. جتي مون ٦ سال ڪن نوڪري ڪئي، اُتي ان طرح جو هڪ پروجيڪٽ ضرور هو. اُميد تہ جتي اهو سڀ وڏيڪ ڪارگر ٿي سگهو ٿو، اُتي پهچي ٿو. هت بہ سنڌين ۾، جيڪي سڄي ديش ۾ ڦهليا پيا آهن، اُتي هنڙيءَ اخبار کي پهچائڻ ضروري آهي.

هن جنم ۾ هڪ دفعو اسان جو پاڻ ۾ Contact ٿي سگهيو آهي تہ يقين اَٿم تہ باقي عمر جا بچيل ٿورا سال قائم رهندو.

وري شايد ڊسمبر ۾ بمبئيءَ اچڻ ٿئي. هونداسين تہ ضرور اچي توسان گڏجنداسين. منهنجي پاران پنهنجي ڌرم پتنيءَ کي آدر ۽ ٻچن کي پيار ڏجانءِ. ڪجهہ ماضيءَ جي پهچان بہ ڏيئي ڇڏجانءِ، جيئن ڪڏهن روبرو گڏجڻ تي بلڪل اَجنبي نہ لڳان. مُنهنجي لاءِ ڪا خدمت هجي تہ ضرور لکجانءِ.

وڏيڪ شڪر.

قربن مان، تنهنجو ساٿيو،
جئڪرشن.

نيو يارڪ، ٩-٧-١٩٩٦

سائين ڪيرت باباڻي،

جيئي سنڌ - جيئي لطيف - حق موجود!

توهان مون ڏي پنهنجي سنڌ سجاڳ ۽ Sindh Rises موڪليندا رهيا آهيو. پر هاڻ مُنهنجي نئين ائڊريس آهي - يا تہ سنڌ واچ جي P.O. Box واري ائڊريس تي موڪليندا.

اَسان هن طرف هيءَ ننڍڙي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. توهان جي محبت جا طلبگار آهيون. وڏيڪ هن طرف سيني سنڌين کي هڪ جاءِ تي آڻڻ ۽ ٻڌي لاءِ ڪوشش ۾ آهيون. توهان جي ساٿ ۽ دعا جي ضرورت آهي. اُميد تہ نہ ڪيٻائيندا.

توهان جو،

مُنَوَر لغاري.

---

## Solicitors & Advocates

*Supreme Court of India*

**New Delhi, 10-7-1996**

Dear Kirat,

I got a copy of letter in English. Your un-tiring efforts, I appreciate. I want to share your burden. Single handed you have been fighting for interests of Sindhi community. I am seriously thinking of lending a helping hand in your fight. Please let me know what can I do for you.

Love,

**Ram Panjwani.**

---

**NIRANJAN DUDANI**, M.D.

**Swampscott - USA.**

**۱۲ جولاءِ ۱۹۹٦**

آدا ڪيرت،

تنهنجو ۱۹ جوُن وارو خط اَول پهتو، ۳۱ ميءِ وارو هاڻي پهتو. پنهي خطن جي آخر ۾ ڪوڊ نمبر لکڻ ڪري مونجهارو پيدا ٿو ٿئي.

’سنڌ رائيزز‘ ۾ ڇپيل ليک پڻ پهتو، مهرباني. اَکل پارت سميلن جي نينڊ لاءِ بہ مهرباني. ۲۸ ڊسمبر کان سميلن رکي سگهو تہ اچڻ شايد ممڪن ٿئي. اين.آر.آءِ. سنڌين جي بينڪ جي صدارت لاءِ آچ پسند پئي، مهرباني.

تو سنڌ جي همراهن جي باري ۾ ذڪر ڪيو آهي. برابر آهي تہ سنڌ ۾ تحريڪ مونجهاري ۾ آهي. ڪين باهران روُپ ريکا ڏيکاري سگهبي يا نہ، اِهو فيصلو تون ئي ڪري سگهندين.

آميريڪا ۾ جي بہ سنڌ مان آيل Political Asylum وٺي رهيا پيا آهن، اُنهن کي آميريڪن آسودگيءَ جو چشڪو اچي ويو آهي توڙي ڪم ٽئڪسي ڊرائيور يا سيڌي پاڌي جي دڪانن جو گهٽي قدر اَٿن. ’سانا‘ بہ آخر اچي ٽُٽي آهي - بہ ڌُريون نهيون آهن.

پنهنجا پئي ناول تو ڏانهن اگ ئي موڪليان ها، مگر ڪوئي هٿيڪو ماڻهو ڪونہ پي آيو. هاڻي ڊاڪٽر روهڙا آيو تہ اُن هٿ موڪليندس. پلي تبصرو، نقطچيني، سمالوچنا ڪرائجانءِ تہ سُنو. خط سان گڏ پنهنجو ليک ۽ شڪاگو ۾ ٿيندڙ سنڌي سميلن جي پريس پڌرائي موڪليان ٿو. سنڌي هندن لاءِ سنڌ ۾ بنان روڪ ٽوڪ ويزا جي باري ۾ تو برابر لکيو تہ بي‌نظير مان اُميد رکڻ نہ گهرجي. مُنهنجو مقصد آهي تہ سنڌي هندن منجهہ سنڌ، سنڌي بولي، سنڌيت لاءِ اُتساه پيدا ڪجي. اِهو بنيادي انساني حق ليکجڻ گهرجي. شايد سنڌي هندن ۾ نئين سِر بيداري اُيري. گڏوگڏ سنڌي مُسلمانن ۾ نئين سڄاڳي اُيري جو هوُ مهاجرن سان صنعتي، معاشي، تعليمي ۽ جديد پيشن ۾ چٽاپيٽي ڪري سگهن. آخر لاءِ سنڌ کي ئي ٿيندو. سنڌي مُسلمان نہ تہ ڊپجي ويندا ۽ هڪڙو اهو بہ سبب آهي جو سنڌ ۾ تحريڪ جي باه وساميل آهي. شڪاگو جي سميلن ۾ بہ اهڙو آواز اُٿارڻ

لاءِ وڃان ٿو. بي نظير هتي آئي تہ اُن سان مُلاقات جي ڪوشش ڪبي. سنڌي هندن جي ناٽي، پونجي، ماهري شڪتيءَ کي سنڌ لاءِ، اِستعمال ڪرڻ جو هڪ وڏو وسيلو ٿو لڳي. اها هڪ قسم جي ڪسوٽي پڻ ٿيندي، سنڌي مُسلمانن کي پرکڻ لاءِ تہ ڪيتري قدر خواهان آهن سنڌي هندن سان گُليو کُليو رابطو، رشتو ڳنڍڻ لاءِ.

پنهنجن ويچارن کان واقف ڪجو. اين.آر.آءِ. سنڌين کي بيروُني سنڌي سڏجي تہِ تنهنجو ۽ همراهن جو ڪهڙو خيال آهي؟ وقت سارو وراڻي لکجو.

سڪ مان،

نرنجن.

---

ڪيرت ٻاٻاڻي

مُمبئي، ٢٧-٧-١٩٩٦ع

پيارا سُندر،

ٻارن سوُدو آنند ۾ هوندين.

تُنهنجو بمبئيءَ ۾ اَچڻ ڏاڍو ڦلدائڪ ٿيو. تنهنجي صلاح تي دوستن جو ميڙ ڪوٺايم، جنهن ۾ ڳالهين جي دؤران ڪافي روشني ملي ۽ مون کي بہ وجهہ مليو تہ دل جون ڳالهيون چئي ڏيان. هونئن رواجي حالتن ۾ اهڙيون ڳالهيون نہ ٿينديون آهن. بحث مان ہ-ٽي ڳالهيون چٽيون ٿيون آهن:

(١) سنڌين جي هلچل ۾ ڪي اَهڙا شخص آهن، جيڪي ڪميٽيڊ نہ آهن ۽ نندن مطلبن ۽ فائدن لاءِ سيا سان جڙيل رهندا ۽ جڏهين ڪو لب لالچ ملندن تہ سلام ڪرڻ ڪانسواءِ ئي الوداع ڪري هلي ويندا. (٢) ٻيا ڪي دوست آهن، جيڪي ڪميٽيڊ آهن ۽ هلچل ۾ پنهنجو يوگدان بہ ڏنو اَٿن، پر هاڻي ٿڪجي پيا آهن، تنهنڪري هڪ طرف ڪم لاءِ اُها لڳن ڪانہ اَٿن، ٻئي طرف، جئن تو چيو، ڪسڪندڙ عمر جي مجبوريءَ هيٺ ننڍن وڏن فائدن کي ڇڏڻ نٿا چاهين، پوءِ پل ڇو نہ ٿورو گهڻو سمجهوتو ڪرڻو پوي ۽ اُصولن کي ڌڪ بہ لڳي وڃي. هنن ٻارن ۾، سيني کي خوش رکڻ جو فڪر رهي ٿو - ڪنهن کي رنج ڇو ڪجي؟ (٣) باقي آهن اُهي ڪميٽيڊ ساٿي جن جي هلچل سان

وفاداري اَجا بہ سالم آهي. باوجود وڏي عمر جي يا شخصي مجبورين جي. اهڙا ڪي وڏي عمر وارا اسان جهڙا آهن ۽ ڪي آڳرين تي ڳڻڻ جهڙا جوان بہ ڪي سگهن ٿا.

هاڻي اسان جو عمل جو رستو ڪهڙو هئڻ گهرجي؟

(الف) پهرين قسم جي دوستن مان ڪي تہ ڪم جا ڪونہ رهيا آهن، پر ڪن کان اَجا بہ ڪم وٺي سگهجي ٿو. ٻئي قسم جي دوستن کي بہ پاڻ سان کڻي جيترو وقت هلي سگهجي، ضرور هلجي. ڪين چست ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن سرگرمي وڌندي تہ هنن ۾ همت ۽ چاهہ وڌندو. باقي ٽئين قسم جي ساٿين کي گڏ ڪرڻ، تنظيم ۾ چست ڪرڻ ۽ هڪ مضبوط نيوڪليس ٺاهڻ گهرجي. اهڙن دوستن جي لسٽ ٺاهڻ گهرجي ۽ وقت بہ وقت کين صلاح مصلحت لاءِ گهرائڻ گهرجي ۽ مٿن ڪم جي جوابداري رکڻ گهرجي.

هاڻي جيڪو تازو ميڙ (ڪاروباري ڪاميٽيءَ جو) جئپور ۾ سڏائڻ جو ويچار ڪيو اَٿئون، تنهن ۾ اهڙن ساٿين کي دعوت ڏيئي گهرائجي، ۽ مٿن زور آڻجي تہ ضرور شامل ٿين. اٽڪل ١٥ کن اهڙا ساٿي نيوڪليس ۾ آڻڻ گهرجن. مان چاهيان ٿو تہ تون پنهنجي خيال سان ١٥ ڄڻن جا نالا مون کي موڪلي ڏي. مان بہ ١٥ نالا لکندس ۽ پوءِ فائينل ڪنداسون. هنن ۾ گوبند مالهي ۽ ڪرشن کٽواڻيءَ جا نالا بہ جوڙي سگهجن ٿا، ڇاڪاڻ تہ هنن ۾ اَجا بہ ڪنهن حد تائين هلچل ڏانهن وفاداري ۽ ٿوري گهڻي ڪم جي اُميد رکي سگهجي ٿي.

(٢) ٻي ڳالهہ. جڏهين ڪم ڪندڙن جي نيوڪليس ٺهي وڃي تہ پوءِ ڪاريہ ڪيتر بابت صحيح تصوير تيار ڪرڻ گهرجي. هن باري ۾ هيٺيون حقيقتون ويچار ۾ رکڻ گهرجن.

(١) سنڌيت جي هلچل عام طور ٺڏي ٿي چُڪي آهي. ڪي اَهڙا اُيرنڊز مسئلا سامهون ڪونهن، جن جي بنياد تي هلچل کي تيز يا سرگرم بڻائي سگهجي. ڪي ننڍا وڏا مسئلا يا اسانجون طلبون آهن، جئن تہ نوٽن تي انگ ۽ اکر لکارائڻ، اَڪادمين ۾ صحيح ماڻهو ۽ صحيح سنسٿائن جي عيوضين کي چونڊائڻ، ريڊيو، ٽي.وي. وغيره تي صحيح عيوضيپڻو حاصل ڪرڻ وغيره. پر هيءُ سڀئي مسئلا اسان

جي جاتيءَ جي هڪڙي ننڍڙي طبقي (Section) سان واسطو رکن ٿا. عام سنڌين جي، اهڙن سوالن تي دلچسپي جاڳائڻ ناممڪن نه، ته ڏکي ضرور آهي، ۽ حال جي حقيقت اِها آهي ته خود، اِهو طبقو جنهن سان مٿيون ڳالهيون واسطو رکن ٿيون، تن مان گهڻا اِنهن سوالن ڏانهن لاپرواهه آهن. گڏيل نموني سوچڻ ۽ ڪو عمل جو رستو تيار ڪرڻ بجاءِ، هنن (ہڊيمانن) مان گهڻا ته انفرادي طور تي هٿ پير هلائي، جنهنجو مطلب آهي، سمجهوتا يا خوشامدون ڪري، پنهنجي لاءِ ڪجهه نه ڪجهه هٿ ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رڌل رهن ٿا. مجموعي سطح تي هو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهن، ڇاڪاڻ ته ان مان ڪين شخصي لاڀ جي اُميد گهٽ آهي.

(٢) هڪڙو ٻي اَهم مسئلو سنڌي جاتيءَ اَڳيان آهي، جيڪو عوام سان واسطو رکي ٿو ۽ جنهن جي بنياد تي عوام کي جاڳائي، سرگرم بڻائي سگهجي ٿو. اِهو آهي سنڌي جاتيءَ جي راجنيتي حقن جو سوال. عوامي هلچل اهڙي سوال تي کڙي ڪري سگهجي ٿي. هن سوال جا وري ٻه پاسا آهن:

(الف) اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا، جيڪا بنيادي طور ساهتڪ ۽ سيپتڪ سنستا آهي، سا راجنيتي کيتر ۾ پنهنجي سر ٽپي پوي يا نه؟ در اصل ١٩٨٨ کان سڀا، جاتيءَ جي راجنيتي حقن طرف متوجه ٿي آهي. اِهو سال (١٩٨٨) سنڌي جاتيءَ جي راجنيتي حقن جو سال ڪري ملهايو ويو هو، ۽ انهيءَ سال جي ڇيڙي چنڊ تي سيني شامل سنستائن کي عرض ڪيو ويو هو ته پرتگيا پتر پڙهن ۽ جاتيءَ جي حقن لاءِ نهرائڻ به پاس ڪن. سڀا پاران جدا جدا شهرن ۾ ميڙ ڪري ۽ ڪالونين ۾ ننڍين گڏجاڻين ۾ ڪافي پرچار ڪيو ويو هو. ۽ آخر ۾ هڪ وڏو عريضو تيار ڪري سڀا جي سفارت هن سوال تي پرڌان منتري شري راجيو گانڌيءَ سان ١٩٨٩ ۾ ملي ۽ زوردار نموني ۾ ڪيس پيش ڪيو ويو. جلدي پوءِ شري راجيو گانڌيءَ جي هتيا ڪئي ويئي ۽ ملڪ جون راجنيتي حالتون غير موافق رهيون. ڪاروباري ڪاميٽيءَ فيصلو ورتو ته في الحال هن سوال تي خاموشي اختيار ڪئي وڃي. هن سوال تي سڀا جي اندر توڙي ٻاهر ٻه رُخ رهيا. هڪڙو اِهو ته سڀا صحيح ڪاريه هٿ ۾ کنيو آهي ۽ ٻيو اِهو ته اِهو کيتر سڀا جو نه آهي. ان لاءِ

نئون محاذ ٺاهيو وڃي.

(ب) ٻيو رُخ آهي تہ سيا ٻين سنستائن سان گڏجي هڪ گڏيل محاذ کڙو ڪري ۽ راڄنيتي حقن جي سوال تي سرگرم هلچل هلائي. شروعات ۾ ان باري ۾ پڻ ممبئيءَ ۾ سيا اهڙو محاذ برپا ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هٿ وڌايو هو ۽ پنجن سنستائن جي هڪ ڪوآرڊينيٽنگ ڪاميٽي ٺاهي ويئي هئي. شروعات تہ سُٺي ٿي، پر پوءِ Ego-Clash ۾ ڪاميٽي ختم ٿي ويئي. ناري گرسهاڻي (پئنچائت فيڊريشن)، ڪندنداس طوطلداس (ورلڊ سنڌي ڪانگريس)، پريہ درشني (نانڪ روپاڻي)، نرسنگهہ گولاڻي (فرينڊس آف انٽرنئشنل سنڌيز) ۽ سيا. ناري گرسهاڻي ۽ ڪندنداس، هميشهہ ٽڪرندا رهيا. نيٺ ٻالهہ نہ بڻي. هنن ۾ پهريون (ناري) بنيادي طور سمجهوتي پرست هئڻ ڪري، ڪوبہ radical قدم کڻڻ لاءِ تيار نہ هو ۽ ٻيو ڪندنداس گهٽ Understanding ڪارڻ هميشهہ غلط پڌرايون ڪيندو رهيو. پر هڪ ٻالهہ آهي تہ راڄنيتي حقن جي سوال تي ڪندنداس ئي آهي، جيڪو پختائيءَ سان لڳاتار پنهنجي رخ تي قائم رهيو آهي، پر سندس ڪمزوري اِها آهي جو وٽس ڪو چٽو تصور ڪونهي، ۽ ساٿي گهڻي ڀاڱي واپاري ورگ جا آٿس، جيڪي گهڻو اڳتي وڌي ڪونہ سگهندا.

هن سوال تي اسان کي هڪ چٽي نيتي تيار ڪرڻي پوندي.

(٣) آخرين ٻالهہ آهي سيا جو ڍانچو يعني سنستائي روپ. حقيقت اِها آهي تہ سيا سان شامل سنستائون (چاليهارو) مان ٻہ چار مس سرگرم آهن. هيڊ آفيس کي ڇڏي، باقي جن هنڌن تي چست ڪم ڪندڙ آهن، تن ۾ ناگپور، جئپور، ٻڙودو ۽ ڪنهن حد تائين دهلي، انڊور ۽ اُلهاس نگر آهن. مطلب تہ شامل سنستائون گهڻي قدر وسامي ويئون آهن، جيتوڻيڪ جڏهين ڪا سرگرمي ٿئي ٿي تہ چست ٿين ٿيون ۽ موٽ ڏين ٿيون ۽ پوءِ وري سانت. اهڙي حالت ۾ سنستائن کي ڪيئن سجاڳ ڪجي ۽ ڪم ۾ شامل ڪجي، ان لاءِ يوجنا هئڻ گهرجي. اهڙو پروگرام هجي جو سنستائون لڳاتار ڪم ۾ رڌل رهن. ٻئي طرف سيا جي ڪاريہ ۾ نوان نوان ساٿي خاص طور ننڍي عمر ۽

نئين رت وارا شامل ٿين، تنهن لاءِ بہ ڪا الرائتي يوجنا هئڻ گهرجي. اُجوڪي جوڙجڪ موجب ٣٥ ڄڻن جي ڪاروباري ڪاميٽي آهي، جنهن مان تمام ٿورا سرگرم آهن. پوءِ ضروري آهي ڇا تہ نالي ۾ ايڏي وڏي ڪاميٽي رکجي؟ يا جوڙجڪ ۾ تبديل آڻي ٢١ ڄڻن جي ڪاميٽي ٺاهجي ۽ ان ۾ انهن کي شامل ڪجي، جيڪي ڪنهن نہ ڪنهن نموني سرگرم آهن ۽ سڀا جي ڪم ۾ پڻ هٿ وٺائيندا. سڀا جي عهديدارن ۾ پڻ تبديل آڻڻ ضروري آهي. سڀا جو پرڏان سالن کان ساڳيو ئي رهيو آهي. اِهو ڪجھہ شُٺو نٿو لڳي. ڪنهن بہ حالت ۾ تبديل ٿيڻ گهرجي. اگر ممبئيءَ ۾ ڪو ساٿي هن جڳهہ لاءِ نٿو ملي تہ ٻئي ڪنهن شهر مان پرڏان چونڊڻ ۾ ڪو هرج ڪونهي. وڏان ۾ اهڙي درستي آڻي سگهجي ٿي. ٻين عهديدارن ۾ بہ ڦيرڦار آڻڻ گهرجي.

پيارا شندر، هيءُ خط صرف تنهنجي لاءِ آهي. ڪنهن بہ ٻئي جي هٿ ۾ نہ وڃڻ گهرجي، نہ تہ گهٽي غلط فهمي پيدا ٿي ويندي. خط جي هرهڪ Point تي تنهنجو ويچار ڄاڻڻ ٿو چاهيان، جيئن بحث خلاصو ٿئي ۽ ان ۾ وڌيڪ چٽائي اچي. پوءِ هن ڊائلاگ جو تاتپرج ٺاهي ايندڙ ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي ميڙ اڳيان کليل بحث لاءِ رکيو وڃي ۽ ڪن نتيجن تي پهچڻ ۽ انهن مطابق ضروري ۽ عملي فيصلا ورتا ويندا. اِهو ڊرافٽ ڇڻ ايندڙ ميڙ لاءِ ايجنڊا ٿيندو.

هاڻي ميڙ بابت جلدي تاريخون ۽ هنڌ مقرر ڪري مون کي موڪليندين تہ مان جلد ميڙ جو نوٽيس بہ ڪڍي ڇڏيندس ۽ دوستن کي شخصي طور بہ زور ڀريندس تہ ميڙ ۾ ضرور شامل ٿين. ڪن دوستن کي خاص دعوت ڏيڻ جي بہ صلاح ڀيني هئي. ان باري ۾ ڪي نالا ڏيان تي اچني تہ ضروري موڪلي ڏج.

هن خط ڏانهن تڪڙو ۽ خاص ڌيان ڏج.

سنيهہ مان،

ڪيرت.

اندور، ۲۴-۸-۱۹۹۶

پريه ڪيرت،

تنهنجو رام ڏانهن لکيل ڊگهو خط پهتو. مون غور سان پڙهيو. مان گهڻي قدر توسان شامل راءِ آهيان.

مونکي ڪڏهين ڪڏهين لڳندو آهي، اسين سنڌي اونده ۾ ڦاڦوڙا هڻي رهيا آهيون. اسان وٽ نه تاريخ آهي، نه اڄ جي حقيقتن جي پوري ڄاڻ آهي.

سنڌي هندن جي اڄوڪي تاريخ شايد ۱۹۴۲ کان شروع ٿئي ٿي. ۱۹۴۲-۱۹۴۷ وچ ۾ حالتون ٽڪرو ٿيون.

هيءَ تاريخ جي تون لکين ته سنڌين تي وڏ ٿيندو. البت جذبات ۽ پنهنجي نجي خيالات کان دور رهڻو پوندو. ڪم ايترو سولو نه آهي. ڪن سالن جي محنت آهي.

هن خط کي تون دوستن جي صلاح موجب ڇپائي سگهين ٿو.

سنيهه مان،

ڪرشن کٽواڻي.

---

اِندور، ۹-۹-۱۹۹۶

پريه ڪيرت،

تنهنجو خط اڄ پهتو. پڙهي خوشي ٿيم ته تنهنجو ڪتاب گهرايو اٿائون. سڄو مدار ان تي آهي ته جڄ ڪهڙا ٿا مقرر ٿين. مونکي خبر نه آهي ته جڄن جي چونڊ پنيان ڪهڙو سرشتو آهي، انڪري مونکي خبر نه آهي ته ڪا لابي ڪم ڪري رهي آهي يا نه. سدارنگاڻي ۽ شيام جي ڏينهن ۾ سرشتو بيو هو. ڪنوينر کي وڏيون اختياريون هيون ۽ هو پاڻ به جڄ هوندو هو، جنهنڪري سندس ووٽ کي وڏو مهتوَ هو. پر هاڻ ڪنوينر نه جڄ آهي ۽ نه وٽس ووٽ آهي.

سُندر هتي پٽ وٽ آيل آهي. ٻڌايائين ته جئپور ۾ پروگرام رکي رهيا آهيو.

فبروريءَ ۾ ساهتيه اڪادميءَ پاران هڪ سمپوزيم رکيل آهي.

Evolution of Sindhi Society ,Culture and Literature.

ويجهڙائيءَ ۾ مان جن به سيمينارن تي ويو آهيان ته تمام نراس

ٿي موٽيو آهيان. نہ نوان خيال آهن، نہ نيون حقيقتون ۽ نہ نئون نظريو. صرف دهراءُ آهي ۽ ساڳيا ماڻهون آهن. مان چاهيان ٿو تہ ڪن سمپوزيم لاءِ اسين نون ماڻهن جي ڳولها ڪريون. ويجهڙائيءَ ۾ مون سپدرا آنند جو ڪتاب 'National Integration of Sindhis' پڙهيو. ڪافي سُٺو لڳو. جرنلزم ۾ بہ ڪافي سنڌي اچي ويا آهن. اسانکي اهڙن ماڻهن جي ڳولها ڪرڻي پوندي. توکي ڪي اهڙا سنڌي يا اَسنڌي سُجهن تہ اَحوال ڏج.

هتي سوِپي گيانچنداڻيءَ جو هڪ دوست آيل آهي، جنهن ڳالهہ ڪئي، سوِپو آڪٽوبر ۾ هندستان اچڻ چاهي ٿو. ويزا لاءِ ڪيس ڪنهن سنسٿا جي نينڊ کپي. تون سپا جي پئڊ تي ڪيس نينڊ موڪليندي تہ ڪيس سهوليت ٿيندي. تو وٽ ائڊريس تہ ضرور هوندي، وري بہ مان هيٺ ائڊريس ڏيان ٿو. اُميد تہ هيءُ ڪم جلد ڪندين.

سنيہ مان،
ڪرشن کٽواڻي.

---

RAM PANJWANI
Sr. Advocate.
دهلي، ١١-٩-١٩٩٦

پيارا ڪيرت ۽ سويتا، شل سدائين خوش هجو.

مون وٽ هندواسي منگل تي پهچندي آهي. ڪلهہ وري تنهنجو ليک ٽن قسطن ۾ پڙهيم. آنند آيو. مزو آيو. اُتساهہ مليو. توکي قلم جي شڪتي آهي. صاف ڪليل ۽ روشن دماغ جو مالڪ آهين. تون هندواسيءَ جي واسطي لکندو ڪر. هر هفتي ڏهہ هزار ڪاپيون ڇپجنديون آهن. آخر آتما، ڪرم، پنر جنم، اهي وشيہ هر هندستانيءَ لاءِ بنيادي آهن. تو تمام سُٺي نموني چنڊ چاڙ ڪئي آهي. تو ڪيرون لهڻيون. توکي لک لک مُبارڪون.

توهان ٻنهي لاءِ اڻ ميا پيار.

رام.

ق.ت. نوٽن جي بابت مون توکي انگريزيءَ ۾ خط لکيو هو. تون سڀ ڪاغذ موڪلي ڏي.

# سنڌو ڪلاڪار منڊل

احمدآباد، ٢٧-٩-١٩٩٦

گهڻي عزت ۽ شرڌا لائق مانيوَر ٻاٻاڻي صاحب،

اُميد ته مزي ۾ هوندا!

توهان صاحب احمدآباد آيا ـ اچي پروگرام جو، اسانجو شان وڌايو. ان لاءِ اسين توهانجا تهدل شڪرگذار آهيون.

توهان صاحبن - ’مست‘ سان ويهي جيڪو سهيوگ ۽ سهڪار ڏنو، اُهو توهانجي فراخدليءَ جو مثال آهي. اُميد ته اڳتي هلي موقعي سان ’مست‘ جو سهيوگ وٺندا ته توهان کي به هڪ ٻانهن ٻيلي ملي ويندو ۽ سڀا جي ڪاريه کي به هٿي ملندي. ڳالهين دوران توهانجي سومان پرست ۽ محڪم ارادو ڏسي منهنجي دل ۾ توهان لاءِ اڳي کان عزت وڌي ويئي. ان ۾ به رايا ناهن ته اڄ توهان آهيو ته سڀا آهي.

سميلن بابت هڪ به ساٿي ٻاهر آهن، انڪري ڪنهن فيصلي تي نه پهچي سگهيو آهيان. پر ٻئي دفعي لاءِ ته ڪا تڪليف نه ڏيندي ۽ هن دفعي ڏيندڙ سميلن جو باريڪيءَ سان اڀياس ڪبو ته ڪهڙيون جوابداريون رهن ڏيون ته ٻئي دفعي لاءِ پورو آزمودو ملي ويندو.

مالهي صاحب جي صحت ٺيڪ هوندي.

منهنجي لائق ٻيو ڪوبه ڪم ڪار هجي ته لکندا.

قربن مان،
چندر ساوناڻي.

قلم تازو:

شري ٽيڪچند مست سان ڳالهين موجب، جئپور جي ميٽنگ ۾ نهراءُ آڻي ٻنڌن هٿائي ڇڏيندا ته مهرباني ٿيندي. منهنجي پاران به ميمبرس کي وينتي ڪندا.

دبئي، ٢٣-١١-١٩٩٦

پيارا ڪيرت - سويتا،

اوهانجو واڌين جو خط ١٠-١١-١٩٩٦ تي پهتو. نندڙيءَ سمرتيءَ جي اچڻ سان سڀ مشغول ٿي ويا آهيون. خاص ڪري ڪلا. راجوُ ۽ شريڪانت بہ مزي ۾ آهن.

تنهنجو، جئپور، آديپور ۽ دهليءَ جو احوال پڙهي خوشي ٿي. تون هن عمر ۾ ايترو سفر ڪري سگهين ٿو، ان جو ڪارڻ جسماني طاقت ئي رهي نہ آهي پر آتمڪ بل آهي، جيڪو ڪنيل ڪاريہ جي سر انجاميءَ سبب ۽ جُنوُن سبب پيدا ٿئي ٿو.

اخبار ۾ اِها خبر پڙهي عجب لڳو تہ مالهيءَ - اڪل ڀارت پرچار سڀا جو پيٽرن ٿيڻ قبوليو آهي. جنهن سڀا جو ڪارنامو فقط اڪل ڀارت سنڌي ٻولي ساهت سڀا کي بدنام ڪرڻ ۽ ڪن موقعي پرستن جي اڳواني چمڪائڻ آهي، تنهن سڀا ۾ مالهيءَ جو شامل ٿيڻ ڄڻ گويا ان سنستا کي مرتبي وارو درجو ڏيڻ جي ڪوشش آهي. مونکي ڏاڍو ڏک ٿيو آهي، جنهن جو اظهار فقط تو سان ڪري سگهان ٿو، ڇو جو مالهيءَ سان منهنجو خط پٽ جو رستو هاڻي ڪونهي.

مون کي اِهو ڄاڻي بہ ڏک ٿيو تہ احمدآباد ۾ ڪنهن جلسي ۾ تون ۽ ٽيڪچند مست ساڳئي پليٽفارم تي هئا. مان سمجهان ٿو تہ بانيڪارن توکي اونده ۾ رکيو هوندو ۽ توکي اِها ڄاڻ فقط جلسي جي موقعي تي پيئي هوندي. مهرباني ڪري منهنجو اِهو مونجهارو دور ڪر تہ ائين ڪيئن ٿيو.

ايندڙ سميلن ڊسمبر ١٩٩٧ع ۾ ٿيو تہ اسين بہ شامل ٿينداسين، ڇو جو سياري جون موڪلون آهن.

سويتا ۽ تون ڪٽنب سميت آنند ۾ هوندا.

تنهنجا،

ڪلا ۽ موتي.

اَحمدآباد، ٢٦-١٢-١٩٩٦

پاپا مما کي نمسڪار،

نئين سال جون مُبارڪون!

ٻاٻاڻي صاحب کي جنم ڏن جون لک لک واڌايون!

مان توهان کي وڏو ڀاءُ بہ مڃيان، دوست بہ، همعصر بہ. توهانجي زندگيءَ مان گهڻو ڪجهہ پرايم بہ، توهان سان ڪنهن ننڍيءَ وڏيءَ ڳالهہ تي ترشي بہ رهي.

”زندگي زندگي ئي آهي دوست،

ڳالهہ کي ڳالهہ چو نہ ياد ڪندي.“

سنڌيت جو قافلو اڃان تہ روان آهي. واڳہ ڏور سنڀاليندا اَچجو.

هر يڳہ کي، وقت کي، پل کي معنيٰ آهي تہ ضرور.

مان توهان سان توهانجيءَ شريمتيءَ سان، توهانجن ٻارن سان، هن خوشيءَ جي موقعي تي گڏ آهيان، توهانجي ننڍڙي ڀاءُ وانگر. روبرو اچڻ ممڪن تہ ڪونهي، ائين توهانجيءَ صحبت جون ڪيتريون ئي دعوتون مون ماڻيون آهن، اڳتي بہ اهڙا ڪيترا وجهہ ضرور ملندا رهندا.

يارن دوستن جي وچ ۾، ان محفل ۾ مون کي بہ ڳولهجو، ڪٿي ڪنڊ پاسيرو مان بہ ضرور بيٺو هوندس ۽ توهانجي روُپ ۽ جوانيءَ جو ديدار ڪندو هوندس.

اَڃان تہ جوان آهيو، جوان ئي رهندا.

وري بہ توهان سيني لاءِ مُبارڪون ۽ نياز.

قربن مان،

ارجن حاسد.

آجمير، ۲۸-۱۲-۱۹۹٦

ٻاٻاڻي پريوار جا ٻارڙو!

نئين سال جون شڀ ڪامنائون ۽ نئين سال ۾ اسان جي محبوب متر، هردل عزيز، قوم جي پياري ڪيرت جي پنجهترين جنم ڏينهن جون ٻه شڀ ڪامنائون سويڪار ڪندا.

ڪيرت جنهن سنڌي قوم، ٻوليءَ، ديش، پنهنجن اُصولن، آدرشن جي پالڻ لاءِ جيتري جدوجهد ڪئي آهي، سَنو ۽ ڀوڳيو آهي، ايتري قدر جو پنهنجن قدرن کي ممتاز بڻائڻ لاءِ جيلن جون سختيون سَهيون آهن، جلاوطنيءَ جو ڏنڀ سَنو آهي، اِهي اڻ وسرندڙ آهن. جڏهن ٻه ڪو سنڌي قوم جو اِتهاس لکيو ويو تہ هن ڀوڳمڪي همراه جو نالو سونهري اکرن ممتاز هوندو.

اسان جي دلبر ڪيرت جون شيوائون اَمٽ آهن. هن مهل تائين هوُ ٻنا ساهي پٽڻ جي قوم لاءِ قدم اڳتي وڌائيندو رهيو آهي. اسان کي خاطري آهي تہ اڳتي ٻڻ ڪيرت، قوم، ٻوليءَ ۽ ساهتيہ جو ڪم ڪندو رهندو ۽ وڏيءَ آورجا جو مالڪ ٿيندو.

اسان جون پياري ڪيرت کي لکہ لکہ واڌايون ۽ توهان جو پنهنجي پاپا جي پليٽينم جبلي ملهائي رهيا آهيو، اُن لاءِ توهان ٻہ جس جا ڀاڳي آهيو. اُميد تہ ڪيرت جي ايندڙ جيون ۾ ٻہ توهان جو ساٿ ساٿ رهندو ۽ کيس هٿن جي ترين تي کڻندا رهندا.

شڀ ڪامنائن سان،

ڀڳوان ٿلواڻي.

ڀوپال، ٢٠-١٢-١٩٩٦

آدرڻيہ دادا،

ڪيڏي خوشي ٿي، اَنوپ طرفان موڪليل نمنترڻ پتر ڏسي تہ توهانجو سڄو پريوار توهانجي هيرڪ جينتيءَ تي ٢ جنوريءَ تي پنهنجيون خوشيون توهانجي دوستن سان گڏ رات جي کاني تي ونڊڻ ٿا چاهين.

در اَصل هيءُ جلسو تہ اسان ساٿين طرفان ٿيڻ کپندو هئو، ڇو جو توهان تہ پنهنجو سڄو جيون ئي سنڌي ٻولي، سنڌي ساهت، سنڌي ڪلا ۽ سنسڪرتيءَ جي واڌاري ۽ وڪاس ۾ اَرپت ڪيو آهي. اسان جهڙن ساهت ۽ سنسڪرتيءَ جي پانڌيئڙن جي ڇولي ۾ پنجويهہ ٽيهہ سال اڳ اَهڙي ڪا چڻنگ لڳايوَ جو اڄ بہ جيءَ ۾ جهوري لڳل آهي تہ سنڌ، سنڌيت ۽ سنڌي ئي اسانجي جيون جو اُديش بڻجي پيو آهي.

ايڪويهين صديءَ ۾ بہ توهان سالم صحت ۽ وڏيءَ اَورجا جا مالڪ رهندا، ڇو جو توهان سان گڏ آهن، هند، سنڌ ۽ وشوَ جي سنڌين جون ڪروڙن ۾ شڀ ڪامنائون. پريوار جي سيني سدسين لاءِ دل جي اندرئين تهہ مان موڪليل شڀ ڀاونائون قبول ڪندا.

سيني آيل ساٿين کي منهنجا نياز چوندا.

قربن مان، ڇو جو قرب ونڊيندا رهيا آهيو ۽ نيازن مان، جنهن جا حقدار آهيو.

توهانجو ننڍڙو ڀاءُ

جهموُ ڇڳاڻي.

پوڏگيا، ٢-١-١٩٩٧

پيارا مربي ڀاءُ ڪيرت ٻاٻاڻي!

وڏي خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو توهان ٧٥ سال پورا ڪري سنياس آشرم ۾ پير رکي رهيا آهيو. شل شيوا ڪندي هڪ سؤ سال پورا ڪريو! شل پراڻا لاڳاپا لاهي آتم چيتنا ۾ وِشوَ چيتنا آڻيو!! هن لاءِ ڪجهه نئون من! هن وڳيان جي زماني ۾ پراڻو من ڪم ڪين ايندو. پراڻي من سان شانتي ڪين ملندي!

اڄ انسان کي انسانيت جي ضرورت آهي. هينئر نه جيءَ سنڌي، نه جيءَ هندي، پر جيءَ جڳت ڪهي! وِشوَ مانوُ ڪهي!

توهان وڏڙا آهيو! مون کي به آسيس ڪجو ته انت ويلي تائين شيوا ڪندو رهان!

شيوا ۾،
دوارڪو سندراڻي.

---

ناسڪ، ٣-١-١٩٩٧

منهنجا مهربان اعليٰ اَديب، عالم اُستاد صاحب،
دادا ڪيرت ٻاٻاڻي جي،
چرڻ وندنا!

منهنجي ڀاءُ اَنوپ ٻاٻاڻيءَ اوهان مهربانن جي پنجهتر سال جي جنم ڏينهن جي جشن ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ سڪ ڀريو سڏڙو ڏنو آهي. ناچيز کي پڻ ياد ڪيو اَٿو. نوازش لاءِ اَحسانمند آهيان. ڀاءُ اَنوپ تائين منهنجا شڪرگذارين ڳاڍڙ قرب پهچائڻ جي زحمت وٺندا.

اَجوڪي سڀاڳي ڏينهن تي جيجل ٻوليءَ جي صالح سپوٽ جو جانب جنم ٿيو، جنهن سنڌي اَدب جي سُرهاڻ کي سرحدن پار پهچايو آهي ۽ ڪيس اَنوکيون اوُچايون عطا ڪرڻ ۾ جيون جو ڳپل حصو مادري زبان جي خدمتن ۾ خرچ ڪيو آهي. اِهي وڏ توهان صاحبن جا آهن! توهانجي اڻ مٽي اُتساهه ۽ لاڪيڻي لڳن تان صدقي! سمپوُرڻ سنڌي جاتيءَ کي توهان جهڙن ساهتڪارن تي فخر آهه، ناز آهه!

سچو سائين شل توهان کي صحت جا سَٽ سوغات ڪري! عمر درازي عطا ڪري! آمين!

ساڻ ساڻ نئون سال شل اَسان سڀن جوُن مَن-مُرادون پڄائڻ جي قوت ۽ قابليت حاصل ڪري!

وڏڙن لاءِ اَدب ۽ نياز. ٻارڙن لاءِ پيار، سڀاجهن ساٿين لاءِ سڪ ڀريا سلام!

اَوهانجي آسيس جي آس ۾ ... ڪمل قدمن ۾،

**توهانجو ٻارڙو،**

**ميارام ’درد‘**

---

**دبئي، ٩-١-١٩٩٧**

**پيارا سويتا - ڪيرت،**

٧٥ جنم تي توهان جي گلابي مُرڪ گهڻو ڪجهہ لکڻ لاءِ چئي رهي آهي. هيءَ ١٩٦١ جي ڳالهہ آهي. پوپال سميلن وقت مون ڪيرت کي چيو هو: ”سويتا تيون ڏينهن بئلرڊ پيئر تي ملي هئي. ڪيرت پڇيو: ”اَڇا! ڪهڙي ساڙهي پيئي هئس؟“ مون ساڙهيءَ جو رنگ ياد ڪري ڪيس ٻڌايو هو، ”آرينج“ ڪيرت تصور ۾ کوهجي ويو هو.

اَلائي ڪهڙو سال هو. مان ۽ سويتا، ڪيرت ۽ موتيءَ کي بامبي سينٽرل اِسٽيشن تي ڇڏڻ آيا هئاسين. پوءِ اسان کي آفيس وڃڻو هو. موڪلائڻ وقت ڪيرت سويتا جي ڳچيءَ جي پُٺ کي ٻہ ٽي دفعا ڇُهي چيو هو، ”ڇگو ... پوءِ توهان ٻنهين ڪجهہ پاڻ ۾ ڳالهايو. اُن ڏينهن، اُن ويل مون کي خبر پيئي هئي تہ سويتا جو جنم ڏينهن آهي. اُهو ٢٣ ڊسمبر هئي. اُن سال ڪانپوءِ هر ٢٣ ڊسمبر صبح جو اُٿان تہ سويتا جو پيارو منهن اکين اَڳيان ڦري - ۽ توهان ٻنهي جيڪا هڪ ٻئي سان اَٿاهہ محبت ڪئي آهي، اُها ڦري.

ڪيرت سفر تان موٽيو هو - سويتا وٽ هڪ ساهيڙي ويني هئي. ڪيرت ڪن لاءِ جهجهڪيو. پر پوءِ روڪي نہ سگهيو پاڻ کي. سويتا کي، ساهڙيس اَڳيان چمي ڏنائين - ڳل تي. ۽ ساهيڙيءَ چيو،

“Savita, This is true Love.”

۽ ... ۽ ....

ڪيرت سياست ۾، ساهت ۾ هرهنڌ اَڳرو رهيو آهي. خوُب ڏورا ڪيا

اَٿائين. گهر کان دوُر رهندو آهي، پر سويتا جي قريب هوندو آهي. ظاهري ڪيرت هڪڙو، اَندر ٻيو ڪيرت آهي، جيڪو نِلو سويتا جو ڪيرت آهي.

سوي! ڏٽي بخشي ڏينده يا عمر ڪيرت جو پيار.

ٽيئي ٻچڙا، نُهر ۽ ٻارڙا وڏن ويجهن. توهان کي دليان چاهين ٿا. نازان آهن توهان تي. خوش رهو. دلي دعائون.

گهڻي ياد.

**توهانجا،**

**ڪلا - موتي.**

---

۱۹۹۷-۱-۱۱ ،Swampscott, (USA)

اَدا ڪيرت،

توکي 'سنياس' اوسٽا ۾ پير ڏرڻ لاءِ لکين مُبارڪون هُجن. تنهنجي ٻارن وٽان نيند پتر پهتو، مگر جشن ۾ شامل ٿيڻ ممڪن ڪونہ هئو، جو جنم ڏينهن گذري چڪو هئو. اڳہ بہ پهچي ها تہ شرڪت ڪرڻ ڏکيو هئو، وري بہ تنهنجي عيال جو ٿورائتو آهيان جو دوستن کي ياد ڪيائون. يقينن اهو جلسو ڪامياب ٿيو هوندو. سائين بيوس جي ٽُڪ ياد ٿي اچي:

''بيوس (ڪيرت) جي جشن خاني ۾ ڪنهن ڏينهن اي جاني،

پي باد غما باد کي برباد ڪنداسين!'' جڏهن بہ ڳڏباسين!

هتي باسٽن ۾ گذريل آڪٽوبر عابده پروين جي محفل رچائي وئي. خلق گهڻي تہ ڪونہ آئي. 'ورلڊ ميوزڪ' جي بانيڪارن ڪيس گهرايو هئو. آميريڪي ۽ ديسي شريڪ ٿيا. ايندڙ سال ڪئنادا ۾ جولاءِ ۲٦ ڏاري سنڌي سميلن رٿيل آهي. ڪوشش ڪبي تہ عابده اتي محفل جمائي. سميلن وارن مونکي بندوبست ڪرڻ لاءِ چيو. عابده سان ڪافي ڀيرا فون تي ڳالهايو آٿم مگر اچي ڪونہ ٿي سگهي جو ۳ مهينا لندن ۾ وڃڻي آهي ۽ جولاءِ جي آخر ۾ سموُرو شاه جو رسالو ڪيسيٽ تي تيار ڪري عوام اڳيان ڀٽ جي ميلي تي پيش ڪندي. ڳالهہ ڳالهہ ڪندي چيائين تہ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ تازو سنڌ تي ڪتاب

---

ڇپايو آهي. اهو ڪيس ڪپندو هئو. واعدو ڪيومانس تہ توکان گهرائيندس. جي تو ڪوئي ڪتاب ڇپايو هجي تہ مهرباني ڪري مونکي بہ ڪاپيون موڪلج. منهنجي لاءِ ۽ عابده لاءِ. عابده سان ڇاهين تہ فون تي بہ ڳالهائي سگهندين. اسلام آباد ۾ فون اٿس.

منهنجي ڪتابن جي سمالوچنا ۽ آلوچنا اچان تائين ڪونہ پهتي، اُميد تہ اوٽائي دوَر ڪري سگهندين.

تازو ڪيفي اعظمي جو ليک پڙهيم. جنهن ۾ چيو هئائين تہ 'غالب' کي ديوناگريءَ ۾ ڇپائڻ سان غالب ڪروڙن تائين پهچي ويو. اڳي صرف اُردو پڙهندڙ تائين محدود هئو. ان خيال سان پارت جي سنڌين لاءِ چون ٿا تہ سنڌي ڪتاب، مخزنون، اخبارون ديوناگريءَ ۾ ڇپائن، جيئن لکين سنڌي پنهنجي ٻوليءَ کان واقف ٿين. ڇو ٿا ڪين سنڌي اڻ پڙهيلن ۾ ڏڪيليون؟ ان باري ۾ تنهنجو ڪهڙو رايو آهي؟

پوءِ خيال آيو، تہ تو سنڌ رائيزس ۾ بي نظير کي ٿالهين لاهي ڇڏيو. مگر لغاريءَ سان ايڏي همدرديءَ جو خاص ڪارڻ؟ ڪوشش ڪري جواب ڏج. تنهنجو خط بہ مدت بعد پهتو هئو.

قربن ماں،
نرنجن دوداڻي.

---

دهلي، --- ١٩٩٧

پريہ انوپ / اروڻ،

اوهان جو خط پهتو ۽ نيند بہ. مونکي اِهو ڄاڻي تہ سنڌيت جي هلچل جي سورهيہ سرويچ ۽ اسان جي پياري دوست ادي ڪيرت ٻاٻاڻيءَ زندگيءَ جا ٧٥ رنگارنگ سال پورا ڪيا آهن. اِن لاءِ ادي ڪيرت ۽ اوهان سندس پريوار جي ڀاتين کي لک لک مُبارڪون.

ڪيرت سنڌيت جي هلچل جي هڪ اکنڊ جوت ۽ سنڌي عوام، خاص طور نوجوانن لاءِ سانده پريرڻا، اُتساه جو سرچشمو رهيو آهي. ڏڻيءَ در پرارٿنا آهي تہ هيءَ جوت جاڳندي رهي ۽ هوُ سيني لاءِ اُتساه جو وسيلو بڻيو رهي.

سندس وڏي آورجا جي ڪامنا ڪندڙ،
هيرو ٺڪر.

Swampscott, (USA)، ۴ مارچ، ۱۹۹۷

اَدا ڪيرت،

تازو فيروز اَحمد ۽ محمد اِبراهيم جويو جي ليکن مان معلوم ٿيو تہ پاڪستان ۾ ۱۹۷۵ جي قانون مطابق سنڌي ٻولي ۽ سنڌي قوميت ڪائي هستي ڪونهي! مونکي تہ ڄاڻ ڪونہ هئي، توکي شايد هجي. هيءُ خط لکڻ جو مقصد هئو تہ جي ائين آهي تہ سنڌين کي ڀِرِيائين تہ پنهنجي ٻولي ۽ قوميت کي صحيح درجو ڏيارڻ لاءِ جدوجهد ڪرڻ گهرجي. تعجب آهي تہ سنڌي جماعتن هيل تائين ان موضوع ڏانهن ڪوئي ڌيان نہ ڏنو آهي! مان خط جي ڪاپي موڪليانءِ ٿو، جا 'سانا' جي بانيڪارن ڏانهن لکيل آهي. جڏهن کان ڄاڻ پئي آهي، منهنجون تہ آڱريون ڏندين لڳل آهن. چا 'جيئي سنڌ' ۽ ٻين تنظيمن کي بہ اهڙي ڄاڻ ڪونہ هئي؟ شايد تون سُلجهائي سگهين.

تازو چونڊن جي نتيجي وري 'جيئي سنڌ' وارن کي بلڪل پاسيرو ڪري ڇڏيو آهي. شايد سنڌي جنتا سندن نيتيءَ کي نہ ٿي سمجهي، نہ دلچسپي اٿن، نہ وري ڪوئي اڳوان اٿن، جنهن ۾ وشواس رکي سگهجي.

هتي بيروني مُلڪن ۾ اچي ڳالهيون تہ وڏيون وڏيون ٿا ڪن، مگر ائين ٿو لڳي، جيئن شاه لطيف 'سُر سارنگ' ۾ آکيو:

''وري وَڏن وس جون، ڪيون ڳالهيون ڳنوارن!''

ڪراچيءَ جي انگريزي اخبارن ۾ ائين آيو آهي تہ هن وقت پاڪستان ۾ هندستان سان ناه ڪرڻ جو جذبو زور آهي. مائي بينظير پڻ بيان ۾ چيو تہ پاڪستاني عوام کي پيپلس پارٽيءَ جي هندستان خلاف رويو ڪونہ آئڙيو، انڪري هارايائين.

منهنجو اڳيون خط تہ پهتو هوندءِ. وقت سارو وراڻي ڏجانءِ. هن خط ۾ اُٿاريل سوالن جي بہ سمجهاڻي ڏئي سگهين تہ سُٺو ٿيندو. نہ تہ تہ اسان وينا آجايا ٽاڦوڙا هڻون.

خيريت سان،

نرنجن.

۱۹۹۷-۴-۷ ،Okemos Michigan, (USA)

پيارا ڪيرت،

هيءُ خط مان لڇمڻ ڪومل توکي آمريڪا مان لکي رهيو آهيان. هتي آئي مهينو کن ٿي ويو آهي. هفتو کن نيويارڪ پيڻ وٽ ۽ ٻه هفتا پنهنجي پٽ لاليءَ وٽ Pittsburgh ۾ رهي گذريل آرتوار تي هتي پاڻ وٽ آيو آهيان. هاسي جو گهر ڏسي اکيون چرخ ٿي ويون آهن. مصر جي ڦروهن جا قصر شاهي محلات هن گهر آڏو ناقص ٿا لڳن. مان ڄڻ ڪنهن ڪاڪ محل ۾ وڃائجي ويو آهيان. هن نئين گهر ۾ پاڻ ۽ ٻاڇائي اڪيلا رهندا آهن ۽ هڪ ٻئي سان انٽرڪام فون تي ڳالهائيندا آهن. ڪڏهن ڪڏهن پنهنجي ڪمري ۾ سندن سڏ "ڪٿي آهين، ڪٿي آهين؟" ٻڌندو رهندو آهيان.

پٽ لاليءَ منهنجو خيال ته تمام گهڻو پئي رکيو پر سچو وقت مٿان پندي ٻاري بيٺو هئو ته 'ڊئڊي هيءُ نه کاءُ، هيءُ نه پيءُ، هي نه ڪر، هوُ نه ڪر، سگريٽ نوشو نه ڪر، شراب خوري نه ڪر، نظربازي نه ڪر، نائيٽ ڪلبن ۾ نه وڃ، هتي نه وڃ، هُتي نه وڃي.' چيومانس: 'پُٽ ته باقي آمريڪا ۾ ڪهڙي ڇائي پائڻ آيو آهيان؟' هڪ نه ٻئي ڏينهن ڊاڪٽرن کان معائنا ڪرائيندو ٿو رهي. هڪڙي جاهل نيم طبيب نما ڊاڪٽر X-Ray ۽ .E.C.G ڪيدي فتوىٰ صادر ڪئي آهي ته 'مُنهنجي هارٽ جي هينين آرٽري بلڪل بلاڪ ٿي ويئي آهي ۽ ان جي کلڻ جا ڪي امڪان نظر نٿا اچن.' بس پوءِ ته هاسي ۽ لاليءَ مون لاءِ وٺل ٻاري ڏنو آهي. عقاب جهڙين اکين سان مون مٿان چوڪسي رکي وينا آهن. پڳڙن جيان گوريون ۽ ڪئپسوُل کارائي رهيا آهن.

بس، يار ڪيرت، انهن پابندين ڪري ڏينهن ڏاڍا ڏکيا ٿا گذرن. مئي جي پهرئين هفتي ۾ ٿي موٽي دهليءَ هليو ايندس. رستي ۾ لنڊن، پئرس ۽ جرمنيءَ هفتو کن رهندس. ڪراچيءَ جي ويزا هن پيري نه ملي - ايمبسيءَ ۾ آيل نئون ويزا آفيسر وڏو ڪو بددماغ هئو. چيائين ته اسان کي ڄاڻ ملي آهي ته تون بينظير جي مڙس آصف زرداريءَ جو دوست آهين. ضرور هن لاءِ ڪو نياپو کڻي ويندو هوندين. شيخ اياز سان ٽي پيرا فون تي ڳالهايو اٿم. هتان ڪي دوائون گهرايون اٿائين، جيڪي مون اڳئين هفتي پارسل ڪري هن

ڪي موڪلي ڏنيون آهن. خوب لکي رهيو آهي. ڏهن جلدن ۾ پنهنجي آتم ڪٿا لکي رهيو آهي. ٻه واليوم شايع ٿي چڪا آهن ۽ ٽيون پريس ۾ آهي.

جولاءِ ۾ هتي ٽورنٽو ۾ ورلڊ سنڌي ڪانفرنس آهي. ٽورنٽو هتان ويجهو آهي ۽ مُنهنجو پاڙيچو (ماسيءَ جو پٽ) اتي رهندو آهي. جي تون اچين ته مان ٻه جولاءِ تائين رهي پوان. پنهنجو فون نمبر لکانءِ ٿو. احوال ڏج.

اڄ ڪلهه هتي آمريڪا ۾ تمام ٿرڊ ڪلاس لٽريچر لکجي رهيو آهي. ڪجهه آمريڪي شاعريءَ جا ڪتاب وٺي آيو آهيان، پر پڙهڻ ڪانپوءِ لڳو ته اهڙي شاعريءَ کان بهتر شاعري ته اسانجي سنڌ جا شاعر مومن مليرائي ۽ مشتاق باغائي ۽ اُلهاس نگر جا مرچو مسڪين، سيرو سياه ۽ ٽيڪو مست ڪري رهيا آهن. وليم فاڪنر، والٽ وٽمئن ۽ وليم سيروبان جون بايوگرافيون ٻه خريد ڪيون اَٿم ۽ لئٽن آمريڪي ادب جا ڪي مجموعا ورتا اٿم. ڪالهه ميرا نائر جي فلم ’ڪاما سوترا‘ ڏٺم. حيرت انگيز فلم آهي، پر اهڙا نظارا هتي عام جام آهن. يونيورسٽين جا ڇورا ڇوريون ڏينڌن جي ڪنارن ۽ وڻن هيٺيان ڇتا ٿي هڪ ٻئي سان چنبڙيا پيا آهن ۽ اهڙا منظر ڏسي ٻڍاپي ۾ اسان جا ٻيئي جهان خراب ٿي رهيا آهن.

سوويٽ يونين جي ٽٽڻ کانپوءِ، هن ملڪ (آمريڪا) جي داداگيري ڏاڍي وڌي ويئي آهي. سڄي دنيا جا ٺاڪاريدار ٿيا وينا آهن. سندن ملڪ ۾ کهڙو ڪارو منهن پيو ٿئي، ان جي ڪين ڪا پرواهه خير ڪا آهي، پر ڏهه هزار ميل پري هندستان، پاڪستان، سري لنڪا، ايٿوپيا ۽ چليءَ ۾ ڪجهه ٿيندو ته هنن جي پيٽ ۾ وڪڙ پوڻ شروع ٿيندا ۽ ڪين گهمرا ٿي پوندا. اصل راتين جي ننڊ حرام ٿي پوندن. مڙيو ئي لئه لڳي پيئي آهي.

مان سوچيندو آهيان ته نيٺ هر سال هتي اچي ڇا ٿو ڪريان. پنهنجي گهر ۾ هر شڪه ۽ نعمت ميسر آهي، پوءِ ٻه اجايو ڇو ٽڪي رهيو آهيان. ڪيرت، پراڻا جوتا وڏيڪ ڪمفرٽبل هوندا آهن، پر پوءِ ٻه ان ڪمفرت جي احساس کان نون جوتن جي خواهش مري نٿي (۽ نه

ئي پراڻا زخم پرجن ٿا) بس اهو ئي چشڪو آهي. ماڻهو ته ماڻهو، خود لفظن پنهنجيون ڪارڪردگيون، ڪردار ۽ معنائون بدلائي ڇڏيون آهن.

چاهيان ٿو ته توکي هڪ وڏو خط لکان، پر منهنجو وقت به ته قيمتي آهي. احوال ڏج. منهنجي ائڊريس ٻاهر لکيل آهيئي.

تون ۽ سويتا اُميد ته باغ بهار هوندا. تنهنجي يار اُتم جو ڪهڙو حالَ آهي؟

قربن مان تنهنجو،

لڇمڻ 'ڪومل'

---

سندوُنگر، ١٢-۴-١٩٩٧

آدرڻيه ٻاٻاڻي صاحب،

'سنڌي ٽائيمس' پبليڪيشن طرفان ڇپايل توهانجو تازو لکيل ڪتاب ''ڪجهه ٻڌايم ڪجهه لڪايم'' (آتم ڪٿا ڀاڱو پهريون) ڪالهه جيئن ئي هٿ ۾ مليو ته هڪ ئي ٻيٺڪ ۾ پڙهي پورو ڪيم. شروعاتي ٢٣ صفحا پڙهندي خفي ٿيڻ لڳس ته ڇا سموري ڪتاب ۾ اهڙيون ئي ڳالهيون پڙهڻيون پونديون! جيتوڻيڪ ڳالهيون ته بلڪل سچيون لکيل آهن. شري لوڪرام ڏوڏيجا پنهنجي ڪتاب ''منهنجو شهر - منهنجا ماڻهو'' ۾ اهڙين ڳالهين جو ان کان به وڌيڪ کليءَ طرح ذڪر ڪيو آهي. سنڌ جي ڳوٺن ۾ اَڪثر اهڙيون شرمناڪ ڳالهيون ٿينديون هيون. ۽ اُهي ڇوڪريبازيءَ جهڙا غير قدرتي ڪرتب. ڇوڪرين کي چوديوارين ۾ بند رکڻ سبب اهي غير قدرتي جسماني سنبنڌ ٿيندا هئا، جن مان ڪي ظاهر ٿي پوندا هئا ته ڪي لڪل ئي رهيا.

٢٣ صفحي کان اَڳتي وڌڪ وڌيس ته لڳم ڪانداريندڙ احوال پڙهڻ لاءِ مليا. پوءِ ته عشقي داستان به شروع ٿي ويا ته اِتهاسڪ گهٽنائون پڻ پڙهڻ لاءِ مليون. ۽ پڙهڻ ۾ دلچسپي ايتري وڌي ويئي جو ڪتاب پڙهي پورو ڪرڻ ڪانسواءِ اکين کان پري نه ڪري سگهيس.

توهان ڪتاب جو عنوان رکيو آهي 'ڪجهه ٻڌايم، ڪجهه لڪايم''. ليڪن مونکي ته نٿو لڳي ته توهان ڪجهه لڪايو آهي. ٿي

سگهي ٿو، ڪي ڳالهيون توهانجي يادداشت تان هٽي ويون هونديون، ۽ ڪي ايتريون تہ ڏنڌليون ٿي ويون هونديون جو توهان فيصلو ڪري نہ سگهندا هوندا تہ اهي ڳالهيون ڪتاب ۾ پيش ڪجن يا نہ.

ليکڪا جي عشق جي اشارو سمجهي ويس. خود ان ليکڪا پڻ هڪ ليکہ ۾ اهڙو اشارو ڏنو آهي. خير، اها تہ ٿي ان ليکڪا جي عشق جي ڳالهہ تہ هوءَ ڪامياب نہ ويئي. ليڪن گوپيءَ سان توهان جو عشق ضرور ڪامياب ويو آهي ۽ پڪ اٿم، توهانجي شادي پڻ توهانجي دل پسند محبوبا سان ٿي آهي. ڪتاب جي ايندڙ ڀاڱن ۾ اهڙي خبر پڙهي توهانکي مُبارڪون ضرور ڏيندس.

اِتهاسڪ گهٽنائن جو ورنن ڪندي توهان اِتهاس کي ٽن دؤرن ۾ ورهايو آهي - اَوائلي دؤر، وچولو دؤر ۽ هاڻوڪو يا هلندڙ دؤر، جنهن کي توهان آخرين دؤر سڏيو آهي. مُنهنجي خيال مؤجب ڪوبہ دؤر آخرين ٿي ئي نٿو سگهي. دؤر ڦرندا رهندا. نيون نيون مانيتائون ايندیون رهنديون. ترقي پسندن مان ڪي وڌيڪ ترقي پسند ٿيندا تہ ڪي ماضيءَ ڏانهن موٽ کائيندا، جا سندن هٽ اچٽي بہ ناهي. مستقبل لاءِ نوان نوان انسنا ٺهندا. ڪي يوجنائون عمل ۾ ايندیون تہ ڪي ڦسي پونديون، اهڙيءَ طرح دؤر بدلجندا رهندا، پر ڪوبہ انهن مان آخرين دؤر ڪونہ هوندو.

مان بہ ساهتيءَ جو آهيان. نوابشاهہ ضلعي جي ڪنڊياري تعلقي جي خانواهڻ شهر جو آهيان. ڏهن يارهن سالن جي عمر ۾ سنڌ ڇڏي اٿم. ڪيتريون ئي يادگيريون ذهن تي آهن. مون هندواسيءَ ۽ ٻين اَخبارن ۽ مخزنن ۾ پنهنجي شهر خانواهڻ ۽ ٻين ڳوٺن ۽ شهرن بابت ليکہ لکيا آهن پر توهان وانگر سڀ ڪجهہ هوبهوءُ پيش نہ ڪري سگهيو آهيان. ڪيتريون ڳالهيون لکايون اٿم. توهان جي ڪتاب مان شايد پريرڻا پائي ڪجهہ وڌيڪ لکندس. ڪتاب ڇپائڻ جي توفيق ڪانہ اٿم. اخبارن جو ئي سهارو وٺڻو پوندو.

هيءُ ڪتاب مونکي منهنجي پرم متر ۽ جهوني شاگرد ڊاڪٽر ميوَل آهوجا وٽان مليو جو 'سنڌي ٽائيمس' جو لائيف ميمبر آهي. هن کي ڪتاب واپس ڏيڻو آهي.

تنهي ڪتابن جو پورو سيٽ توهان وٽان ئي حاصل ٿيندو. اهڙي اُميد

رکان ٿو.

توهان جيڪڏهن هن خط جو جواب لکندا ته مونتي نوازش ٿيندي. هندواسيءَ ۾ ”منهنجي ماستريءَ جا ڇنيهه سال“ عنوان سان سيريل شروع ڪيا ويا هئا. مون ۱۵ قسطون موڪليون هيون. جن مان اڻ شايع ڪيون ويون. هاڻي ٻيا ليکه شايع ٿيندا رهندا آهن. توهان جا پڻ ڪي ليکه شايع ٿيا هئا. انهن ۾ توهان انڌ وشواس جو پردو هٽايو هو. پڪ اُتم پهچ ضرور لکندا.

سنمان ڀاوَ سان،
ڪمار تيجواڻي.

---

اِندور، ۱۶-۴-۱۹۹۷

پريه ڪيرت،

ڪالهه تنهنجي اُتم ڪٿا پهتي.

اڄ پڙهي پوري ڪيم.

مونکي وڻي. سٺي بيني آهي.

تو ڀهرئين ڀاڱي جو اُنت به اتي آندو آهي، جو ٻئي ڀاڱي پڙهڻ لاءِ من اُتسڪت رهندو.

تنهنجي مهاڳ مان ڄاڻ پيم ته تو ٻه ڀاڱا سنڌ ۾ گهاريل جيون ڪي ڏنا آهن ۽ هڪ ڀاڱو هند ۾ گذاريل سالن ڪي. يعني پنجويهن سالن ڪي ٻه ڀاڱا ۽ پنجاهه سالن ڪي هڪ ڀاڱو. اها ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي. جي مُمڪن هجي ته هن عرصي ڪي به ٻه ڀاڱا ڏيئي، سنڌيت جي هلچل سان پورو نياءَ ڪڄ.

هڪ ڳالهه چوان؟ اڳه به چئي اُتم. مونکي لڳو، هيءَ ڪٿا ڪنهن ليکڪ جي نه، راجنيتڪ اڳوان جي آهي. جڏهين انسان دل سان ڳالهه ڪندو آهي ته پنهنجو نجو روُپ ظاهر ڪندو آهي. مونکي لڳو هند ۾ اچڻ بعد تون ماستريءَ بدران وڪالت ڪرين هان ۽ ڪتاب لکڻ بدران راجنيتيءَ ۾ سرگرم هجين هان ته اڄ سنڌين ڪي پنهنجو سنو ايماندار ليڊر هجي ها.

پيار،
ڪرشن (کٽواڻي).

موهن گيهاڻي،

دبئي، ١٣-٥-١٩٩٧

پيارا ڪيرت،

اُميد تہ مزي ۾ هوندا.

ڪالهہ موتيءَ جي ٽيبل تان اوهان جو تازو ڇپيل ڪتاب ”ڪجهہ ٻڌايم - ڪجهہ لڪايم“ کڻي آيس. شام جو وينس ۽ هڪ ئي ٻئنڪ ۾ پڙهي پورو ڪيو اٿم. اَڄ ٻاڻ کي انيوَ جي سطح تي خوشحال پيو پائيان. ائين لڳو تہ مان بہ اوهان سان گڏ اُن وقت ۾ جي رهيو آهيان ۽ اوهان جي حالتن مان گذري، ماڻي / ڀوڳي رهيو آهيان. ڄاڻ اٿم تہ ڦهريون ڀاڱو آهي، پر دل چوي پيئي، اڃان وڌيڪ تفصيل هجن. هونئن ٻوليءَ کي نچ، گهرا ۽ پيچيدن جذبن کي اظهارڻ جي محدودگيءَ جي ڄاڻ اٿم، تنهنڪري هر پانڪ چيو ۽ اڻ چيو جي وچ ۾ پنهنجي ڪلپنا جي آڌار تي گهڻو ڪجهہ پڙهي / سمجهي ويندو آهي. مونکي پڪ آهي تہ اوهان جي آتم ڪٿا اڳتي هلي وقت جي تاريخ لاءِ ڪافي اهم Source material ثابت ٿيندي، جيئن پير علي محمد راشديءَ جا ڪتاب آهن.

مان چاهيان ٿو تہ اوهان ٽن ڪتابن بعد هڪ ڪتاب ’حاشيءَ ۾‘ يا ‘Epilogue’ ڪري لکو ۽ اُنهن ۾ اُهي سڀ ڳالهيون لکو، جيڪي ’لڪايون‘ اٿو. آتم ڪٿا ۾ لڪائڻ ۽ Self-Censorship هروبرو سُني ڳالهہ تہ نہ ليکبي.

هونئن خط لنبو لکڻو هو. پر مجبورن ننڊو لکي رهيو آهيان.

هتي سڀ دوست مزي ۾ آهن، اوهان طرفان ڪو احوال نٿو اچي.

اوهانجو،

موهن.

نئي دهلي، ۱۸-۵-۱۹۹۷

پيارا ڪيرت،

ھن مهينن لاءِ آمريڪا ۽ يورپ ۾ ڏرم جا ڌڪا کائي نيٺ پنهنجي ماڳ موٽيو آهيان. خوشي اِها اٿم جو هتي پهچڻ تي تنهنجي آتم ڪٿا 'ڪجهہ ٻڌايم - ڪجهہ لڪايم' جو پهريون جُلد مليو. اڃا تہ Jet Lag جي اَثر هيٺ آهيان. جيءُ جاءِ ٿيڻ تي پڙهي ڏسندس تہ تو ڪيترو ۽ ڇا ڇا لڪايو آهي ۽ ڇا ٻڌايو آهي. اَڪثر آتم ڪٿائن ۾ سنڌي ليکڪن ڪوڙن جا ڪارخانا کولي ۽ ڦتنن جون فئڪٽريون هلائي ٻين کي ذليل ۽ خوار ۽ پاڻ کي ڪير ۾ ڌوتل اَڇو اُجرو ڪري پئي پيش ڪيو آهي. خود ٻين ٻولين ۾ پڻ اَمرتا پريتم ۽ قرت العين حيدر جهڙين ليکڪائن پنهنجن همعصرن جي منهن تي دانگي مَلي آهي. پر تون هڪ سپتيو ۽ ديانتدار ليکڪ آهين ۽ تو اهڙي ڪابہ غير شريفانہ حرڪت نہ ڪئي هوندي. بهرحال، آتم ڪٿا پڙهندي مون کي اهڙو ڪو مبهم اِشارو بہ نظر آيو تہ تو ڏانهن لکندس ۽ ريڊيو تي تنهنجي ان ڪتاب تي تبصرو ڪندي ان جو اَوس اظهار ڪندس.

مون آمريڪا مان تو ڏانهن هڪ ڊگهو تفصيلوار خط لکيو هئو، جيڪو توکي ضرور مليو هوندو. تو ڏانهن پارت-پاڪ اَمن ۽ دوستي ڪانفرنس، جيڪا ۳۱ ميءِ ۽ ۱ جوُن تي بمبئيءَ ۾ ٿي رهي آهي، جي دعوت پڻ موڪلي اٿم. ملي هوندءِ. مان ان ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪرڻ ۲۵ مئي تي بمبئيءَ اچي رهيو آهيان. ڪانفرنس جي سيڪريٽري Teesta Seetalvad کي پڻ تو ڏانهن دستوُري دعوت موڪلڻ لاءِ لکيو اٿم. هوءَ توکي ضرور ڪانٽئڪٽ ڪندي.

آمريڪا مان اياز سان بہ ٽي ڀيرا ڳالهايو هئم. هن ڏانهن پڻ دعوت ويئي آهي ۽ هن کي اچ وڃ جو ڀاڙو پڻ آڇيو ويو آهي. اڄ بہ اياز سان ڳالهايم. هو بيماريءَ سبب شايد مئي ۾ نہ اچي سگهي، پر آگسٽ ۾ اچڻ جو واعدو ڪيو اٿائين. پوءِ بہ چيائين تہ ڪوشش ضرور ڪندو. هن کي آمريڪا مان ڪي دوائون گهربل هيون، جيڪي مون هن کي موڪلي ڏنيون هيون. سنڌ جي اديبن مان تنوير عباسي، تاجل، امر جليل، رڪيل مورائي ۽ پليجي وغيره کي پڻ نينڊ موڪلي ويئي آهي.

تنهنجو ئي

لڇمڻ 'ڪومل'.

دبئي، ۲۲-۵-۱۹۹۷

پيارا ڀاءُ کيرت ۽ سويتا ڊارلنگ،

توهان جي آتم ڪٿا جو ٻهريون ڀاڱو پڙهيم. اَصل ڇڏيم ڪونہ، جيسين پورو ٿئي. توهان کي سوڀي گيانچنداڻيءَ سماجواد تي ڪتاب پڙهڻ لاءِ ڏنا، اِئين توهان اِهو مت سمجهيو. پر مون تہ سماجواد توهان جي تقريرن مان سمجهيو. ڀاءُ سوڀي گيانچنداڻيءَ جي شخصيت جو چٽر جيئن جيل ۾ توهان کيس ڏٺو ... پنهنجي سر دل دماغ تي حاوي پئجي ٿو وڃي ۽ قوم پرست، اِنسان پرست کيرت ننڍپڻ کان نرالو. اَسان کي پنهنجي دوست تي ناز آهي.

۽ عشق تہ پاڪ جذبو آهي، جنهن جي اَندر ۾ جاڳي تنهن کي پاڪ ڪري. ٽئي ڀاڱي جو اِنتظار آهي.

سوي! منهنجو خط مليو هوندءِ. طبيعت نيڪ هجيئي شل هميشهہ. سيني ٻچن سان خوش هوندينءَ. تنهنجي پيار ۽ دعائن جي هميشه طلب آهي. تو سان دل ۾ گهٽيون ئي ڳالهيون ڪيم، ڪتاب پڙهندي.

پيار - ياد.

توهانجا،

ڪلا - موتي.

پيارا کيرت،

تنهنجي آتم ڪٿا جو ٻهريون ڀاڱو پهتو. اول موهن کي ڏنم. هاڻي واري سان ٻين کي ڏيندس. نهايت روچڪ ڪٿا آهي. مونکي دل جي سچائيءَ سان لکيل لڳي. اُميد تہ ٻيا ڀاڱا بہ ڇپجي رهيا هوندا. آتم ڪٿا سموري پڙهي، پوءِ تفصيلوار رايو ڏيندس.

اُميد تہ توهين ٻئي سڀئي ڪٽنب سميت آنند ۾ هوندا. اسان جو سيني لاءِ پيار.

اوهانجو،

موتي.

نئي دهلي، ٢٨-٥-١٩٩٧

پيارا ڪيرت،

شل سدائين خوش هجين.

تنهنجو خط اڄ پهتو. هن ڪان اڳ بہ مون توکي انگريزيءَ ۾ خط لکيو آهي. مونکي ڏاڍي خوشي ٿي آهي تہ تون پنهنجي آتم ڪٿا لکڻ ۾ مشغول آهين. شاباس، وڏي شاباس. مان تہ تنهنجي آتم ڪٿا تي گهڻو ڪجهہ لکي سگهان ٿو. هن وقت ايترو چوندس تہ جنهن طريقي سان تون لکين ٿو، اهو نهايت دلڪش نمونو آهي. انهيءَ ۾ سچائي آهي، جذبات جي بلندي آهي. لکندو رهہ. شل تنهنجي قلم ۾ وڌيڪ سگهہ، طاقت، ۽ شڪتي اچي.

تنهنجو خط تمام گهڻن ڏينهن کانپوءِ آيو آهي. بهارن جي خوشبو کڻي آيو آهي. هر ڇنڇر تي ويهي لکندو آهيان. تمام گهڻيئي خط ايندا آهن. پاڻکن کي سنڌ لاءِ ڏاڍي چاهنا آهي. مونکي پاڪستان کان گهڻيئي ڪتاب ايندا آهن. اهي پڙهي، انهن جي آڌار تي ليکہ لکي وٺندو آهيان. آهستي آهستي، سنڌي بہ لکڻ اچي ويئي آهي. پر اَلائي ڪڏهن لکي سگهندس : پهريو پيار، پهريون ڪيس، شاديءَ جي پهرين رات. دل ۾ خوشي ۽ مسرت، راحت ۽ محبت جا جذبا پيا ٽپا ڏيندا آهن.
مان شايد جوُن ۾ بمبئي اَچان. ٣١ مي کان موڪلون آهن، ٦ جولاءِ تائين. تو سان گڏجڻ تي ڏاڍي دل آهي. سويتا ڪيئن آهي؟ اُميد تہ تندرستيءَ تي پورو ڌيان ڏيندي هوندي. توهان ٻنهي لاءِ اڻ ميا پيار.

رام پنجواڻي.

---

**U.S.A., 4-6-1997**

Dear Kirat,

I have enclosed a copy of an article on "Mother in Sindhi Culture" and a Sindhi poem composed for Independence Poetry Reading at Harvard University on May 10, 1997.

If you consider it suitable, you may print it in Sindh Rises / Sindh Sujag.

There should be a better perspective re: Sindh with Gujral Govt. and you may be having a better understanding mutually. I have a feeling you know the Prime Minister personally too.

Best wishes,

**Niranjan Dudani.**

---

نئي دهلي، ۴-۶-۱۹۹۷

ڪنهن نامڪمل ڪتاب، خاص طور ٽن جُلدن ۾ شايع ٿيندڙ آتم ڪهاڻيءَ تي، رڳو پهريون ڀاڱو پڙهي مڪمل رايو پيش ڪرڻ، ڄڻ پهاڙ کوٽي ان مان ڪير جي ندي وهائڻ آهي. حالانڪ سنڌي ساهتيه ۾ ائين پڻ ٿيندو رهيو آهي ته ڪتاب پڙهڻ کانسواءِ ڪن سڄڻن وٽ ڪتاب بابت تفصيلوار تعريفتي تبصرا تيار هوندا آهن، بشرطيڪ ليکڪ سندن دل گهريو هجي.

ڪيرت برابر منهنجو دل گهريو آهي. نوابشاهه جي ولس هاءِ اسڪول ۾ هن جو شاگرد هئڻ جي ناتي، هن جي آتم ڪٿا ۾ بڌايل ڪيترين ڳالهين جو مان اکين ڏٺو شاهد رهيو آهيان ۽ خاصيءَ حد تائين ڪتاب ۾ درج ڪيل ڪيرت جي شريفانه ۽ غير شريفانه حرڪتن جي ساک تي شاهدي ڏيئي سگهان ٿو - پر پهرئين ڀاڱي ۾ ڪيرت، مهاپارت جي يڌشٽر وانگر اڌ سچ بڌائيندي ”اَشوٿاما برابر مري ويو آهي“، باقي اڌ سچ ”هاٿي اَشوٿاما مري ويو آهي“ پڙهندڙن کان لڪايو آهي. ورنه رڳو ٻن صفحن ۾ پنهنجي بي پناهه عشق جو اڻ پوُرو داستان ڇيڙي، ان کي چرچي ۾ لنوائي، چرچو اتي ئي دٻائي ڇڏڻ (صفحو ۹۷) ائين آهي، جئن ڪنهن فقير کي پريان سڪا ڪڙڪائي ڏيکاري، وري پنهنجي کيسي ۾ وجهي ڇڏجن. (هتي مان هڪ چشڪيدار تشبيهه ڏيڻ چاهيان ٿو پر اخلاق پرستن جي پادرن جو ڀؤ ٿو ٿئي) اها ادبي ايمانداري ڀلي هجي پر ادبي اشرافت ناهي. ادبي اشرافت ته اها آهي جو آتم ڪٿا پڙهندي، پڙهندڙن کي اُيساهي وٺي وڃي.

بهرحال، مون کي يقين آهي ته ايندڙ ٻن جُلدن ۾ ڪيرت جريت ۽ جسارت کان ڪم وٺي اسان کي سڀ ڪجهه ’بڌائيندو‘ ۽ ڪجهه به نه ’لڪائيندو‘.

لڇمڻ ’ڪومل‘.

اُلهاسنگر، ٨-٦-١٩٩٧

اَدا کيرت،

تنهنجي آتم ڪٿا جو پهريون ڀاڱو ”ڪجهہ ٻڌايم - ڪجهہ لکايم“ اسان ٻنهي پڙهي پورو ڪيو آهي.

ڪتاب ائين تہ سراسر طور نيڪ آهي. ڪيترين ئي ڳُڻاين ان اندر آهن. تنهنجي شخصي جيون جي تفصيلن سان گڏ سماجي ۽ سياسي وايو منڊل، جيڪو ان وقت هلي رهيو هو، انهن جون بہ ڪي جهلڪون آهن. اهي سڀ نيڪ آهن. پر جيئن تہ اسان توکي گهڻو تڻو ساهتڪ کيتر ۾ اڳرو پئي ڏٺو آهي، تنهنڪري چاهيون ٿا تہ هاڻي تون پنهنجو اُهو روُپ ڏيکار! ان سان گڏ ئي هلندو رهي تنهنجو سياسي - پنهنجو، ديش جو، پارٽيءَ ۾ ڪيل ڪاريہ جو چِٽر پڻ! پوءِ چڱ سون تي سهاڳو ٿي پوندو!

باقي هڪ ڳالهہ : هن پستڪ ۾ سنڌي ٻوليءَ جا اُهي جهجها ئي شبد ڪتب آندا اَٿئي، جيڪي اڄ اسانجي ٻوليءَ مان هاڻي گم ٿي ويا آهن. اِهو اِضافو ڪري، تو تمام سٺو ڪم ڪيو آهي. اِهو ضروري تہ آهي، پر ... سڪ. باقي نيڪ آهي.

**تنهنجا مِتر،**

**ايم. ڳُڻِ ۽ ڦتن ڀِرسواڻي.**

---

دبئي، ١٢-٧-١٩٩٧

ڀاءُ کيرت - پياري سويتا،

”ڪجهہ ٻڌايم - ڪجهہ لکايم“ جو ٻيو ڀاڱو پڙهي پورو ڪيم هينئر. اِسڪولي زندگيءَ کان ئي سرفروشيءَ جي تمنا هئي توهان کي. ڪاليج جي زندگيءَ ۾ اُها اَڃا بہ شديد ٿي ويئي. ڪي واقعا پڙهي دل پرجي ٿي اَچي ۽ ڪن هنڌن سر جهڪي ٿو وڃي. ڪيترا پيارا ساٿي توهان جا ڪڏهن نہ وسرندا. ٻخاري ۽ شانتا ٻائي خاص ڪري عزت لهڻي. اَياز جو گفتو تہ ’حسينائن جي ديدار تي نڪتو آهيان‘ ۽ هو توهان کي سائيڪل تي وهاري برنس روڊ جا چڪر ڏياريندو هو، بيحد پيارو ۽ اَڻ وسرندڙ منظر آهي. ڀاءُ اَياز جو جيئن ”او باغي! ...“ وارو شعر توهان کان نٿو وسري جيڪو رام باغ ۾ پبلڪ

ميڙ ۾ جوش ۽ جذبات سان پڙهيو هئائين. تيئن 'سامراجي ڪتا ...''
نالي نظم به پبلڪ ميڙ ۾ جوش ۽ جذبات سان پڙهيو هئائين ... سو به تنهن وقت جنهن وقت سياسي حالتون مٿس تلوار لٽڪائي بيٺيون هيون. زرينه ڀاڀي اڄ به اِها ڳالهه ڪندي ڪنبندي آهي ته منهنجي اَياز کي ڪجهه ٿي پوي ها ته .... زرينه ڀاڀيءَ جي اِن نفيس جذبي ۽ اَياز جي ڀاڀيءَ لاءِ عاشقي ۽ قوم ۽ سنڌ لاءِ بي پناه محبت جي جذبي تي مون هڪ اَدب-لطيف لکيو هو.

٥١ صفحي تي، جيڪو فسادن جو بيان ڪيو اَٿو، اُهو پڙهي روئڻ اَچي ويو. دل چاهيو جيڪر اِن سياه باب تي وڏيڪ روشني وجهو تفصيلن سان ۽ به شاعر جاويد ۽ بشير دلفريب شخصيتون آهن. ناصر ۽ سندس ماءُ جي قصي دل چيري وڌي. سينا اَڳيان توهان سر نه جهڪائي پنهنجو ئي نه، اَسان جو ڳاٽ اوُچو ڪري ڇڏيو آهي.

گوپيءَ وٽان مليل ريشمي ڪاڏيءَ جو رومال جنهن جي ڪنڊ تي قومي جهنڊي جو نشان پرت سان پريل هو ... گوپيءَ جي شخصيت جو نرالو پهلو ٿو پسائي، آدر ٿو پئدا ڪري. سندس بالڪنيءَ ۾ ويهڻ چپ چاپ آنار ڪليءَ جي ياد ڏياري. 'مت پوُڇو ميري عشق ۾ ڪيا رکا هئه - مئن ني ويران بهارون ڪو سجا رکا هئه'.

وڏيڪ لکان نه لکان، پياءَ ڪيرت، توهين ۽ سويتا هن آتم ڪٿا پڙهڻ سان دل جي اَجا به قريب اَچي ويا آهيو.

ڪلا - موتي.

---

نئي دهلي، ١١-٧----

پيارا ڪيرت،

شل سدائين خوش هجين!

تنهنجي آتم ڪٿا ڀاڱو ٻيو پڙهي پورو ڪيو اَٿم.

ڪيرت جي آتم ڪٿا جو ٻيون ڀاڱو، پهرين ڀاڱي کان وڌيڪ دلچسپ، وڻندڙ ۽ موهيندڙ آهي. هن وٽ نه غمگيني آهي، نه وري مايوسي، پر زندگيءَ کي بهتر بڻائڻ جو يقين موجود آهي. هن جي جيون ۾ اونهارو، سرءُ ۽ سيارو ٿين ئي ڪونه. هن وٽ ٻارنهان ئي مهنا بسنت رُت آهي. جنهن ۾ نڪريل نکريل آشا، اُميد ۽ خوشيءَ جون

مکڙيون هن جي جيون کي مالا مال ڪري ڇڏين ٿيون. ڪيرت پنهنجن جذبن کي نهايت ئي نفاست سان، دل کولي اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏنو آهي. ڪجهه لڪائڻ جي ڪوشش ڪانه ڪئي اٿائين. انهيءَ ڪري ڪيرت جي دل جي آئيني کي ڏسڻ جو موقعو مليو ٿو. هن جي دل جو آئينو صاف ۽ شفاف آهي. ڪيرت کي آرپار ڏسي سگهجي ٿو. دل جي آئيني مٿان وقت جي مٽيءَ ڪو اثر نه ڪيو آهي. تصوير سُني ۽ چٽي ڏسڻ ۾ پيئي اچي.

ڪيرت سڄو وقت جدوجهد ۽ جستجوُ ڪري رهيو آهي. سماج کي بدلائڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهي. هن ۾ اُڃ ۽ اُساٽ آهي ... سماج مان غريبي، بي انصافي ۽ مذهبي اوندهه کي هٽائڻ جي. ٽئين ڀاڱي جو انتظار آهي.

سويتا ۽ تو لاءِ اڻ ميا پيار.

خط جي پهچ ضرور ڏڄ. آهستي آهستي سنڌي لکڻ ايندي ٿي وڃي. مشق ۽ محنت جو ڦل آهي. ''سپون'' کي هڪ ڪهاڻي 'پياسي' لکي موڪلي اٿم. هاڻي ڪهاڻيءَ طرف دل جو لاڙو آهي.

رام (پنجواڻي)

---

سنڌونگر، ۱۲-۷-۱۹۹۷

آدرڻيه ڀاءُ، سدا باغ بهار رهجو ۽ سٺي صحت ماڻيو.

توهان جي آتم ڪٿا ''ڪجهه ٻڌايم - ڪجهه لڪايم'' جو ٻيون ڀاڱو ڪجهه ڏينهن اڳ پڙهڻ لاءِ مليو آهي. هن دفع طبيعت عليل هئڻ سبب ڪتاب هڪ بيٺڪ ۾ پورو ڪونه ڪري سگهيو آهيان.

ڀاءُ، توهان جي آتم ڪٿا مان مونکي به پنهنجي آتم ڪٿا لکڻ لاءِ پريرڻا ملي رهي آهي. صحت ساٿ ڏيندي ته ضرور لکندس. توهان وٽان پريرڻا پائي ڀاءُ نارائڻ ڀارتي پڻ اُتساهت ٿيو آهي ۽ پنهنجو سلسلو جاري رکي وينو آهي. هن ڀاءُ پڻ پنهنجي آتم ڪٿا لکي آهي، جا مون پڙهي آهي.

گوپيءَ جو اِنتظار اڃا برقرار آهي، ڇاڪاڻ ته هيءُ ٻيو ڀاڱو توهان ڪراچيءَ کان ممبئيءَ ايندڙ جهاز جي ڊيڪ تي پورو ڪيو آهي، جتي ٻئي سامان سان گڏ توهان وٽ گوپيءَ جا خط ۽ فوٽو موجود آهي. هندستان ۾

توهانجي ڳوٺ ۾ سان ملاقات ٿي يا نه، سان ٿئين ڀاڱي مان خبر پوندي.

هن ٻئين ڀاڱي ۾ مکيه طور سياست تي لکيو ويو آهي ۽ وشيه سان نڀايو پڻ ويو آهي. عجب لڳم ته توهين کليو کلايو پاڻ کي ڪميونسٽ ۽ ناستڪ سڏايو ٿا ۽ ڪميونسٽ پارٽيءَ جي غلط قدم کي نِنديو به ٿا. اهڙو مثال مونکي شايد پهريون دفعو مليو آهي. عام طور دل بدلو شخص کي ڇڏي، باقي پاڻ کي وفادار سڏائيندڙ پارٽيءَ جي هر ڳالهه کي صحيح سمجهندا آهن. هو ائين سمجهندا آهن ته صرف هنن جي ئي پارٽي اُصولن واري آهي، باقي ٻيون پارٽيون بنا ڪنهن اُصول جي پيون هلن.

توهان ۵۴ صفحي تي صاف لکيو آهي ته ڪميونسٽن پاڪستان کي جنم ڏيڻ جي ڪم ۾ دائيءَ جو رول ادا ڪيو آهي ۽ ڪميونسٽن کي هن ڇڳمڙسي ۽ نيڪ نيتيءَ جو پاڪستان جي حڪمرانن ڦل اهو ڏنو، جو انن مهنن اندر ڪميونسٽن جي خلاف ٿي بيٺا.

اُتر پرديش مان لڏي آيل جاويد ۽ بشير جي دوستيءَ جو انوکو آزمودو بيان ڪيو اٿو.

جيل جو دلسوز داستان، سنڌ ڇڏڻ کان اڳ هڪ دفعو پنهنجي جنم ڀوُمي نوابشاهه گهمي اچڻ جو بيان اهڙي ڍنگ سان ڪيو ويو آهي، جو درشيه اکين سامهون ڦري اچن ٿا.

مان به سنڌ ڇڏڻ کان اڳ پنهنجو ننڍو پر شاندار شهر خانواهڻ ڇڏي پنهنجي ماتا سان محرابپور رهيل هوس ته وجهه وٺي خانواهڻ جا چڪر لڳائيندو هوس. ان وقت منهنجي عمر ڏهه سال هئي. منهنجي ماتا کي ڊپ ٿيندو هو ته ڪٿي خانواهڻ ۾ مسلمان مونکي تڪليف نه پهچائين. خير، اهي منهنجون پنهنجون ڳالهيون آهن. هاڻي به سنڌ ۽ پنهنجو ڳوٺ ڏسڻ لاءِ دل تڙڦندي آهي.

سنڌ ڏسڻ جي تمنا پوري ٿيندي يا دل ۾ ئي رهجي ويندي، سو ڇئي نٿو سگهجي. ڪي متر ٻئي جنم جا خوش خواب ڏيکاريندا آهن ته مان جو سنڌ لاءِ هيترو تڙپي رهيو آهيان، سو ٻيو جنم سنڌ ۾ وٺندس. ليڪن منهنجو پُنر جنم ۾ بلڪل وشواس ڪونه آهي. ڪليءَ طرح توهان وانگر مان پاڻ کي ناستڪ ته ڪونه سڏائيندو آهيان، ۽ نه وري مونکي ناستڪ سمجهيو وڃي ٿو. رٽاير ڪرڻ کانپوءِ روز صبح جو مدوُسودن جو ستسنگ ٻڌڻ جو نيم ٿي ويو آهي. اِنڌ وشواس جو مدوُسودن پڻ کنڊن

ڪري ٿو، ليڪن هوُ ڇا ڪري؟ هن جي بہ تہ روزيءَ روٽيءَ جو سوال آهي، تنهنڪري چوراسي لک جوڻين جي چڪر ۾ ماڻهن کي ڀرمائي، پاڻ ڏانهن آڪرشت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

هاڻي ڪتاب جي نئين ڀاڱي جو اِنتظار آهي. اُميد تہ ٻيئي جُلد گڏ ملندا ۽ وڌيڪ اَڀياس جو موقعو ملندو.

**سنمان سان،**

**ڪمار تيجواڻي.**

---

**سنڌونگر، ٢٥-٧-١٩٩٧**

پريہ ٻاٻاڻي صاحب،

اوهان جي آتم ڪٿا ”ڪجھہ ٻڌايم - ڪجھہ لڪايم“ جو هي ٻيون ڀاڱو بہ پڙهي پورو ڪيم. پهرين ڀاڱي ۾ اوهين عام رواجي شخصيت وارا ٿي لڳا، ليڪن هن ٻئي دؤر ۾ جتي سياسي هلچل، انقلاب ۽ اڳوانيءَ جا سوال آيا آهن، ۽ هندستان جي ورهاڱي جو وحشي وايوُمنڊل پئدا ٿيو آهي، اوهين اُتي اَڳيرا اِنسان ٿا لڳو. اوهان جيڪو سوڀي گيانچنداڻي، حشو ڪيولراماڻي، شيخ اَياز ۽ ناصر جي ماڻ جو اندازي بيان ڪيو آهي، اهو سڀ دل کي ڇهي ٿو.

حشو ڪيولراماڻيءَ سان هت سنڌونگر ۾ وديارٿي منار ۾ مُلاقات ٿي هئي، سچ پچ اوهان جي بيان موُجب حيرت انگيز ڪردار پئي لڳو، پنهنجي ڳالهين ۾ ديش وديش جا معملا ٻڌائي ويو. جڻ سڄي دنيا ۾ هو شخص هر هنڌ موجود رهي ٿو.

مان سمجهان ٿو، هنن پهرين ٻن ڀاڱن ۾ بيان ڪيل ڪشمڪش ۽ تحرڪ واري زندگيءَ جو اثر اوهان جي ادب تي گهرو پيو هوندو. هن وقت اوهان جي سڃاڻپ هڪ ساهتيڪار جي حيثيت ۾ وڌيڪ آهي، ۽ اوهين موجوده دؤر ۾ سنڌيت جي رهنمائي ڪري رهيا آهيو.

مون کي لڳي ٿو تہ اوهان جي زندگيءَ جا ٽي باب نہ بلڪ چار هئڻ گهرجن. شل ايترو پنهنجي هلندي هلو ۽ ڪرم ڪندا رهو جو سال ٻن بعد پارتي صاحب کي اوهان جي آتم ڪٿا جو چوٿون ڀاڱو شايع ڪرڻ جو پڻ شرف ملي.

**اوهان جو شڀ چنتڪ،**

**هندوجا نند ’آنند‘**

پوپال، ۲۹-۷-۱۹۹۷

آدرڻيہ دادا

سدا باغ بهار!

توهان جي آتم ڪٿا جو پهريون ڀاڱو ڪلهہ مليو. شام جو پڙهڻ ويٺس ۽ رات جو جڏهن سادي ڏهين بجي رات جي روٽي کائڻ ويٺس تہ جهاز جي ڊيڪ وارو منظر اکين اڳيان ترڻ لڳو ۽ اکين ۾ ڳوڙها ڳري آيا. سچ پچ اسان سنڌين هر سطح تي هار ۽ مار ئي تہ کاڌي آهي. گذريل پنجاهہ سالن ۾ هر ڳالهہ ۾ پنتي ئي رهيا آهيون.

توهان جي هيءَ آتم ڪٿا سنڌي سماج جي لاءِ هڪ تواريخي دستاويز جو بہ ڪم ڪندي تہ جن سنڌ جي ورهاڱي کي قبول ئي نہ ڪيو، انهن کي پاڪستان ڇڏڻ لاءِ ڪيترو نہ پريشان ڪيو ويو.

حشو ڪيولراماڻيءَ جو جيڪڏهن اسان قدر نہ ڪيو تہ تيرٿ بسنت جهڙي اعليٰ ساهتيڪار کي بہ تہ آنات آشرم ۾ ڏڪا کائڻ لاءِ مجبور ڪيوسين.

مذهب جي حيوانيت ۽ سياستدانن جي شيطانيت جا سڀ کان وڏيڪ شڪار بہ تہ اسين سنڌي ٿيا آهيون.

ها، باقي آتم ڪٿا جو رڳو ٿيون ڀاڱو نہ پڙهنداسون - هڪ ڀاڱو پيو بہ گهرجي. پنجاهہ سالن ۾ ڪي پنجاهہ دوست ڪيا هوندوَ - گهٽ ۾ گهٽ پنجاهہ شهرن جو ذڪر ڪرڻو پوندوَ - سنڌي ٻولي، ساهت ۽ سنسڪرتيءَ لاءِ ڪي پنجاهہ اهم ڳالهيون ٻڌائيندا، جيڪي ايندڙ پيڙهين لاءِ روشن منار ٿي رهن. هڪوار وري بہ هن ناياب تحفي موڪلڻ لاءِ دلي مُبارڪون.

قربن مان (ڇو جو سڀني سان قرب ونڊيندا رهيا آهيو)

۽ نيازن مان (جنهن جا حقدار آهيو)،

توهانجو،

جهمون ڇڳاڻي.

ق - ت -

اڄڪلهہ جهوليلال ۾ ليکہ ڏيڻ شروع ڪيا اٿو. سٺو لڳو. اڳلي کي بہ ٻنجو اڇي ويندو.

مان بہ جهوليلال کي سمالوچنا موڪليندس.

نئي دهلي، ۲۹-۷-۱۹۹۷

پيارا ڪيرت،

تنهنجيءَ آتم ڪٿا جو ٻيون ڀاڱو اڄ ئي پورا پڙهي پورو ڪيو اٿم. ڪٿا جي هن حصي ۾ مون پنهنجيءَ دل کي نه رڳو ڏڙڪندو محسوس ڪيو آهي، پر اها ڏڙڪن ٻڌي پڻ سگهيو آهيان. ان کان اڳ نوابشاه واري باب ۾ توکي فقط ڏٺو ئي هئم.

حشو ڪيولراماڻيءَ واري واردات پڙهي من پرجي آيو. تو هن جو ذڪر ڪندي تحمل کان برابر ڪم ورتو آهي، پر دلبر، اهڙي عظيم شخص لاءِ ايتري اختصار کان به ڪم نه وٺين ها. سياست جون ڪي اهڙيون تاريخي تقاضائون به ٿينديون آهن، جيڪي قومن ۽ ملڪن جون جاگرافيون ئي بدلائي ڇڏينديون آهن. ان وقت (جنهن دؤر جو تو ذڪر ڪيو آهي) حشوءَ ۽ سوڀي جهڙن انقلابي جرنيلن جي سنڌ کي ضرورت هئي. هو نه اچن ها ته هنن جهڙا ڪي ٻيا ضرور ظاهر ٿين ها، پر ڪير ڪنهن جي جاءِ پري ها - ڪئن چئجي؟ سياست توکي ادب ڏانهن ڌڪيو ۽ تنهنجي ادبي سياست يا سياسي ادبيت پنجاه سالن تائين سنڌي ادب مٿان شيش ناگ جيان اهو ڇٽ ٻڌجي ڦهلجندي رهي آهي، جنهن جي ڇتر ڇايا ۾ ڪيئي ڪرشن پنهنجي پنهنجي مُرلي وڄائيندا رهيا آهن. تغيرپسنديءَ (انقلاب) کان ترقي پسنديءَ تائين هڪ عهدساز فرض پورو ڪري تو ۾ هڪ ٺهراوَ جو جيڪو احساس آيو آهي، ان تنهنجيءَ آتم ڪهاڻيءَ کي خاصي سنجيدگي بخشي آهي، جيتوڻيڪ ان ۾ پيشڪش جو پٽرن حيرتناڪ حد تائين ترقي پسند آهي، معاف ڪج - ترقي يافته آهي.

تنهنجي زندگيءَ ۾ ڪي شخص جميل قدمن سان آيا ۽ ڪي عاليٰ اعلان آيا، پر تنهنجي من جي ڪنهن ڪُنڊ ۾ انهن سڀني جو تسلسل برقرار پئي رهيو آهي. حالانڪ، ڪي ڏهجي ويا آهن، ڪي ڏهايا ويا آهن ۽ ڪن تو مٿان پنهنجو پورو ڏهاءُ قائم رکيو آهي. تنهنجي ديانتداري ۽ سچائيءَ کان انڪار نه هئڻ جي باوجود تو ڪن واردات ۽ Happenings کي اهڙيءَ ته Obscurity سان پيش ڪيو

آهي، جو وارداتون ئي ڏيهي ويون آهن. سچ ٻڌاءِ ڪيرت، تو مٿان ڪنهن جو ڏباءُ آهي؟ تون ڪنهن کان ٿو ڊڄين؟ ڪنهن کان ٿو ڪَٽُ کائين؟

ها هڪ ڳالهه. تون منهنجو اُستاد ٿي رهيو آهين ۽ مان تنهنجو ڪو خاص Bright شاگرد ٻه نه رهيو آهيان. پوءِ ٻه اُستاد ٻوليءَ صورتخطي ۽ سنڌي ڊڪشن طرف ايترو بي پرواه ڇو ٿو رهين؟ هڪ پيرو ڪتاب وري پڙهي پنهنجي ئي خطيءَ جون چُڪون ڏس. ٻوليءَ جي گرفت کي ڏس، جملن جي اُٿلت ۽ تاڃي پيٽي کي ڏس. اکرن جي اِستعمال ۽ مفهوم ۽ معنيٰ کي ڏس.

قربن مان، تنهنجو ئي،

لڇمڻ 'ڪومل'.

---

اجمير، ٢٠-٨-١٩٩٧

پريه ڪيرت،

سدا خوش هجين شال!

"ڪجھ ٻڌايم - ڪجھ لڪايم" جو ٻيو ڀاڱو اڄ پڙهي پورو ڪيم. پهريون ڀاڱو ٻه مهينا کن اڳ پڙهيو هوم.

تنهنجي آتم ڪٿا جي هنن ٻنهي ڀاڱن جي - ڪيڏي نه گردش ۾ رهي آهي، تنهنجي زندگي! پڙهندي ائين پيو محسوس ٿئي، توتي وطن پرستيءَ جو هڪ جُنوُن سوار هو. ڄڻ گهري ساگر ۾، جتي صرف واڳن جو واسو آهي، بنا سڙهه واريءَ ٻونديءَ ۾ چڙهي ڪاهي پيو آهين. حالتن سان تون ڪيئن مُنهن مقابل ٿيو آهين، وڏو جگر ٿو رکين ۽ مان ته ائين پيو وسهان ته قدم قدم تي تو سان جيجل امڙ (سنڌ ڀُومي) راهگير بڻي آهي. تنهنجي مٿان هر وقت ڄڻ آشيرواد جو هٿڙو آٿس. جيل جي ياترا، توڙي دوستن جو قرب، اڻ وسرندڙ واقعن سان ڀريو پيو آهي، هيءُ ٻيو ڀاڱو!

سيخ اياز توکي ڪھڙين گھٽين، پاڙن ۾ وٺي ٿو وڃي، عجب لڳو، پوءِ بہ اَڇوٽا ٿي رهيا آهيو پيئي چٽا. توکي شيخ اياز جو ايڏو قرب مليو آهي، اِهو ڄاڻي خوشي ٿي. پر اَدا، مان پنهنجي ليکي ائين چوان تہ تون زندگيءَ جي هر موڙ تي قرب ئي قرب پائين ۽ ونڊين، اِهائي تنهنجي فطرت آهي ۽ شايد تمنا پڻ. اسان هند ۾ بہ توکي اُن روپ ۾ ڏٺو ۽ پاتو آهي. سنڌيت، قوميت، ٻوليءَ ۽ ڪلا لاءِ پڻ ساڳيو جُنوُن. حقيقت اِها آهي تہ هڪ ئي بينڪ ۾ ڪتاب پڙهي پورو ڪيو اٿم. شايد تنهنجي سهٽي، سپڪ ٻوليءَ جو اِهو اثر آهي، جو ڪٿي بہ، هڪ ڪن لاءِ بہ، ٻڙ نٿو ٿجي. اڳتي ڇاهي، اڳتي ڇاهي، اُن ڄاڻڻ جي اُتڪنتا.

اَدا، منهنجون دلي مُبارڪون قبول ڪج.

ها، باقي هڪ ڳالھہ، گوپيءَ سان پيار جون تو جيڪي سوُڪيمتائون پسايون آهن، ڇڻ پيار کي اَمر بڻائي ڇڏيو اَٿيئي.

**قربن مان،**

**هري همٿاڻي.**

---

**اُلهاسنگر-٣، ٢٢-٩-١٩٩٧**

**ياءُ ڪيرت،**

توهان جي آتم ڪٿا جو ٽيون ڀاڱو پڙهيم. بہ ڀاڱا اڳ ئي پڙهي چڪو آهيان. هن ڀاڱي مونکي منتر مگد ڪري ڇڏيو. حقيقت ۾ ٽئي ڀاڱا هڪ ئي دفعي سان پڙهي، توهان کي رد عمل موڪلڻ جو ويچار هوم. پر هن ڀاڱي مونکي بہ اکر لکڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي. مون کي توهان لاءِ اڳ ئي عزت هئي، پر توهان جي آتم ڪٿا پڙهي، توهان جون ڪارگذاريون ڏسي (پڙهي) ان ۾ وڌيڪ اظافو آيو آهي. توهان جي آتم ڪٿا، ڪٿا-ساهت ۽ جيوني ساهت جو هڪ تمام سهٽو سنگم آهي.

واڌايون.

**نيازن مان،**

**جگديش لڇاڻي.**

---

**Dahisar, Bombay, 26-9-1997**

Respected Shri Kirat Saheb,

Pranam!

I am lucky to read three parts of your autobiography. Thanks to you and Shri Narain Bharati. For the coming generations, these books will be historical documents. I am born in 1940 in Larkana and remember very much the motherland.

Sindhi community will always remember your efforts for SINDHIAT. I personally take this opportunity to convey my pranam to yourselves and your friends who were with you. I will always remember the scenes from your books such as leaving Sindh and Sobbings of people on ship. Your new Sunrise and coming to Bombay Port. I could not control my emotions after reading the reasoning you have given to name Ulhasnagar as Sindhunagar. Really no one has appreciated the Sacrifice of Sindhis. Sometime back I was in Ladhakh on banks of river Sindhu, I was quite alone there for a longtime and talking to my holy river, dropped some tears and requested her to carry these upto my motherland.

Sir, it is not important if one is a Communist or a Jan-sanghi, one is follower of any idealogy due to studies and circumstances of young age. Most important is the FIRE in you which makes you KUNDAN. Sir, even now if such KUNDANS from all idealogies come together and one goal is remembered, the development of SINDHIAT, nothing like that. Shri Kirat Babani is KUNDAN.

KIRAT has enhanced the KIRTI of SINDHIAT. My Salute!

Yours,

**Nand Sharma.**

ڏبئي، ٢٦-١٢-١٩٩٧

پياري سويتا،
شل سدائين سُهاڳڻ هوندينءَ. آسان کي هاٿي پريوءَ وٽان اِهو وردان گهرجي نه؟

توهانجو ٦-١٢-١٩٩٧ جو خط پهتل آهي. لڳي ٿو ڪيرت، توهين سڀا کي ڇڏي نه سگهندا. سندر کي هر قدم تي توهان جو ساٿ گهرجي. جدا جدا شهرن جو دؤرو بہ توهان سان ڪندو ۽ ١٠ جنوريءَ تي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ بہ بمبئيءَ ۾ آهي. سندر هجي يا موهن، يا موتي، ڪيرت هنن کي ڪيپي ئي ڪيپي. وڻ مٿل ڇانوَ ڪري رهيا آهيو، آسان سڀني مٿان!

توهانجا، سدائين توهان سان گڏ،
ڪلا - موتي.

پيارا ڪيرت،

آياز بہ هليو ويو! رات توکي فون ڪيوسين پر ڪنهن بہ ڪونہ کنيو. ٺاڪر چاولا جي گهر بہ نوڪر کنيو. هري موٽواڻي فون تي مليو، جنهن ٻڌايو تہ اوهان سڀني کي خبر هئي.

سنڌي شاعريءَ جو هڪ يُگ سماپت ٿيو.

آياز صدين تائين ياد رهندو.

آسين سڀ بہ قطار ۾ بيٺا آهيون.

موتي
(٢٩-١٢-١٩٩٧)

---

احمدآباد، ٢٢-٢-١٩٩٨

باباڻي صاحب،
شال خوش بهار هجو!

چا ڪجي، ادب سان پيش اچڻو آهي،

توهان کي ناراض جو ڪندو رهيو آهيان.

”ڪجھ ٻڌايم - ڪجھ لڪايم‘ جو چوٿون ڀاڱو بہ پڙهيم. هڪ وستار آهي، سڄيءَ تحريڪ جو، ايترا انگ آکر سانديي ٿا رکو،

وڃي - ۽ دادا تو وٽ موٽي اچي.

”اَلائي ڪهڙي گهڙي، شيام ان مان نڪتاسين،
وطن ورڻ نہ ٿيا، سرحد ڏسڻ نصيب نہ ٿي.“

دادا، سچ تہ توهين سنڌ کي ڏاڍا ياد آهيو. توهان جي ’سنڌ سُجاڳ‘ اَخبار اسان جو حوصلو آهي، اسان جي همت آهي. ڪانئر ڪيئن ٿا چون تہ سنڌ سجاڳ ناهي. سنڌ جاڳي پئي. پنهنجي فڪري رهبر سنڌ جي آخري آرام گاهہ سنڌوءَ جي ڪناري کان وٺي، هند ۾ وسندڙ سنڌين تائين، جاڳي پئي، جاڳندي رهندي، منهنجي رڳن ۾ رچي ويل شاعر دل - او سائين نارائڻ شيام! توکي گنگا ۽ جمنا جون لهرون ڪٺي ويون، سنڌوءَ گهٽيئي ٻانهون وڌايون، توکي قابوُ پائڻ لاءِ، جو تہ توئي تہ چيو هو-

”اَلا ائين نہ ٿئي جو ڪتابن ۾ پڙهجي -
تہ هئي سنڌ ۽ سنڌ وارن جي ٻولي.“

دادا! هن پريم پتر سان گڏ پنهنجي شاعري، نموني طور اُماڻي رهيو آهيان، تہ جيئن ان تي ٻہ اکر لکي موڪليو ۽ ساڳيو ئي ڪم سائين لڇمڻ ڪومل کان ٻہ وٺندا تہ پنهنجو ڀاڳ ڀليرو سمجهندس، جو تہ آئون پنهنجي شاعريءَ کي سهيڙي، مجموعو شايع ڪرائي رهيو آهيان، جنهن جي لاءِ پنهنجي شاعريءَ بابت، توهان ٻنهي ڏاهن جي اَيپاسي راءِ کي ٻہ سهيڙڻ ضروري ٿو سمجهان. انهيءَ کان اڳ پنهنجي دلير دوست ۽ پياري سائين هري موٽوانيءَ ڏانهن ٻہ پنهنجي شاعريءَ جو عڪس موڪلي چُڪو آهيان. مانواري هري موٽواڻي سُني موٽ موڪلي آهي ۽ جنهن سائين ’اَرجن شاد‘ کان منهنجي شاعريءَ تي اَيپاس لکرائڻ جي ذميواري پاڻ تي کنئي هئي.

آخر ۾ پنهنجي ديس جي دعائن ۽ هوائن سان گڏ، توهان کي ياد رکندڙ توهان جي ڳوٺ جي اڳيان بيهي، هيءُ نوجوان سارينڌر، ڪابہ موڪلائي نٿو ڪري، ۽ توهان جي ڀرپور موٽ لاءِ منتظر رهندو رهندو، رهندو.

**ماڻڪ ملاح.**

پڪا چانگ (خيرپور)، سنڌ، ۱-۸-۱۹۹۸

محترم مانوارا سائين کيرت ٻاٻاڻي صاحب! نمسڪار!

آس اُتم ته سدائين سات سلامت هوندا. عمر پر آسودا هوندا. جتي به هوندا، خوش و خورم هوندا. منهنجي دلي دعا آهي ته اوهان کي ڪوبه ڪوسو واءُ نه لڳندو.

اوهان بزرگن جي مبارڪ هٿڙن جو لکيل نوازش نامو سفيد ساعت ۾ موصول ٿيو. وٺي اکڙين تي رکي بعد ۾ کولي پڙهيم. وري وري پڙهيم، ليڪن اُتساهه گهٽيو ڪونه، رهندو وڌي ويو. دل چيو ته جيڪر پکيءَ وارا پر ملن ته اُڏامي اچي اوهان جي اڳيان پيش پوان ۽ اوهان سان قرب جون ڪچهريون ڪري، پنهنجي من جي مُراد پوري ڪريان.

سائين! مون وٽ اوهان جي احسانن مڃڻ لاءِ ايتري سگهه نه آهي جو لکي سگهان.

”ٿورا ڪيئي ٿورا مون تي ميهر يار جا،
ٽر ۾ واري ٿوري ان کان گهڻيرا.“

مالڪ کي سوال آهي ته اوهان جا اَحسان ڳائي سگهان. شال عمر پر اها سگهه هجي.

ٻيو عرض ته مون پوسٽ آفيس وارن کان پڇيا ڪئي آهي ته اهي چون ٿا ته ڪتاب پلاسٽڪ جي سنهڙي رسيءَ سان ٻڌي ڳنڍ ڏيئي بعد ۾ سخت ٻن لفافن ۾ وجهي مضبوط بند ڪري پوءِ اُنهن کي رجسٽري ڪرڻ فرمايو ته پوءِ خدا ڪندو ته ملي ويندا ۽ رجسٽري ٿيل هوندي ته پوءِ هو ڪيڏانهن به نه ڪري سگهندا. سو، ان لاءِ عرض ته اَگر قرب ڪري سگهو ته الله تي آسرو رکي موڪلي ڏيو، پوءِ جيڪي ڀاڳ ۾ هوندو، ائين ٿيندو. خدا ڪري ته حالتون صحيح ٿين ته ڪڏهن اوهان جي ملڪ جي چڪر لاءِ ڪجهه ڏينهن لاءِ اچجي ۽ اوهان جهڙن بزرگ اديبن سان رهاڻ ڪري دل جو بار هلڪو ڪجي ۽ ڪجهه نه ڪجهه پرائجي چو ته حياتيءَ تي ڀروسو نه آهي. اڃان ڪجهه آسُون اُميدون آهن، جيڪي ٻئي خط جي ملاقات ۾ تحرير ڪندس ته اِجازت ڏيندا. ڪچهريون قائم!

سلام سيني اديب دوستن کي چوندا.

**اوهانجو پنهنجو فقط،**

**لطف علي شر.**

ڪميونسٽ پارٽيءَ جي ڪا ڪاروائي هجي. تون انهن مڙني ۾ چڱو ئي اڳرو رهين.

هتي پارٽ ۾ ته تو ان ڳالهه کان وڌيڪ اهم ڪم ڪيو آهي. ان ڳالهه کان ڪير به انڪار ڪري نه سگهندو. مون اڳ ۾ ئي لکيو آهي ته سنڌي جاتي ان ڳالهه تي ته فخر ڪري سگهي ٿي ته سندن هڪ شخص (ڪيرت) وِشوَ امن جو نعرو يورپ ۾ به هٿي آيو آهي، اَمن جي ڪانگين سان ڪنڌو ڪنڌي ۾ ملائي بيٺو آهي. سنڌين کي راڄنيتي حق وٺڻ لاءِ به جدوجهد ڪرڻ جي ڪوشش به تو وٺان آئي ۽ پوءِ ان ۾ سنڌي ورلڊ ڪانگريس ..... ٽپي پيئون پر پهرين ڏياٽي تنهجي ٻاريل آهي. جڏهين سنڌي ناٽڪ منڊل ساٿا ٿي ويا، تڏهن تو سپا پاران ناٽڪ سماروه رکي سنڌي ناٽڪ ۾ ڪجهه جان وڌي. اهو به تنهنجو ڪم انوکو ۽ ساراهه جوڳو آهي. ساهتيڪ سيمينار رکي گنڀير وشين تي گنڀير بحث جي روايت تو اڳيان وڌائي. انهن سڀني ڳالهين جو سُنو نتيجو تنهنجي اها آتم ڪٿا ڏئي ٿي. ان ڪري جڏهين به ڪو سنڌي ساهت، سنڌي راڄنيتي آندولن، وِشوَ امن وغيره جو اتهاس لکيو ويو ته ان ۾ تنهنجو نالو ضرور رهندو ۽ سو به مکيه طرح.

هيءَ تنهنجي ڪتاب جي سمالوچنا نه آهي، پر رايو آهي. سمالوچنا به جڻ ته هڪ ڪتاب جيتري ٿي سگهي ٿي. وڌيڪ سڪر. منهنجي لاءِ ڪم هجي ته لکج، جيتوڻيڪ زندگي آخرين موڙ ۾ آهي.

**تنهنجو،**

**ليلو رَچنداڻي.**

---

**نئي دهلي، ٢٠-٨-١٩٩٨**

**پيارا ڪيرت،**

ڪئن آهين؟ ڪئن تو رهين؟

ڪئليفورنيا واري عالمي سنڌي ڪانفرنس جو مفصل احوال ڏي. تو پنهنجي بلغاري تقرير سان ٻڌندڙن جون نسوُن تاڻي ڇڏيون هونديون، اهڙو يقين اَٿم. تنهنجي تقرير ۾ مون توکي **ٻيجل** جي روپ ۾ به ڏٺو آهي ته **راءِ ڏياچ** جي رنگ ۾ به ۽ ساڳئي ئي وقت تو تندُ به بچائي آهي ته ڪنڌُ به. اهو تنهنجين ئي تقريرن جي ڪلا جو

سرحد جي وٿيءَ وٽ ڪو ويري جهڙي ويو. پر پوءِ انهيءَ گهڙيءَ خوشيءَ جي نه حد هئي نه سرحد رهي، جڏهن توهان جو پيارنامو / سارنامو منهنجي هٿن تائين پهچي ويو ٿو.

اِجهو هينئر ڏينهن جا يارنهن ٿيا آهن ۽ سڪرنڊ شهر ۾ نوابشاهه موڙ تي منهنجي دلبر دوست شيام لال جي جنرل اِسٽور تي آئون پهچي وڃان ٿو. جتي اڳ ۾ منهنجا دوست ۽ شهري ڊاڪٽر پريم ۽ جيٺرام پهچي چڪا آهن ۽ سامهون سائي بِلڪل ڇهڇ نم جو وڻ پنهنجون ٽاڙيون جهومائي رهيو آهي. (شايد توهان جي ئي پيارنامي / سارنامي جي آجيان پيو ڪري) ته انهيءَ گهڙيءَ ۾ جمالي پوسٽ مين اچي ٿو وڃي ۽ منهنجي پُڇڻ کان اڳ ۾ ئي اهو ئي پيارنامو هٿ ۾ ڏئي ٿو، جيڪو توهان جو ئي لکيل آهي ۽ موڪليل آهي. ۽ سڀ دوست بوڊ ۾ پرچي، انهيءَ سارنامي کي هوريان هوريان ۽ احترام سان کوليون ٿا ۽ پڙهون ٿا. سائين! منهنجي لاءِ اهو وڏو اعزاز آهي ته سائين لڇمڻ ڪومل منهنجي تخليق تي وقت ڪڍي راءِ ڏيڻ جي آڇ قبولي آهي. مون اڳ ۾ سوچيو هيو ته سائينءَ ڏانهن پنهنجا گيت موڪلي ڏيان ڇو ته سنڌ ۾ سندن نانءُ گيتن جي حوالي سان وڄندڙ آهي، پر مون وٽ سندن ايڊريس ڪانه هئي. توهان اتي رهي جيڪو ڪجهه سنڌ لئه ڪري رهيا آهيو، انهيءَ تي سنڌ جا ماڻهو سرهائي محسوس ڪن ٿا ۽ پنهنجي ماتا سنڌ مُرڪي رهي آهي ته ”ڪو ته آهي“. آئون توهان جو وقت سيڙائي رهيو آهيان، جڏهن ته اها به خبر اَٿم ته توهان جو پل پل قيمتي آهي. هتي سنڌ ۾ سنڌي رسالن ۾ توهان جي آتم ڪهاڻيءَ کي شايع ڪيو ويو آهي ”موريو لاکو منهنجو ڳوٺ“ جي عنوان سان، انهيءَ کي هلايو ويو آهي. هيءُ خط سڪرنڊ ۾ اڄ ئي شيام جنرل اسٽور تي ويهي لکي رهيو آهيان. ۽ هوُ پريان گهمندڙ هوائون ڇون پيون ته اسان جا سلام به موڪليو ۽ هتي جيڪي يار وينا آهن، اهي به آتا وينا آهن. سو ڪوڙ سارا پيار ۽ هوائن جا ياڪر قبول ڪندا. سائين لڇمڻ جي ڪارائتي راءِ جو اوسيئڙو رهندو.

هتي شايع ٿيل تازا رسالا ۽ ڪتاب سِگهوئي توهان ڏي ڏياري موڪليندس - توهان جي ڳوٺ جي تصوير سان گڏ. ڇڱو حق موجود!

**ماڻڪ ملاح.**

نئي دهلي، ٢-١٢-١٩٩٨

پيارا ڪيرت،

گذريل ڇنڇر تي لاهور کان موٽيو آهيان. پشاور ۾ ٽي راتيون ۽ اسلام آباد - راولپنڊيءَ ۾ هڪ ٻه ڏينهن رهي پويان ٻه ڏينهن لاهور ۾ گهمندو رهيس. ڪراچيءَ جي ويزا هوندي ٻه نه ويس جو سڄو شهر فوج جي گهيري هيٺ هئو ۽ ذري گهٽ مارشل لا واريون حالتون هيون. پشاور ۽ لاهور ۾ جئويرِ ٻه مون سان گڏ هئو. هو لاهور کان سڪر هليو ويو. پشاور ڪانفرنس بيحد ڪامياب رهي ۽ اُتان جي ميزبانن جي مهمان نوازي پنهنجو مثال پاڻ هئي. مون کي لڳو ته اسان جي پيٽ ۾ پاڪستاني، دوستي ۽ ڀائپيءَ جا وڏيڪ قائل آهن. اسان سڀ اٽڪل ڏيڍ سوَ ڊيليگيٽ مڪمل طور محفوظ هئاسين. ڪانفرنس جو تفصيلوار احوال موهن پنجابيءَ وٽان ملنديءِ، جيڪو ان ڳالهه جي تصديق ڪري سگهندو ته اسانجي هر حفاظت جو ڪيترو نه مڪمل انتظام هئو. تون هجين ها ته تنهنجي تمام گهڻي مرحبا ٿئي ها.

ڪانفرنس ۾ ڪيترائي ڪارائتا ٺهراوَ بحال ڪيا ويا ۽ اڌ درزن ڪاميٽيون مقرر ٿيون، جن مان ڪلچرل ڪميٽيءَ جو مان پڻ ميمبر مقرر ڪيو ويس. ان جو دائرو وسيع ڪرڻ لاءِ سال ۾ ٻه دفعا ڪن هِتي يا هُتي گڏجاڻيون ڪندا رهنداسين. ايندڙ ڪانفرنس ڀارت ۾ حيدرآباد (دکن) ۾ ڪوٺائڻ جو اعلان ڪيو ويو.

پشاور بيحد خوبصورت شهر آهي. خاص طور اُتان جون دوشيزائون بيحد حسين، جميل، تندرست ۽ دلڪش آهن. لاهور جا ماڻهو ٻه ڏاڍا زنده دل آهن. مون اتان ويهن هزارن ڪن جا ڪتاب ۽ آڊيو-ويڊيو ڪئسيٽون ورتيون. پشاور ۾ اسان جيڪي قرارداد منظور ڪيا، انهن هيٺ من اقتدار جي اَبن ڪي ڪو اندر جو چڪ لڳي جو ٻنهي ملڪن وچ ويزا جو سرشتو ختم ڪن ۽ اسين سولائيءَ سان هڪ ٻئي وٽ اچي وڃي سگهون. مون هتي آغا سليم ۽ قاضي خادم جون ويزائون هوم منسٽريءَ مان جلد ڪليئر ڪرايون هيون. منهنجا ٻنهي کي سلام ڏج. راهي ڪٿن آهي؟

قربن مان، تنهنجو،

لڇمڻ (ڪومل)

# شهيد نوُر محمد جيسر لائبريري

**ضلع مورو، نوّ شهرو (سنڌ)، ١٩-١٢-١٩٩٨**

ڀاءُ ٻاٻاڻي،

اُميد پريوار ۽ انڊيا جي سمورن سنڌين سميت خوش باش هوندا ۽ دعا آهي تہ نئون سال اوهان لاءِ خوشيون ئي خوشيون کڻي ايندو.

عرض تہ هتي اسان دوست سنڌ لينگيوئيج-اٿارٽيءَ لاءِ ڀيا لکون. مونکي فقط سنڌ جي نوشهري فيروز ضلعي جي سگهڙن فنڪارن، شاعرن، اديبن، شڪارين، شخصيتن ۽ لوڪ ادب تي لکڻو آهي سو ان ۾ اوهانجي سهڪار ۽ مدد جي ضروُرت آهي. ٻڻ تاريخ ڪلهوڙا خداآباد تي ڪم ڀيا ڪريون. سو ان لاءِ بہ مدد ڪريو. سنڌ تي اتي جيڪو ڪم، مقالا وغيره يا ويڊيو آڊيو ۾ ڪجھ بہ محفوُظ هجي پوءِ ڀلي انگريزي، سنڌي، يا اُردوءَ ۾ ئي هجي تہ موڪلي ڏيندا. اوهانجي جيڪا بہ تخليق هجي، اهي ڪتاب موڪلڻ جي بہ مهرباني ڪندا تہ لائبرريءَ ۾ اِنڊيا جي ٻدوستن جو هڪ الڳ ڪارنر قائم ڪجي، جو يادگار رهي. اُميد تہ هيءُ نماڻو عرض سنڌي ڀاءُ جي حيثيت سان قبول ڪندا. دعائن ۾ ياد ڪندا. مون لائق ڪابہ ڪار خذمت هجي تہ حڪم فرمائيندا. موسم! هتي تہ ٿڌ ماري وڌو آهي. منجهند ٿاڪ ڪوهيڙو ٿو وسي. جئوير هن مهيني هتان ٿي ويو آهي. ڪومل لڇمڻ، پشاور ۽ لاهور مان ڪتاب موڪليا آهن. مهيش چندر جي ائڊريس ۽ فون نمبر گهربل آهي. اُميد تہ پنهنجو فون نمبر بہ موڪليندا. هنڌ جي سيني سنڌي سڄڻن لاءِ نيڪ تمنائون ۽ نياز. نوان ڇپل ڪتاب ۽ رسالا هن لائبرريءَ لاءِ موڪليندا رهندا تہ ٿورائتو رهندس. نياز هولارام هنس، لڇمڻ دبي، ڪرشن راهي، هري موٽواڻي، جئوير ۽ نند جويريءَ لاءِ.

قربن مان اوهانجو دعاڳو ۽ نيازمند،

عبدل الله جيسر.

۱۹۹۹-۱-۲۷

پيارا سائين وڏا،

خط مليو، مهرباني.

سڀ ڪجهه تہ اوهانجو آهي. بس، اوهانجي رهبري کپي، اوهانجي هن رولاڪ ٻچي کي.

سموري ڪٽنب لاءِ نئين سال جون دعائون!

دعاگو،

شيام جئسنگهاڻي.

---

چوهڙ جمالي (سنڌ)، ۱۴-۲-۱۹۹۹

”صالح سڪي جينءَ راڏان جي آواز کي،
موُن تَن اندر تينءَ اُڪنڊ، اَباڻن سين.“ (شاهہ)

ڏٺي ڪندو پرسن هوندا!

محترم شري ايڊيٽر صاحب ’سنڌ شڄاڳ‘، نمسڪار!

اوهان صاحبن پاران اُماڻيل ٻئي اخباروُن : سنڌي توڙي اَنگريزي مليون. اِن عزت افزائيءَ لاءِ اَوهان جو ۽ سموري سنڌوُ جاتيءَ جو ٿورائتو آهي، هيءُ توهانجو ياءُ! آس اَٿم تہ آئينده بہ اَهڙي نوازشن ڪان ڪين وانجهيندا.

اوهان جي اخبار ۾ ڏاڍو پلوڙ مواد هئو. سيپئي گيت اُتم هئا. اسان جي لائبرريءَ جا سيپئي خوش ٿيا آهن. اوهان پنهنجي اَباڻي ٻوليءَ لاءِ پاڻ پتوڙي ۽ جان جاکوڙي رهيا آهيو. ”دلدارن جا خط“ ۾ تازو خط بنهہ گهٽو وڻيو. هندوُستان اَندر ديوناگريءَ کي چوُٽ ڏني ويئي تہ سنڌي لپيءَ جو ٻڻ بنياد ئي متجي ويندو. پوءِ بقول ڪويءَ جي ”تہ هئي سنڌ سنڌواسين جي ٻولي“ .... اَلله ڪري ائين مَ هوءِ...

دلدار سائين! ڪڏهن ريڊيو ٻڌڻ جو موقعو ملندو آهي، تہ محسوُس ٿيندو آهي تہ سنڌي ٻولي اُتي هندستان ۾ زنده آهي وري ڪو ڪڏهن قربدار اِتان پهچي ٿو تہ احساس ٿئي ٿو تہ سنڌي ٻولي اڃا اِنڊيا اَندر جيئي پئي. وري ڪا اَخبار يا ڪو ڪنهن ڪوي يا پترڪار ليکڪ جو ڪو ڪتاب وغيره اچي ٿو تہ اُتساه پئدا ٿيندو آهي، تہ آباڻي جيجل اُتم ۽ مهان سنڌي زبان جو وجود اَڃا برقرار آهي.

---

”پئي ڪٽي پساهه، سڻ ڪارڻ پرينءَ جي.“ (شاهه)
سائين منهنجا! منهنجي پاران شري چيلارام ڪيالٽيءَ کي واڌايون ۽ ڪنڌوُن ڏيندا. آئون به اوهان کي ڪجهه لکي موڪليندس. اُميد ته ضرور اُن کي پنهنجيءَ اخبار ۾ جاءِ ڏيندا. هينئر هڪڙو شعر اُماڻيانوَ ٿو. پلائي ڪري اخبار ۾ اُنکي به جڳهه ڏيندا. مهربانيون.

پڇاڙيءَ ۾ مرشد پٽائيءَ جو هيءُ شعر سڀني سنڌين لاءِ سنيهو ڪري ٿو اُماڻيان ۽ قبوُل ڪندا.

”پاندي پرين پنهوار کي چوان، ائين چئيج،
سندا سنگت ڏينهڙا، ورمَ ويساريج،
ڪوٺن ڪُني آهيان، سيگهه سار لهيج.“ (پٽائي)
”جيئي سنڌي“

اَوهانجو اُڪير مان،
حافظ حبيب سنڌي

---

دادو (سنڌ)، ٢٠-٨-١٩٩٩

مانوارا ڪيرت ٻاٻاڻي صاحب، جيئي سنڌو ديش!

مون سائين جي.ايم. سيد، ڊاڪٽر غلام علي الونا، تاجل بيوس ۽ پياري دوست عباس مهر واتان توهان جي وڏي تعريف ٻڌي آهي ته توهان وطن کان دور رهي ڪري به سنڌ، سنڌي قوم ۽ سنڌي ٻوليءَ جي وڏي خدمت ڪري رهيا آهيو. اِها به خبر اَٿم ته ڪافي مصروف رهو ٿا. ان هوندي توهان جي خدمت اسان سنڌ جي سنڌين لاءِ هڪ وڏو مثال آهي. عمر جي انهيءَ حصي ۾ اسان جا سنڌي اديب ته رڳو ڳالهيون ڪندا رهن ٿا. توهان جي محنت ڪرڻ لاءِ توهان کي شاباس آهي.

سنڌ ۽ سنڌيت جي ناتي ۽ جذبي تحت ئي هي پتر لکان پيو.

مون تازو ايم.اي. ڪئي آهي ۽ ايم. فلا. ۽ پي.ايچ.ڊي. ڪرڻ جو ارادو آهي. ان لاءِ ڊاڪٽر غلام علي الانا، وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽيءَ کي گائيڊ لاءِ عرض ڪيو اَٿم.

عنوان آهي ”سنڌي اخبارن جي ٻوليءَ جو جائزو“

مونکي اِنهيءَ ڪرڻ لاءِ هندستان ۾ شايع ٿيندڙ سنڌي اخبارن تي ڪم ڪرڻو پوندو. مونکي سائين جي.ايم. سيد توهان جي لاءِ ٻڌايو هو ته

نوجوان ريسرچ ڪندڙن جي رهنمائي ڪندا آهيو. مونکي بہ توهان مان اِها ئي اُميد آهي.

توهانجو جوابي خط مون لاءِ رهنما ثابت ٿيندو. توهانجي خط جو انتظار رهندو.

فقط توهانجو خادم،
ڊاڪٽر حيدر لاشاري.

---

نئين دهلي، ١٣-١٢-١٩٩٩

پيارا ڪيرت،

هينئر ئي تنهنجو ليک مليو آهي ۽ بہ ڀيرا پڙهيو اٿم.

مون کي پاڻ بابت خوامخواهہ خوشفهمي هئي تہ 'لطيف نمبر' لاءِ اَٺن صفحن جو اداريو لکي ڪا وڏي کيپ ڪٽي اٿم، پر تنهنجي ليک پڙهڻ کانپوءِ اها خوش-فهمي پر ڪري اُڏامي ويئي. لکيو مون بہ لائو ناهي، پر تنهنجي تحرير ڇٽي ۽ Lucid آهي ۽ منهنجي جناتي.

سياڻي ئي تنهنجو مضمون ڪامپيوٽر تي ڪمپوز ڪرائڻ شروع ڪندس ۽ ڪامپيوٽر آپريٽر حسين چوڪريءَ جي چهري کي ڏسڻ بدران نظرون تنهنجي ليک جي سٽن تي ئي ڄمائي رکندس ۽ هڪ هڪ پروف مان پاڻ پڙهندس.

اڄ پياري تنوير عباسيءَ تي شرڌانجلي لکي اٿم، جيڪا هن جي تصوير سان شايع ڪري رهيو آهيان ۽ هن جو معياري مقالو پڻ.

لطيف نمبر لاءِ هند-سنڌ مان دوستن جو مڪمل سهڪار ملي رهيو آهي. مان پنهنجيون پوريون قوتون ۽ صلاحيتون هن پرچي تي صرف ڪري رهيو آهيان ۽ منهنجي پوري ڪوشش آهي تہ 'سنڌو جوت' جو هي 'لطيف نمبر' پنهنجو مثال پاڻ ثابت ٿي سگهي. هاڻي دعا ڪج تہ منهنجي من جي مُراد پوري ٿئي.

سڪندرآباد اُميد تہ اَوس ايندين. اَحوال ڏج تہ ٻيا ڪير ڪير اچي رهيا آهن؟ اول خير، مان بہ پنهنجو زوردار مقالو لکي ايندس. راهيءَ کي ڪٺن بہ وٺي اچج. احوال ڏج.

قربن مان،
لڇمڻ 'ڪومل'

لنڊن، ۴-٦-١٩٩٩

نهايت پيار ۽ پاٻوهه مان، دادا ڪيرت!

اوهان تڪليف وٺي ڪتاب موڪليو. سچ ڪافي مونجهارا حل ٿي ويا. Letter of thanks موڪلڻ ۾ دير ٿي، تنهن لاءِ معافي طلب آهيان. سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان اڳيا به مواد ڪِپي.

مان ڪجهه ڏينهن کان ڪوشش ۾ آهيان ته اوهانجو موڪليل ڪتاب Disk ۾ محفوظ ڪريان. جڏهن ٿي محفوظ ٿيا ته هڪ Disk اوهان ڏانهن اماڻيندس. اهڙي ريت هميشه لاءِ محفوظ ٿيو رهندو.

سنڌ ۾ ڪجهه ڏينهن اڳ شاهه لطيف سائينءَ جو ميلو هئو. هن سال ميلي ۾ روايتي طور ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس، ڀٽ شاهه تي ٿيڻ بدران حيدرآباد ۾ ڪئي ويئي. ٻگهي فوج جي پراڻي ڇاڙتي ڊا. غلام علي الانا جي هٿي. اِهو صاحب به پيرا وائيس چانسيلر رهيو، غلام اقبال اوپن يونيورسٽيءَ جو، جتان بي-عزتو ٿي نڪتو ۽ اڳائي سال سنڌ يونيورسٽيءَ جو، جتان به اسان جي جدوجهد ڪارڻ هن کي ڌڪا هڻي ڪڍرايو ويو.

ان ساڳي ٽوٽي، ضيا جي زماني ۾ ڪلياڻ آڏوانيءَ وارو شاهه جو رسالو ڇپرايو هئو، ۽ ان جو اِنتساب، جنرل جهانداد خان، ان وقت جي مارشل لا جي ايڊمنسٽريٽر جي نانءَ ڪيو ويو هئو. ان شخص هميشه سنڌين ۾ ويڇو وڌائڻ جو ڪم ڪيو آهي.

اوهان کي ياد هوندو، اڳئين خط ۾ مون راجستان جي سومرن جو ذڪر ڪيو هئو. ١٩٩٧ ۾ مان جڏهين سنڌ ويو هوس ته شهيد دودي سومري جي روپاماڙيءَ ۾ ميلو لڳو هئو. آءٌ به ميلي تي ويو هوس. اُتي ادبي ڪانفرنس ۾ به الانا چيو ته ”سومرا اسمائيلي آهن.“

حالانڪ جڳ مشهور آهي ته سومرا راجپوت هئا ۽ پوءِ مسلمان هجن يا هندو يا جين.

بهرحال، نوجوان سنڌي اديبن، ادبي ڪانفرنس ڀٽ شاهه تي منعقد نه ڪرڻ تي ڪانفرنس جو بائيڪاٽ ڪرايو. هن وقت به سنڌ ۾ مارشل لا هلي رهيو آهي. سڄي سنڌ گورنر جي محتاج بڻجي ويئي آهي. ان سان ته غدارن جون نيون شڪليون پيا ڏسون.

اوهان ته سنڌ جي ڏکن کي سدائين پئي کُلهو ڏنو آهي.

ساٿ سلامت،

قربن مان،

ب. س.

نئي دهلي، ۲۹-۸----

پيارا ڪيرت،

شل سدائين خوش هجين!

تنهنجو پيار پريو ۳۰ جولاءِ جو خط مليو. تون منهنجو دلبر ۽ دلدار دوست آهين. تو لاءِ مون وٽ صرف پيار ۽ محبت جي ٻيو ڪجهه ڪينهي. مون تنهنجو خط ٻه ڀيرا غور سان پڙهيو آهي.

(۱) مان تعصبي نہ آهيان ۽ نہ ڪڏهن اهو رَويو اختيار ڪندو آهيان ۽ نہ ڪندس.

I am a rational human being with scientific out-look towards life.

(۲) مان هندڪي ۽ مسلمانڪي جي چڪر ۾ نہ پيو آهيان ۽ نہ پوندس.

(۳) سنڌ جي تاريخ تي گهڻيئي ڪتاب پڙهيا اٿم. انهن جي آڌار تي جيڪو سمجهندو آهيان، اهو لکندو آهيان. اهي Tentative Conclusions آهن. مان غلط بہ ٿي سگهان ٿو. انهيءَ ڪري توکي دعوت ڏيندو آهيان تہ هندواسيءَ لاءِ لک. پر الائجي تون ۽ ٻيا ليکڪ ڇو خاموش رهندا آهن.

(۵) مون 'هانيون' ليک سوچ ويچار ڪانپوءِ لکيو آهي. تصوير جو ٻيو رُخ تو رکيو آهي.

(٦) مان چاهيان ٿو تہ اهڙن وشين تي واد وواد ٿئي. ڪا چرپر ٿئي. ويچارن جي ڏي وٺ ٿئي. هڪ ٻئي جا خيال ظاهر ٿين.

(۷) قدرت توکي طاقتور قلم ڏنو آهي. علم ۽ عقل، سمجهہ ۽ سياڻپ تو وٽ آهي. مهرباني ڪري پنهنجا ويچار پاڻڪن جي سامهون رک. هڪ صحتمند سماج جي واسطي ضروري آهي.

(۸) تو لاءِ منهنجي دل ۾ تنهنجي خط ڪانپوءِ وڌيڪ پيار ۽ وڌيڪ محبت ٿي آهي. تو شينهن وانگر حملو ڪيو آهي. شاباس آهي توکي. تنهنجي دل ۾ آگ تہ آهي! باهہ تہ آهي!

تو لاءِ ۽ سويتا لاءِ اڻ ميا پيار.

(پنجواڻي) رام.

حيدرآباد، ۵-۱۰-۱۹۹۹

دائم اقبال !

پوجيہ شري کيرت ٻاٻاڻي صاحب!

بعد ادبن جي عرض تہ توهان سان مکاميلو حيدرآباد ۾ ۽ پوءِ پوني ۾ لاڙن جي پروگرام وقت ٿيو هئو. توهان جا ڪجهہ ڪتاب ڀڳوانداس ڪانجاڻيءَ جي ذريعي مليا. پڙهڻ جو شرف حاصل ٿيو. پڙهي توهان جو شائق ٿي پيس. توهان جو خاص شڪرگذار آهيان، جو توهان شيخ اياز جا ڪجهہ ڪتاب پاءِ ڪانجاڻيءَ ذريعي اُڏارا موڪليا. پڙهي دل باغ بهار ٿي ويئي. سندس ٻہ-چار ڪوتائون پريم جون، اسانجي ”پوئٽري سوسائٽي“ (جا ۱۱۰ سالن جي آهي) انهيءَ ۾ انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري پڙهيم. ڏاڍيون پسند آيون. فرمائش ٿي آهي سوسائٽيءَ جي عام ميڙ ۾ تہ نومبر جي آخرين هفتي، شيخ اياز جي باري ۾ هڪ پيپر پيش ڪريان.

ڏهاڪو ڪتاب هٿ ۾ اٿم، جن مان ۴-۵ اوهان وارا آهن ۽ باقي هٽ هٽ ڪيا اٿم.

خاص عرض اِهو آهي تہ (۱) شيخ اياز جي ڪوتائن تي ڪا ٽيڪاٽپڻي موجود هجي تہ مهرباني ڪري موڪليندا يا لکندا تہ ڪٿان هٿ اچي سگهندي. (۲) اوهين پنهنجا قيمتي ويچار هن جي باري ۾ سنڌي يا انگريزيءَ ۾ لکي موڪليندا. (۳) منهنجي دل ۾ تمنا پيدا ٿي آهي تہ مان سندس ڪوتائون انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪريان. مان انگريزيءَ ۾ ڪوتائون لکندو آهيان. منهنجي ڪوتائن جا ٻہ ڪتاب شايع بہ ٿيا آهن. ان ۾ اوهين منهنجي ڪهڙي قسم جي رهنمائي ڪري سگهندا؟

جلد جواب ڏيندا تہ شڪرگذار رهندس. توهان جي آشيرواد ۽ رهنمائي ڪپي.

وڏيڪ توهان لاءِ ادب ۽ پيار.

شيوا ۾،
جينو گرگلاڻي.

سنڌي ساهت سڀا، ناگپور ۸-۱-۲۰۰۰

پيارا ڪيرت،

اُميد تہ سويتا ۽ ٻارن ٻچن سميت بلڪل خوش باش هوندين. ڪيترن ڏينهن کان تنهنجو ڪو حال اَحوال ڪونهي. ڇا اِهو ضرورُي آهي تہ ان لاءِ ڀھريائين پهل مونکي ڪرڻي آهي. تون تہ ڪٽنب جو اَبو آهين. اهو فرض بہ تنهنجو آهي تہ پنهنجي ننڍڙن ۽ يتيم ٻارن کي ڪڏهن ڪڏهن ياد ڪرين ۽ اُتساهت ڪرين.

ناگپور جي ڪلاڪارن جي ٽولي وٺي اَسين جئپور ۾ سنگيت جو سنو پروگرام ڏيئي آياسين. ان کي انڪل ڏيڍ مهنو ٿيو. ان پروگرام ۾ ناگپور جي تمام جاڻُو ۽ ماهر ڪلاڪار شريمتي وجيا ياڳچنداڻيءَ کي پهريون دفعو اسٽيج تي آندوسين. ڇا تہ رنگ ڄمايائين - تون جئپور مان اُنجي رپورٽ وٺي سگهين ٿو. سڀا جي تازي پتريڪا ۾ اُنجو اَحوال اچڻ گهربو هو. ڪونہ آيو آهي. شايد جئپور وارن وقت اندر نہ موڪلي آهي. مان سمجهان ٿو اهڙو ڪلاڪار سنڌين ۾ آهي ئي ڪونہ. هن جو سُر ۽ تال تي دست رس خاصو آهي. هوءَ هر روز چار پنج ڪلاڪ رياض ڪندي آهي. پنهنجي مفلسيءَ ڪري گمناميءَ جي عالم ۾ رهندي آهي. اهڙي ڪلاڪار کي ڏينهن جي روشنيءَ ۾ آڻڻ سڀا جهڙي سنستا جو ڪم آهي ۽ فرض آهي - اهو اوهين عام سنڌين سان وڌو وڙ ڪندا.

هن سال اوهين جيڪو سنگيتڪار کي انعام ڏيو، ان ۾ هيءَ ڪلاڪارا بلڪل يوگيتا رکي ٿي. هوءَ شاستري سنگيت جي بہ وڏي ودوان آهي.

اِنعامن جي لسٽ تيار ڪرڻ مهل شريمتي وجيا ياڳچنداڻيءَ جو نالو اچڻ ئي گهرجي - پلي شري سُندر اگناڻيءَ ۽ لڇمڻ پمياڻيءَ کان بہ پڇيا ڪري ڏس.

ٻيو ڪهڙو حال آهي. اخبارن مان ۽ سڀا جي پتريڪا مان خبر پيئي تہ سڀا جنوريءَ جي ۲۲ کان ۲۶ تائين حيدرآباد ۾ هڪ سيمينار ڪري رهي آهي. اسان کي تہ ڪو اِطلاع بہ ڪونهي. مان جيڪر خوشيءَ سان شرڪت ڪريان ها. پر هاڻي دير ٿي چُڪي آهي. مون انهن ڏينهن ۾ بمبئيءَ جو پروگرام رکيو آهي. **شري روچيرام ٿاواڻيءَ** جي ٻن ڏوهٽين جي شادي تاريخ ۲۶ جنوريءَ تي اتي بمبئيءَ ۾ آهي. تون ان وقت

حيدرآباد هوندين ۽ مان بمبئيءَ ۾. گڏجڻ بہ مُمڪن ڪونہ ٿيندو. مان هتان ٢۴ تاريخ بمبئيءَ لاءِ روانو ٿيندس. ان بعد هفتو ڪن پوني ويندس. اڳئين دفعي پوني ۾ شري پريتم ٿهلراماڻيءَ سان مُلاقات ٿي هئي. ڏسڻ ڪانپوءِ لڳو تہ مان ڪيس اڳيئي سڃاڻندو هوس. ٻڌايائين تہ تنهنجي شاديءَ وقت ڪنوار پيءُ بينو هو يا ٻيو ڪجهہ. ڏاڍو دلدار ساٿي آهي. عمر هن تي بہ حملو ڪيو آهي. هو بلڪل تياڳي جيون گذاري رهيو آهي. ننهن ۽ پوٽو بہ گڏ رهندا اٿس. ٻڌايائين تہ سندس ننهن ڪشميري آهي. ڏاڍو قرب ڏنائين. تنهنجو گهڻو گهڻو پڇيائين.

هتي يار دوست سڀ نيڪ آهن. ناگپور جي سڀا، ڪارگل جي شهيدن جي ياد ۾ هڪ فنڪشن ڪيو ۽ عام ماڻهن مان ۵٧ هزار ڪٺا ڪري، پرائيم-منسٽر جي رڪشا ڪوش ۾ موڪليائون. پروگرام اهو بہ پنهنجو مٽ پاڻ هو. هتي جي سنگيت ٽوليءَ لاءِ اتي پروگرام سيتا سنڌو ڀون ۾ رکاءِ - ٺاڪر چاولا تي تنهنجو سُنو اَثر آهي. مهاراشٽر سرڪار جي نئين سرڪار، اڪادميءَ کي سسپينڊ ڪيو آهي. شايد اڃا نئين ڪاميٽيءَ جو اَعلان ڪونہ ٿيو آهي. سڀني ساٿين لاءِ سلام!

**قربن مان،**
**ايسر ڪلياڻي.**

---

**دبئي، ٢٢-١-٢٠٠٠**

پيارا ڪيرت ۽ سويتا،

هن ڀيري بہ گڏجاڻي مختصر رهي، البت ٽيليفون تي ٿورو پاڻ ۾ ڳالهايوسين. سويتا سان بہ بلڪل گڏيس نہ گڏجڻ جهڙو.

آشا ڪئسيٽ مُڪمل ڪري توکي موڪلي ڏني ۽ اوهان اُميد تہ گڏجي ويهي ڏٺي هوندي. شاباس آهي هن نياڻيءَ کي جنهن پنهنجي طرفان انڪل هڪ لک خرچ ڪري چڏيا ۽ هڪ نئين روايت وڌي. وڏي ڳالهہ تہ سندس سموري ڪٽنب جيڪا جفاڪشي ڪئي، سا بي مثال آهي. ڊڪ ڊوڙ ڪرڻ بہ ڪنهن کان پڇي! پوءِ بہ ڪئسيٽ ۾ ڪي ڪميون رهجي ويئون آهن. نوان هئاسين، آزمودو ڪونہ هو، ايڊٽنگ بہ ڏاڍو وقت ورتو. مان هتي ۹ جنوري پهتس. بہ ٽي ڏينهن تہ آرام ڪرڻ ضروري ٿي پيو. ١١ تاريخ کان اِسڪول کُليو ۽ ڪم تي چڙهيس. ڪئسيٽ سموري ڏسي پنهنجو رايو ڏجو. هاڻي اِهو سلسلو جاري رهڻ کپي. ڏسون ڪيئن ٿا اڳتي وڌون.

---

ڪئسيٽ جون ڪجهه ڪاپيون سنڌ موڪليون ٿا. سنڌالاجي، سنڌي لئنگيويج اٿارٽي، محمد اِبراهيم جويو، قمر شهباز ۽ هڪ ٻن ٻين کي موڪليندا سون، جيئن هنن کي اُتساهه ملي.

تنهنجو روزانو پنڌ جاري هوندو. سويتا ۽ تنهنجو گڏجي چانهه پيئڻ جو پوز واهه جو هو. ڏاڍي دل هئي تہ ڪامينٽري ڪجهه وڌيڪ رنگين ۽ دلچسپ بڻايان، پر ائين ٿي ڪين سگهيو. جيڪا لکي هيم، سا بہ گهٽائڻي پيئي. توهان کي ڪئسيٽ جي پڇاڙي ڪيئن لڳي؟

اوهان لاءِ يادگيريون.

موتي.

---

اِندور، ۱۴-۳-۲۰۰۰

مانوارا شري ڪيرت باٻاڻي،

سدائين سلامت.

اُميد تہ اوهان ۽ ڀاڀي سويتا خوش و خُرم ۽ صحتمند هوندا.

عرض اهو آهي تہ اسين هت اِندور ۾ سنڌي ٻولي ڏِوَس (ڏينهن) ملهائي رهيا آهيون.

اوهان کان وڌيڪ بهتر هن سلسلي ۾ ڪير رهنمائي ڪري سگهندو. جيئن تہ مون وٽ ٻوليءَ کي وڌان ۾ شامل ڪرائڻ لاءِ ڪو مواد موجود ڪونہ آهي ۽ انهيءَ ڏس ۾ جيئن تہ اوهان هن تحريڪ جا روُح روان رهيا آهيو، ڪجهه ڇپيل مواد يا ان جي فوٽو ڪاپي موڪلڻ جي عنايت ڪندا تہ اوهان جي وڏي مهرباني.

اَسان چاهيون ٿا تہ انهيءَ تحريڪ جي تواريخ کي نئين سر سنڌي عوام جي ذهن ۾ آڻڻ گهرجي.

اِهو مواد جيڪڏهن اَپريل جي ۵ تاريخ تائين پهچي وڃي تہ اوهان جا وڏا ٿورا.

سڪ مان،
گوپال پروانو.

# ”سنڌي ٻولي“ روزاني

**نڙياد، ٢٢-٣-٢٠٠٠**

مربي شري ڪيرت ٻاٻاڻي،

سنڌي ٻوليءَ طرفان ڇپيل چند ڪان پوءِ ١٠ اَپريل تي **سنڌي ٻولي تسليمي ڏينهن** تي خاص پرچو ڪڍڻ جو موقعو نڙياد جي **سنڌي ساهت سڀا** طرفان مليو رهيو آهي. جيتري قدر منهنجو خيال آهي، اوهان تہ مورتي ۽ سُندري، پوپٽي ۽ تارا وٽ بہ پارٽيشن جي پيڙا ۽ سنڌي ٻولي تسليم ڪرائڻ جهڙين هلچلن جو چڱو ذخيرو اندر ۾ نہ صرف سانديل آهي، پر ٻاهر نڪتل غبارن جو انبار پڻ دستاويزي روپن ۾ قبضي ۾ آهي. ان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ لاءِ دهليءَ جي پرڳتي ميدان تي ستياگرهہ لاءِ ديس جي جدا جدا هنڌن تان آيل ٥٢ سپاهين جا نالا، پتا ۽ فوٽا بہ ضرور هوندا ۽ سندن ڪجهہ واقفيت بہ اوهانجي دل جي پٽيءَ چاهي دفترن ۾ هوندي. اها سامگري ۽ فوٽا ٥٢ ڄڻن جي لسٽ ۽ ستياگرهہ بند ڪرڻ لاءِ شريمتي اِندران گانڌيءَ طرفان آيل شري شيش پال ۽ هڪ سنڌي پيڻ، جنهن پاڻ کي شريمتي گانڌيءَ جو پي.اي. پئي سڏايو بابت پڻ ڪا ڄاڻ هجي تہ تمام جلد موڪليندا، جئن چالو پيڙهيءَ کي ڪجهہ مصالح ميسر ڪري ڏجي. خاص ڪري انهن کي، جي اَڃا سنڌي تعليم وٺي رهيا آهن.

سپريم،

**پشڪرلعل بي. لکياڻي**

---

## ڪيرت ٻاٻاڻي

بي.اي. ايل.ايل.بي.

**بمبئي، ٣٠-٣-٢٠٠٠**

پيارا رام (جينملاڻي)،

ڪٽنب سوڌو آنند ۾ هوندين.

ڪافي وقت کان حال احوالي نہ ٿيا آهيون. آخرين بار مون توکي تنهنجي سنڌ جي اِتهاس جي سڦل پورائي جي خوشخبر تي دلي مبارڪن جو خط لکيو هئو. پوءِ ڏي وٽ ڪانہ ٿي آهي. تو شايد هڪ بہ ڪارڊ موڪليو هجي. گذريل مهنو کن مان تن ليکن کي پورو ڪرڻ جي ڌُن ۾ هوس

- (۱) شاھ عبداللطيف جي خاص پرچي لاءِ ليک، (۲) نئين صديءَ جي خوش آمديد ۾ ليک ۽ (۳) پوپٽي هيرانندانيءَ جي شخصيت ۽ ساهتڪ ڏين تي ليک (پوپٽي هن وقت تمام بگڙيل صحت جي حالت ۾ بستري داخل آهي) اِهي ٽئي ليک مون سنڌي اڪاڊمي، دهلي جي، ٽماهي مخزن 'سنڌو جوت' لاءِ لڇمڻ ڀاٽيا جي ور ور زور ڀرڻ تي لکي ڪيس موڪلي ڏنا آهن، تنهن ڪري ان عرصي ۾ مان دوستن سان خط و ڪتابت ڪرڻ ۾ ڍلو رهيو آهيان ۽ توکي به لکي نه سگهيو آهيان. تنهن لاءِ قصور وار آهيان.

اَڄ مون ٽائيمس آف اِنڊيا ۾ پارت جي جوڙجڪ جي جائزو وٺڻ واري ڪميشن بابت پڌرائي پڙهي. توکي خاص مُراد سان خط لکڻ جو خيال آيو. ڪافي وقت کان سوچيندو رهيو هوس، پر هڪ طرف وقت جي تنگي ۽ ٻئي طرف خيال جي چٽائيءَ جي غير موجودگيءَ ڪارڻ قلم ڦڙتيءَ ۾ نه پئي آيو.

ادا، مون محسوس ڪيو آهي ته جڏهن جوڙجڪي اسيمبليءَ ۾ پارت جو وڌان پئي جُڙيو ته اسانجن مدبر اڳوانن سنڌي جاتيءَ جي هِت جو ذرو به خيال ڪونه ڪيو، ايتري قدر جو پنهنجي پياري ماتري ڀاشا (سنڌي) کي اَٺين شيڊيوُل ۾ داخل ڪرائڻ لاءِ به ڌانهن نه ڪئي. ان ڪارڻ، سنڌين راجنيتڪ، ساهتڪ ۽ اختصادي توڙي سماجڪ سطح تي ڪيترو سُنو آهي، تنهن بابت مون کان وڌيڪ توکي علم آهي. خير، ان بابت هاڻي سوچڻ آهي، اونڌي گهڙي تي پاڻي هارڻ!

پر هاڻي جڏهن رِويوُ ڪميشن نامزد ٿي آهي، جيڪا وڌان جي عمل تي نظر وجهندي ۽ ضورري درستين لاءِ تجويزون پيش ڪندي، گهٽ ۾ گ هٽ هن سمي ته اَسين سڄاڳ ٿيون ۽ اسان سان ٿيل ناحق، بي-اِنصافي، ٻيائي، ڀيدي ورتاءَ خلاف رڙ واڪو ڪريون ۽ پنهنجي طرفان انصاف لاءِ تقاضا ڪريون. تون سڀ ڪجهه ڄاڻين ٿو. کهڙا قدم تون صلاح ڀريا ٿو سمجهين، کهڙيون تجويزون اسان کي ڏيڻ ٿو چاهين، اگر من ۾ لوچ اُٿيئي ته اَحوال ڏج.

نوٽن تي سنڌي اَکر-اَنگه آڻڻ واري فائيل کي ڪولڊ اسٽوريج ۾ رکي ڇڏيو اَٿئي ڇا؟ وڌيڪ مالڪ آهين.

سويتا ۽ مان بلڪل آنند ۾ آهيون.

سنيهه مان،

ڪيرت.

اِندور، ٣-۴-٢٠٠٠

مانوارا سائين،

اوهان جو ٢٣-٣-٢٠٠٠ جو لکيل خط ۽ پارسل اَڌ ڪلاڪ اڳ ملي آهي ۽ ٻہ گرهہ مانيءَ جا کائي اوهان کي پهچ ڏيئي رهيو آهيان.

هينئر تواريخ جي انهن ورقن کي اُٿلائي هڪ ننڍو ۽ مختصر مضمون ٺاهي ٩ اَپريل واري 'سنڌي ٻوليءَ جو ڏينهن' تي پيش ڪندس.

هڪ ڳالهہ جو افسوس ضرور آهي تہ سرمايہ جي ڪميءَ سبب اوهان کي يا هڪ ٻن ٻين دوستن کي گهرائڻ کان قاصر آهيان، جيڪي هن مناسب موقعي تي موجود هجن ها تہ پروگرام کي چار چنڊ لڳي وڃن ها.

اَدب جي مٿان ۽ ڪتابن جي مٿان سرمايدارن جي هڪ هٽي آهي. پنهنجي جت حُجت هوندي، اُتان گهرنداسين، پر ٻين کي ڪيئن ليکيون؟ اوهان کي پنهنجو سمجهي عرض ڪيو ۽ اوهان منهنجو مان رکيو. هڪ دفعو وري مهرباني.

سک ۽ سچيءَ دل سان،
گوپال پروانو.

---

آديپور، ١٢-۴-٢٠٠٠

پيارا ياءُ کيرت،

"لکيو لياڪا پائين" پڙهي، مان پاڻ کي ڏهاڪو سال ننڍو سمجهي رهيو آهيان. ان ۾ "عاشقاڻو رنگ" ۾ تو پنهنجي جوانيءَ جي جلوي جو خوب مظاهرو ڪيو آهي.

"سنڌي جذبو" ۾ تو جيڪي وڙ ڳانڍيدام سان ڪيا آهن، اُهو سڀ پڙهي من کي خوب مزو آيو.

سموري ڪتاب ۾ جيڪي ڪجهہ لکيو اٿيئي، اهو صادق جذبي سان، سهڻيءَ، سواديءَ ۽ جاندار ٻوليءَ ۾ لکيو اٿئي.

منهنجون گهڻيون گهڻيون مُبارڪون.

سنيهہ ۽ سنمان سان،
سدائين ڳڏ،
هري دلگير.

---

**Sindhi Association of North America (SANA)**

**April 20, 2000**

Dear Mr. Babani,

On behalf of Sindhi Association of North America (SANA), it is my pleasure to invite you as a guest speaker at the 16th Annual SANA Convention at the Radisson Hotel, 11228, Eagle Drive, Bridgeton, MO 63004. The convention will be held from Saturday, July 2, 2000 to Tuesday, July 4, 2000. SANA will sponsor your lodging and boarding. I request you to prepare a presentation on "Current Crisis in Sindh". Enclosed please find the copies of convention program.

SANA is one of the largest organizations of Sindhis who originally immigrated from Sindh, Pakistan to North America. It is registered in the State of New York as a 'Not-For-Profit' organization and at US Internal Revenue Service (IRS), P.O. Box 1680, Brooklyn, NY 11202, with ID #13-3698207. SANA holds its annual convention during the weekend closed to July 4, American Independence Day. Our annual conventions have been held in all major US and Canada cities.

All arrangements of your stay as our guest have been settled. I will be grateful if you can attend this historic convention and enlighten our members with your literary background.

I look forward to seeing you at the convention. Meanwhile, if you have any inquiries, please do not hesitate to contact me at (714) 952-1297 or write me at: 7439 La Palma AVe., Suite 185, CA 90620. My e-mail address is: sachkazi@gte.net

Sincerely,

**Irshad Kazi**

General Secretary.

ڀوپال، ٢٨-٤-٢٠٠٠

جناب کيرت ٻاٻاڻي صاحب. سدا بهار هجو شال،

اوهانجو مُکتڪ ڪوتائن جو مجموعو ”لکيو لياڪا پائين“ شري لڇمڻ ڀمڀاڻيءَ جئپور مان موڪليو هو. مطالع ڪيم. بيحد سُٺيون ڪوتائون مجموعي ۾ شامل آهن. اوهان ڪوتائن ۾ اَندر اوريو آهي. هڪ نثر نويس / ڪهاڻيڪار اَهڙيون سُهڻيون ڪوتائون لکي سگهي ٿو! ها، هڪ تعجب ڀري ڳالهه آهي. ذري گهٽ سڀ ڪوتائون جاندار آهن. ورهاڱي تي لکيل ڪوتائون ”تون بہ وينو ڏسجانءِ!“ وڏيک من موهيو.

ڪوتائن ۾ اَلنڪار بہ آهن. تشبيهون / اِستعارا بہ آهن. اوهانجي اپروچ Poetic آهي. جهڙوڪ ”ريتيءَ جو ڏڌوءِ سونهري بسترو“ اِهو جملو هڪ شاعر ئي چئي سگهي ٿو. توهان ڪرم يوگي، نيتا آهيو. ان جا پڙاڏا بہ ڪوتائن مان اچن ٿا. جهڙوڪ ”توهين اِتهاس جي سڙيل پنن جا پوڄاري، اسين نئين اِتهاس جا جوڙيندڙ“. مثال ڪئين آهن. ڪهڙا لکي ڪهڙا لکجن. ڪتاب بهترين آهي.

خادم،

ڪيمن موُلاڻي.

---

ڪيرت ٻاٻاڻي

بمبئي، ٨-٥-٢٠٠٠

پيارا نرنجن، پريوار سوُڏو آنند ۾ هوندين.

تنهنجو قرب ڀريو خط، ورلڊ سنڌي اِنسٽيٽيوٽ طرفان ڪوٺايل سنڌي ڪانفرنس لاءِ تيار ڪيل پيپر جي ڪاپي، سنڌي جهنڊي جو نمونو وغيره مليا. قرب لاءِ اَحسان. واقعي ڪافي عرصي ڪانپوءِ لکپڙه جي ڏي وٺ ٿي آهي.

منهنجون ڪي تجويزون هن ريت آهن:

(١) قربانيءَ جي جذبي جي اظهار لاءِ ڪارو رنگ مون کي ڪين جچيو. هلڪو ڳاڙهو يا گلابي وڏيڪ صلاح ڀريو ٿيندو.

(٢) مُسلم ڪميونٽيءَ لاءِ سائو رنگ ڀلي قبوُل ڪجي، پر هندوُ ڪميونٽيءَ لاءِ سئفران رنگ ڪنهن بہ حالت ۾ تجويز ڪرڻ صحيح نہ ٿيندو. ڀارت ۾ توڙي مُسلمان ڀائرن لاءِ سئفران رنگ ناقابل برداشت ٿيندو. ڀارت ۾ اِهو رنگ سيڪيولر ڀاونا ۽ باهمي اتحاد جي جذبن جي ورڌ آهي. اَڇو رنگ

صلح ۽ اَلَڳ جاتين جي باهم اتحاد لاءِ موزون آهي.

(۳) جهنڊي ۾ رڱا چار رنگ رکڻ ڪو معنيٰ دار تصور Conception نٿو اُڀري. پراچين سنڌ جي ڪنهن اَهم شيءِ سان associate ڪرڻ ضروري آهي. نه ته، جهنڊي مان، مثال ڪان هيٺ تائين سنڌوُ نديءَ کي سينڌ طور ڏجي ته ڪيئن لڳندو؟

(۴) ڪانفرنس ۾ پڙهڻ لاءِ جيڪو پيپر تيار ڪيو اَٿوَ، تنهن ۾ سنڌين (هندستان ۾) جيڪا جدوجهد، پنهنجي ٻوليءَ، ساهت ۽ ڪلچر بچائڻ لاءِ ڪئي آهي، تنهن جي عڪاسي ٿيڻ گهرجي ۽ ڪين حالتن جي ڏکيائن جي باوجود جيڪا سڦلتا ملي آهي، سا به ڏيان جوڳي آهي. رام پنجواڻي، گوبند مالهي، ماستر چندر، ڀڳونتي ناواڻي ۽ ٻين ڪيترن ڪلاڪارن / ساهتڪارن جو وڏو يوگدان آهي، اِن جو ذڪر حاضرينن کي اُتساه ڏيندو. سنڌين جي رڳو ڌنڌي ۾ ترقيءَ کي زور ڏيڻ روا نه آهي. هيڪاري ڪلچرل پهلوُ به تمام اَهم آهي ۽ ساهت جي ترقي به مثالي آهي، حالتن جي مدي نظر.

(۵) فوج ۽ سِول سَروِس ۾ هندستان ۾ سنڌي هروُڀروُ وڏن عهدن تي ڪونه پهتا آهن. راجنيتيءَ ۾ به سواءِ ڪن individuals جي، سنڌي ڪافي پٺتي رهيا آهن. سنڌ ۾ به سنڌين جي لڳ ڀڳ ساڳي حالت آهي. سنڌين کي ڪابه صحيح ۽ جبري اڳواڻي نه ملي آهي. هينئر به سنڌين جي نئشنل ڪائونسل ناهڻ جي ڪوشش، جئن تو لکيو آهي، هڪ ritual آهي. ڪا ٺوس ڪوشش ڪانهي، ڇو جو هرڪو جاتيءَ بجاءِ پنهنجي لاءِ جاءِ ڳولهي رهيو آهي. سنڌي ٻولي، روايت ۽ سماجي وهنوار جي جيڪا تصوير اوهان ڇٽي آهي، سا نراساجنڪ ٿي لڳي. حالتون اهڙو خراب نه آهن.

(٦) سنڌين جي ڀارت ۾ هڪ عيوضي سنستا ٺهي، ان جو عملي روپ ڪيئن ٿيندو ۽ ان جي حاصلات اَجوڪين حالتن ۾ ڪيئن ٿيندي، اِن ڳالهه غور لهڻو.

(۷) ڀارت سرڪار طرفان وڏان تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ ڪميشن ٺاهي ويئي آهي. ڪيتريون سنڌي سنستائون سنڌي جاتيءَ جي واجبي حقن لاءِ عريضا ڏيئي رهيون آهن. اَسان به سنڌين کي هڪ پليٽفارم تي آڻي، ڪي رٿوُن سرڪار کي موڪلي رهيا آهيون. پر اسان جا پنهنجا ئي ان ڳالهه ڏانهن ڌيان نه ڏيندا ته ڪهڙو ٻوٽو ٻرندو؟

وڏيڪ قرب،

ڪيرت.

۲۰۰۰-۵-۱۳

مانوارا ڪيرت پاپاڻي،
جيئي سنڌ ۽
سدا خوش بهار هجو!

توهان جا شمارا باقاعدگيءَ سان پهچن ٿا. مهرباني سڄڻ جي قرب جي - سائين توهان جي آتم ڪتا سنڌ موڪلي آتم چيچڻ لاءِ. ساڻ ڪجهه اکوات پئسا ۽ توهان جو Profile وغيره موڪليو آتم. قومي ڪارڪن سهيل ميمڻ جي هٿ اهو ڪم رکيو ويو آهي. اُميد آهي ته ڪجهه مهينن اَندر اهو Project به پورو ٿيندو. ڪمپيوٽرائيزڊ ڪمپوز ٿيل هڪ Volume ۾ سڄو مواد پورو ڪبو.

WSC جي اها ڪانفرنس اهميت واري آتم. توهان جي شرڪت تي دارو مدار آهي. دوستن جي همت افزائي ٿيندي. سنڌي سميلن آهي آگسٽ جي ٻئي هفتي جي شروعات ۾. انهيءَ طريقي سان ڪيترا سنڌي اِنڊيا يا ٻين مُلڪن کان سميلن واسطي ايندا ته ڪجهه ڏينهن London ۾ رهن ته WSC جي اِن ڪانفرنس ۾ به شريڪ ٿين. پنهنجي محنت سان ان کي هلايون پيا. توهان جيڪر هي دعوت‌ناما مانوارن سنڌي سياست ۽ ادب جي شخصيات کي پهچايو ۽ News letter جي به ڪاپي موڪليو. جي هڪ آڌ به ڪو مانوارو(ي) آيو ته فرحت ملندي.

سائين WSC جو خبرون اڪثر ته شايع ڪريو پيا، ڪجهه وڌيڪ مواد E-mail ۾ موڪليو آهي. مهرباني ڪري ان کي نظر مان گذاريندا. صفدر وارن دوستن ته ڪابه همت نه ڏيکاري آهي اجان. ڪا صلاح ڏيو ته ڪيئن اڳتي وڌجي.

پنهنجي صحت جو خيال ڪجو. مهرباني ڪري WSC ۾ اچڻ جو ضرور سوچجو ۽ دبئي ۽ اِنڊيا وارن ٻين شخصن کي به چئجو ته شرڪت ڪن. مهرباني.

**پيار ۽ سڪ منجهان،**
**صفير احمد شيخ**
**جنرل سيڪريٽري، WSC**

پونو، ١٥-٥-٢٠٠٠

مانوارا سائين،

بر وقت توهان مونکي منهنجون گهربل سامگري ڏياري موڪلي، ان لاءِ مان توهانجي تهدل شڪرگذار آهيان.

اڳتي بہ اهڙي توجہ، پنهنجائپ ۽ شفقت کي جاري رکندا. توهان منهنجا بزرگ آهيو. ادبي برادريءَ ۾، وڏن جو هٿ، آڌر ۽ آڌار بخشيندو آهي. مونکي همت ۽ ڏيڍ ملندو رهندو آهي ۽ فخر سان محسوس ڪندي آهيان، مون جڏهن بہ توهانکي سڏيو آهي، توهان ان جو جواب ضروري ڏنو آهي. پرماتما توهان ٻنهي جي جوڙيءَ کي، سُٺي صحت، وڏي آورجا بخشي!

سدائين گڏ،

اِندرا شبنم.

---

**Nawabshah, Sindh, Pakistan,**

**06-06-2000**

Dear Mr. Keerat Babani,

I am writing to seek your co-operation in promoting Sindhi's case further. For many years, you have shown your commitment to the people of Sindh and advocated equal rights for Sindhis and unity among Sindhis. That is why I am pursuing your collaboration.

Current situations in Sindh are grave. On the one hand, the Pakistani establishment's hegemony over Sindh and other smaller provinces is at its peak. On the other hand, hopelessness is rising among the people of Sindh. There is a need, more than ever, to bring Sindh's situation to the attention of the international community. I am aware that you are involved in creating this awareness through various platforms. However, the Sindhi Diaspora can and should carry out this task with much more will and urgency.

I desire that all Sindhis, living in different parts of world, and other interested people come together on one platform. That is the vision of our leader Saeen G.M. Syed, and I am sure you share this desire too. I want all of us to come together and form a unified entity, whose purposes would be to highlight our plight and convince the world to intervene and assist our struggle for basic

human rights, equality, and freedom.

The recent conference sponsored by the **World Sindhi Institute** in Washington D.C. created a good synergy among Sindhi activists. I wish that we work together to channel this synergy into something concrete. In order to realize this, I am inviting a few organizations and individuals from UK, USA, India, and Sindh to met in London in July.

I am invited to attend the International Conference on Sindh organized by the **World Sindhi Congress**. The conference will take place on July 22, 2000 in London. I understand that you are also invited by WSC to attend this conference. I cannot think of any better occasion in which we all gather and try to form a committee. One of the main objectives of such a committee would be to convince international agencies and Pakistan's major financial supporters - namely, USA, Japan and UK - to influence the Pakistani government into sitting for negotiations with the Sindhi people. This committee will act as a unified platform for all of us to present Sindh's case in an effective maner. Such an effort will not only enjoy support from the people of Sindh, but will also increase the credibility of our voice. In addition, it will bring the Sindhis spread all over the world closer together. This platform would by no means replace the existing platform you are working on, but would be an additional forum to show our solidarity and commitment to the promotion of peace by advocacy.

The conference will be held on Saturday, July 22nd, 2000 at Sindhi Center, 230A Kenton Road, Harrow, Middlesex HA3 8BY, London, UK. For further information about this conference, please contact Dr. Saghir Shaikh. I enclose his contact information at the end of this letter.

I am looking forward to meeting you in July. I hope that you share my enthusiasm for this project. If you would like to discuss further or need any more information, please feel free to contact me.

Once again, thank you for your co-operation.

Sincerely,

**Syed Imdad Mohammed Shah**

Ex-Member of Sindh Assembly,

Member, Central Committee PONM.

شڪاگو، ٢٠-٦-٢٠٠٠

پيارا ۽ عزت لائق دادا ڪيرت،

سدائين خوش هجو شال!

جيئي سنڌ!

بعد گهڻن ادبن نيازن ۽ پيرن چُمڻ جي عرض ته هي اِمداد محمد شاهه طرفان لکيل دعوت نامه موڪليان پيو، مقصد ساڳيو ئي آهي ته آسانجي Proposal مطابق ڪا سنڌين جي عالمي ڪميٽي ٺاهجي. موهن پنجابي صاحب ۽ ملڪاڻيءَ جا لفافا به اوهان ڏي موڪليان پيو، جيئن اوهان انهن جون دُرست ائڊريسيون هٽي، انهن ڏي اُماڻي سگهو. اوهان جو ڪتاب تيار آهي، جيڪو ڪانفرنس دوران رليز ڪبو. مان Personally ۽ WSC تمام مالي بحران ۾ آهيون ۽ ايڏانهن واري سنگت ڪنهن به قسم جو تعاون نه ڪيو پر ان هوندي به همت سان ڪم هلائڻ جي ڪوشش ڪريون پيا. توهان جو انتظار سڄي سنگت کي شدت سان آهي. جيئن ئي هي ٽپال اوهان کي رسي ته اوهان ملڪاڻي ۽ پنجابي صاحب ڏانهن ليٽر موڪلي ڏيندا. سنگت ''اوهان واري'' سان ڳالهه ٻولهه ٿئي ته چوندا ته اسانجي هن ڪانفرنس ۾ مالي مدد ڪن.

بهر حال، ڪنهن به نموني ڪانفرنس ڏٺيءَ جي دعا سان شُني ٿيندي ۽ تمام مانائتن ماڻهن اچڻ لاءِ چيو آهي ۽ توهان اڳيئي واعدو ڪري چُڪا آهيو، انڪري توهان ڪانسواءِ سڀ ڪم اڌورا ٿيندا. انڪري ڪوبه بهانو نه هلندو.

منهنجي اَمڙ جي پيرن تي هٿ ۽ سلام ۽ سنگت کي سلام!

اوهانجو،

صفدر سرڪي.

بمبئي، ٦-٧-٢٠٠٠

پيارا ڀاءُ کيسواڻي،
سديو آنند ۾ هوندا.

تازو مون کي ’سنڌو جوت‘ جا ٻه اَنڪ، ١٣ ۽ ١٤ اَچي پهتا آهن. دل خوش ٿي ويئي آهي. اَڳين ڪاميٽيءَ جي ايامڪاريءَ ۾ پڻ جوت شايع ٿيندي رهي هئي، پر ٻه ڳالهيون هميشهہ کُٽڪنديون هيون:

(١) هڪ تہ سچو مئٽر ٻن ليپن ۾ هڪبئي جي سامهون ڏيئي پنجاهہ سيڪڙو واڌو خرچ زيان ڪيو ويندو هئو، جنهن جي ڪائي ضرورت ڪانہ هئي. پر جئن تہ ڪن اڌڪارين جي خفت (Fad) کي خوش رکڻو هئو، تنهن ڪري اَڪادميءَ کي فنڊ مان اِهو غير ضروري خرچ ڪيو ويندو هئو، جيڪو ٻئي ڪنهن تخليقي ڪم ۾ لڳائي سگهجي ها.

(٢) تہ مون اَڳيان ٻہ چار پرچا ڪيدي سامهون رکيا آهن ۽ رچنائن جي چونڊ ۾ پڻ وڏو فرق آهي. گذريل ٻن پرچن (١٣ ۽ ١٤) ۾ لڳي ٿو تہ خاص اُدم ڪيو ويو آهي تہ سنڌيءَ جا جيڪي نامور ڪوي، ڪهاڻي نويس، ناٽڪ نگار ۽ مضمون نويس آهن، تن کان طلب ڪري رچنائون گهرايون ويئون آهن، جئن پرچا بلڪل معياري ٿي ٻيهن ۽ اُوچ ڪوٽيءَ جون شيون شايع ٿين. واقعي قابل-داد محنت ۽ جفاڪشي آهي، جنهن لاءِ سمپادڪ منڊل جي مڙني ميمبرن کيرون لهڻيون، جو سُٺي معيار واريون لکيتون چونڊي پرچن کي سينگاريو اٿن ۽ پاٺڪن کي تمام لذيذ ساهت جي سندر پليٽ ڀري ڏني اٿن. پڪ سان پاٺڪ گدگد ٿي ويندا.

(٣) اڳين پرچن ۽ اوهان جي ايامڪاريءَ ۾ نڪتل هنن ٻن پرچن ۾ هڪ ٻيو بہ نمايان ۽ ساراهہ جوڳو ڪارنامو اِهو آهي، جو اڳيان ڪاروباري شخصي مشهوريءَ جا ايترا قائل هئا، جو اَنيڪ صفحا (رنگين ڪلرن سان) رسالي ۾ داخل ڪندا هئا ۽ هزارن ۾ پيسي جو زيان ڪندا هئا، صرف پاڻ پڌائڻ لاءِ. اوهان جي ڪاروبارين اِن ڏيکائي ڪارنامي کان پاسو ڪري سد پاونا حاصل ڪئي آهي. هيڪاري اوهان جي ڪاروبارين سنڌي ساهتڪ ۽ سيپتڪ خبرن کي ترجيح ڏيئي، جيڪي بہ ڀورنگي تصويرون ڏنيون آهن، سي سنڌي

سنسڪرتي ۽ ماضيءَ جي ورثي جو درشن ڪيون ڪرائين. ساڌ ٻيلي جون تصويرون، شاهہ لطيف جي مقبري جون تصويرون، سنڌي نثر جي اَبي ديوان ڪوڙيمل چندنمل جي تصوير، شاهہ لطيف جي اَمر سورمين جون رنگين تصويرون ڏيئي رسالي کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا اَٿو. ساهتڪ رسالي کي معتبر ۽ معنيٰ واري مخزن بڻائي ڇڏيو اَٿو. سيني کي شاباس!

مان پنهنجي فرض ۾ گسندس جي سمپادڪ جي قابليت ۽ علميت جو ذڪر نہ ڪندس. سندس لکيل ہر سمپادڪيہ ليک واقعي داد جي قابل آهن، جنهن مان وسيع ڄاڻ، ديرينائي، ٻوليءَ تي دسترس ۽ خيالن جي پختائي پيئي پکي. ڪيس منهنجي طرفان دلي واڌايون ڏيندا.

منهنجي لاءِ ڪا ڪارخذمت هجي تہ ڪڏهن بہ هچڪ نہ ڪندا.

سنيهہ مان،
ڪيرت ٻاٻاڻي.

---

**New Delhi, 13-07-2000**

Dear Shri Babani,

Many thanks for your inspiring and encouraging letter recording your heartfelt appreciation for the quality of work done by the team producting last two numbers of Sindhu-Jyot for Delhi Sindhi Academy.

This kind of pat on the back is worth its weight in Gold and goes a long way in rekindling the spirit of creativity among those who are putting in untiring efforts to keep the lamp of Sindhyat still burning brightly. I wish I had the felicity of expressing in Sindhi language. While gratefully acknowledging your rich letter, I feel like an instrument player attempting at copying the expression of a RAGA recital by a vocal virtuoso.

With kind regards,

Yours sincerely,

**Suresh A. Keswani**

Member of Parliament, Rajya Sabha.

اندور ۵-۱۱-۲۰۰۰

پريه ڪيرت،

تنهنجو ۲۷-۱۰ وارو خط پهتو، سنڌ سڄاڳ ۽ سنڌ رائيزز جا پرچا به پهتا.

ٿورا تنهنجا.

مان تو کان هڪ سوال پڇان؟ توکي لڳي ٿو ته ڪراچي ۽ سنڌ وري سنڌي ڪلچر جو باغ بڻجي سگهندا؟ پاڪستان ۾ ڪافي عرصو سنڌي وزير اعظم به رهيا پر تڏهن به سنڌي تهذيب لاءِ ڪجهه به ٿي نه سگهيو. هتي هندستان ۾ به اسين اسٽيج تي وڏيون ڳالهيون ڪندا آهيون، پر اَندر ۾ هڪ پيڙا آهي ته اسان جو وڃايو آهي، اهو وري پائي نه سگهنداسين.

اسان لاءِ صرف هڪ تسلي آهي ته پوري وشو ۾ جو بدلاءُ اچي رهيو آهي، ان ۾ ڪلچر جي معنيٰ ئي بدلجي ويندي ۽ دنيا جا گهڻا ڪلچر، جي ڌرم ۽ انسانيت جي پيڙهه تي بيٺل آهن، انسان جي قدرت سان جنگ ۾ بدلجي ويندا. توکي لنڊن ۾ سنڌ جي حالتن جو ڪجهه جائزو مليو هوندو.

لڳي ٿو پٽ جي بيماري ۽ موت، سوپي جهڙي لوهه پرش کي به ڪمزور ڪري ڇڏيو. اسان سنڌالاجيءَ ۾ سوچيو هو ته سوپي جي اچڻ سان سندس پوري زندگيءَ جي ڪهاڻي سندس ئي لفظن ۾ ٽيپ ڪنداسين. پر ويجهڙائيءَ ۾ جڏهن مون هن سان فون تي ڳالهايو ته سندس پهرين سٽ هئي: ”ڪنئي مونکي جُهڪو ڪري ڇڏيو.“ اسان، هتي جي ڇئن دوستن پنجويهه پنجويهه هزار ڪيي هنکي لک روپيا موڪليا. لاڙڪاڻي فون ڏکيو لڳندو آهي، اِنڪري ڳالهائڻ گهٽ ٿيندو آهي.

گهڻا پيار.

ڪرشن کٽواڻي.

واشنگٽن، ---

دادا سائين ڪيرت باباڻي،
جيئي سنڌ، خوش هجو شال!

هي ڪجهه هتي پوئين هفتن ۾ ڇپيو آهي، اُهو توهان ڏي موڪلي رهيو آهيان.

ٿوري دير اڳ توهان سان جڏهن ڳالهه ٻولهه ٿي ته توهان جي ٻن اکرن ئي منهنجي من کي همٿ ۽ جذبي ۾ واڌارو ڪري ڇڏيو.

منهنجي دل چئي ٿي ته توهان جي تجربن ۽ علم کي پنهنجي زندگيءَ لاءِ هڪ ڏيئو بڻائي اڳيان وڌان. اڄ ٻه اسان جي آفيس ۾ توهان جي لڳل تصوير، جنهن ۾ توهان سنڌ جو نقشو کنيو بيٺا آهيو، لڳل آهي. هڪ ڏينهن سنڌ جي آزاديءَ جو جهنڊو، ڀٽ شاهه، حيدرآباد، ڪراچي بلڪ سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ، واهڻ واهڻ ۽ وستر وستر جهر جهنگ جهوليندو. اهڙو ڏينهن ٻه ايندو.

**مُنوَر لغاري**
**دي ورلڊ سنڌي اِنسٽيٽيوٽ.**

---

**اَجمير، ٢-١-٢٠٠١**

پريه ڪيرت،
سدا شال خوش هجين!

نئين صدي، نئين سال جون لک لک واڌايون، شڀ ڪامنائون. ڪٽنب پريوار سميت سدائين خوش، خوشحال ۽ نوبنو هجين!

اَدا، تنهنجو سدا بهار مرڪندڙ چهري سان Meet the author جو فولڊر ڪالهه پهتو. نه موڪلين ها ته پتو به ڪونه پوي ها. ١١ نومبر تي ساهتيه اڪاڊميءَ طرفان تنهنجو سنمان ٿيو آهي ۽ ڪنهن به اخبار، سنڌي ٽائيمس يا جهوليلعل ۾ اِها فخر لائق نيوز نه آئي آهي. اَگر آئي به هوندي ته اُهو اَنڪ مون وٽ نه پهتل آهي. بيحد، بيحد خوشي ٿي.

توکي، ساهتيه اڪاڊميءَ جي اوارڊ جو به مونکي شدت سان اِنتظار پئي رهيو آهي ۽ رهندو ايندو. ائين به تون اِنعام کان گهڻو گهڻو مٿي آهين. ڪيترا اِنعام ڪٽندڙ تنهنجي اڳيان جامڙا آهن.

سنڌي ٻولي، جاتي، ادب ۽ سنسڪرتيءَ لاءِ تنهنجون ٻي جوڙ شيوائون آهن. ڪيرت، پنهنجي نالي سان جاتيءَ ۾ سُڄاتو تو وڃي ۽ سُڄاتو ويندو.

دوستن لاءِ قرب.

**قربن مان،**

**هري همٿاڻي.**

---

**احمدآباد، ۱۲-۲-۲۰۰۱**

پيارا ڪيرت،

هينئر تنهنجو قرب ڀريو خط مليو. ڇا چوان؟ ڪالهه ئي سنڌي نيوز ۾ AIR تان مالهيءَ جي دڪدائي ديهانت جي خبر ٻڌم. هڪ وڏو عرصو ٿيو جو هو، نه فقط سنڌي جيون، ساهتيه سان وابسته رهيو، پر پنجواڻيءَ کان پوءِ سنڌي سنگيت يعني آوازي ڪلچر سان به مڪمل طور جڙيل رهيو. رات ڏينهن، ڏس ته سدائين تيار. سنڌي سنگيت جي امر ڳائڪا ڀڳونتي ناواڻي کي پبلڪ ۾ ان مقام تي آڻڻ لاءِ به سندس وڏو هٿ هو. تو سان ۽ هن سان هميشه ملڻ ٿيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن ڪانديوَليءَ ۾ سندس گهر وڃڻ ٿيندو هو.

مالهي ۽ مان بمبئيءَ کان آديپور ويا هئاسين گڏ. ڪلاڻي لکميءَ وٽ رهيل هئاسين. توکي خيال تي هوندو ته شاهه سائين اتي، پير گهمايا هئا، سندس ڪي مريد هئا، رسالي جا ڪيترا قلمي نسخا هئا. تمر فقير سندس مريد هو جنهن وٽ پراڻو نسخو هو، پوءِ ته لڌي ويا. هاڻي هن زلزلي ۾ ڪي نسخا تباهه ٿي ويا هوندا، ڪنهن کي ڪهڙي خبر ته اهي نسخا وڏي وٽ هئا، مقدس ڪتاب هئا، پر اسين پنهنجي ئي چڪر ۾ رهياسين، ڪا ڪوڇ نه ڪئي. هاڻي اهڙو حال آهي جو بس، صحت ساٿ ڪونه ڏيندي ته عمر به نه. ڪاش ممڪن هجي ها ته جي زمين دوز جايون آهن، اتي وڃي کوج ڪجي ها. افسوس اهو به آهي ته ڪنهن به سنڌي هندوءَ وٽ قلمي نسخو نه لڌو آهي، ڪئي ودوان شاهه جا ڄاڻو هئا، پر وٽن ڪوبه قلمي نسخو ڪونه لڌو.

منهنجيون دعائون، شال ڪيرت رهي. سنڌي سوسائٽيءَ کي تنهنجي سخت ضرورت آهي.

**ڊي.ڪي. منشاراماڻي.**

---

**ڀوپال، ١٦-٢-٢٠٠١**

آدرڻيہ دادا،

دادا گوبند مالهيءَ جي پرلوڪ پڌارڻ جو ٻڌي دل روئي ڏنو.

توهان ۽ مالهي صاحب ٻہ جسم پر هڪ آتما هئا. ٿمورتيءَ مان اُتم ٿُنو تہ توهان پاڻ ٻہ اَڇا اُجرا هنس بڻجي پيا.

اَڄ اُنهن ٻن هنسن مان هڪ اَگم واريءَ دنيا ۾ پهچي ويو. هن جي ساهتڪ ذخيري جو هڪ هڪ پنو سنڀالي رکجو. هن جي پرسنل لائبرريءَ جي بہ اون رکجو.

ڪٿي نہ ڪٿي، ايشور اڳيان اسين بيوس ٿا بڻجي پئون.

**نيازن مان،**

**جهمون چڳاڻي.**

---

**قمبر، لاڙڪاڻو (سنڌ)، ٢٦-٢-٢٠٠١**

’جيئي لطيف جي ڌرتي‘

ڊيئر سر دادا ڪيرت ٻاٻاڻي صاحب،

جيئي سنڌ!

ڊيئر سر، سمجهہ ۾ نٿو اچي ڪٿان لکڻ جي شروعات ڪريان ۽ ڇا لکان؟ پر پوءِ بہ ايترو ضرور لکندم تہ مون کي ڀهريان توهان بابت ڪابہ معلومات وغيره نہ هوندي هئي، پر هڪ ڏينهن لندن ۾ ورلڊ سنڌي ڪانگريس طرفان ڪو فنڪشن ٿيو هو ۽ انڊيا کان توهانجي يعني سنڌيت جي وڏي پرچاري دادا ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي شرڪت ٿي هئي ۽ مون اهو سڀ ڪجهہ ”ڪاوش“ اخبار وسيلي پڙهيو هو.

بس سر، پوءِ دل ۾ اهو ئي جذبو هيو تہ ڪاش ان عظيم شخص جي مون وٽ ايڊريس هجي تہ مان ان ڏانهن ڪجهہ لکان ۽ ائين ئي ان جدوجهد ۾ مون کي هڪ ڪتاب-گهر وٽ توهان جي لکيل آتم ڪٿا

”ڪجهہ ٻڌايم - ڪجهہ لکايم“ نظر اچي وئي ۽ جيئن ئي مون ڪتاب کوليو تہ توهان جي ايڊريس لکيل هئي ۽ وري جڏهن عبدالواحد آرسير صاحب جي تحرير ڪجهہ پيش لفظ توهان بابت پڙهيا تہ يقين ڪريو سر، دل کي بي انتها خوشي پهتي، جا مان لفظن ۾ بيان ڪري نٿو سگهان. ٻيئر سر، ڪتاب پڙهڻ سان ئي مون کي توهان سان بي انتها عشق ٿي پيو آهي ۽ مان توهان جو وڏو چاهيندڙ ٿي پيو آهيان سر. جيڪڏهن حياتي رهي تہ مان توهان سان ضرور ملندس ۽ اها منهنجي دل جي تمنا ضرور پوري ٿيندي.

سر، منهنجي لکڻ جو مطلب اهو آهي تہ مان انٽر جو شاگرد آهيان ۽ هڪ پرائيويٽ اسڪول ۾ پڙهي رهيو آهيان ۽ مون کي پنهنجي سنڌ ڌرتيءَ ۽ سنڌين سان بي پناہ محبت آهي ۽ مان انڊيا ۾ رهندڙ سنڌين بابت توهان کان ڪجهہ معلومات حاصل ڪرڻ چاهيان ٿو.

مون کي هڪ ٽيچر ٻڌايو آهي تہ انڊيا جي ڪجهہ علائقن جي آفيشل لئنگويج سنڌي آهي، اهو ڪيتري حد تائين صحيح آهي؟ ۽ سر، اِنڊيا ۾ هن وقت سنڌين جي آبادي ڪيتري آهي ۽ ڪهڙن علائقن ۾ انهن جي اڪثريت آهي؟ ڇا سنڌ مان سنڌي اخبارون ۽ رسالا توهان ڏانهن ايندا آهن؟ ڇا اِنڊيا ۾ اهڙو ڪو انسٽيٽيوٽ آهي جنهن ۾ سنڌين کي سنڌيءَ ۾ پڙهايو وڃي ٿو؟ ۽ ٻيئر سر، ڪجهہ مهينا اڳہ انڊين چينل ‘ATN’ تي پهرين انڊين سنڌي فلم ’دل ڏجي دل وارن کي‘ جا ٽيلر ڏيکاريا ويا هئا، ڇا اها رليز ٿي چُڪي آهي؟

ٻيئر سر، مون کي خبر آهي تہ توهان وٽ ڪو ايڪسٽرا ٽائيم نہ هوندو جو توهان مون کي خط جو جواب ڏيو، پر پوءِ بہ اُميد آهي تہ اوهان خط جو جواب ضرور ڏيندا، ڇو تہ مونکي يقين آهي تہ جيڪو سنڌين سان ايڏي محبت ڪري ٿو، اهو ڪڏهن بہ هڪ سنڌيءَ کي خالي موٽائي نٿو سگهي.

جيئي سنڌ!

فقط اوهانجو چاهيندڙ،
منظور گل سومرو.

لاڙڪاڻو (سنڌ)، ١٨-٥-٢٠٠١

پيارا اَدا دادا ڪيرت ٻاٻاڻي،

جيئي سنڌ!

اوهان جو لکيل خط ٣١ مارچ تي مليو، پڙهي دل کي ڏاڍو سُڪُون مليو. يقين ڪريو، پيارا اَدا، ايتري تہ خوشي ملي جو مان لفظن ۾ بيان ڪري نٿو سگهان. مون کي سؤ فيصد يقين هيو تہ اَوهان مون کي ضرور خط جو جواب ڏيندا ڇو تہ اوهان جي محبت ۽ قرب سنڌ ۽ سنڌين لاءِ تمام وڏو آهي. مون اوهان کي 'ڊيئر سر' سان مخاطب ٿي ان لاءِ لکيو هيو تہ اوهان مون لاءِ وڏا هيوَ ۽ مون کي توهان لاءِ تمام وڏي عزت ۽ احترام هيو.

پيارا اَدا، جيڪڏهن اوهين 'ڊسٽرب' نہ ٿيو تہ ڇا مان اوهان کي هر مهيني خط لکي سگهان ٿو. جي اوهان ڊسٽرب ٿيو تہ مان لکڻ بند ڪري ڇڏيان. ضرور ٻڌائيندا. اوهان کي ضرور خبر هوندي تہ هن وقت اسان جي پياري ڌرتي ماتا سنڌ سان ڪهڙي ويڌن ٿي رهي آهي. جنهن سنڌوءَ جي ڇولين، ٻُوٽن جا ٻُوٽ ٻوڙي ڇڏيا، اڄ اها سنڌو تباهہ ۽ ويران پئي نظر اچي. اتي پاڻيءَ بجاءِ، واري پئي اُڏامي. اهو منظر ڏسي دل رت جا ڳوڙها روئندي آهي.

بس، هر وقت منهنجي اها ئي تمنا ۽ آرزو آهي تہ منهنجي هيءَ ڌرتي هميشهہ سرسبز ۽ شاداب هجي.

پيارا اَدا، وري ڪجهہ سوال پُڇڻ جي زحمت ڪريان ٿو، يقين آهي تہ اوهين جواب ضرور ڏيندا.

(١) ڇا اوهان وٽان ڪا سنڌي اخبار روزانو شايع ٿيندي آهي يا ڪو ماهوار رسالو نڪرندو آهي؟

(٢) ڇا سنڌ مان سنڌي آڊيو يا ويڊيو ڪئسيٽون انڊيا اينديون آهن؟

(٣) هندستان ۾ سنڌي آبادي ڪهڙي علائقي يا شهر ۾ وڌيڪ آهي؟

(٤) اوهان پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ گهڻا ڀيرا سنڌ آيا آهيو؟

(٥) ڇا هندستان جا سنڌي پاڻ ۾ متحد آهن؟

اوهان جي خط جو انتظار رهندو.

سدائين گڏ،

منظور گل سومرو.

ممبئي، ١٧-٦-٢٠٠١

پيارا ڪيرت،
واڌايون!

سهيوگ ٽائيمس ۾ توهان جو گوبند مالهيءَ جي جيوني ۽ سنڌي ساهتيه کي برقرار رکڻ لاءِ سندس ڪيل خدمتن جي باري ۾ ليک ڏاڍو چاهه سان پڙهيم. منهنجي راءِ ۾ توهان بلڪل خوبصورت ۽ حقيقي ورنن ڪيو آهي. ان لاءِ توهان کي واڌايون. پر سڀ کان وڏي ڳالهه ته اها آهي ته توهانجي انگريزيءَ ۾ لکڻي به ايتري ئي اثردار آهي جيتري سنڌيءَ ۾.

اڄ هندواسي اخبار ۾ وري توهانجي امريڪا ۾ ٿيل سنڌي حقن جي باري ۾ راشٽريه سنڌي ڪانفرنس جي باري ۾ رپورٽ به پڙهيم ۽ ائين محسوس ڪيم ته مان پاڻ خود اُن ڪانفرنس ۾ موجود هوس. جنهن ڀاونا ۽ انداز سان توهان اها رپورٽ قلمبند ڪئي آهي، ان جي ساراهه ڪرڻ لاءِ لفظن جي ڳولها ڪرڻي پوندي. شل جڳ جڳ جيئندي.

١٩٩٧ ۾ سنڌ جو سفر ڪندي مون به اهي ئي حالتون ڏٺيون هيون ۽ گهڻو ڪري سنڌين جي دل ۾ مايوسيءَ جي لهر ڇانيل هئي. پر مِني به مان ۽ مُني به مان وارو حساب هو.

سدائين باغ بهار.

**پيارن مان،**
**پڳوان بيوس.**

---

چامشورو (سنڌ)، ١١-٧-٢٠٠١

دادا (ڪيرت)،
نيازمنديءَ سان نِوڙي نمستي ...!

''اَکر اڳيان اُڀري، واڳو ٿي وريام'' واري ڪيفيت آهي. ڇا لکان ۽ ڇا نه لکان واري صليب تي لٽڪي پيو آهيان ... سوچيو هيم، اڻ ڏٺل ۽ مبهم مستقبل ۾ مان موهن ڪلپنا، لڇمڻ ڪومل، دادا ڪيرت ٻاٻاڻيءَ، وينا شرنگي ۽ دادا هري موٽوانيءَ سان گڏجي صدين جو سفر پوئتي ورائيندس ... گوتم جي جلاوطنيءَ جو چشمديد گواهه

---

ڦيندس ... سرمد جي شهادت تي ماتمي جلوس ۾ شامل ٿيندس ... دهليءَ جي مقتل جي خاڪ مٿي ۾ وجهي نوحا لکندس ... دارا شڪوه کان منصور الحلاج جي فلسفي جي تفسير ٻڌندس، ان بن ۾ ڀٽڪندس ۽ تاريخ جا پيرا کڻندس، جنهن بن ۾ رام چوڏنهن سال گذاريا هئا.

بهر حال، دادا، اُميد ته سُرها هوندؤ.

اَڄ توهانجي آتم ڪٿا 'ڪجهه ٻڌايم - ڪجهه لڪايم' پڙهي پوري ڪيم. واقعي! دادا توهانجو مَنُ، موهن جي دڙي جي کنڊهرن، نوابشاه جي ڳلين ۽ سنڌوءَ جي ڇولين ۾ رهجي ويو آهي ... سلام آهي! توهان کي دادا، توهانجي آتما ڪيترو نه اوسيئڙو پوڳيو آهي ... هن ڌرتيءَ ماتا کي ڏسڻ لاءِ .... مان ڄاڻان ٿو، اوهانجي اندر ۾ ڪيترا اوجاڳا، دک جا گيت ۽ پيڙا جا پرلاءَ هوندا ... اهي دک فقط توهان ڌرتيءَ جا چپ چمڻ لاءِ سهي رهيا آهيو.

دادا گوبند (مالهي) جي ديهانت جو رنج رسيو آهي ...

خبر نه آٿم ته توهان هن خط جو جواب به ڏيندا يا نه، پر مونکي خط جو اوسيئڙو رهندو. وينا شرنگي، لڇمڻ ڪومل، دادا هري، ايم. ڪمل، گوبند پنجابي ۽ ٻين کي پرنام!

پيرن تي هٿ.

ساجد سومرو.

---

لنڊن، ١٧-٧-٢٠٠١

جيئي سنڌ!

پيارا دادا ڪيرت،

لک شڪرانه توهان جي جواب جا. نهايت تڪڙ ۾ جواب ڏنو اَٿوَ - ايترين مشغولين هوندي به - مزو اچي ويو. خط لکڻ ۽ جواب پائڻ ۾ آنند ايندو اَٿم. پر اڄ ڪالهه جي E.M. جي زماني ۾ ڪنهن کي فرصت آهي هٿن کي تڪليف ڏيڻ جي؟

هرڪو E.M. يا Mob. نمبر گهري، گهر ۾ اهڙي سهوليت هوندي به مان انهن مشينن تي ڪين ڀاڙيان. قلم هٿ ۾ کڻي من جي اُڇل سان جا ويچارن جي ڏي وٺ ڪري سگهجي ٿي سا شايد مشين جهڙي

جڙ پدارت مان تسلي نہ ملي. خير.

سويتا جي ذڪر سان سندس ماڪيءَ جهڙي مني مُسڪراهٽ جو تصور ٿي ويو. لڳي ٿو توهين شايد اهڙي مني مسڪراهٽ تي ئي پهرئين موهجي ويا هوندا. ليڪ مترن جي زالن مان مونکي هميشه سويتا مان ئي وڌ سواد آيو آهي. سلجهيل دماغ جي حقيقت سان واسطو رکندڙ، نيڪ شخصيت جي مالڪ آهي، شال سديو توهان جي جوڙي سلامت رهي.

مالهيءَ جي سرڳواس ٿيڻ جو پڙهي دل ٻڏڻ لڳي. ائين تہ نندڍيءَ عمر ۾ پڳونتيءَ جي غائب ٿيڻ جو درد اڃان تازو آهي. خاص ڪري هيترا ڏينهن لنڊن ۾ اسانجي گهر ۾ تازو رهي، ڪافي ويجهو آئي هئي، ورهين جي وڇوڙي بعد. اوچتو ايترو نزديڪ اچي، اجل جو اوچتو شڪار ٿي وڃي، تنهن ڏينهن کان وٺي اڄ تائين پڳونتيءَ جو هڪ بہ راڳ پڙهڻ جي همت ڪانہ ٿي آهي. دل ۾ گويا چريون ٿيون لڳن.

توهان کي لکڻ لاءِ تہ ڪافي ڏينهن کان تڙپ هئي. پر پڪ ڪانہ هئم تہ جواب جو اوسيئڙو ڪيترا ڏينهن ڪرڻو پوندو؟

خير، منهنجي خط توهان کي اُداس ڪيو. معافي طلبگار آهيان. گڏوگڏ دل کي هڪ تسڪين ۽ خوشي بہ ملي تہ ڪير پنهنجو آهي ... جو هن پيڙا جو اثر محسوس ڪري ٿو.

زندگي انيڪ خوشين، خواهشن، خوابن مان شروع ڪجي ٿي، پر ڪڏهن هڪ شخص بہ انهن سپني سپنن کي عذابن جي گهيري ۾ ... خير، ڪمزوري پنهنجي آهي، ناداني پنهنجي آهي.

چاهيندي بہ، ڪوشش ڪندي بہ، اندر ئي اندر، اُتساهہ ۽ خوشيءَ جو ٻوٽو سڙي ختم ٿي ويو آهي. من هڪ شمشان جهڙي شيِءِ ۽ خاموشيءَ سان پرجي ويو آهي. صرف هڪ ئي آٿت آهي، ڪافي گذري ويئي، باقي نهايت ٿوري ....

سويتا کي جام جام پيار. توهانجو عيال مزي ۾ هوندو. ٻار ٻچڙا سڀ وڏا ٿيا هوندا.

اسان وٽ سونو نندي ڏيءَ پنهنجن ٻن ٻچڙن اشون ۽ روميءَ سان گڏ وئڪيشن گذارڻ آميريڪا مان آيل آهي. نائي بہ ٻن ٽن راتين

۾ اڇٽو آهي. ڪافي مشغولي آهي. خوشيءَ جو ماحول چوگرد آهي. پر پوءِ بہ من خبر ناهي ڇو بيابان جيان سڃو ئي سڃو، پياسو ئي پياسو. خوشي ۽ آنند اندرئين تهہ تائين پهچي ئي نٿا سگهن. ڏپ جو سايو گهيري ويٺو آهي، گرهڻ جيان، گرهڻ بہ ٿوري وقت لاءِ هوندو آهي، پر هيءُ گرهڻ تہ ....

منهنجي نظم جي باري ۾ لکيوَ - سو توهانجي هٿن ۾ آهي. سنواري جيئن ڇپائڻ چاهيو، ڇپائي سگهو ٿا، انڪري ئي تہ قابل هٿن ۾ ڏني اٿم.

سويتا لاءِ قرب. سندري ۽ پوپٽي نيڪ هونديون.

**پيارن مان،**

**گيتا (راڄ).**

---

**وارڌا، ٦-٩-٢٠٠١**

پيارا ڀاءُ ڪيرت لعل ٻاٻاڻي صاحب،

ٻارڙن ۽ ڌرمپتنيءَ سان گڏ خوش هجو شال!

توهان صاحبن جي جوڙي سلامت رهي، خوش آباد رهي. توهان صاحبن جو ڪارڊ مليو. پڙهي اکين تي رکي، فائيل ۾ رکيم. توهان صاحب ڀهريان سنڌي آهيو، جنهن کون پاڪستان سرڪار ڏجي وئي. ڀارت ۾ اچي ناگراڻي صاحب توهان تي سنڌي ساهتيہ ٻولي جي جوابداري وڌي منهنجي روبرو، ڏاڍو مزو آيو هيو. ان وقت هال ڪڇاڪڇ ڀريل هيو، تاڙين جا واڄٽ پيا وڄن. توهان شالن ۽ گلن جي هارن سان ڍڪجي ويا هيوَ. اها جوابداري اڄ تائين نباهي رهيا آهيو. ديس وديسن ۾ نالو توهان جو ٻُلند آهي. لنڊن هجي واشنگٽن، توهان کي گهرائي سنمان ڪن ٿا، مدد وٺن ٿا. اها دنيا ڀر جي سنڌي ڀائرن لاءِ خوشيءَ جي ۽ فخر جي ڳالهہ آهي. پيارا ادل، انسان جي ڪاميابي آهي آخري دم تائين پنهنجي لياقت کي قائم رکڻ. ڪيئي وڏا وڏا عامل بہ جڳجيون مرارجيءَ جهڙا غائب ٿي ويا. پر توهان جو نالو جڳہ ۾ روشن آهي. مان ٨۴ سالن جو آهيان. هي خط بنان چشمي لکان ٿو. ١٩٣٧ ۾ ڀهريون دفعو ڪراچي گهمڻ ويو هيس. بندر روڊ تي لائيٽ ۽ پڪچر هائوس ٿئيٽر هيا. کيلن ڏسڻ جو شونق هيو. نورجهان جا کيل

وڏيڪ پسند ايندا هئا. گاڏي ڪاتي ۾ گول چڪري پرسان سائيڪل ڇاپ صابڻ جي فئڪٽريءَ تي رهيل هيس. صبوح جو روز ”هندو“ (هاڻي ”هندوستان“ اخبار) ۾ کهڙو کيل کهڙي ٽيٽر ۾ آهي ڏسڻ ويندو هيس. ”سنسار سماچار“ ۽ ”الوحيد“ سنڌي اخبارون به پڙهندو هيس. ڀارت ۾ اڄڪلهه سان هندستان سنڌي اخبار گهرائي جا اچ تائين چالو آهي. ڪرپا ڪري لئبرريءَ لاءِ ڪتاب، کهڙي به ڀاشا ۾ هجن، موڪليو ته هت ۵ لک سنڌي ڀائر ودرڀ جا پڙهي توهان کي دعائون ڪندا ۽ دنيا ڀر ۾ توهان صاحبن جي لياقت آهي، سيني کي ديس ودیشين کي سفارش ڪيو ته اخبارون ڪتاب، مخزن ضرور موڪلن.

ناگپور ۾ توهان پير گهمايا، هاڻي هتي به اچي پير گهمايو ته همت اچي.

لنڊن مان سڄڻ، خط ۾ توهانجي ساراهه ڪندو آهي.

توهانجو،

آسرداس بوڏاڻي.

---

لنڊن، ۱-۱۰-۲۰۰۱

ڏاڍي پيار ۽ پاپوهه لائق،

دادا ڪيرت سائين!

نمستي، حق موجود ۽ جيئي سنڌ!

اوهان جا لک قرب جو اڻ مئي محبت ۽ قرب ۽ سهڪار ڏنئُه! توهان جا قرب ته هونئن ئي اڻ ڳڻيا آهن.

”تورا نه تورا مون تي مارونڙن جا.“

هن خط ۾ ڪجهه ڳالهيون عرض ڪرڻ ٿو چاهيان:

(۱) ڊاڪٽر مير عالم مري اوهان ڏانهن خط لکيو. سُنو ڇوڪرو آ، سنڌ سان سچو آ، سنڌ جي آزاديءَ ۾ ايمان اٿس. ان جي مون کي ائڊريس موڪليو. آءٌ به ساڻس رابطو ڪريان.

(۲) صفدر سرڪي بابت هي عرض آ ته سُنو ماڻهو آ، دلير آ، پر زندگيءَ ۾ تربيت ۽ ترتيب ڪونه اٿس. ان ڪري ڪنهن به ڪم ڪرڻ ۾ ڪامياب نٿو ٿئي! جيستائين ڪنهن تنظيم کي پئسن ڏيڻ /

وٽي ڏيڻ جو تعلق آهي، تہ منهنجو نماڻو عرض آ تہ هن وقت سنڌ جي آزاديءَ ۾ ويڙهہ لاءِ تيار صرف بشير قريشي ۽ عبدل واحد آريسر وارن جي پارٽي ”جيئي سنڌ“ قومي تحريڪ ئي واحد پارٽي آ، جيڪا سڌيءَ طرح سنڌ جي آزاديءَ لاءِ ويڙهاند ڪري پئي! رياستي ادارن ان جي نہ صرف اقتصادي ناڪابندي ڪئي آ پر انهن ۾ ڪرمنل ڪلچر بہ پيدا ڪيو آڻئون، جنهن تنظيم جو هر لهجو، پاڪستان مان نجات جو ڪارڻ بڻجي، ان جي ئي مدد ڪرڻ کپي. سو آءٌ بہ اوهان کي عرض ڪندس تہ سنگت جي مدد ضرور ٿيڻ کپي. جيڪي اصل ۾ حقدار آهن، انهن سان سهڪار ڪيو وڃي!

(٣) هندستان ۾ هڪ عدد يونٽ آفيس هجڻ ڏاڍي ضروري آ. هيو تہ هاڻ وقت پرجي، آيو آ تہ Sindh Policy پڌري ڪئي وڃي. پاڪستان پنهنجي اُٽيل جار ۾ ڦاٿو آ. هاڻ ٽُٽڻ تي آ، ڪو بہ ٽاڪو ڪونہ لڳندس. بس، اسان ۾ تحريڪ ۽ تحرڪ هئڻ لازمي آ. انديا اندر بہ ان طرح جي Motivation هئڻ گهرجي تہ سنڌي پاڪستان اندر غلام آهن، انهن جي هر طرح مدد ٿيڻ کپي.

اوهان جو ’سنڌ رائيزز‘ ايستائين ملڻ لاءِ عرض ڪندس، جيستائين آءٌ لنڊن ۾ آهيان. جڏهن لنڊن ڇڏيندس تہ اوهان کي اطلاع ڪندس. اوهان سنڌ ۾ يارن دوستن کي خط نہ لکندا. ان جي ڪري جو انڊيا جي اِسٽئم تحت هر خط ۽ پارسل ٿي ايجنسيون چيڪ ڪن ٿيون - آءِ.ايس.آءِ، آءِ.بي. ۽ ڊي.آءِ.بي. اَوهان جا موڪليل سنڌ رائيزز، اڪثر سنڌ ۾ دوستن کي ملندا ناهن ۽ تاج جويو جهڙا ساٿي ايجنسين جي مسلسل عتاب هيٺ آهن. اِهو ئي ڪارڻ هو جو هن پيري دعوت هوندي بہ انڊيا نہ اچي سگهيو. مون کي بہ سنڌ کان اجازت نہ ملي ها. لنڊن مان گوهي هٽي پڇي آيو آهيان. سنڌ کان ٻاهر آهيان تہ هر پاسي وڃي سگهجي ٿو. پر سنڌ ۾ شديد ناڪابندي ۽ زبان بندي آهي. بس پوڳيون پيا. اوهان، اسان جا بزرگ آهيو، دعا ڪريو تہ ڪا نجات ملي.

ساٿ سلامت، سنڌ سلامت.

اوهان جو پنهنجو،
(نالو مٽيل) عمر سومار.

ڪيرت ٻاٻاڻي
بمبئي، ۱۱-۱۰-۲۰۰۱

پيارا ڀاءُ کياڻي،

پريوار سوڌا آنند ۾ هوندا!

اوهانجو سنڌي سکڻ جو سولو ڪتاب (سڌاريل پنجون ڇاپو) مليو آهي. لک ٿورا.

هن ڇاپي ۾ اوهان ڪافي سڌارو آندو آهي. نہ صرف لکڻ جو سولو رستو ٻڌائي پڙهندڙن لاءِ ڪم آسان ڪيو آهي، بلڪ سلسليوار سبق ڏيئي، سيکارڻ جو طريقو بہ چڱو چٽو ۽ تفصيلي ٻڌايو آهي. مواد بہ ڏاڍو سهڻو ۽ ٻارن جي لاءِ لايدائڪ ڏنو اٿوَ.

اوهان جي لڳن ۽ جفاڪشيءَ لاءِ واڌايون هجنوَ. پنهنجي ڌُن ۾ لڳا وينا آهيو. لڪي پيا سنڌي ٻوليءَ جو بنياد مضبوط ڪريو. شاباس!

اسان لاءِ ڪا ڪارخذمت هجي تہ بنا هٻڪ جي لکندا.

ڀاڀي ۽ ٻارن لاءِ گهڻا پيار.

سنيه مان،

ڪيرت.

---

چامشورو (سنڌ)، ۸-۱۱-۲۰۰۱

دادا،

سيئي سمرتائون توهان لاءِ،

توهانجا پريت سان ڀُويل پتر پراپت ٿيا، مهرباني.

توهانجي خطن کي پڙهڻ کان اڳ۾ اکين سان ائين چُميو هوم ... جيئن گيتا ۽ قران کي چميو ويندو آهي...!

توهانجا خط منهنجي اڳيان مُرڪي رهيا آهن. خط ڪيڏا سُندر ۽ معصوم ٿيندا آهن ... بلڪل جڻ تہ فرشتا. توهان جي خط جي اوسيئڙي ۾ اوسيئڙي جي تتل ڌرتيءَ تي هلي پير زخمي ٿي پيا

هئا ... پر پوءِ بہ پنڌ ڪرڻ جڻ عبادت سمجهيم.

دادا، هونئن بہ مون کي ڪڏهن ڪڏهن ائين لڳندو آهي، تہ اسين رڳو ساهہ کڻڻ واري ڪا مشين بڻجي ويا آهيو ۽ اسين رڳو اُن مهل انسان هوندا آهيون، جڏهن اسين ڪنهن سان پيار ۾ هوندا آهيون، جنهن گهڙي موسيقي ٻڌندا آهيو، جنهن گهڙي ڪنهن سان خط پٽ ۾ گڏ هوندا آهيو.

دادا، توهان پنهنجي خطن ۾ جيڪا محبتن جي اٿاهہ گهڙين جي جيڪا پيتا ڏني آهي، اها منهنجي اکين تي.

دادا، دنيا ۾ اربين انسان آهن، ۽ اربين هٿ! هڪ هٿ جيڪو بيک پنڻ لاءِ وڌي ٿو، انتهائي ذليل هٿ آهي. هڪ هٿ جڏهن جسم فروشيءَ جو معاوضو وصول ڪرڻ لاءِ ڊگهو ٿئي ٿو تہ لعنت جي لائق آهي. هڪ هٿ پنهنجي ميت جي ريشمي وارن ۾ آڱريون ٿو گهمائي سو قابل پرستش آهي. اهو هٿ جيڪو قلم کڻي آزاديءَ جو ڪوئي شهپارو لکي ٿو، روشنيءَ جو منار آهي ۽ جڏهن ڪنهن هٿ ۾ آزاديءَ جو جهنڊو ٿو اچي تہ اهو ڪائنات جي هر شيءِ کان مقدس آهي. دادا توهان خوش قسمت آهيو، جو اوهانجي هٿ ۾ قلم ۽ جهنڊو ٻئي آهن.

دادا ڪيئن آهيو، اَڄ ڪالهہ ڇا پيو ٿئي-!؟ دادا، توهان سان ملڻ جي آس من ۾ تيسين رهندي، جيستائين جيءَ جي مٽيءَ ۾ درد جي شُڳنڌ رهندي. جيسين جسم جي پوڻ تي ساهہ اُڌارو رهندو.

دادا، سائين هدايت پريم، سائين انور فگار هڪڙو ۽ منهنجن دوستن گوتم ۽ علي اصغر طرفان سلام قبول ڪندا ۽ ٻين اديب دوستن کي سلام چوندا. توهانجي خط جو اوسيئڙو رهندو.

دادا هري ... دادا ايم. ڪمل ۽ ٻين کي پيار ۽ پاپوهہ مان سلام چوندا. ٿي سگهيوَ تہ ڪجهہ ٻين اَديب دوستن جو ايڊريسون اُماڻيو، تہ جيئن خطن جو معصوم رشتو اڳتي وڌي.

مهرباني.

سدائين گڏ، اوهانجو،
ساجد سومرو.

**Vadodara, 20-11-2001**

My dear brother,

I am very glad to receive your esteemed paper "Sindh Rises" and also Sindhi paper "Sindhi Sujag". I am grateful to you for sending the same to me regularly.

Your article about the fall of Nawaz Sharif proved prophetic. Thereafter events have been moving very fast. "Sindh Rises" also has risen to the occasion and your articles about Bin Ladin and "Talibans" read with latest article by Shri Asghar Enginer throw flood light on the Afghan politics.

Your speeches at London and also conferences, where you participated, also were of high order and informative.

I was extremely happy to learn about your participation in those conferences.

I am glad to learn from papers that inspite of your advanced age (80+) you are active, up and doing on all fronts of your choices. I hope nature will grant you increasing vitality to keep up your karma.

Sai Syed's "Last Testament" is simply superb.

Praying for your happy health and long life,

Yours,

**Lekhraj Tulsanney**

(Advocate)

---

**ڀوپال، ٨-١-٢٠٠٢**

آدرڻيہ دادا،

سدا باغ بهار!

توهان انڊور ۾ آيوجت ڀهرئين انٽرنئشنل سنڌي سميلن ۾ ڪونہ آيا. ڇا ڪجهہ شخصي مجبوريون هيون يا آيوجڪن دل جي گهرائين مان توهان کي نينڊ ڏيئي نہ گهرايو.

توهان ڦجو ها تہ شايد هيءُ سميلن ڀهڪي اُٿي ها.

سووينئر ۾ توهان جي شخصيت تي اِندور جي ڀيشم منڌان جو نِنڊڙو پر پُرآثر ليکہ دل کي ڇُهي ويو.

اِهو هن اَڳ ۾ ڪٿي لکيو آهي يا پهريون دفعو اِهو شايع ٿي رهيو آهي، خبر نہ آهي. پر هن دوست سان ڳنڍجندس ضرور، رڳو ائڊريس هٿ ڪريان.

سووينئر جي اُنهيءَ پيج جي زيراڪس موڪلي رهيو آهيان.

گهر ۾ سڀني کي ڀٽايوگيہ چوڻو.

نيازن مان،
جهمُون چڳاڻي.

Compiled by: **Bhisham Mandhan,**
(Vice President, Sindhu Parishad ,Indore)

# ڪيرت ٻاٻاڻي

فرد اڪيلو، شخص انوکو، ماڻهو متوالو، نالو جنهنجو ڪيرت رام، اهڃاڻ جنهنجو 'لينن ڪٽ' سونهاري!

ڪيرت ٻاٻاڻي شخص جا اِهي ٻاهريان اهڃاڻ آهن. وضاحت ڪندي ٻڌائي سگهجي ٿو تہ:

هن اڪيلي فرد پنهنجي حوصلي، ٻل ۽ ٻُڌيءَ بدولت سمورا لَڪ پار ڪيا - ڏکن جا، آهنجن جا، ٺڪ جا ۽ انت ۾ سکن جي سيج ماڻي! ...

ڪيرت کي سُگهڙ پتني آهي، سوينا. ٽي پُٽ ۽ ٽي نُهر آهن. پوٽن ۽ پوٽين سان ڦلوارڙيءَ مثل ڪٽنب آهي، جنهنجو هو پيارو مالهي - پپا آهي!

ڪيرت، جيڪو شخص آهي، اُن جي شخصيت انوکي آهي. ڊگهو ۽ قداور، جنهنجي هلڻ چلڻ جي چال جهڙو متوالو هاٿي. جهڙو

تهڙو سندس سامهون ٻيهي نہ سگهي. هٿ ۾ ٻانهوُن هوا ۾ هلائيندي تقرير ڪري تہ جهڙوڪ ترار پيو هلائي. ڪير پنهنجو ڪنڌ ڪپائي؟ اهڙو انداز هو نوجوان ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو، جيڪو انقلابي هوا ...

اِنقلابي ڪيرت سنڌ ۾ انگريز حڪومت سان لڙيو. جيل ويو. آزادي حاصل ڪيائين. ليڪن ڪيس سنڌ ۾ رهڻ نہ ڏنو ويو. ڪيس جلاوطن ڪري، هندستان اُماڻي ڇڏيائون. ڌنگاڌولي ڪري! ...

’جلاوطني‘ هڪ اهڙو اونهو زخم آهي، جيڪو ڪيرت جيان ٻين ڪيترن سنڌين کي پيڙا پهچائيندو رهي ٿو!

ڪيرت ٻاٻاڻيءَ کي داد آهي، جنهن لڳاتار ڪيترا سال ’سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا‘ جي لڏندڙ ۽ غوطا کائيندڙ ٻيڙيءَ جي سڪاني ڪئي ۽ آخر پار پهچايو.

---

**Baroda, 06-01-2002**

Our respected Kirat Babaniji,

Sadar Namaskar!

On your 80th birth anniversary, when we look back and count your various valuable services to the Sindhi Community, we feel extremely proud.

With your dynamic leadership, you have achieved a place of pride in history of the march of Sindhis.

We pray God to give you comfortable, long and healthy life and enable you still to achieve greater heights.

Please accept our respectful felicitations.

Regards,

Yours affectionately,

**Pratap Ramchandani.**

نئي دهلي، ٢٨-١-٢٠٠٢

پيارا پيارا ڪيرت، سدائين باغ بهار.

تنهنجو نينڊ پتر ۽ ڪتاب مليو. ان وقت مون توکي خط لکيا. تون منهنجن نيڻن ۾ وسندو رهندو آهين. سويتا لاءِ جيڪي ڪجهہ تو ڪيو آهي، سو شاندار آهي. اتساهہ ڏيندڙ آهي. مثال قائم ڪندڙ آهي. اِها توکي، تنهنجن ٻارن کي پيار جي ڏوريءَ ۾ ٻڌي رکندي. اَڳو اُجرو ڪندي رهندي. تو لاءِ اڻ ميا پيار.

رام.

---

اِندور، ١٥-٢-٢٠٠٢

پريہ ڪيرت،

اڄ تو وٽان 'سنڌ واچ' پهتي. ان سان گڏ 'سنڌ سڄاڳ' ۽ 'سنڌي رائيزز' بہ پهتا. لڳم هنن کي بہ نئون روپ ڏنو اٿيئي.

'سنڌ واچ' هينئر پڙهي پوري ڪيم. لڳم اهي ڳالهہ بہ سنڌ ۾ وينو هوس، اندر ۾ سنڌ جي لُڪ جهڙو جهيٽو درد ڪٽي. ويڇهڙائيءَ ۾ مان محسوس ڪرڻ لڳو هوس تہ راڄنيتي هڪ بُري شيءِ آهي، جنهن کان دوُر رهڻ کپي. هندستان جي هن زهريليءَ راڄنيتيءَ سنڌ کي برباد ڪري ڇڏيو. نہ اها صرف هندستاني راڄنيتي نہ هئي، هنن صدين ۾ وِشوَ راڄنيتي هلي رهي آهي.

ويچارو اِنسان، هنکي سک ڀري زندگي جيئڻ لاءِ اَڃان صديون ترسڻو پوندو.

سويتا نيڪ هوندي.

٢٥-٢-٢٠٠٢

خط ڪجهہ ڏينهن اَڳ لکيو هوم. ڪجهہ وڌيڪ لکڻ لاءِ رکيو هوم. ان بعد پنج ڇهہ ڏينهن اُجين ويس. ڏيءِ وٽ. ڪافي وقت اَڳ مونکي ڪنهن World Sindhi Institute U.S.A. جي ڪيڊيل Shah jo Raag, Vol-1 قربان فقير ۽ ساٿين جي ڳايل C.D. موڪلي هئي. ان بعد ڪوشش ڪرڻ سان بہ ٻئي Volumes نہ مليا آهن. تون ڪجهہ وقت اَڳ واشنگٽن ويو هئين. ٿي سگهي ٿو توکي خبر هجي، ڪٿي ملنديون. L.A. جي سميلن ۾ تہ مُسلمانن کي دور رکيائون. منهنجا هنن سان ڪافي بحث ٿيا.

آبيده پروين بہ سڄو (مڪمل) رسالو ڳايو آهي، پر اڃان سنڌ ۾ بہ ڪونہ ٿو ملي.

سنيهي

ڪرشن کٽواڻي.

---

لنڊن، ۲۵-۲-۲۰۰۲

نهايت پيار ۽ احترام لائق دادا سائين،

نمستي، حق موجود ۽ جيئي سنڌ!

پڪ سان خيريت سان آهيو! هن کان اڳ ۾ به خط اُماڻيو هوم ۽ اُن ۾ اوهان جا داديءَ جا فوٽو به اُماڻيا هئم. ان جي رسد جي اڃا ڄاڻ نه ڏني اَٿوَ. انڊور ۾ ٿيل سنڌي سميلن ۾ اوهان جي شرڪت نه ڪرڻ بابت اُڻ تڻ رهي ٿي. ڊاڪٽر گھنشيام جي رسالي ”سنڌين جو سنسار“ ۾ رپورٽ پڙهي هيم. ان ڪارڻ ئي خط لکي، اوهان کي تڪليف پيو ڏيان.

لنڊن جي سنڌي سينٽر ۾ ڪجھه عرصو اڳ ’سنڌيءَ جي سڃاڻپ لاءِ ميڊيا ضروري آ‘ انگريزيءَ ۾ خط ورهايو هيو، اُن جو سنڌي ترجمو اُماڻيان پيو، مناسب سمجھو ته ڇاپجو.

دادا، پيو خاص عرض ته ”ورلڊ سنڌي انسٽيٽيوٽ“، واشنگٽن، ڊي.سي. وارو مُنَوَر لغاري سنڌ کان ٻاهرين ’فرنٽ‘ تي سُٺو ڪم ڪري پيو، سنڌ ميگزين ’سنڌ واچ‘ پروپئگنڊا طور باقاعده استعمال ٿين پيا! مان چاهيان ٿو، اوهان پنهنجو وَسُ استعمال ڪري ان کي مالي سهائتا ڏياريو ته جيئن ميگزين کان اڳتي وڌي 'Digital Radio' ۽ هڪ عدد ٽي.وي. چينل کوليون ۽ اُن کي پرپور نموني پاڪستان جي پڇاڙي لاءِ استعمال ڪريون. اُن جا بيس لنڊن ۽ نيويارڪ رکنداسين. پيو ته گرائونڊ تي يعني سنڌ ۾ جي.ايم. سيد جي پوٽي زين شاه ۽ آريسر وارا سهڻو ڪم پيا ڪن. وسيلن جي اڻاٺ سندن لاءِ ڪافي مسئلو بڻيل آ. ان کي به مالي سهائتا جي شديد ضرورت آهي. سائين جي.ايم. سيد ڪانپوءِ اوهين ئي آهيو، جيڪي سنڌ کان ٻاهر هر سطح تي آزاديءَ جي ويڙهه وڙهو پيا! ماڻهن جي سوچ ’تنگ آيد - به - جنگ آيد‘ ڏانهن وڌي رهي آ. انقلاب جي هر اول دستي طور ته جيئي سنڌ وارا ئي اڳتي ايندا. ان مسئلي تي ضرور سوچجو. ڪنهن به تفصيل جي ضرورت محسوس ٿئي ته به اکر اُماڻيندا ته اکيون پير ڪري، تفصيلي خبر ڏياري موڪليندس. لنڊن ۾ مون لاءِ ڪو حڪم احڪام هجي ته حاضر آهيان.

ساڻ سلامت، سنڌ سلامت.

توهانجو،

(نالو مٽيل) عمر سومار.

لنڊن، ٢-١٢-٢٠٠٢

پريه دادا،
خوش خورم هوندا.
پنهنجي سموري عيال سوڌا.

توهان سان فون تي ڳالهائڻ ٿيو. توهان ته ڏاڍي ئي ڪوشش ڪئي پنهنجي درد کي لڪائڻ جي، بهادر ٻڻجڻ جي، اسين انگري اهو ڪريون ٿا ڇو ته اڄ ڪالهه ڪنهن کي Sobstories ٻڌڻ جو صبر ڪونهي. ماڻهو دکڙن جون ڳالهيون ٻڌي پڇي ٿا وڃن. پر زندگي هوندي به ايتري سولي ته ناهي. مٿان جن پيارن جي سهاري هر دک درد جو مقابلو ڪجي ٿو، جڏهن اهي ئي نه رهن ته سڀ ڪجهه بي معني لڳڻ ٿو لڳي.

گهڻن ڏينهن کان توهان ڏانهن لکڻ تي دل هئم. پر من پنهنجو ئي اجا ڏکڻو اٿم، جو پنهنجو Guide، داتا، متر، ڀاءُ، All in One وڃايو آهي. جنهن جي ڪمي ڪير پوري ته نه ڪري سگهندو، پر بچيل زندگي، گويا بار ٿي پيئي آهي. توهان کي شاباس آهي دادا، توهين پنهنجي ڪمن کي نئين سر لڳي ويا آهيو. منهنجي آزاد نظم جو اڌ حصو شايد اجا تائين توهان وٽ رهيل آهي.

اَروُن جو ڪلام قابلي ذڪر آهي. هن عمر ۾ هن زندگيءَ جي فلاسفيءَ کي سمجهي پنهنجي اندر کي به ان موافق ٻڌائي ڇڏيو آهي. شايد پتا جي ڏات مليل اٿس. اروُن کي ڏنيواد ڏجو مون طرفان.

توهين پنهنجي سنڀال ڪندا اچجو. سنڌي سماج لاءِ، سنڌي ٻوليءَ لاءِ، سنڌي هلچل لاءِ هڪ توهين ته بچيا آهيو. باقي ٻيا ته تماشبين آهن. پاڻ کي پرچائي سنڌي قوم جي واه واه پيا کٽن.

توهين ڪٿي رهندا آهيو؟ اڪيلا يا اَروُن وٽ. وقت ڪيئن گذاريندا آهيو؟ اهو سوال ئي اجايو آهي، ڇو تهتوهان وٽ جسماني طرح ڪم ته انيڪ آهن، پر دل خالي آهي. پر پڪ اَٿم توهين بهادر آهيو. ان تنهائيءَ تي به جيت پائي ويندا.

منهنجي لاءِ به پرارٿنا ڪندا ته من مضبوط ٿئيم.

شڀ ڪامنائن سان،
گيتا (راڄ).

**Karachi, 27-12-2002**

My Sweet Arun Babani,

I hope that you must be enjoying the coastal beauty of Mumbai all the time.

I am in receipt of the Invitation Card for celebrating the Birthday and paying sincere homage to mother SAVITA who left your family suddenly on 21st September, 2002. This has shocked our family and wish that Mother SAVITA must be living comfortably in Paradise.

I am sure that respected Keerat Babani must have received my Indian Travelogue :

The situation prevailing in both the countries show that our letters / magazines / Newspapers can hardly reach their destinations. That is why, I am not receiving "Sindh Rises" and "Sindh Sujag" on regular basis and yet each copy of these papers is a main source of inner satisfaction for me. I am personally grateful for these papers. Kirat Babani's reveiws add lot of new things to our knowledge.

Regards for respected Kirat and best wishes for you, Anup and Ravi.

Yours,

**Taajal Bewas.**

---

**سنڌونگر، ١٢-١-٢٠٠٣**

پريه اَروڻ، اُميد ته مزي ۾ هوندا.

”سنيهه جو ساگر“ پهتو. يادگيريءَ لاءِ مهرباني.

ٻاٻاڻي صاحب جيڪو ’ڪجھ ٻڌايم - ڪجھ لکايم‘ ۾ لکايو هو، ان مان ڪجھ ته مليو.

پڪ اٿم ته ناريل وانگر ٻاهران سخت ڪل ڪان جيڪي زخميل هوندا، اُنهن لاءِ ميسر ٺنڊا ٺار پاڻي ۽ ڳردار ملائيءَ مان، جي چاهين ته فيضياب ٿي سگهن ٿا.

وڌيڪ سنڌن مرضي. مون ته ڪتاب ماڻيو.

منهنجي پاران پتا شريءَ کان گهڻو پُڇندا.

ڪم ڪار بلاشڪ لکندا. وڌيڪ سک.

سنيهه،

نند ڇڳاڻي.

آجمير، ٢٢-١-٢٠٠٢

پريه ڪيرت، سدا شال خش هجين!

”سنيهه جو ساگر“ ڪتاب پهتو. سويتا ڀاڀي سچ پچ ته سنيهه جو ساگر هئي. پتي، پتنيءَ جو آتمڪ پيار، جڻ اوهان هڪ ٻئي لاءِ ئي جنم ورتو هو. خط سنيهه جي ڪشش ۽ سُرهاڻ سان پريا پيا آهن.

اولاد به ماءُ جي ممتا جي مريادا پوُروڪ موٽ سڪ، پريم ۽ شردا سان ڏني آهي. ماتا جي آسيس ۽ مالڪ جي مهر سان اڃا به پنهنجي خوشبوءِ ڦهلائيندا.

اَدل، تنهنجي دل جو درد ۽ وڇوڙي جي تڙف محسوس ڪري سگهجي ٿي. ڀڳوان به توکي توفيق بخشيندو ۽ ٻارن کي به سهن شڪتي.

جڳ ۾ ته پيارا، جيڪو آيو آهي، اڳي پوءِ اُن جي راهه اوڏانهن، الائي ڪهڙي شڪتي آهي اُها، جنهن جي گود ۾ آتما سمائجيو وڃي. سويتا ڀاڀي پنهنجي سداچار ۽ ڀڳتيءَ سان سنسار ساگر مان تري ويئي. ڪيس نمرتا پوُروڪ پرڻام!

قربن مان،

هري.

---

آديپور، ٢٢-١-٢٠٠٢

پيارا ڀاءُ ڪيرت،

’سنيهه جو ساگر‘ ۾ سچ پچ سنيهه جي ساگر کي ڇوليون ماريندو ڏسي رهيو آهيان. ٻارن جو پيار، ٻارن جي ٻارن جو پيار، سموري سُکي پريوار جو پيار، خاص ڪري پتيءَ جو پيار سيڪجهه اکين اڳيان جڻ ته فلمي پردي تي ڏسي رهيو آهيان. هي ڪتاب فئمليءَ جو سُهڻو آلبم به آهي. اهڙو سُکي ڪٽنب شل سڀني کي نصيب ۾ ملي.

ڪتاب ۾ خانگي خط، پتيءَ ۽ پتنيءَ جي وچ ۾ لکيا خط پڙهي مونکي پنهنجي جوانيءَ جا ڏينهن ياد اچي ويا.

پريوار جي وچ ۾ به تون هاڻي اڪيلائي محسوس ڪندو هوندين، پر شايد توکي پنهنجين مشغولين مان فرست ئي ڪانه هوندي، جو اڪيلائي محسوس ڪرين. شل سدائين مشغول ۽ تندرست رهين.

آدر ڀاءُ سان،

هري دلگير.

---

گانڌينگر، ٢٩-١-٢٠٠٣

پيارا ڀاءُ اَروڻ،

”سنيھہ جو ساگر“ جھڙو ناياب پستڪ مليو اَٿم. ڇا تہ سُندر ۽ موھيندڙ آھي. اندر جو سوڪيم ۽ باريڪ ويچارن جو سنگرھہ تہ ڀاءُ دل کي ڇھندڙ آھي. توھان جي اَمڙ کي گھر جي مڙيو ئي ڀاتين لاءِ ڪيڏو نہ پيار ۽ موھہ آھي. انھيءَ ڪري بہ ڪتاب جو عنوان لِکڪي ٿو اچي.

ھِن طرح جو نئين قسم جو يادگار پستڪ ڪنھن پٿر ۽ سيمينٽ جي يادگار کان بہ اوچو ٻٽي ٿو سگھجي.

ڀاءُ ڪيرت لاءِ عزت ۽ ادب.

**ڪمل ۽ اَنيتا.**

---

**ڀوپال، ٢٧-٢-٢٠٠٣**

سدا بھار ھجو شال،

جناب ڪيرت ٻاٻاڻي صاحب.

”سنيھہ جو ساگر“ پھتو. لک ٿورا. سڄو ڪتاب پڙھي ويس. اوھانجي درد جو شدت سان احساس ٿيو. وڇوڙو ھن جڳت جو ڪوڙو سچ آھي. اِھو وڇوڙو ھر ڪنھن جي وجوُد کي لوڏي ويندو آھي. مان سويتا (اوھانجي پتنيءَ) سان ڪڏھن بہ ڪونہ مليو ھوس. انڪري سندس گُڻن جي مونکي خبر ڪانہ ھئي. ھيءَ ڪتاب پڙھي ڄڻ ساڻس ڏيٺ ويٺ ٿي وئي. مونکي لڳو ھوءَ ديوي ھئي ... پيار جي موُرتي. جنھن پنھنجن پراون ۾ پيار ورھايو ۽ ائين پراون کي بہ پنھنجو بڻايو. پنھنجن جي دل ۾ تہ جاءِ جوڙي پر ڌارين جي دلين ۾ بہ امر رھندي، اھڙي پڪ اَٿم. اڄ جي سنسار ۾ اھڙا ماڻھون تمام ٿورا آھن، سو بہ بمبئيءَ جھڙي مھانگر ۾. اِھا ھڪ عجب ڀري ڳالھہ آھي. ھيءَ يادگار پستڪ ڇپائي اوھان اسان جھڙن کي بہ ھڪ ديويءَ سان ملايو آھي، تنھن لاءِ اوھان جو سچو ڪتنب جس جو پاتر آھي. ڪتاب سانڍي رکندس. اوھان کي شل سائين وڏي حياتي ڏئي جو سنڌيت، سنڌي ٻولي، ادب ۽ ڪلچر جي شيوا ڪندا رھو. سک.

**اوھانجو،**

**ڪيمن يوُ. موُلاڻي.**

---

اجمير، ٢٨-٢-٢٠٠٣

مانوارا قربدار ڀاءُ شري ڪيرت ٻاٻاڻي،

نمستي!

شال زندگيءَ جي سفر ۾ هميشه اڳرا ثابت رهندا اچو. توهان جي موڪليل يادگار ڀيٽ ''سنيهه جو ساگر'' پهتي. ڀاڀي سويتا جي توهان سان ۽ پريوار جي سيني ڀاتين، ٻارن توڙي پنهنجن ساهيڙين ۽ واقفڪار مترن سان سنيهه قرب سندو، دل جي سچائيءَ سان سنٻنڌن ۽ وهنوار جو مثال واقعي پريرڻا جو ساگر تي رهندو.

سندس جيون، ڌارمڪ ويچارن جي گهڻي ڪجهه ڄاڻ ملي. انوکي شخصيت جي شاندار معلوميت ملي. پرماتما سندس آتما کي شانتي بخشي ۽ پريوار جي ننڍي وڏي هرهڪ ڀاتيءَ مٿان آشيرواد رهي ۽ پڻ سندس آتمڪ سنيهه جي ورڪا ٿيندي رهي.

واڌاري توهان لاءِ، پريوار جي سيني ڀاتين لاءِ شڀ ڪامنائون.

سنيهه مان،

ايسرسنگهه بيدي

قلم تازو:

اخبارن مان ڀاڀي سويتا کي سرڳواس ٿيڻ جي ڄاڻ ته ملي هئي، ليڪن اِها به هدايت هئي ته ان باري ۾ ڪجهه به لکي، اُليکه نه ڪيو وڃي، انڪري مان ڪرڻي پيئي. ليڪن هاڻي مٿيون ڪتاب ملڻ سان پهچ سان گڏ شرڌانجلي ڏيڻ کان رهي نٿو سگهان.

---

ممبئي، ١٧-٣-٢٠٠٣

ڀاءُ اروڻ ٻاٻاڻي،

''سنيهه جو ساگر'' مليو. اُن ساگر ۾ تڙڳندي رهيس. لائق مائٽن جا لائق ٻار!

پنهنجي اَمڙ جي ياد تازي رکي آئي. هميشه لاءِ امر رهندي!

افسوس به ٿيم ۽ عجب به لڳم ته ڀاءُ ڪيرت ٻاٻاڻيءَ کي

جاتيءَ اندر پنهنجي آئيندي تي ڊيرج سان سوچڻ لاءِ بنيادي سوچ تي سگهي ٿي.

منهنجي سمجهہ ۾ هن وقت سنڌين ۾ (سنڌ اندر توڙي سنڌ کان ٻاهر) پنهنجي آئيندي بابت سوچ ۾ چڱي جنبش آيل آهي ۽ قوميت جي ڀاونا جي پڻ زوردار لهر نظر اچي ٿي، پر انهن کي ايڏي وسيع دائري ۾ ڳنڍڻ يا پوئڻ جو ڪم ڏاڍو ڏکيو آهي. مکيہ مسئلو اِهو آهي، جنهن کي تون Link ٿو ڪوٺين. اِهو ڪم ڪير ڪندو ۽ ڪيئن ٿيندو؟ تنهن لاءِ مڪمل خاڪو تيار ڪرڻو پوندو ۽ ان تي عمل لاءِ گهٽي ۾ گهٽ سنڌين جو سرگرم ساٿ هٿ ڪرڻو پوندو. اِهو وقت جو وڏو مدو آهي، تقاضا آهي. هڪ وڏي جماعت جو نيٽ-ورڪ کپي.

پوءِ هڪ دفعو جي گهٽ جي راءِ بيني تہ اَجوڪي يگ ۾ آمدرفت - ڪميونيڪيشن جا واهڻ ايترا تہ وسيع ۽ جبرا ٿي ويا آهن، جو هڪبئي کي ويجهو اچڻ ۾ دير ئي ڪانہ لڳندي.

تنهنجو 'سنڌو وال' ٺاهڻ جو ويچار ڏاڍو انقلابي نظر آيو. پر ان جا تفصيل نہ ڏنا اَٿيئي. اُها وال ڪٿي ٺهندي، ڪير ٺاهيندو ۽ ڪير سنڀاليندو. اِهي سڀ حقيقتون چٽيون هئڻ گهرجن. مڪمل Blue Print تيار هجي. ساڳيءَ طرح ٻين مکيہ ڳالهين تي بہ ويهي تفصيلي ۽ عملي پروگرام تيار ڪجي.

تون مٿين ڳالهين تي پنهنجي سمجهہ موجب اسڪيم ٺاهي يارت ۾ ۽ يارت کان ٻاهر انڪل سؤ چڱن ۾ اِهو خاڪو ورهائي، انهن کان عملي تجويزون وٺ ۽ Compile ڪري هڪ ننڍڙي ميڙ ۾ چونڊ دوستن اڳيان بحث لاءِ اِهو پروگرام رک، جئن ان تي سوچي ان کي مڪمل روپ ڏيئي سگهجي.

وڏيڪ قرب.

ٻارن لاءِ پيار.

سنيهہ مان،

ڪيرت.

چامشورو (سنڌ)، ۱۰-۸-۲۰۰۳

دادا ... توهان لاءِ سنڌ جهڙو پيار.

ڪائنات جي لامحدود سرشتي ۾ وقت مسافر آهي. هڪ اهڙو مسافر جيڪو ازل کان هليو آهي. ۽ ابد تائين هلندو رهندو. وقت جو مسافر نه ڪٿي بيٺو آهي، نه ئي ڪڏهن ڪٿي ڪن پل لاءِ ترسي ساهه پٽيو اٿائين. هو مسلسل مسافر آهي ۽ سدائين هلندو رهيو آهي. سيڪجهه لتاڙي پنهنجي پويان ڇڏي اڳتي نڪري ويندو آهي. اسين وقت جي مسافر کي روڪي نه سگهندا آهيون. اسين بيوس ۽ لاچار، وقت کي اڳتي وڌي ويندي ڏسندا آهيون. مسافر جي پيرن مان اُڏامندڙ دز ۾ لتجي ويندا آهيون. پيوت تي پوندا آهيون. پيو ڪجهه سمجهه ۾ نه ايندو آهي ته وقت جي مسافر جا واريءَ جي دڙن ۾ پيدا ڪٿندا آهيون. يادگيرين جي عن جزن مان گذري ويل مهل کي آڱرين سان کوٽي ڪيندا آهيون. هٿ زخمي ڪري ويهندا آهيون ... زخمي آڱرين سان ڪا تصوير، ڪاڳر جي سيني تي اُتاريندا آهيون.

دادا، هڪ طويل ۽ ٿڪائيندڙ انتظار کانپوءِ مون توهان ڏانهن خط لکيو آهي. توهانجا ٻئي بيحد پاٻوهه مان لکيل خط ڪافي عرصي کان پهتل آهن. مان توهان جي خطن جو قرضي آهيان. اِن مان ظاهر آهي ته هڪٻئي کي وسارڻ جي ڪافريت اسان ڪري ئي نٿا سگهون. اسان ته ڇا اسانجا زخم به چوندا ته اسان الڳ ناهيون. سنڌ جو نقش، محبوب جو چهرو، ۽ پيار جي تمنا اسانجي زندگيءَ جي خوشبوءِ آهي.

دادا، دل رکي آهي ڇڪ ڪاڏي آهي ته مرڻ کان اڳ دهلي، آگره، فتحپور، بمبئي، اجمير ۽ گوئا جي گهٽين ۾ گهمان. دهليءَ جي مقتل جي خاڪ مٽي ۾ وجهي نوحا لکان، تاريخ جا گهٽيئي نقش تلاش ڪيان ۽ ڪيرت ٻاٻاٽيءَ کان وٺي هري موٽواٽيءَ تائين انهن سپني سان ملان جن جي اکين ۾ سنڌ جي تاريخ تڙپي رهي آهي. جن سنڌ سان ساحل جي اُڃ جهڙو پيار ڪيو آهي. دادا، مان ڪوشش ۾ آهيان ته ڊسمبر جنوري تائين توهان سپني سان ملڻ اچان. توهانجي خط جو اوسيئڙو رهندو.

اُترواءُ ۾ پپر جي پنن جي رقص جهڙو ڪنوارو پيار توهان سپني لاءِ. سپني کي نوڙي نمستي،

توهانجو،

ساجد سومرو.

**Chandigarh, 12-9-2003**

Dear Shri Babani,

Thank you for your kind letter of 3 June responding to my query about Allah Bux. I am grateful for the trouble you have taken to write back.

I have, in the mean time met and discussed with Shri Anil Nauriya most fruitfully. But I would still be very indebted if you kindly let me have the xeroxed material on Allah Bux, as you indicated you would, through your son Shri B.K. Arun.

As a matriculation student, I went to Karachi with my 'Naana' in 1943 to visit my 'massi'. Her husband Dr. Mohan Lal Treon lived near Gandhi Garden in a building called Byram Lodge and had his practice at Crystel Lodge nearby. They had a large circle of Sindhi friends - Ram Panjwani, Tolanis, R.B. Kundandas Keswani, whom I saw whenever in Bombay. Dr. Sahib left Karachi and came to Mahim in 1948 and died in 1950, but my 'massi' now lives in Bandra. Returning from Europe by boat in April 1962, I spent a day in Karachi just to see the place where Dr. Sahib lived. But all that had changed; I am sure Karachi now is no longer the place it used to be.

I write all this just to convey that the issues of "Sindh Rises" you so kindly send me touches the emotional / sentimental bond I have with the place and its wonderful people. Thank you for the favour. I trust you have entered the current postal address given on this letter in your mailing list. Thanks and regards.

Sincerely,

**(Prof. Dr.) Madan Mohan Puri**

**Former Vice-Chancellor, Panjab University**

## ٽيڪچند ’مست‘

اُلهاسنگر، ٢٤-١١-٢٠٠٣

شري ڪيرت ٻاٻاڻي، پوڄنيہ آبا حضور،

توهان جي سٺي صحت، سک شانتي ۽ وڏي آورجا لاءِ ايشور در پرارٿنا آهي. توهان نئين گهر ۾ پرويش ڪيو آهي، جنهن لاءِ واڌايون ۽ شڀ ڪامنائو سويڪار ڪندا. نئون گهر ڦلي ڦولي، مهڪدار بڻجي، اهڙي مالڪ کي وينتي آهي.

اسين اِها بہ پرارٿنا ڪريون ٿا تہ توهين ١٠٠ سالن کان بہ مٿي عمر ماڻيو، جيئن سنڌي جاتيءَ ۽ سنڌين کي توهان جي ڪاريہ مان فيض رسي سگهي.

عرض اِهو ئي آهي تہ:

’’شري ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي ساهتڪ کيتر ۾ يگاني اَهميت‘‘

تي سنڌي ساهت ۽ ڪلا اڪاڊميءَ طرفان ٻهريون پيڪيدار سيمينار سنڌين جي شاهي بستي سنڌونگر ۾ ٢ ۽ ٣ مئي ٢٠٠٤، رکڻ جي اِجازت ڏيڻ جي عنايت ڪريو، جتي هندستان ڀر مان ساهتڪار گهرايون، سنڌونگر جا ساهتڪار ڪلاڪار پترڪار ۽ سنڌيت جا پيارا شريڪ ٿين ۽ توهان جي آسيس سان سنڌي ساهت ۽ ڪلا اڪاڊميءَ جي نالي سان نوجوان ٽهيءَ کي جوڙيون ۽ اڪل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جي نقش قدمن تي هلندي، پنهنجيءَ هستي آهر سنڌونگر ۾ ڪاريہ ڪندا رهون.

اُميد آهي تہ اسان جي نيڪ جذبي جو قدر ڪندي پنهنجي آسيس ڏيڻ ۽ همت افزائي ڪرڻ لاءِ اسان جو عرض قبول ڪندا. پنهنجي رضامندي ڏيندا.

نيازن مان، توهانجو،
ٽيڪو.

”پاڪستاني تہ مان صرف ٽيھن (٣٠) سالن کان آھيان

۽

مسلمان بہ مان تيرھن سؤ سالن کان آھيان،

پر

سنڌي تہ مان پنج ھزار سالن کان آھيان.“

- جام ساقي

”مان سنڌ جي آخرين راجا ڏاھر کي سلام ٿي ڪريان، جنھن پنھنجي ڌرتيءَ کي بچائيندي، پنھنجو سِرُ ڏنو ۽ راڄ گنوايو ۽ محمد بن قاسم تي لعنت ٿي وجھان، جنھن بنا ڪنھن ڪارڻ جي سنڌ تي حملو ڪيو، عام جو قتلام ڪيو. نہ صرف ايترو پر سنڌ جي سون، چاندي ۽ ٻئي قيمتي مال جا سوين خچر ڀري پنھنجي ملڪ ڏانھن ڊوھي ڪٽي ويو. سونيون سنڌي زالون توڙي مرد غلام ڪري ڪاھي ويو ۽ وڃي دمشق ۽ بغداد جي ڪليل مارڪيٽن ۾ انھن جو نيلام ڪيائون. لعنت آھي اھڙي بي-غيرت شخص تي.“

- اَختر بلوچ